24

مرزا قليچ بيگ



# سائو پن يا ڪارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساڳو پن يا ڪارو پنو

## -منهنجي سوانح عمري-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سائو پن

يا

# ڪارو پنو

## - منهنجي سوانح عمري -

مرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون　　　سال ١٩٦٥ع　　　تعداد ٢٠٠٠

قيمت: [redacted] رپيا

15-

ملڻ جو هنڌ:

١- سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
٣- سول لائينس، حيدرآباد سنڌ.

٢- سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ اسيمبلي بلڊنگ،
بندر روڊ، ڪراچي.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي اعزازي سيڪريٽري، محمد ابراهيم جويي، ٣- سول لائينس، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

# فهرست


قطعہ در وجہ تسمیہ این کتاب

ديباچو

تمهيد

باب پهريون: منهنجي اصل نسل ۽ وڏن جو احوال

باب ٻيو: منهنجي ٻارائي وهي، لنڊ پڙ ۽ ابتدائي تعليم جو احوال ١٨

باب ٽيو: منهنجي جواني ۽ مٿينءَ تعليم جو احوال ٣٣

باب چوٿون: منهنجي نوڪريءَ جي ڏينهن جو احوال ٤٥

باب پنجون: منهنجي پيريءَ ۽ گوشه نشينيءَ جو احوال ٦٤

باب ڇهون: منهنجي وقت جا ڪي معزز ماڻهو ۽ دوست ٧١

باب ستون: منهنجا ڪم ۽ انهن جي قدرشناسي ٧٧

باب اٺون: منهنجون عادتون ۽ خواهشون ۽ منهنجا خيال ۽ رايا (ڀاڱو پهريون) ٨٣

باب نائون: ايضاً (ڀاڱو ٻيو) ٩٨

باب ڏهون: ايضاً (ڀاڱو ٽيون) ١١٧

باب يارهون: منهنجي احوال بابت منهنجي شعر مان ثابتي يا شاهدي لاءِ انتخاب ١٣٤

باب ٻارهون: اسان جي ڪٽنب ۽ منهنجي نسبت ۾ ٻين صاحبن يا بالا عهديدارن جي راءِ ١٨٤

ضميمو: منهنجن لکيلن ڪتابن ۽ تقريرن ۽ تحريرن جي ياداشت ۽ اسان جي ڪٽنب جو شجرو. ٢٢٨

مرزا صاحب جي روزنامچي مان انتخاب ٢٤٣


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تصويرن جي فهرست


مرزا صاحب جي فارسي هٿ اکرن جو عڪس

مرزا صاحب جي سنڌي هٿ اکرن جو عڪس

١- مرزا صاحب نوجواني ۾

٢- مرزا صاحب جي ڀوڙهه جواني (١٨٧٦ع)

٣- مرزا صاحب پنهنجن ٻين ڀائرن سان گڏ

٤- مرزا صاحب پنهنجن ٻن پٽن سان

٥- مرزا صاحب انجمن اماميه حيدرآباد جي ميمبرن سان گڏ

٦- مرزا صاحب قيصر هند جي تمغي سان

٧- مرزا صاحب هڪ هندو دوست سان

٨- مرزا صاحب پنهنجي ڪتبخاني ۾

٩- مرزا صاحب تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول

١٠- مرزا صاحب آرام ڪرسيءَ تي ويٺل

١١- مرزا صاحب جو باغ ۾ آکيرو

١٢- مرزا صاحب جي جيئري ٺهرايل قبر

١٣- مرزا صاحب جن جي رهائشگاهه جو ٻاهريون ڏيک

١٤- مرزا صاحب پنهنجن پٽن ۽ پوٽن، ناٺين ۽ ڏوهٽن سان گڏ

١٥- مرزا صاحب جي آخرين آرامگاهه.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ من! ڪو رهگذر آن ڏي نهاري،
لنگهي هن رڃ منجهان پهچي ڪناري!

فارسيءَ واري به ڪهڙو نہ چگو چيو آهي!

نامِ نيڪِ رفتگان ضايع مکن، تا بماند نامِ نيڪت يادگار.

دنيا جون بيدار ۽ ممتاز قومون نہ فقط پنهنجن وڏن يا بزرگن جي احسانن جا بدلا ممڪن طريقن جي وسيلي چڪائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن، بلڪ منجهن جيڪي مهتم بالشان هستيون يا قوم جا محسن موجود هوندا آهن، انهن جي پڻ شايان شان نموني سان قدرداني ۽ عزت افزائي ڪنديون آهن؛ انهيءَ مان پڻ سندن آهي ئي به وڏا مقصد سِڌ ٿيندا آهن، جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

بيدار ۽ ممتاز قومن واري مذڪوره ڪسوٽيءَ تي جيڪڏهن اسين پنهنجي پاڻ کي پرکينداسين تہ اهي ٻيئي صفتون سنڌي قوم ۾ مفقود نظر اينديون، جنهن جو مکيہ سبب آهي اسان جي بيپرواهي ۽ بي علمي، غفلت ۽ جهالت.

سرزمين سنڌ تي وڏا وڏا عارف، عالم، فاضل، اديب، شاعر، مفڪر، مورخ، مصنف وغيره ٿي گذريا آهن؛ پر افسوس! جو الهن سربرآورده هستين جو نالو ۽ نشان فقط اسان جي قديم تاريخي ڪتابن جو زيب ۽ زينت بڻيل آهي. انهن بزرگن ۽ قوم جي محترم ۽ محسن شخصيتن کي اسان ائين وساري وينا آهيون، گويا اهي هن دنيا جي تختي تي ڪڏهن جاوا ئي نہ هئا! انهيءَ غفلت ۽ بيپرواهيءَ سبب، اسان پنهنجي ۽ پنهنجيءَ قوم جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل تي سراسر پاڻي ڦيري رهيا آهيون.

سنڌي ادبي بورڊ، جو برپا ٿيو، سو بہ محض انهيءَ انديشي ۽ خدشي تحت ـــ تہ ڪٿي اسان جن اڳوڻن توڙي هاڻوڪن عالمن ۽ فاضلن، اديبن ۽ شاعرن، مورخن ۽ مصنفن جون ڪمايون ڪُٽ تي نہ وڃن! سنڌي ادبي بورڊ جو ارادو نهايت ئي نيڪ ۽ ابتدا نهايتئي

رُڌل ٿي ڏنو هوندو. پنهنجي ليکڪيءَ يا ستائش جي خيال کان سواءِ، ڏينهن توڙي رات، دليا توڙي مافيها کان بيخبر، پنهنجي ئي ڌُن ۾ مَحوُ ۽ پنهنجي ئي ڪم ۾ منهمڪ ۽ مشغول رهڻ، محترم جويي صاحب جو ئي خاصو آهي. جيڪي هُن سان لَڳهه وِچڙ ۾ آيا هوندا، تن هُن کي هڪ دردمند ۽ پُرخلوص دل رکندڙ، نهايت سادو ۽ نهٺو، نِنڊ نِيلي کان پري، منڪسرالمزاج ۽ محجوب‌الطبع، صاف دل ۽ صاف گو، ڪم گو ۽ ڪم سخن، مَنجهيَل سُلجهيل خيالات رکندڙ، قدامت ۽ جدت جي امتزاج ۽ اعتدال جو هڪ مجسمو ۽ مرقعو محسوس ڪيو هوندو. ڪيس سنڌي علم و ادب سان ازلي اُنس ۽ محبت آهي. محترم جويي صاحب، جنهن ڪم جو بيڙو پاڻ تي هموار ڪيو آهي، تنهن لاءِ هن جو هميشه اهو ئي چوڻ آهي ته 'اسان کي، پنهنجي ڪيل ڪم لاءِ، ڪنهن خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿيڻ نه گهرجي. اسان جڻ هن بي انت ۽ بي ڪنار سمنڊ جي سير ۾، رڳو پنهنجو مٿو، پاڻيءَ جي سطح کان مٿيرو جهليو، پاڻ کي لڙهڻ يا ٻڏڻ کان بچائيندا ٿا اچون ۽ بس!'

محترم جويي صاحب جي دل ۾، سنڌ جي اڳوڻن توڙي هاڻوڪن اديبن توڙي شاعرن، مصنفن توڙي مؤلفن، مترجمن توڙي مورخن لاءِ بيحد عزت ۽ احترام آهي. هن جو هميشه اهو ئي چوڻ آهي ته 'جنهن به شخص سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان جي بي لوث ۽ پنهنجي علم، ڄاڻ ۽ حال آهر خدمت ڪئي آهي يا ڪري رهيو آهي، سو تحقيق هر طرح عزت ۽ احترام جو لائق آهي. علم ادب جي ميدان ۾ خصوصاً، اديبن ۽ شاعرن جو هڪٻئي کي پنهنجو حريف سمجهي، نفرت ۽ تعصب، ذڪار ۽ حقارت جي نگاهه سان ڏسڻ يا هڪٻئي تي ذاتي تنقيدون ۽ حملا ڪرڻ يا هڪٻئي ۾ دست بگريبان ٿيڻ هڪ نهايت نامناسب، نازيبا ۽ قبيح فعل آهي، جنهن منجهان، پس و پيش، ادب جهڙي پاڪ ۽ لطيف فن کي وڏو نقصان رسي سگهي ٿو.'

سنڌي لٽريچر جي نشر و اشاعت جي سلسلي ۾ محترم جويي صاحب جي اڻ ٿڪ محنتن ۽ ڪوششن، قابل قدر ڪارنامن ۽ خدمتن

جيڪي هنَ سنڌي ادبي بورڊ ۾ خصوصاً ۽ سنڌ جي تعليم کاتي ۾ عموماً سرانجام ڏنيون آهن، تن هنَ کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هڪ بلند مقام بخشي، زنده جاويد بڻائي ڇڏيو آهي.

**شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم جي تصنيفات جي اشاعت متعلق ڪ اکر.**

معلوم رهي ته سنڌي ادبي بورڊ، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم مغفور جي تصنيف و تاليف ڪيل ساڍن ٽن سوَن ڪتابن مان هيستائين ڪُل پنهه ڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي، جن مان گهڻا تڻا ڪتاب، ننڍن ٻارن جي لاءِ لکيل ۽ اٽڪل ٽيهن چاليهن صفحن تي مشتمل ٿيندا: ٻئي طرف، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ جي انهن مصنفن جا سوَ في صدي ڪتاب شايع ڪرايا آهن، جن جي تصنيف ڪل ٻه يا چار ڪتاب مَس آهي. انهيءَ حقيقت جي باوجود، وڏي افسوس ۽ ارمان جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي ڪن تنگدل ۽ ڪوته بين صاحبن، پنهنجيءَ پَر ۾، سنڌي ادبي بورڊ کي محض مرزا صاحب مرحوم جي ڪتابن ڇاپائڻ جو ڏوراپو ڏيئي، نا انصافيءَ، بيقدريءَ ۽ احسان فراموشيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

واضح رهي ته سنه ١٩٤٧ع کان اڳ، مرزا صاحب مرحوم جي تصنيف و تاليف جي نشر و اشاعت جو ڪم، جنهن تيز رفتار ۽ عمده اطوار سان هندو ناشر صاحبن سرانجام ڏنو، ان جو عشر عشير به، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، اج ڏينهن سوڌو، سنڌي مسلمان ناشر صاحبن کي حاصل ٿي نه سگهيو آهي. انهيءَ زماني ۾ هڪ ٻئي هندو بزرگ، آنجهاني راءِ بهادر ديوان ڏيارام گدومل، هڪ لک رپئي کان وڌيڪ رقم جي صرفي سان مرحوم مرزا صاحب جن جا سؤ کان وڌيڪ ڪتاب بهترين نموني ۾ شايع ڪرايا هئا. ازان سواءِ، ميشرس پوڪرداس ائنڊ سنز شڪارپور وارن، ميشرس هريسنگ ائنڊ سنز سکر وارن، ميشرس ويڙهومل ڪنئمل ائنڊ سنز سکر وارن ۽ ٻين ننڍن توڙي وڏن هندو ناشر صاحبن، ڏاڍ ڙ، مرزا صاحب مرحوم جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومي سانحو سمجهيو ويندو. اميد قوي آهي تہ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي علم و ادب جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ، مرحوم مرزا صاحب جي اڻڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن جي نشر و اشاعت جي ڪم جي رفتار کي تيز تر ڪندو، جيئن هڪ طرف، انهيءَ قومي امانت جي بار کان مرحوم مرزا صاحب جن جا وارث بہ آجا ۽ آزاد ٿي سگهن، ۽ ٻئي طرف، اها امانت قوم جي افراد جي هٿن ۾ صحيح سلامت پهچي سگهي، جنهن مان پس و پيش سنڌي قوم، سنڌي زبان، سنڌي ادب، سنڌي تاريخ ۽ سنڌي ثقافت کي نئين فائدو پهچڻو آهي.

### ڪتاب "سائو پن يا ڪارو پنو" بابت ٻہ اکر

معلوم رهي تہ مرحوم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي حياتيءَ ۾ ئي ڪيترا دوست مٿس اهو زور پريندا ٿي رهيا تہ هُو پنهنجي حياتيءَ جو احوال پاڻ لکي. سندس دوستن مان هڪ، ديوان پيرومل مهرچند آڏواڻي صاحب، سنڌي زبان ۾ سندس سوانح عمري لکي، ڪانئس ان جي ڇپائڻ جي اجازت چاهي؛ پر مرزا صاحب مرحوم کيس ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ صلاح ڏنائينس تہ في الحال اهو ڪتاب رکي ڇڏي ۽ جيڪڏهن بهتر سمجهي تہ هن جي وفات کان پوءِ اهو ڇپائي پڌرو ڪري.

سندس هڪ ٻئي گهري دوست، آنجهاني ديوان ڏيارام گدومل پڻ، سنديس حياتيءَ جو احوال انگريزي زبان ۾ لکيو، جو سندن وارثن وٽ اجا موجود آهي. انهيءَ متعلق، ديوان ڏيارام گدومل، جيڪو انگريزيءَ ۾ خط مرزا صاحب مرحوم ڏانهن، سورت (بمبئيءَ) مان، لکيو هو، ان جو سنڌي ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

سورت

۱۰- ڊسمبر، سنہ ۱۹۰۶ع

منهنجا پيارا دوست مرزا صاحب

توکي ڪا خدائي ذات آهي! جيڪو ڪم تو شروع ڪيو آهي، سو سون کي شرمندو ٿو ڪري. آءٌ پنهنجيءَ فرصت جو وقت سجائي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۾ لڳاتار جي ڪوشش ڪندو آهيان، پر ايتريقدر نہ، جيتريقدر تون ٿو ڪرين. انهيءَ ڳالهہ ۾ تون سڀني کان گوءِ کڻي ويو آهين. شل! تون پنهنجي ۽ منهنجي ديس لاءِ گهڻو جيئين! پر جيڪڏهن تون مون کان اڳي وئين، تہ آءٌ تنهنجيءَ محنت جو ڦل جهان جي آڏو رکندس.

صحيح: ڏيارام گدومل

جيتوڻيڪ ديوان ڏيارام گدومل مرزا صاحب مرحوم کان اڳ وفات ڪري ويو، پر تنهن هوندي بہ، جئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي، آنجهاني ديوان ڏيارام گدومل، پنهنجي جيئري ئي، مرزا صاحب مرحوم جي ڪتابن جي نشر و اشاعت لاءِ ڏيڍ لک روپين کان وڌيڪ رقم صرف ڪري، مرزا صاحب جي محنت جو ڦل جهان جي آڏو رکي، پنهنجو وعدو وفا ڪيو.

مولانا حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي مرحوم پڻ، وقتاً فوقتاً، مرزا صاحب کان سنديس حياتيءَ جي احوال لکڻ جي اجازت طلب ڪندو آيو؛ ليڪن کيس بہ منع ڪيائين.

معلوم رهي تہ مرزا صاحب مرحوم، پنهنجي ننڍپڻ واري زماني کان پنهنجي وفات جي آخري تاريخن تائين، پنهنجو روزنامچو يا روزاني ڊائري پڻ باقاعدي رکندو آيو، جنهن مان پڻ سنديس حياتيءَ جي حال احوال جي گهڻي قدر پروڙ پئجي سگهي ٿي. اهڙي قسم جو هڪ ٻيو ڪتاب، انگريزي زبان ۾ پڻ، ترتيب ڏنو هئائين، جنهن جو نالو "فئملي ريجسٽر" رکيو هئائين، جنهن ۾ پنهنجي خاندان جي رسمن، رواجن، پرڻي مرڻي، شادي مُراديءَ جا دستور وغيره مرتب ڪيا هئائين، جن تي اڄ ڏينهن سوڌو سندس خاندان عمل پيرا رهندو اچي.

ازان سواءِ، مرزا صاحب مرحوم هڪ ٻيو ڪتاب "يادگيريون" نالي پڻ لکيو، جنهن ۾ پنهنجو ۽ پنهنجي خاندان جو مختصر احوال ڏنو اٿس. اهو ڪتاب، ڪجهہ سال اڳ سنڌ يونيورسٽيءَ پنهنجي خرچ سان ڇاپائي پڌرو ڪيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر، گهڻن دوستن جي اصرار تي، مرحوم مرزا صاحب، پنهنجي وفات کان ڇهه سال کن اڳ (يعني سن ١٩٢٣ع ۾)، پنهنجي حياتيءَ جو سربستو احوال لکيو، جنهن جو نالو رکيائين "ساٺو پَنُ، يا کارو پَنو"، جو ڪتاب پڻ محض پنهنجي اولاد ۽ عزيز و اقارب جي هدايت ۽ معلومات جي خيال کان ئي قلمبند ڪيو هئائين.

هونءَ ته مرزا صاحب مرحوم جي حياتيءَ ۾ يا سندس وفات کان پوءِ گهڻن علم دوست اصحابن، مصنفن، مضمون نگارن، تذڪره نويسن، مختلف زبانن ۽ مختلف ڪتابن، رسالن، اخبارن وغيره ۾، وقت بوقت مرزا صاحب جي حياتيءَ تي تبصرو يا ڪتابچا شائع ڪرايا آهن؛ ليڪن مرزا صاحب مرحوم جي مفصل سوانح حيات تي مشتمل ڪتاب، جو پهريون ڀيرو سن ١٩٣٦ع ۾ مسلم ادبي سوسائٽي (حيدرآباد) ڇپائي پڌرو ڪيو هو، سو هو "قربِ قليچ"، جو ماستر محمد صديق مسافر صاحب مرحوم جو تاليف ڪيل هو.

انهيءَ کان پوءِ ٻيو ڪتاب، جو مرزا صاحب مرحوم جي سوانح حيات تي مشتمل سن ١٩٣٧ع ۾ شايع ٿيو، سو هو "حيات قليچ"، جو سندس ٽئين نمبر فرزند، مرزا همايون بيگ فائق صاحب مرحوم جو تاليف ڪيل ۽ ڇاپايل هو.

گهڻن دوستن، وقت بوقت، اها صلاح پئي ڏني، بلڪ زور پئي پريو ته مرزا صاحب مرحوم جي خود نوشته سوانح حيات، "ساٺو پَنُ، يا کارو پَنو"، ڪنهن به خانگي يا ذاتي احوال جي ڪاٽ ڪوٽ کان سواءِ، لفظ به لفظ، شايع ڪرايو وڃي. آخر سنڌي ادبي بورڊ کي اهو ڪتاب پيش ڪيو ويو، جنهن پنهنجي اصلوڪي روايت قائم رکندي، ڪتاب کي نهايت عمدي نموني ۽ وڏي اهتمام ۽ ڪوشش سان ڇاپائي پڌرو ڪيو آهي.

ڪتاب جي ظاهري نالي "ساٺو پَنُ، يا کارو پَنو" جي معنيٰ ۽ مفهوم مان ئي اها حقيقت واضح آهي ته مرزا صاحب مرحوم پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صلاح مطابق، ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾، ضميمي طور، مرزا صاحب مرحوم جي پوين سالن ۾ لکيل روزنامچي جا چند ورق، اختصار سان، پيش ڪيا وڃن ٿا.

ڪنهن ملڪ يا قوم جي وڏن ماڻهن يا سربرآورده هستين جي سوانح حيات لکڻ، ڇاپائڻ ۽ پڙهڻ مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿو ٿئي، يا، دراصل، وڏو ماڻهو ڪنهن کي ٿو چئجي، تنهن متعلق خود مرزا صاحب مرحوم پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ جيڪو اظهار خيال ڪيو آهي، سو هيٺ، سندس ئي لفظن ۾، پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض رکجي ٿو.

”ڪنهن ملڪ يا قوم جي تاريخ ان جي بادشاهن ۽ مهندارن جي سوانح عمرين جو مجموعو آهي. انهيءَ جي پڙهڻ مان انهن ماڻهن جي گذريل وقت جي واقفيت، ۽ ايندڙ وقت جي هدايت ملي سگهي ٿي؛ مگر ڪيترائي ماڻهو آهن، جي پاڻ کي سببن ڪري گمناميءَ ۽ گوشه نشينيءَ، يا مسڪينيءَ ۽ غريبيءَ جي حالت ۾ رهيا آهن، پر گهڻن ئي رستن سان خلق کي فيض پهچايو اٿن ۽ ملڪ ۾ سڌارو ڪيو اٿن. انهن مان ڪي پنهنجي حياتيءَ ۾ مشهور ٿيا آهن، ڪي مرڻ کان گهڻو پوءِ، ۽ ڪن جو ته وري ڪنهن نالو ئي نه پڌو هوندو. اهڙن ماڻهن، جيڪي ديني ۽ دنيائي وڏا ڪم ڪيا آهن، تن ۾ گهڻا خاص گڻ موجود هئا، جن مان ڪي منجهن ذاتي يا طبيعي هئا، ۽ ڪي هنن همت ۽ محنت سان پاڻ ۾ پيدا ڪيا. اهڙن ماڻهن جي حياتيءَ جو احوال عام خلق جي لاءِ نهايت مفيد آهي، جو هو انهن جي لاءِ عمدا مثال بڻجي ٿا سگهن؛ تنهنڪري انهن جي يادگيري قائم رکڻ جڻ ته حياتيءَ جي سڙڪ تي ميلن جا پهڻ يا نشان قائم رکڻا آهن.

نام نيڪ رفتگان ضايع مکن، تا بماند نام نيکت يادگار.

”انهيءَ طرح، سيڪنهن ماڻهوءَ کي معلوم ٿي سگهي ٿو ته جي هو پاڻ به، انهن خدا جي نيڪ بندن وانگي، محنت ۽ جانفشاني ۽ خود قرباني ڪري، خلق جو خير گهرندو، ۽ انهن کي فيض پهچائيندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اھڙو ئي درجو ۽ مرتبو حاصل ڪري سگھندو، ۽ انھن جي احوال
چاڻڻ ڪري، ھن ڪي بہ ھمت ۽ ترغيب ايندي. ھڪ انگريزي عالم
ٿو چوي تہ 'وڏن ۽ چڱن ماڻھن جو تاريخي احوال، نهايت مفيد ۽
ڪمائتو آھي؛ بلڪ پاڪ ڪتابن جي مٽ آھي، ڇالاءِ جو انھن مان،
شريفن وانگي حياتي گذارڻ، اعليٰ درجي جي خيالن ڪرڻ، پنھنجن
توڙي پاڻ جھڙن ٻين انسانن جي چڱائيءَ لاءِ دل ۽ جان سان ڪوشش
ڪرڻ، ۽ پاڻ ۾ پڪي ارادي، اورچائي، خود ياوريءَ، خود عزتيءَ
۽ خود اعتباريءَ جي گڻن پيدا ڪرڻ جي تعليم حاصل ٿئي ٿي. اھڙا
وڏا ماڻھو گھڻو ڪري اصل مفلس، غريب، ڪاسبي ۽ رواجي ماڻھو
ھئا، جي پنھنجي محنت ۽ ذاتي جوھر سان چڙھيا، ۽ ٻين جي لاءِ
ناليرا مثال ٿيا. اھي ھر وقت، شرم ڪان سواءِ، پنھنجي گھٽ اصل نسل
۽ پنھنجي مفلسيءَ ۾ تڪليفن جا اشارا ڏيندا رھيا، بلڪ انھي تي فخر
ڪندا رھيا. اھڙن مثالن جو، ۽ ٻين اھڙن ھزارن ڳالھين جو، نازڪ
۽ مخفي ۽ زور ڀريو اثر پڙھندڙن جي اخلاقي طبيعت تي ٿو ٿئي.
انھيءَ ھوندي بہ، اھا ڳالھہ بلڪل صاف ۽ قبول ڪيل آھي تہ ماڻھو
پنھنجي بھبوديءَ ۽ نيڪ ڪرداريءَ جا پاڻ ئي جوابدار ۽ واسطيدار آھن؛
۽ اھا عام چوڻي پوريءَ طرح سچي ۽ ثابت آھي تہ 'جيسين ڪو ماڻھو،
ڀھرين پاڻ کي مدد نٿو ڪري، تيسين خدا بہ انھيءَ کي مدد
نٿو ڪري.

"سيڪنھن ملڪ ۾، اھڙن وڏن ماڻھن جون سوانح عمريون
لکيل آھن. سنڌ ملڪ ۾ بہ اھڙا ڪي ماڻھو ٿي گذريا آھن، جن مان
قديم وقت وارن جو ڪجھہ احوال لکيو ويو آھي، پر ھاڻوڪي زماني
وارن بابت گھڻو لکيل نظر نہ آيو...... اميد ٿو رکان تہ ٻيا ڪي
پائر بہ اھڙن احوالن لکڻ جي ڪوشش ڪندا، متان ھاڻي يا ھن
کان پوءِ، ائين سمجھڻ ۾ اچي تہ سنڌ جي ھاڻوڪن رھواسين ۾ ڪو
اھڙو لائق، ڪمائتو ۽ مشھور ماڻھو ڪونہ ٿيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**وڏو ماڻھو ڪنھن کي چئجي؟**

وڏو ماڻھو اھو آھي، جنھن ۾ گھڻو ماڻھپو ھجي. جنھن ماڻھوءَ ۾ ماڻھپو ڪونھي، تنھن کي فقط ماڻھو سڏڻ بہ غلط آھي — وڏ ماڻھپائي تہ پري ٿي. انسان اھو آھي، جنھن ۾ انسانيت ھجي؛ نہ تہ اھو فقط عام ساھہ وارو، يا ٻہ-پيرو جانور ٿيو! اھو ماڻھپو، اھا انسانيت ڇا آھي؟ اھا فضيلت ۽ لياقت آھي، جا انسان جي ذاتي خاصيت آھي. ڪھڙي بہ وڏي اصل نسل جو ماڻھو ھجي، تہ بہ جي انھيءَ ۾ انساني فضيلت ۽ لياقت نہ ھوندي، تہ انھيءَ کي وڏو ماڻھو نہ چئبو. شيخ سعديءَ فرمايو آھي تہ:

پسرِ نُوح، با بدان بنشست، خاندانِ نبوّتش گُم شُد.
سگِ اَصحاب ڪهف روزي چند، پئي نيڪان گرفت ومردم شُد.

تنھنڪري، انسان کي نہ حسب نسب تي فخر ڪرڻ لازم آھي، نہ ٻيءَ ڪنھن دنيائي نعمت يا دولت تي. ڏاھن جو چوڻ آھي تہ دنيا ۾ چڱي حال تي، يا مال تي، يا جمال تي فخر ڪرڻ بيسود آھي؛ ڇالاءِ جو اُنھن شين کي جلد زوال آھي. ھڪڙو فارسي بيت آھي تہ:

بر مال و جمالِ خويش مغرور مشو،
ڪانرا بہ شبي بَرند، و اين را بہ تَبي.

يعني، مال ۽ جمال تي مغرور نہ ٿيءُ، ڇالاءِ جو مال ھڪڙيءَ رات جي اندر گُم ٿي ٿو (جيئن تہ چور ان کي نين يا باھہ ساڙي)، ۽ جمال (يعني سونھن يا تندرستي وغيره) ھڪڙي تپ (يا بيماريءَ) سان گُم ٿي سگھي ٿو. نڪي وري حسب نسب تي ماڻھوءَ جو شرف منحصر آھي، جو اھا ذارين شيءِ آھي — يعني پين جي، نہ پنھنجيءَ جند جي. عربي قول آھي تہ "شرف الانسان بالعلم و الادب، لابالمال والنسب" — يعني، انسان جو شرف، علم ۽ ادب جي ڪري آھي، نہ مال ۽ حسب نسب ڪري. حضرت صلعم جن جي ھڪڙي حديث آھي تہ "لاتاتوني بانسابڪم واتوني باعمالڪم" — يعني، مون وٽ پنھنجن نسبن سان نہ اچو، پر پنھنجن افعالن ۽ اعمالن سان اچو. پاڻ پنھنجيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان آهستي پڇيو تہ ’ڪيري، جو اڳي موچي هوندو هو، سو اهو آهي ڪير؟!‘ ٻئي جي جواب ڏيڻ ڪان اڳ، ڪيريءَ پاڻ هن جو سوال ٻڌي ورتو، ۽ وڏي سڏ جواب ڏيئي، چوڻ لڳس تہ ’نہ سائين! آءٌ فقط گِلي دوز هوس؛ اجها، پورو موچي نہ ٿيو هوس.‘

’بڪر واشنگٽن‘، آمريڪا جو غلام ٻار، تعليم جي ڪم ۾ مشهور ٿيو. هڪڙو ڪتاب لکيو اٿس، جنهن ۾ ڏيکاريو اٿس تہ هُو، غلام ڇوڪر ٿي، ڪيئن وڏي فضيلت واري درجي کي پهتو!

سنڌ ۾، جو قديم مسلمان خاندان اڪثر زبونيءَ جي حالت کي اچي رسيا آهن، تن جو ٻہ هڪڙو وڏو سبب هيءُ آهي تہ محنت، ڪشالي، پورهئي، ڌنڌي، ڪسب ۽ هنر ڪان هنن کي عار ٿو اچي، ۽ علميت، فضيلت ۽ لياقت حاصل ڪرڻ جي بدران رڳو پنهنجيءَ وڏ ماڻهپ ۽ پيءُ ڏاڏي جي فضيلت ۽ لياقت تي فخر ڪري، خراب حالت کي اچي رسيا آهن. هنن کي ايتري سمجهہ نٿي اچي تہ وڏا ماڻهو اهي آهن، جن پاڻ کي وڏو ۽ مشهور ڪيو آهي، ۽ جن جي پٺيان سندن پويان، عزت ۽ آبرو حاصل ڪن ٿا؛ نہ اهي جي پاڻ تہ ڪي ڪين ڄاڻن، پر رڳو پنهنجن وڏن جي فضيلت تي تعلق رکي، ٻٽاڪون هڻندا وتن. اهڙن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ قرآن ۽ حديث موجب، ذاتي فضيلت تي فخر ڪرڻ گهرجي، نہ اصل نسل يا حسب نسب تي. يعني، جيئن متي چيو ويو آهي تيئن، ’پنهنجو پُٽ ٿيڻ گهرجي ۽ نہ پنهنجي پيءُ ڏاڏي جو.‘ سچو پچو وڏو ماڻهو اهو ئي آهي. انهيءَ بابت هيٺيون سنڌي شعر ٻڌائي بس ڪندس، جنهن مان پڙهندڙن کي چڱي نصيحت حاصل ٿي سگهندي:

پنهنجو پُٽ ٿيءُ، پيءُ جو پُٽ نہ ٿيءِ،
پيءُ ۽ ڏاڏو ڇڏ، تون پنهنجو پاڻ جيءِ.
اصل توڙي نسل تي تون ڪر نہ فخر،
ڪم تہ اصل ۽ نسل ايند ئي ڪينڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳورپت ناهين، ڪُتو يا تون چراغ،
۽ نه ڳيجهه، تڏهن ڪر نه مُردن تي خوشي.
چو پَڏائين مُٺ هڏن جيءَ تي تون پاڻ؟
ڪي ڳَري ويا، ۽ ڪي هڻ ويندا ڳَري.
اصل ڪان شاهين آهين شاهباز،
تون آڏُر آپ ڏي، نه پَٽَ تي پؤ ڪِري.
پيءُ ۽ ڏاڏو پنهنجو ڪر ’پنهنجا عمل‘
جڻِ عمل پڻ، تنهنجو سي اولاد پي.
هلندا پڻ توسان آهي ڏَنهن هُن جهان،
پيا ڇڏي هلندين هتي مائٽ مڙئي.
نفسي نفسي سڀ قيامت ۾ ڪندا،
وسري آت ويندي سڀئي مائٽي مِٽي.
’آب‘ ۽ ’جَد‘، ڪر پنهنجو ’آبجد‘ آي آدا!
وَت نه ڪا علم ۽ عمل ري ڪا ڳُري.
جيئن رکيو نادر تئي پيءُ ڏاڏو ترار،
تيئن تون ڪر همت، ته هت شاهي ملئي.
پنهنجو شجرو چو ڪرين ناهي ڏکهو؟
ڪاغذي وڻ، قَرُ نه ڏيندو يا ڦَري.
پيءُ فريدون، ڏاڏو خسرو تيو ته ڇا؟
ڪر پَدر پنهنجو ڳُهَر ذاتي ڪِڍي.
پُڻ نه پيغمبر جو پڻ تو ڪم اچي،
نُوح جو پُٽ ڏس! ته آخر ويو هَجي.
۽ ڪُتو جو ڪهف جي اصحاب جو،
ويو شرف ۾ پڻ مٿي آن ڪان لنگهي.
ري عمل، حاصل نسب مان ڪين ٿئي،
آل پنهنجي ڪي چيو اِيئن تي نبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن اَمت اَن جي ڪي چا آهي حق،
جو پيدائي پنهنجو پيءُ ڏاڏو وري؟
فخر نسبي ڇڏ، ۽ ڪر ڪَسبي "قليچ!"
آدميت ۽ شرافت ڪر صَحي.

— والسلام.

حيدرآباد

١٢-جنوري سن ١٩٦٥ع

— اجمل بيگ. ق. مرزا

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساڻو پن يا ڪارو پنو

—منهنجي سوانح عمري—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## قطعهٔ در وجه تسمیهٔ این کتاب
### برگ سبز و دفتر سیاه

هرچه دارد قلیچ آرد پیش
برگ سبز است تحفهٔ درویش
سیهش گشت دفتر اعمال
زان سیه روئی با سفیدی ریش
عجب احمق بدست خود بنوشت
مدح و ذم نیک و بد سوانح خویش
خواهش دوستان شده عذرش
خلق خوش دل ازان خودش دلریش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مرزا صاحب (مرحوم) نوجوانيءَ ۾
(ايراني پوشاڪ سان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چُو اوّل مي تَراشيدم بدستِ خويش ريشم را،
ندانستم ڪ آيد بر سرم چندين شڪايتها.
قليچ! ايّامِ بي ريشي فراموشم نمي گردد،
ڪ مي ڪردند خُوبان، بر دلِ ريشم عنايتها.



مرزا صاحب مرحوم جي ڦوٽو، جواني (سنه ١٨٧٦ع)
(انگريزي ڍريس ۾ هٿ ۾)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ويٺل (ساڄي کان کاٻي): ١- مرحوم مرزا قليچ بيگ ٢- مرحوم مرزا غلام رضابيگ ٣- مرحوم مرزا صادق علي بيگ
بيٺل (ساڄي کان کاٻي): ١- مرحوم مرزا نجف قلي بيگ ٢- مرحوم مرزا علي قُلي بيگ ٣- مرحوم مرزا جعفرقلي بيگ
٤- مرحوم مرزا حيدر قلي بيگ.
(ست ڀائر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مرزا صاحب مرحوم
پنهنجي گهر جي آڱند ۾، پنهنجن ٻن پٽن - مرحوم مرزا نادربيگ (پٺيان بيٺل)
۽ مرحوم مرزا اختربيگ - سان گڏ.



بيٺل ساڄي کان:

١- مٺو مولائي
٢- محمد جعفر بيگ
٣- غلام رضا بيگ
٤- سيد جعفر شاهه
٥- الهڏنو يونساڻي
٦- غلام محمد يونساڻي

ويٺل ساڄي کان:

١- قادرداد خان
٢- خدابخش بيگ
٣- سيد چٽن شاهه وڏو
٤- مرزا قليچ بيگ
٥- لطف علي شاهه
٦- مولوي حسين علي شاهه سبزواري.

هز هائينس مير ڪرم علي خان ٽالپر مرحوم جي مقبره ۾، آنجمن اماميه حيدرآباد جي اوائلي ۽ بنيادي ميٽنگ جنهن جي صدارت مرزا صاحب مرحوم جن ڪرڻ فرمائي.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سنڌ جـو جـامي، نظامـي، آنـوري، سعدي آهـو،
ڪين گهٽ هو مير، غالب، داغ، سودا، ذوق کان. (آحسن)



مرحوم مرزا صاحب (قيصر هند جي تمغي سان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مرزا صاحب مرحوم، پنهنجي هڪ دوست ۽ ڪراچيءَ جي وڏي واپاري
سيٺ گُهمڻ مل ۽ اُن جي گُماشتي ۽ خاص ماڻهوءَ سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِيءُ ڪَتِ غواصن جيءِ، سمنڊ سوجهيائون پيهي منجهه پاتار جي ماڻڪ ميڙ يائون
آڻي ڏِنائون، هيرا لعل هٿن مين. (شاهه)



مرحوم مرزا صاحب
پنهنجي ڪُتبخاني ۾ مطالعي ۾ مشغول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي جي نامور ويا پنهنجو نالو، ڪريون تن جان؛ اسين پڻ اڄ ڪشالو
(قليچ)



مرزا صاحب مرحوم
پنهنجيءَ اوطاق ۾، بنا ٽيڪ ڪُرسيءَ تي، تصنيف و تاليف ۾ مشغول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خلوت سجڻ جي خالي، هر غير کان رهي نت
ڪيسين ڪنداسين ڪوني دل جي ڪتاب خانو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ا ڏيرو املداس ۾ پيهيءَ مٿان منهنجو، جنهن تي ويهي، اڄ ذينهن سچو پنهنجو ٿو ڳهاريان.
آءٌ ويهي پڙهان ۽ لکان ۽ خيال پچايان، ۽ شعر چوان، درد ڪان هنجُون به آءٌ هاريان.
آءٌ پڻ آءٌ نمازُون پڙهان، مصحف ۽ وظيفا، پوءِ ڪائي پيي آرام ڪريان، وَهم وِساريان.



مرزا صاحب مرحوم جو آڪيرو
پنهنجي ڳوٺ واري باغ ۾. املداس جي، وَڻ مٿان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرحوم مرزا صاحب جن جو مدفن



پنهنجي ڳوٺ جي قبرستان (بلند شاهه جي مقام) ۾، مرزا صاحب مرحوم جن جي خالي تُربت (جا پنهنجي جيئري ئي، پنهنجي پهرئين آهليه جي وفات کان پوءِ، اُن جي قبر جي ڀرسان ڏائي طرف جوڙائي هئائون.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪوٽ ٽنڊي ٺوڙهي ۾، مرزا صاحب مرحوم ۽ سندن عزيز و آقارب جي
رهائش گاهن جو ٻاهريون ڏيک
(اورئين ميدان تي، ميرصاحبن جي ڪوٽ جي ٻاهرين ديوار ۽ سندن ڦيتل جايون،
نظر اچي رهيون آهن.)

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

(فوٽو: تاريخ ٣٠- مئي سنه ١٩٢٨ع)



مرزا صاحب (مرحوم) پنهنجن پٽن ۽ پوٽن، ناتين ۽ ڏوهٽن سان گڏ (عالم پيريءَ ۾)

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بيئلن مان (ساجي ڪان): ١- مرزا اسد بيگ ٢- مرحوم مرزا همايون بيگ ٣- مرزا فرهاد بيگ ولد مرزا سڌني بيگ مرحوم ٤- شيرين بنت مرزا نادربيگ مرحوم ٥- مرحوم مرزا فيروزبيگ ولد مرزا سڌني بيگ مرحوم ٦- مرزا شمشاد بيگ ولد مرزا سڌني بيگ مرحوم.

ڪُرسيءَ تي ويٺل (ساجي ڪان): ١- مرزا نادربيگ مرحوم (پنهنجي پُٽ ضامن بيگ سان) ٢- مرزا حيدرقُلي بيگ (مرزا صاحب مرحوم جو ڀائٽيو ۽ داماد، پنهنجي نياڻيءَ بلقيس سان) ٣- مرحوم مرزا قليچ بيگ (پنهنجي پُٽ، مرحوم مرزا اصغربيگ سان) ٤- مرزا سڌني بيگ مرحوم (مرزا صاحب مرحوم جو ڀائٽيو ۽ داماد، مرزا نادربيگ جي ننڍي پُٽ زائربيگ سان) ٥- مرحوم مرزا اختربيگ (پنهنجي نياڻي خيرالنسا سان).

فرش تي ويٺل (ساجي ڪان): ١- مرزا ادهم بيگ عُرف حاجي بابا ٢- الحج مولانا مرزا افضل بيگ ٣- مرزا اڪمل بيگ ٤- مرزا آجمل بيگ ٥- مرزا ارشد بيگ عُرف جاني بابا ٦- مرزا زاهد بيگ ولد مرزا نادربيگ مرحوم ٧- مرزا جمشيد بيگ ولد مرزا سڌني بيگ مرحوم ٨- مرزا ذاڪربيگ ولد مرزا نادربيگ مرحوم.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بس هت شڪار موت ري ٻيو چا ڪري "قليچ"
جي موت مئو ته پوءِ حيات آهي جاودان.



مرزا صاحب مرحوم جي آخري آرامگاه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ مکيه مکيه ڳالهيون داخل ڪندو اچان. پر اها ڊائري خانگي سمجهڻ گهرجي ۽ گهر جي ڀاتين يا اولاد جي لاءِ آهي، نه ٻاهرين لاءِ. انهيءَ ساڳئي مطلب لاءِ هڪڙو ٻيو ڪتاب به لکيو اٿم جنهن جو نالو "يادگيريون" آهي، ۽ جنهن ۾ اڳوڻيون ياد ڪيل ڳالهيون لکيون ويون آهن، جي هاڻي بدلجي ويون آهن ۽ ننڍن جوانن کي معلوم نه هونديون؛ پر هاڻي جڏهن آءٌ پنهنجو احوال پاڻ لکان ٿو تڏهن لاچار مون کي انهيءَ پنهنجي ڊائريءَ مان احوال ڪڍڻو پيو آهي، ۽ نه فقط پنهنجي جند جو پر پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ڀائرن ڀيڻن ۽ ٻئي ڪٽنب جو به احوال ڏيڻو پيو. اگرچ انهيءَ ۾ ڪي اهڙيون به ڳالهيون هيون جن جي لکڻ کان جيڪر گهڻن کي عار يا اعتراض اچي، پر تڏهن به سچي احوال لکڻ لاءِ ۽ پنهنجن سچن خيالن ظاهر ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ ضرور آهي، پوءِ ڀلي ته انهيءَ جي نسبت ۾ ٻين جي راءِ مخالف هجي يا آهي کلن. ساڳئي وقت ۾ ڪي اهڙيون به ڳالهيون لکڻيون پيون آهن، جي پنهنجي تعريف ۾ داخل آهن ۽ اها ٻتاڪ شمار ۾ ايندي؛ پر ائين ڪرڻ لاچار ٿيو آهي ۽ ساڳئي مطلب لاءِ هيٺ پنهنجي نسبت ۾ ٻين جي چڱي راءِ به ڏني وئي آهي، سا به انهيءَ ۾ داخل آهي.

ڪوڙي ڪي ٿي نيت گهرجي سفارش جي چٺي،
پنهنجي سدا تعريف منوع ڪي مون ڏني:
موتي ٿو سچاپي پنهنجي تجلي منجهان پاڻ-
شڪر به ڪڏهن چئي ٿي ته آءٌ آهيان مٺي!

ماڻهو، هميشه خدا کان پڇاڙيءَ جو خير گهرندا آهن ۽ چوندا آهن ته "الاهي عاقبت محمود گردان!" انسان ساري عمر ڪهڙو به خوش ۽ آسودو گذاري، ته به جيسين سندس حياتيءَ جي پڇاڙي موچاري نه هوندي تيسين انهيءَ کي خوش نصيب چئي نه سگهبو. ڪهڙي خبر ته مرڻ کان اڳي هن جي حالت ڦري ٻي ٿي پوي؟ ديندار ڦري بيدين ٿي سگهي ٿو، دانا ڦري نادان ٿي سگهي ٿو، مظلوم ڦري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظالم تي سگهي ٿو، ۽ نيڪ بخت ڦري بدبخت ٿي سگهي ٿو. يوناني حڪيم سولن ۽ ڪريسيس بادشاهہ جو قديم مشهور قصو انهيءَ ڳالهہ جي سچائيءَ جي ثابتي آهي؛ تنهنڪري جيئري ماڻهوءَ جو احوال سندس مرڻ کان اڳي لکيل اڻپورو سمجهڻ گهرجي، پوءِ پيلي تہ اهو پير فرتوت هجي ۽ باقي حياتي ٿوري هجيس. اهڙو لکيل احوال ماڻهوءَ جي ماضيءَ ۽ حال جو سمجهڻ گهرجي؛ سندس مستقبل جو حال، پين لاءِ ڇڏيل آهي.

انهيءَ طرح مون هي پنهنجي سوانح عمري لکي آهي ۽ اميد آهي تہ جنهن مطلب لاءِ لکي ويئي آهي سو پورو ٿيندو. منهنجي عمر، هينئر ستر ورهيہ آهي. باقي حياتيءَ جي پڇاڙيءَ جو احوال ڪو گهڻو نہ هوندو ۽ اهو آسانيءَ سان پنهنجي اولاد مان ڪو يا دوستن مان ڪو لکي سگهندو. هن احوال لکندي ضروري هئڙن تي پنهنجا ڪي شعر بہ ڏنا ويا آهن تہ نثر جي ڦڪاڻ يا آلوڻائيءَ سان گڏ نظم جي ڇهراڻ ۽ شعر جي چاشني چکڻ ۾ اچي ۽ خلاصي باب ۾ پنهنجي شعر جا ڪي انتخاب بہ ڏيندس، جن بابت منهنجي احوال ۾ اشارا ڏنل آهن. انهن مان پڙهندڙن کي منهنجن عادتن ۽ راين ۽ خيالن جي ثابتي ۽ شاهدي بہ ملي سگهندي ۽ منهنجي شعر جي نموني جي بہ خبر پوندي ۽ هڪڙي ئي باب ۾ شاعراني مضمون پڙهڻ ۾ انهيءَ مان لذت وٺڻ جو چڱو وجهہ ملندو، جو منهنجا شعر جا ڪتاب گهٽا آهن.

جيڪا آءٌ لکان، ڪريان ڪا گفتار،
مثل آٿيان آءٌ شعر پنهنجي مان ٿو لاچار،
تا خلق نمونو شعر منهنجي جو ڏسي؛
چيو ٿن آهي "يڪ مُشت، نمونہ خروار."

انهيءَ کان پوءِ ٻئي باب ۾ وري منهنجيءَ نسبت ۾ يا منهنجن ڪمن ۽ تصنيفن جي نسبت ۾ ۽ منهنجيءَ نوڪريءَ جي نسبت ۾ يا خلق جي خدمت چاڪريءَ جي نسبت ۾ جيڪي سرڪاري عهديدارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پين صاحبن چيو آهي تنهن جا ڪي خط ۽ انتخاب ڏيندس، جن مان گهڻا انگريزي آهن، جن جا جنسي نقل* بہ ڏيندس ۽ انهن جي پنيان مختصر سنڌي مطلب بہ ڏيندس. اهي جڻ تہ سليل سرٽيفڪيٽ آهن، جي هينئر مون کي گهڻي ڪم جا ناهن پر شايد منهنجي اولاد کي ڪم اچي سگهن ۽ جن جي شايد بوءِ ڳم ٿيڻ جو امڪان آهي. منهنجي نسبت ۾ سنڌ جي شاعرن، جدا جدا هنڌن تان جيڪي عربي ۽ فارسي ۽ اردو ۽ سنڌيءَ ۾ شعر، وقت بوقت پئي چيا آهن، سي جدا هڪڙي فائيل ۾ گڏ رکيا ويا آهن، جي پين خطن ۽ انتخابن وانگي هتي ڏيئي نٿا سگهجن، اگرچ انهن جي شعر جي نزاڪت پڙهڻ جي لائق آهي. ضميمي ۾ پنهنجو شجرو ۽ پنهنجن ڪتابن جا نالا ڏيندس، اگرچ انهن جو ضرور ڪونهي ـــ

هوئي جوهر ذاتيءَ جو جنهين کي بهرو-
ڏيکاري نشان اهڙو ان جو چهرو.
ڇو شجرو ڏکهو بنائي پنهنجو ماڻهو!-
ڇو پنهنجي وڏن جي ڏئي هڏن تي پهرو؟

حيدرآباد سنڌ ـــ قليچ بيگ
آگسٽ ١٩٢٣ع

---

*ڏسو ناشر جو نوٽ صفحي ١٨٤ تي

جيسين نانو مرحوم حيات هو، تيسين بابو مرحوم گھڻو وقت سندس صحبت ۾ رهندو هو. سون کي ياد آهي ته نانو، ورهين جا ورهيه، بسترنشين هو، ۽ بيمار پيو هوندو هو. ناني جي وفات کان پوءِ، بابو آپاڻڪو گذاريندو هو، پر پيا سندس واقف ۽ دوست، جيئن آغا زين العابدين شاهه ۽ پيا حيات هئا ۽ پار پچا به هئس، تن سان ونڊر رهندي هيس. باغ رکڻ جو شوق گھڻو هوندو هوس. لڪڻ پڙهڻ جو ڪم گھڻو ڪندو هو. پين به گھڻن هنرن جي مشغولي هوندي هيس. سندس اخلاق ۽ اوصاف جي خبر ٿوري گھڻي منهنجي تاريخي قصيدي سان پوندي، جو سندس وفات مهل لکيو هوم ۽ جو منهنجي ڪتاب "سوداي خام" ۾ ڏنل آهي. جيتوڻيڪ ڪا نوڪري ڪانه هيس، ۽ نه وري ہي ڪا گھڻي پيدائش هيس، ته به اهڙيءَ تجويز سان گھر جو ڪارخانو هلندو هو، جو آبروءَ سان وقت پيو گذرندو هو. آنهن ڏينهن ۾ سڱار هو، ۽ سپ شيءِ سهانگي هئي. اڳوڻا رهيل زيور ۽ جواهر به نيڪال پيا ڪندا هئا، پر قرض ڪڻ کان بابو، گوشو ڪندو هو. جيڪڏهن انگريز سرڪار جي نوڪري ڪرڻ گهڙي ها ته بلڪل آبروءَ جهڙي جاءِ ملپس ها، جو سرڪار کيس منٿون ڪندي هئي. پر، ناني ۽ بابي نوڪريءَ ڪرڻ جو ارادو اصل چڏي ڏنو هو. اسان جي والده، سن ١٨٧٦ع ۾ وفات ڪئي. آنهيءَ وقت، اسين پاڻ ۾ ست پائر ۽ به ڀيڻون هئاسين، ۽سپ پاڻ ۾ گڏ رهندا هئاسون. ادي، مرزا غلام رضابيگ جي شادي، بابي پنهنجي حياتيءَ ۾، پنهنجي پاڙيسريءَ، ميان ابراهيم جي گهران ڪرائي هئي. انهيءَ مائيءَ جي مرڻ کان پوءِ، سندس ٻي شادي، مرحوم مرزا قربان علي بيگ جي گهران، اما جي ڏينهن ۾ ٿي. اما جي حياتيءَ ۾، منهنجي ننڍي پاءُ، مرزا علي قلي بيگ جي شادي مرزا رستم، قبي واري، جي گهران ٿي. اسان ٻين سيني جون شاديون پوءِ ٿيون. پهرين منهنجا

ڪرڻ ڪان پوءِ، ڦيرائي پنهنجو گهر ڪيو. ۽ ادي غلام رضا بيگ ۽ صادقعلي بيگ، انهيءَ جي اولهه ڏي، ٻي نئين اوطاق بنائي، جا اڄا هلي اچي.

بابو، عصر جو سوير اٿندو هو ۽ نماز ۽ قرآن ۽ وظيفن پڙهڻ ڪان پوءِ، اٺين نائين بجي ڌاري سنبري، پنهنجيءَ جاءِ ڪان ٻاهر ايندو هو. گهر ۾، هڪڙي جاءِ خلاصي، سندس رهڻ جي هوندي هئي. ٻهرين ڏينهن ۾ هو سنڌي سيرائي ٽوپي ڍڪيندو هو، ۽ پوءِ لُنگيءَ جو پٽڪو ٻڌڻ لڳو. وارن جي ڏاڍي سنڀال ڪندو هو. آرسيءَ تي ڦڻي ڏيندو هو ۽ سامهون پٽي ڪڍندو هو. وچ مٿي تي گهڻو وار نه هوندو هوس، اڇا ٿورا پيا هئس، پر اهي نه ڪڍائيندو هو، نه ڪيس ڪندو هو ۽ نڪي وار ڪترائيندو هو. گهڻو ڪري ٻاهر نڪرڻ مهل ڪو ڪتاب پاڻ سان کڻي نڪرندو هو، جو ويٺو مطالع ڪندو هو. باغ رکڻ جو گهڻو شوق هوندو هوس. پراڻي ڦليليءَ جي ڪناري تي، ڳوٺ جي ڏکڻ ڏي، هڪڙو باغ رکيائين، جنهن ۾ ڏيهاڙي وڃي هٿن سان ڪم ڪندو هو ۽ باغائيءَ ڪان به ڪم وٺندو هو،—ڏاڍو عمدو باغ ٿيو هو، جو پوءِ وڪامي ويو ۽ هاڻي آتي ٻني آهي، جنهن ۾ اڃا آنهيءَ باغ جا ڪي وڻ، نشانيءَ وانگي بيٺل آهن. آنهيءَ جي ويجهو پوءِ وري ادي مرزا صادقعلي بيگ، ٻيو نئون باغيچو رکيو، جو اڃا هليو اچي.

ٻنپهرن ڪان ٿورو اڳي، بابو وري گهر ايندو هو. آرڙهه جي ڏينهن ۾، مانيءَ ڪان پوءِ سمهي آرام ڪندو هو، اڳينءَ جي وقت اٿي، نماز پڙهي، وري به ٻاهر ويندو هو ۽ وري شام جو گهر ايندو هو. سومهڻيءَ تائين نماز ۽ وظيفي ۾ گذاريندو هو، پوءِ ماني کائي سمهندو هو. سمهڻ مهل حقو ڇڪيندو هو، پر حقي جي ڏاڍي صفائي ۽ پوشيدگي رکندو هو. پنهنجي هٿ سان ڳڙاڪو ٺاهي، ٽانڊو چاڙهي

بابو جيتوڏيڪ اصل ڪرسچن، يعني عيسائي مذهب وارو هو، پر پوءِ مير صاحبن وٽ رهي مسلمان ٿيو، ۽ بي تعصب رهندو هو. مذهب، اثناعشري شيعو هئس، تہ بہ يارن ۽ اصحابن کي بد نہ چوندو هو. تصوف ڏي سندس گهڻو ميل هوندو هو. محرم جي ڏينهن ۾ ماتم ڪندو هو ۽ مرثيا بہ پڙهندو هو. پهرين ترڪي ٻولي ڳالهائيندو هو، جيئن نانو مرحوم بہ ڳالهائيندو هو، پوءِ پٺي ايران ۾ فارسي سکيا ۽ هتي فارسيءَ ۽ عربيءَ جو خوب محاورو ڪيائون. سنڌي ٻولي هتي سکيا ۽ چڱي ڳالهائيندا هئا، اگرچ ڪي ڪي نج سنڌي حرف پوريءَ طرح نہ چوندا هئا، ۽ گهڻن هنڌن تي مذڪر ۽ مونث جو غلط استعمال ڪندا هئا. ٻانهن ۽ ٻانهين سان ڳالهائيندي، بابو ۽ اما، شيدڪي ٻولي بہ ڳالهائيندا ۽ سمجهندا هئا، ۽ مون کي بہ ٿوري گهڻي اچا ايندي آهي. وڌيڪ احوال ناني جو توڙي بابي جو، سندن سوانحعمريءَ ۾ ڏسڻ گهرجي.

منهنجن ڀائرن مان سڀني کان وڏو، مرزا غلام رضا بيگ، پهرين پرشن ٽيچر، حيدرآباد هاءِاسڪول ۾ هو، پوءِ ميرپورخاص ۽ ٽنڊي محمد خان جي ننڍن ميرن جو ٽيچر ٿيو، ۽ پوءِ ڊپوٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو. هن عهدي تي اوچتو ڪراچيءَ ۾، ١٨٩٥ع ۾ وفات ڪيائين، ۽ سندس لاش حيدرآباد آڻي دفن ڪيو ويو.

منهنجو ٻيو ڀاءُ، مرزا صادق علي بيگ، جو ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهي، پهريون مسلمان بي. اي. ٿيو، سو پهرين شڪارپور جي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿيو، پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڊيپو جو ڪيوريٽر ۽ ايڊوڪيشنل ٽرانسليٽر ۽ سرڪاري "سنڌ سڌار" اخبار جو ايڊيٽر ٿيو. پوءِ ڊپوٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو. سنڌي ڊڪشنري ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي ڪتاب، تعليم کاتي لاءِ لکيائين. ٽيهن ورهين کان پوءِ پينشنر ٿيو، ۽ "خانصاحب"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪري وفات ڪيائين. ادي جعفرقلي بيگ جي نسبت ۾ هيترو ذڪر ڪرڻ ضرور آهي، ته اسڪول ۾ پڙهندي، هڪڙي پيري بيمار ٿي پيو. ڳل تي ڦرڙي نڪتس، جا ڦاٽي پئي، ۽ آرپار ٽنگ ٿي پيس. مهينن جا مهينا بيمار پيو هو، ۽ ڊاڪٽرن علاج پئي ڪيس. انهيءَ بيماريءَ تي جيڪو خرچ ٿيو ۽ جيڪا تڪليف هن ڏٺي، تنهن جي ڪري ارادو ڪيائين ته وڏي هوندي آءٌ ڊاڪٽري ڪم سکندس ۽ پين جا علاج ڪندس. آخر مئٽريڪيوليشن ۾ پاس ٿيڻ ۽ ”ايليس پرائيز“ کٽڻ کان پوءِ، ميڊيڪل ڪاليج ۾ ويو ۽ نالو ڪڍيائين ۽ پوءِ ولايت ويو. ڊاڪٽر مرزا ۽ سندس ڪٽنب جو ٿورو احوال مسٽر هيرانند جي انگريزي سوانحعمريءَ ۾ ڏنل آهي، جو انهن ٻنهي گڏجي ڪراچيءَ ۾ اسپتال کولي هئي، ۽ پاڻ ۾ گهرا دوست هئا. اها سوانحعمري، مسٽر ڏيارام گدومل جي لکيل آهي. ڊاڪٽر مرزا به نقاشي چڱي ڄاڻندو هو ۽ انگريزي ۽ ديسي راڳ چڱو ڄاڻندو هو ۽ ٻنهي قسمن جا ساز چڱا وڄائيندو هو.

انهيءَ کان ننڍو، مرزا نجف قلي بيگ، انجنيرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ اوورسيئر، هو ۽ ڏاڍو آزمودگار ۽ هشيار ماڻهو هو. آخر ۾ نوڪري ڪندي، ڦڦڙ ۾ نمونيا جي ڪري بيمار ٿي پيو، ۽ هتي آندو ويو ۽ سن ١٨٩١ع ۾ وفات ڪيائين. ادو نجف قلي ڏاڍو همت ڀريو جوانمرد هو. ڳريون ڳريون ڀڃريون کڻندو هو. واڍي ۽ لُهر جو ڪم ڄاڻندو هو. لوهه تي مينا جو ڪم، اپاوڙي جي پاسي سکيو. ڳائيندو به چڱو هو.

انهيءَ کان ننڍو، يعني سڀني پٺيان، مرزا حيدرقلي بيگ، پهرين ڊاڪٽر مرزا جو اسسٽنٽ هو، ۽ سندس اسپتال هلائيندو هو، پوءِ سيهڙ جو جيلر ٿيو، ۽ پوءِ پوليس ۾ سب انسپيڪٽر ٿيو. ۽ سن ١٨٩١ع ۾ نمونيا جي ڪري وفات ڪيائين حقيقت ڪري انهن پوين ٻنهي ڀائرن هڪڙي هفتي جي اندر ساڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيماريءَ جي ڪري وفات ڪئي — ٻهرين ننڍي حيدرقليءَ جو پوٽو وڏي نجف قليءَ، جنهن کي پاڻ جي سنيال ڪندي ساڳي بيماري ٿي. انهن ٻنهي شادي نہ ڪئي ۽ عين جوانيءَ ۾ مري ويا.

منهنجي وڏي ڀيڻ، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ هشيار هئي ۽ سئيءَ جو ڪم تمام چڱو ڄاڻندي هئي. سندس شادي مامي مرزا علي محمد بيگ جي پٽ مرزا ڪلب علي بيگ سان ٿي، جنهن ڊيپوٽي ڪلڪٽريءَ جي عهدي تي رهي، سن ١٩١٩ع ۾ وفات ڪئي. هوءَ شعر بہ چوندي هئي. سندس نالو زيب النساء هو. زيب النساء شاهزادي شاعره، تخلص ”مخفيءَ“، جي غزل جي جواب ۾ سندس هڪڙو چڱو فارسي غزل چيل آهي (ڏسو باب ١١ نمبر ١).

منهنجي ٻيءَ ڀيڻ جي شادي، مامي مرزا ولي محمد بيگ جي پٽ، مرزا حسين قلي بيگ سان ٿي، جنهن مختيارڪاريءَ جي عهدي ۾ بيمار ٿي، رخصت ورتي ۽ سن ١٩١١ع ۾ وفات ڪيائين.

ناني مرحوم جي پٽن مان وڏو خانبهادر مرزا علي محمد بيگ، ڊيپوٽي ڪلڪٽر، پينشن کان اڳي سن ١٩٠٤ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس ٻيو پٽ مرزا محمد رحيم بيگ مختيارڪار هو ۽ پوءِ جاگيردار ٿي رهيو ۽ سن ١٩٠٥ع ۾ وفات ڪيائين. سندس هڪڙو پٽ مرزا علي نواز بيگ ڊيپوٽي ڪلڪٽر آهي. ناني جا ٻيا بہ ٻہ پٽ ننڍا هئا. ناني ۽ بابي جي اولاد جو شجرو هيٺ ضميمي ۾ ڏنل آهي. ٻيو سندن مفصل احوال، سندن احوال مان معلوم ٿيندو. (باب ١١ ۾ شعر نمبر ٢١ بہ ڏسو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻيو

# منهنجي ٻاراڻي وهيءَ ۽ ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم جو احوال

آءٌ ٽوڙهي جي ننڍي ۾، پنهنجي پيءُ واري جهوني گهر ۾ ڄائو هوس. اها سن ۱۲۷۰ هجري (۱۸۵۳ع) جي محرم مهيني جي ۴-تاريخ هئي. ناني، منهنجو نالو "قليچ خان" رکيو، جو وڏي هوندي قليچ بيگ ٿيو. ايلفنسٽن ڪاليج ۾ وڃڻ کان پوءِ پروفيسر ميرزا حيرت، مون کي "قليچ بيگ" سڏڻ لڳو. انهيءَ کان پوءِ "خان" جي بدران "بيگ" نالي ۾ قائم ٿي ويو. منهنجي ڄمڻ جي تاريخ جو مادو ابجد ۾، ناني ۽ بابي جو چيل ۽ انهيءَ بابت ڪجهه ذڪر، منهنجي هڪڙي شعر ۾ آهي، جو باب ۱۱ ۾ ڏنو ويندو. (ڏسو شعر نمبر ۳ باب ۱۱)

اما چوندي هئي ته جڏهن آءٌ ڄائس تڏهن منهنجون اکيون اهڙيون اڇيون هيون، جو اکين جا تارا ڏسڻ ئي ۾ نٿي آيا، جنهنڪري شڪ پين ته ڏسي نٿو سگهان. نانو مرحوم، جو بيمار پيل هو، تنهن کي اها ڳالهه ٻڌايائون. تنهن چيو ته سج ڏي منهن ڪري ڏسوس ته اکيون پوري ٿو يا نه؟ ائين ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته ڏسان ٿو ۽ مادرزاد انڌو ناهيان. ٻاراڻي وهيءَ ۾ چون ٿا ته آءٌ تمام ٿلهو هوس، جنهنڪري ٻادل فراش، جو چرچائي مشهور هو، سو مون کي "گهوٻاٽو" ڪري سڏيندو هو. ڏهين ٻارهين ورهيہ کان پوءِ، ٻين ڀائن وانگي، هاڻي ڦري، سنهي ٿيڻ لڳي. اڳوڻي دستور موجب، ڄمڻ سان ڪا کير پيارڻ واري دائي رکندا هئا. مون کي شروع کان ڀاڳل نالي پخالڻ کير پياريو هو. منهنجي ننڍي ڀاءُ مرزا علي قليءَ کي شريفان حجامڻ کير پياريو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ننڍي هوندي آءٌ ڪا حرڪت ڪندو هوس، تڏهن زالون چونديون هيون ته هن ٻچالڻ جا ٻُڌا ڏاتا آهن، تڏهن ٿو ائين ڪري. اهي ٻچالي، مهاڻا هوندا هئا. جڏهن آءٌ ۽ ادو علي‌قلي، راند ڪندي، پاڻ ۾ تڪرار ڪندا هئاسين، تڏهن هو مون کي ”پاڳل“ يا ”مهاڻي“ چئي چيڙائيندو هو ۽ آءٌ هن کي ”شريفان“ يا ”حجامڻ“ چئي چيڙائيندو هوس. دائي مريم، حيدرآباد واريءَ، مون کي ڇڏايو هو، جا تمام پيرسن زال هئي ۽ اسان جي ڪٽنب جي دائي هئي. ننڍي هوندي، جڏهن آءٌ دائيءَ کي چيڙائيندو هوس ۽ سندس هلڻ ۽ ڳالهائڻ جو نقل ڪندو هوس، تڏهن ڪاوڙجي چوندي هئي ته ’مات ڪر، نه ته جتان آندو اٿمئين، اوڏي وري روانو ڪنديسئين.‘ منهنجو ڇٽيءَ وارو پهريون پهراڻ، اڃا موجود آهي ۽ جڏهن ڪو مون کي پار ٿيندو آهي، تڏهن دعا لاءِ، پهرين انهيءَ کي ڏيکاريندا آهن.

اما چوندي هئي ته ننڍي هوندي آءٌ ڏاڍو معاملائي هوندو هوس ۽ ڏاڍي هوڏ ۽ ٽيسو ڪندو هوس. ۽ معاملا ۽ اجايا ۽ بيمعنيٰ ڪندو هوس؛ پر ٻن پيٽن کان پوءِ ڄائو هوس، تنهنڪري مائٽن کي ڏاڍو پيارو هوس؛ ۽ اهي منهنجا ناز ۽ انگل ڪڍندا هئا ۽ ڪنهن به طرح مون کي رنج ڪرڻ نه گهرندا هئا. چون ٿا ته بعضي، اڌ رات جو اٿي، معاملو ڪندو هوس ۽ ڏمچر مچائيندو هوس. هڪل تي نانو مرحوم، پنهنجي گهران ماڻهو موڪلي پڇندو هو ته ’ٻار کي ڇو ٿا رئاڙيو، جيئن چوي تيئن ڪريو يا جيڪي گهُري سو ڏيوس؛ پر گهٽو روئڻ نه ڏيوس.‘ خواب ڏسي اٿندو هوس ۽ رپيا يا ڪا ٻي راند جي شيءِ، جا خواب ۾ ڏٺي هوندي‌م، سا گهرندو هوس. آٿي ڏيندا هئا ته چوندو هوس ته ’اِها نه ٻي!‘ انهيءَ طرح ڪيتريون ئي شيون اچي گڏ ٿينديون هيون، پوءِ مات ڪندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوس. وڏي هوندي تائين مائٽ مون کي ”اها نه بي“ چئي ٽوڪيندا هئا. مائٽ ۽ اولاد جي مثال لاءِ منهنجو هيءُ شعر آهي: شعر

چيو سيوي کي پنهنجي هڪڙي وڻ هيئن:
ته تنهنجي لاءِ ٽڙيون مکڙيون ۽ گل ڪيئن؟
پڇي، تون راس ٿين مون مان اي دلبر!
ڪچو آءٌ ٿو رهان، ٿئم حال ابتر.
اِهو مائٽ جو ۽ اولاد جو حال،
رهن خوشحال نيت هي، ۽ هو بدحال.

بعضي، رات جو سيءَ ۾ هنگڻ ايندو هو ته چوندو هوس ته اما، ڪپڙا لاهي، ٻاهر ميدان ۾ هلي، ويهي هنگائي؛ ڪيترو ئي سمجهائيندا هئا ته به نه مڙندو هوس. آخر لاچار ٿي، اما ويچاري، مون کي راضي رکڻ لاءِ، ائين به ڪندي هئي. اڄا مون اما جو کير پئي پيتو ته ادو علي قلي ڄائو. انهيءَ کي به ماءُ جي کير پيڻ جو حق ٿيو. پر آءٌ، اهڙو معاملائي هوس، جو هن کي اما وٽ اچڻ ئي نه ڏيندو هوس. بلڪ جي انهيءَ جاءِ تي ڏسندو هئس، ته معاملو ڪري، ڪڍائيندو هوسانس. اما، لکي چئي، هن کي کير پياريندي هئي؛ اگرچ، هن کي ٻي کير پيارڻ واري دائي به هئي. سگهو ئي پوءِ مون کي به کير ڇڏايائون.

ننڍي هوندي، منهنجي حرڪتي هئڻ جو مثال هڪڙو هيءُ بس آهي ته هڪڙي پيري، سياري ۾، اسين سڀئي بخاري وٽ، باهه تي ويٺا هئاسين. مون، سنهڙيون ڪاٺيون يا تيليون، باهه ۾ دکائي، هٿ سان پئي لوڏيون ۽ ٻين پائُن کي پئي هنيم. باهه وٽ ڪو وڏو ويٺل نه هو. اوچتو، ادي مرزا غلام رضابيگ جي ڪپڙن کي باهه لڳي ويئي ۽ جيسين دانهن ڪوڪ تي، ڪو وڏو ڊوڙي آيو، تيسين هن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم، سنڌي اسڪول ۾ اسان جو هيڊ ماسٽر ٿيو، جو سنڌي ۽ پيا درجي جا ڪم سيڪاريندو هو. تڏهن اسڪول ۾ فارسي به پڙهائيندا هئا، ۽ گلستان، بوستان، انوار سهيلي ۽ سڪندرنامو ۽ ٻيا فارسي ڪتاب اسان آتي پڙهيا، بلڪ، قاضي حاجي احمد وٽ آءٌ عربي بہ پڙهيس. اسان کي آخوند يا قاضيءَ يا ٻئي ماستر، ڪڏهن بہ مار ڪانہ ڏني. هو ڏاڍي عزت ۽ آبروءَ سان پڙهائيندا هئا ۽ اسين بہ شوق ۽ محنت سان پڙهندا هئاسين. آخوند ولي محمد جي هڪڙي چمات ۽ هڪڙي ڇهنڊڙي ران ۾، اڃا تائين ياد آهي. قاضي صاحب تاڪيد سان نماز پڙهائيندو هو ۽ روزا رکائيندو هو ۽ قرآن جي ختمي وقت، حاضر رهڻ جو تاڪيد ڪندو هو، جنهنڪري ننڍي هوندي کان قرآن، نماز ۽ روزي جو تاڪيد رهندو هو، ۽ گهر مائٽن جو بہ سعيو هوندو هو، جو اهي پاڻ بہ اها مشغولي رکندا هئا. انهيءَ طرح، ننڍي هوندي کان اسان کي نماز جي عادت پيئي، ۽ پنڌ ڪرڻ ۾ بہ چالاڪ ٿياسين. سنڌي اسڪول ۾ فارسيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ آءٌ ڏاڍو هشيار هوندو هوس ۽ گهڻا انعام مليم، جي گولڊسمڊ صاحب ۽ مور صاحب ۽ پوءِ نارائڻ جڳنناٿ هٿ سان ڏنا، جن ۾ بابو بہ حاضر رهندو هو.

اسڪول ۾ پڙهندي، راڳ جو شوق پيدا ٿيو ۽ سُرندائين ڪان سُرندو وڄائڻ سکيس ۽ ڳائڻ بہ. پوءِ، ستار وڄائڻ سکيس، جا ڪاليج ۾ پڙهندي بہ پيو وڄائيندو هوس. محرم ۾ شهر منجهہ چڱا مرثيا پڙهندا هئاسين. ماڻهو شوق سان ٻڌندا هئا.

مٿي چيو ويو آهي تہ ننڍي هوندي مون کي راند جو گهڻو شوق نہ هو، پر پڙهڻ لکڻ ۽ ڪاغذن ڪارن ڪرڻ جو گهڻو شوق هوندو هو، رڳو لکڻ پڙهڻ جو نہ، مگر خاص طرح شعر چوڻ جو بہ شوق هوندو هو. مون کي ياد آهي تہ ستن اٺن ورهين جي عمر ۾ ڪوڙا سچا بيت ڏاهي،

فيض جيڪي مون کي ٿيو حاصل، سو پنهنجي پيءُ کان ٿيو،
رات جو ٿي گڏ سُتس جنهن سان، ۽ ويٺس ڏينهن جو.

ننڍي هوندي مون کي خوشطبعي ۽ مسخري ۽ چرچيبازيءَ ڪرڻ جي عادت هوندي هئي. مسخريون يا نَقلُون به تمام عمديون ڪندو هوس؛ جنهنڪري بابو ۽ پيا گهر جا ڀاتي، توڙي پيا ملاقاتي، گهڻو کلندا هئا. ياد اٿم ته بابو ايترو کلندو هو، جو اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هوس؛ پوءِ چوندو هو، ته هيءَ چوڪر، جڏهن وڏو ٿيندو ۽ پرٽبو، تڏهن پنهنجيءَ زال ۽ ٻارن سان به چرچن ڪرڻ کان نه رهندو. منهنجو هڪڙو ڪتاب "هزليات" نالي آهي، جنهن ۾ منهنجا سڀ چرچي ۽ ظرافت جا شعر لکيل آهن، جيئن شيخ سعديءَ جو رسالو "مضحڪات" آهي. نه رڳو زباني چرچا ڪندو هوس، پر پين ماڻهن جون نقلون، سانگ ۽ ناٽڪ به ڪندو هوس، ۽ ڪپڙا بدلائي، ٻي صورت ڪندو هوس. هڪڙي پيري ڪنهن فقيرياڻيءَ کي خيرات ڏنيم، آها خوش ٿي، بابي ۽ اما جي روبرو مون کي دعا ڪيائين ته 'ابا، شل تو منجهان گهٽا ڏار ٽار نڪرندا!' هن جي وچڻ کان پوءِ، لکي وٽن جون ٽاريون، پنهنجي سڄي ٻٽ تي تجويز سان اٽڪائي، لِڪي، اوچتو نِڪري، اچي سندن اڳيان بيٺس ۽ چيم ته 'ڏسو، مون کي فقيرياڻيءَ جي دعا جهٽ ۾ لڳي آهي!' اهڙين مسخرين ۽ چرچن جي ڪري، ڳوٺ ۾ مشهور ٿي ويو هوس، ۽ وڏي هوندي به، جڏهن ڪا دوستن ۽ عزيزن جي مجلس ٿيندي هئي، ۽ آءٌ ايندو هوس، تڏهن چوندا هئا ته هاڻي سيئي کلنداسين يا چوندا هئم ته هاڻي اسان کي کلاءِ.

سنڌي اسڪول ۾ پڙهندي، هڪڙي هندستاني ڇوڪري رستم خان نالي سان منهنجي دوستي ٿي. هو منهنجو همعمر ۽ همسبق هو. حسن خان جو پٽ هو. اصل سورت شهر جو هو ۽ محمد فاضل، منصف حيدرآباد، واري جو مائٽ هو،

اڪثر آچر جي ڏينهن هو اسان جي گهر ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن آءٌ به سندس گهر ويندو هوس، ۽ هن جي ماءُ مون کي گهڻو پيار ڪندي هئي، تيئن منهنجي ماءُ وري هن کي پيار ڪندي هئي. انهن ڏينهن ۾ ڪرسين ميزن جو رواج ڪونه هو. ڪرسين جي بدران، اڪثر پٽ جي ٽيڪ واريون منجيون ڪم ايندڙيون هيون. ڪاٺ جي ڪرسي، واڻ سان واٽيل کي 'گاديل' چوندا هئا. اهڙي هڪڙي ڪرسي، ميرن جي صاحبيءَ واري اسان جي گهر ۾ هوندي هئي. اسڪول ۾ ڪرسيون ۽ ميزون ڏسندا هئاسين. جڏهن رستم خان مون وٽ ايندو هو، تڏهن آءٌ پانئيندو هوس ته گهر ۾ ڪا به ميز ڪرسي رکي ويهون ۽ انهيءَ تي لکون پڙهون ته چڱو. اسين هڪڙيءَ ننڍڙي ڪوٺيءَ ۾ ڏار ويهندا هئاسين ۽ آها گاديل ۽ ڪا ٻي صندوق رکي، ڪرسي ڪري ڪم آڻيندا هئاسين، ۽ ميز جي لاءِ گهڙامنجي وچ تي رکي، انهيءَ جي مٿان در جو طاق يا ڪو ٻيو تختو رکي، مٿس ڪپڙو وجهي، ميز ٺاهي، انهيءَ تي ويهي لکندا هئاسين.

اٺن نون ورهين جي عمر ۾، سنڌي اسڪول ۾ پڙهڻ وقت هڪڙي چوري ڪيم، سا اڄا تائين مون کي ياد آهي. نوڪر سان گڏ، فقيري جي پڙ مان لنگهي، اسڪول ڏي ٿي وياسين. هڪڙي هٽ تي ٻيهي، نوڪر ڪا شيءِ ٿي ورتي. اکروٽن جو ٿالهه پريو، هٽ جي ڪناري تي رکيو هو. واڻيو نوڪر سان مشغول هو. مون کي شايد اکروٽن جي لالچ ٿي. واڻئي نٿي ڏٺو. مون ٻه اکروٽ کڻي، پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا. پوءِ نوڪر سان گڏجي، بازار ڏي ٿي، اسڪول ڏي هلياسين. جڏهن بازار جي اڌ ۾ سرور جي قبيءَ وٽ آياسين، تڏهن پٺيان اهو واڻيو به اچي پهتو. شايد ڪنهن ٻئي مون کي اکروٽ کڻندا ڏٺا هئا، تنهن ٻڌايس. مون کي چيائين ته 'اکروٽ ڪنيا اٿئي، سي ڏي!' مون ناٺ ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيسي مان پيئي اڪروٽ ڪڍي ڏنس ۽ هو هليو ويو. آءٌ ڏاڍو ڦڪو ۽ پشيمان ٿيس. اڄ تائين، اها چوري ياد ڪري پشيمان ٿيندو آهيان. جڏهن ڪڏهن ڪي اڪروٽ ڏسندو آهيان، تڏهن آها ڳالهه ياد پوندي اٿم، ۽ انهيءَ ڪري اڪروٽ اصل ڪين کائيندو آهيان ۽ وڻندا به نه اٿم. شڪر ڪندو آهيان ته آهي به اڪروٽ هڪدم کائي نه ڇڏيم ۽ آها چوري به نه ڦٻيم، ۽ حق مالڪ کي مليو.

جڏهن آءٌ ۽ ادو علي قلي، سنڌي اسڪول جي پهرئين ڪلاس يا ستئين درجي ۾ آياسين، تڏهن ادو مرزا صادق علي بيگ، جو تڏهن هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو، سو اسان ٻنهي کي گهر ۾ انگريزي پڙهائڻ لڳو. سگهوئي پوءِ، اسين به انگلو ورنيڪيولر اسڪول ۾ وڃي ويٺاسين. اسان اڳئي ٻه ڪتاب انگريزي گهر ۾ پڙهيا هئا، تنهنڪري اسان کي هڪدم ٻئي ڪلاس ۾ رکيائون ۽ سگهوئي پهرئين ڪلاس ۾ آياسين. هيڊ ماسٽر مسٽر لڪشمن وشنو، مرهٽو هو. انهيءَ اسڪول ۾ اسان چڱو نالو ڪڍيو. ۽ چال چلت اهڙي چڱي رکيسين، جو ماسٽر اسان جي تعريف ڪندا هئا. مون کي ياد آهي ته آءٌ هميشه پهريون نمبر ويهندو هوس، ۽ ساري ڪلاس ۾ بلڪ ساري اسڪول ۾، سڀني کان زياده هشيار ليکبو هوس. آها انگلو ورنيڪيولر اسڪول جي عمارت اها آهي، جتي هاڻي هاءِ اسڪول آهي. اتان چڙهي، پوءِ اسين هاءِ اسڪول ۾ آياسين، جا تڏهن ڪلاڪ واري عمارت ۾ هئي، جتي هاڻي ٽريننگ ڪاليج آهي. تڏهن هيڊ ماسٽر، مسٽر وهاسن آباجي موڪ هوندو هو. پوءِ مسٽر ڪشيوراءِ هيڊ ماسٽر آيو، ۽ مسٽر راما ڪنٽ، پهريون اسسٽنٽ هو. گهڻي پنڌ تان ايندا هئاسين، ۽ شام جو دير سان موٽي گهر ويندا هئاسين، تنهنڪري سبقن ياد ڪرڻ جو چڱو وجهه نه ملندو هو، ۽ اسان جي ڪوشش اها هئي، ته سبق برابر ياد ڪريون ۽ مٿي ويهون، ۽ جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺئين انگريزي اسڪول ۾ نالو ڪڍيو هوسين، تيئن هاڻ اسڪول ۾ به نالو ڪڍيون، تنهنڪري شام جو ڇئين پنجين بجي موڪل ملڻ ۽ اسڪول بند ٿيڻ کان پوءِ به اسڪول جي در وٽ دڪيءَ تي ويهي، ٻئي ڏينهن جي سبق جون معنائون ڪڍي ۽ ياد ڪري، گهڻو ڪم لاهي ڇڏيندا هئاسين. جڏهن اونداهي ٿيڻ لڳندي هئي، تڏهن اتان هلندا هئاسين ۽ ڏيئن ٻرڻ مهل گهر ايندا هئاسين. پوءِ ماني کائي، ٿڪ ڀڃي، وري رات جو ويهي پڙهندا هئاسين. تڏو وڇائي، وچ تي شمعدان يا ڏيائي رکي، يا دلو اونڌو ڪري انهيءَ تي ڏيو رکي، ويهي پڙهندا هئاسين. تڏهن ڪروسن تيل ڪونه هو، ڪڙو تيل ٻرندو هو؛ ٻتيون ۽ چمنيون به عام نه هيون. اسان جون پيٽون به اتي ويهي پڙهنديون هيون؛ بلڪ پاڙي جون ڪي عزيز ڇوڪريون به اتي اچي پڙهنديون هيون؛ انهن کي اما پڙهائيندي هئي. اڪثر قرآن ۽ سنڌي پڙهنديون هيون. صبح جو وري سياري ۾، اُس تي تڏو وجهي، ويهي پڙهندا هئاسين ۽ جڏهن اسڪول ڏي وڃڻ جو وقت ٿيندو هو، تڏهن سنبري، هليا ويندا هئاسين. ڪلاڪ گهڙيال عام نه هئا. هڪڙو وڇڻ وارو وڏو ڪلاڪ، ناني مرحوم وٽ هوندو هو، جنهن کي اٺين ڏينهن ڪنجي ايندي هئي. ٻين ڏينهن ۾ مون کي ياد آهي ته ماستر وشنوگهنشام، آچر جي ڏينهن ايندو هو ۽ اهو انهيءَ کي ڪنجي ڏيئي، ڪوڪ ڪندو هو. بابي وٽ هڪڙي سوني واچ هئي، جا بمبئيءَ کان آندي هئائين، ۽ اڪثر رات جو، پنهنجي سيرانديءَ رکي سمهندو هو. اسان ٻارن، وقت معلوم ڪرڻ لاءِ ڀت تي ڪاٺي ڪوڙي، ان جي پاڇولي جا نشان ڪري ڇڏيا هئا. انهيءَ تي ڪلاڪ شمار ڪندا هئاسين. ڇنڇر جي ڏينهن تمام سويل وڃڻو ٿيندو هو، ۽ آرڙهه ۾، وقت ڦرڻ ڪري، هر روز صبح جو سويري اٿڻو ٿيندو هو. دائي گلڇمن ويچاري، اڌ رات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿي، اٿو پيهي، ساني پچائي ڏيندي هئي، سا آنبن سان يا مربي سان يا ڪنهن ٻي شيء سان کائي، اسڪول روانا ٿيندا هئاسين. چاء جو تڏهن رواج عام نہ هو. نانو ۽ بابو ڪڏهن ڪڏهن پيئندا هئا ۽ چاء بمبئيء مان گهرائيندا هئا، جا سوڪڙي ٿي ايندي هئي. چاء ۾ تڏهن کير ڪين وجهندا هئا، ليڪن کير کان سواء ئي لذّت جهڙي ٿيندي هئي. اهڙي لذت هينئر جي چاء مان نٿي اچي.

گهر ۾، اسين سڀ گڏجي ماني کائيندا هئاسين. ماني، هيٺ گلم يا تڏي تي کائيندا هئاسين. بابو، اما، ۽ پائر پيٺون سڀ گڏجي، ويهندا هئاسين. بابي کي پاڇي گهٽي وٽندي هئي ۽ ليمو يا ٻي ڪٽاڻ بہ گهٽي وٽندي هئي. گوبي ۽ سالد عام نہ هئا، پر بابو سرڪاري باغن مان گهرائيندو هو ۽ ”سالد“، جنهن کي ”ڪاهو“ سڏيندا هئا، سو بابو، شڪنجبين سان گڏي کائيندو هو. آچار ۽ مربا، بابو تمام چڱا ۽ گهڻا جوڙيندو هو، جي مانيء وقت ڪم ايندا هئا؛ بلڪ سُرڪو بہ پنهنجن هٿن سان پاڻ جوڙيندو هو. مٽن ۾ ڀاهي، زمين ۾ پوري ڇڏيندو هو ۽ چاليهن ڏينهن کان پوء ڪڍي، آچار يا کائڻ جي ڪم ۾ آڻيندو هو.

آءٌ اسڪول ۾ انگريزي پڙهندو هوس، مگر گهر ۾ مون کي بابو، فارسي ۽ عربي پڙهائيندو. شعر جا ڪتاب، خاص طرح حافظ، صائب، بيدل جا ۽ شاهنامو وغيره پاڻ پڙهندو هو ۽ آءٌ ٻڌندو هوس. ڪٿي ڪٿي وري مون کي سمجهائيندو هو، آنهيء ڪري، گهر ۾، فارسي لکڻ پڙهڻ جي مون کي استعمالي چڱي ٿيندي هئي. آءٌ وري گهر ۾ پنهنجيء وڏيء ڀيڻ کي فارسي پڙهائيندو هوس. هوء گلستان، بوستان ۽ ٻيا ڪتاب پڙهي، ۽ سنڌي تہ چڱيء طرح لکي پڙهي ويندي هئي. وري جيئن ادو مرزا صادق علي بيگ گهر ۾ پهرين اسان کي انگريزي پڙهائيندو هو، تيئن آءٌ وري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آدي جعفرقلي ۽ نجف قليءَ کي گهر ۾ اڳوات انگريزي پيو پڙهائيندو هوس. جڏهن آءٌ ۽ ادو علي قلي، سنڌي اسڪول مان نڪري، انگريزي اسڪول ۾ ويا سين، تڏهن ادو جعفرقلي ۽ نجف قلي، وري جوڙي ٿي، سنڌي اسڪول ۾ پڙهڻ لڳا، جن سان خميسو يا يوسف يا ٻيو نوڪر ايندو ويندو هو.

انگريزي هاءِ اسڪول ۾ جيئن ادي مرزا صادق علي بيگ پڙهڻ ۽ چڱيءَ چال ۾ نالو ڪڍيو ۽ پوءِ بمبئي ڪاليج ۾ ويو، تيئن وري مون پنهنجي واري ۾ اسڪول ۾ نالو ڪڍيو ۽ هن وانگي امتحانن ۾ مٿي آيس ۽ وڏا وڏا انعام ڪٿيم. ماستر ڪيشو راءِ هيڊ ماستر، مون کي گهڻو پيائيندو هو. اسين پيئي پاڻر صبح جو سويلو گهران هلي، ماستر جي گهر ايندا هئاسين. آتي هو اسان کي خانگي طور پڙهائيندو هو. ڏهين بجي ڌاري ساڻس گڏجي، اسڪول ۾ ايندا هئاسين. سيڪنهن ڪلاس ۾ هميشه مٿي نمبر رکندو هوس ۽ اڪثر پهريون رهندو هوس. جڏهن ڪو صاحبلوڪ يا ڪو وڏو ماڻهو اسڪول ڏسڻ ايندو هو، تڏهن ماستر آنهن سان منهنجي بابت ذڪر ڪندو هو، ۽ جيڪي مضمون منهنجا انگريزي ۾ لکيل هوندا هئا، سي هُنن کي ڏيکاريندو هو. اسڪول ۾ پڙهندي، پادري مسٽر شرٽ جي سڌ ۾ وٺ، انگريزي ميوزڪ يا راڳ پيو سکندو هوس. مسٽر ۽ مسز شرٽ مون تي نهايت مهربان هوندا هئا، ۽ پڇاڙيءَ تائين اهڙا هليا آيا.

پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ يعني سن ١٨٨٧ع ڌاري، ادو مرزا غلام رضا بيگ، هاءِ اسڪول ۾ پرشن ٽيچر ٿيو هو ۽ پارسي پڙهائيندو هو. اسي رپيا پگهار ملندو هوس. مون کي فارسي اڳ ئي ايندي هئي تنهنڪري مئٽريڪيوليشن ۾ عربي وٺڻ جو ارادو ڪيم ۽ پنهنجي منهن پيو پڙهندو هوس ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئيءَ هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار ٿي آيو، تڏهن بمبئيءَ ۾ مون کي وقت بوقت اچي ڏسندو هو ۽ همتائيندو هو. آنهيءَ صاحب جا ڪي خط ٻارهين باب ۾ ڏجن ٿا. (نمبر ۱۵ ۽ ۱۶)

وقت جا پروفيسر يا فيلو سڀ مون منجهان راضي هوندا هئا، ۽ مون تي مهربان رهندا هئا؛ خاص پروفيسر مرزا حيرت، جو مون کي نه فقط شاگرد وانگي، پر پٽ وانگي سمجهندو هو ۽ صحبت ڏيندو هو. منهنجي وقت ۾ ڪاليج جا فيلو، مسٽر سودي ۽ مسٽر واڊيا ۽ مسٽر بابا هوندا هئا. مسٽر واڊيا کي شعر جو محاورو هوندو هو ۽ مون کي شعر جا قانون، خانگي طرح سيکاريندو هو، ۽ جيڪي انگريزي شعر آءٌ ٺاهيندو هوس، تن جي اصلاح ڪندو هو. مرزا حيرت وٽ، آءٌ هر روز شام جو ويندو هوس؛ ۽ رات جو ڪجهه تائين سندس صحبت ۾ رهندو هوس؛ صبح جو به ويندو هوس. آءٌ ڪلارڪ وانگي، سندس خانگي يا سرڪاري لکپڙهه به ڪندو هوس. ڪتاب جيڪي وٺن راءِ ڏيڻ لاءِ ايندا هئا، سي به مون کي ڏسڻ ۽ راءِ ڏيڻ لاءِ ڏيندو هو. امتحانن ۾ سوالن ڪڍڻ ۽ جوابن ڏسڻ ۾ به آءٌ خانگي طرح گهڻي مدد ڏيندو هوسانس. پهرئين سال ئي هن کي معلوم ٿيو ته فارسي ۽ عربي آءٌ زياده ڄاڻان ٿو. اسان کان جيڪي وقت بوقت امتحان وٺندا هئا تن ۾ فارسيءَ جي پيپر ۾ هو هميشه مون کي سوَ مان سؤ مارڪون ڏيندو هو، جنهن تي ٻيا سڀ پروفيسر کِلندا هئا ۽ مرزا حيرت جي هلت تي حيرت ۾ پوندا هئا. خانگيءَ وقت ۾ هو مون سان هزارين مضمونن تي گفتگو ڪندو هو ۽ جدا جدا شاعرن جا شعر پڙهائيندو هو. جيڪي مضمون، نثر جي پوري ٽيڪ تي ڏيندا هئا ۽ جن تي انعام به آڇيل هوندو هو، تن ۾ هميشه فارسيءَ ۾ مون کي انعام ملندو هو. فارسيءَ ۾ آءٌ شعر جوڙي، کيس ڏيکاريندو هوس، تن ۾ درستي ڪندو هو ۽ علم عروض جا قانون چڱيءَ طرح سمجهائيندو هو. پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند ٿيڻ لڳا. مرزا حيرت، تصوف مان واقف هو ۽ پڪو صوفي هو، تنهنڪري سون کي به تصوف جي پوري واقفيت ٿي. مطلب ته جيئن نئڊي هوندي سون پنهنجي پيءُ جي صحبت مان علمي مايو وڏايو ۽ گهٽوئي ڪي پرايو، تيئن بمبئيءَ ۾ مرزا حيرت جي صحبت مان به گهڻوئي ڪي حاصل ڪيم. آنهيءَ لاءِ آءٌ سندس گهڻو شڪرگذار آهيان، ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين احسانمند رهندس.

فارسيءَ ۾ هشياريءَ ڪري ۽ شاگردن جي تعداد زياده هئڻ ڪري، مرزا حيرت جي لکڻ تي، سون کي ڪاليج ۾ فيلو مقرر ڪيائون، جو هيٺين ڪلاسن کي، بلڪ ڪڏهن مٿين ڪلاسن کي به فارسي پڙهائيندو هوس، جهڙيءَ طرح هاءِ اسڪول ۾ پاڻ پڙهندي، ٻين کي پارسي پڙهائيندو هوس. ڪاليج جي پرنسيپالن جا به خط، منهنجي ترقيءَ بابت هيٺ پارهين باب (نمبر ٥ ۽ ٦) ۾ ڏنا ويا آهن. تن ڏينهين سنڌ جي شاگردن مان منهنجا ڪاليج جا سنگتي، مسٽر هاسارام منگهرملاڻي، مسٽر ٽيڪچند واسواڻي، مسٽر ليلارام لالواڻي، مسٽر سهيانومل ملڪاڻي ۽ مسٽر دولت رام هئا، جن مان فقط مسٽر ليلارام اڃا حيات آهي. اتي جا همسبق مسٽر داور، مسٽر چندورڪر، مسٽر آدرجي دلال، مسٽر ڪائوسجي جيجي ڀائي، مسٽر رستمجي پٽيل ۽ ٻيا ڪي هئا، جن مان گهڻا مشهور ٿي گذريا آهن.

انهيءَ وقت جي هڪڙي ڳالهه ياد ٿي پوي، جنهن ۾ سون تي پنهنجي نالائقي ۽ بيعقلي قبول ڪرڻي ٿي پوي: سنڌي شاگردن مان هڪڙي کي، مرزا حيرت جي مهرباني ڏسي، سون کي حسد پيدا ٿيو ۽ انهيءَ، ”ٽائمس آف انڊيا“ اخبار ۾، ڪي خط وڌا، جن ۾ مرزا حيرت جي شڪايت ڪيائين ۽ منهنجي فيلو ٿيڻ تي اعتراض آندائين. آهي خط گمنام هئا، جي ڏسي، مرزا حيرت کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. آخر ٻيا سنڌي شاگرد،

جي منهنجا دوست ۽ زياده خيرخواهه هئا، تن کي خبر پئجي ويئي ته لڪندڙ اهو آهي؛ بلڪ هن هڪڙو پيو خط لکي، نپال ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجي نوڪر کي ڏنو، جو هنن ڪنهن تجويز سان، انهيءَ کان وٺي مون کي ڏنو. مون کي به ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ پنهنجن سنڌي دوستن جي چوڻ تي آهو خط مون وٽي مرزا حيرت کي ڏيکاريو، جنهن کي نهايت ڏک ٿيو ۽ ڪاوڙ به لڳي، ڇا لاءِ جو هو سيني شاگردن تي مهربان هوندو هو ۽ اهو شاگرد، وٽس گهڻو ويندڙ هو. هن آهو خط، چڙ ۾ ڦاڙي ڇڏيو ۽ انهيءَ سنڌي شاگرد کي گهڻو ڳالهايائين ۽ وري ڪڏهن به پاڻ وٽ اچڻ نه ڏنائين. انهيءَ حرڪت ڪري، آءٌ بروقت پشيمان ٿيس ۽ اڃا تائين پشيمان آهيان ته ائين نه ڪريان ها ته چڱو هو!

ڪاليج ۾ پڙهندي، مون لا-ڪلاس، يعني قاعدي جي اسڪول ۾ به پئي پڙهيو، انهيءَ خيال سان ته بي.اي. کان پوءِ، ايل ايل.بي. جي لاءِ وڃي سگهان. قاعدي جو پهريون امتحان جورس پروڊنس به پاس ڪيم.

ڪاليج ۾ مون کي سنڌ جي اسڪالرشپ ويهه رپيا درماهو ته ملندي هئي، پر آتي ڪاليج جي امتحانن پاس ڪرڻ ڪري، بي اسڪالرشپ به ويهين رپئين واري جدا ملندي هئي. انهيءَ کان سواءِ، خانگي طرح ڪي دولتمند پارسي شاگرد، مون کان پارسي پڙهندا هئا ۽ انهيءَ لاءِ پنج-ڏهه رپيا ڏيندا هئا؛ جنهنڪري منهنجو گذران چڱي طرح ٿيندو هو. سنڌ سان آيل نوڪر به مون سان گڏ رهندو هو. بي مدد پئسي جي پنهنجن وڏن پائرن کان - خاص ڪري ادي مرزا صادق علي بيگ کان، وقت بوقت ملندي رهندي هئي. ٽرم پوري ٿيڻ تي مهينو ڏيڍ وئڪيشن ملندي هئي، ۽ انهيءَ ۾ اڪثر آءٌ ڳوٺ ايندو هوس.
ايف.اي. امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن وئڪيشن تي آيس، تڏهن ادو غلام رضا بيگ، جو اڃا ميرپورخاص جي ميرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن ڏينهن، ادو مرزا صادق علي بيگ، اسان جن پيٽن ۾ داين سان اتي اچي رهيو هو. اڳي اسان جي خاندان مان ڪي به پنهنجا اصلوڪا گهر يا ڳوٺ ڇڏي، ٻاهر نه ويا هئا، هميشه سخت پردي ۾ رهندا آيا. پهريون دفعو اسان ائين ڪيو، تنهنڪري اوڙي پاڙي وارا البت خندو ڪرڻ لڳا، پر اسان انهن تي ڌيان ڪونه ڏنو. مامو مرزا علي محمد بيگ، ڊيپوٽي، به تڏهن ڪراچيءَ ۾ رهندو هو، تنهنڪري اسين سڀ گڏ رهڻ لڳاسين. آءٌ به اچي سائن گڏ رهڻ لڳس. مامو عجيب انسان هو؛ تمام چڱي طبيعت وارو ۽ خدا پرست ماڻهو هو. مون سان گهڻي محبت هوندي هيس ۽ آءٌ سندس صحبت ۾ رهي، ڏاڍو خوش ٿيس. شعر ۽ ڪتابن جي مطالعي جو به شوق هوندو هوس، جنهن ۾ آءٌ ساڻس شامل ٿيندو هوس.

سگهوئي پوءِ، سنه ١٨٧٧ع ۾، ادي مرزا صادق علي بيگ جيءَ، مامي مرزا علي محمد بيگ جي گهران شادي ٿي ۽ ۽ انهيءَ کان پوءِ اسان جي وڏي ڀيڻ جي شادي، مامي مرحوم جي پٽ، مرزا ڪلبعلي بيگ سان ٿي، جنهن پوءِ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿي وفات ڪئي. اسان جي ننڍيءَ ڀيڻ جي شادي، مامي مرزا ولي محمد بيگ جي پٽ، مرزا حسين قلي بيگ سان ٿي، جنهن نيٺ مختيارڪاري تي وفات ڪئي. انهيءَ جو مٿي به اشارو ڏنو ويو آهي. ادو مرزا صادق علي بيگ، پنهنجا ٻار ٻچا وٺي، اچي ڪراچي رهڻ لڳو. انهيءَ طرح ٻارن ٻچن کي ساڻ وٺي، ٻاهر نوڪريءَ واري هنڌ ڏانهن وڃڻ جي اسان ۾ رسم شروع ٿي، جا اڳي سخت پردي جي ڪري نه هوندي هئي. گهران ڏوليءَ ۾ ٻار نيا هئا ۽ اسٽيشن تي خلاصو گاڏو ڪري، قنات بيهاري، گاڏيءَ ۾ ويهاربا هئا ۽ ساڳيءَ طرح، وري لهبو هو. انهيءَ ۾ البت پئسو خرچ ٿيندو هو ۽ تڪليف به ٿيندي هئي، پر عزت آبروءَ جي خيال کان لاچار ٿيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ آڌارام، مسٽر بينرجي، آغا پوليس انسپيڪٽر ۽ ڪن ٻين سان. پوءِ جڏهن مسٽر ڏيارام ڄيٺمل، سنڌ ڪاليج کوليو ٿي، تڏهن اهڙي رٿ پيش ڪئي هئائين ته مون کي پارسيءَ جو پروفيسر ڪري رکي؛ پر مون پسند نه ڪيو، جو ارادو هوم ته روينيو کاتي ۾ نوڪري ڪريان ۽ مسٽر حسن علي، تڏهن مدرسو قائم ٿي ڪيو، تنهن کي به انهيءَ ڪم ۾ مدد ڏنيم، جنهن جو ذڪر سندس سوانحعمريءَ ۾ مفصل لکيو اٿم.

انهن ڏينهن ۾، ماسو مرزا علي محمد بيگ، مراد خان پٺاڻ جي اسٽيٽ جو هلائيندڙ مقرر ٿيو هو ۽ حب نديءَ تي رهندو هو، ۽ پٺاڻن سان گهڻو واسطو هوندو هوس. آءٌ به وٽس ڏينهن جا ڏينهن، حبؒ تي وڃي رهندو هوس. پٺاڻن سان ڳالهائيندي ۽ صحبت ڪندي، ۽ هنن جا شعر ٻڌندي، مون کي پشتو سکڻ جو شوق ٿيو. گراسر ۽ ڊڪشنري خريد ڪري، پٺاڻن جي مدد سان پشتو سکڻ لڳس، ۽ گهڻا شعر به ياد ڪيم. سگهوئي پوءِ سردار شيرعلي خان، قندهار جو والي، ۽ سردار محمد حسن خان ۽ سردار حيدرخان ۽ ٻيا ڪي سردار به نظربند ٿي، ڪراچيءَ اچي رهڻ لڳا؛ تن سان به گهڻي صحبت ٿي. انهيءَ طرح، فارسي ۽ پشتو جي چڱي مشغولي ٿي. آغا خان جو وڏو پٽ آغا علي شاهه به تن ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهندو هو، ۽ مسٽر حسنعلي به وٽس گهڻو ويندڙ هو. سنهنجو به ساڻس رستو هو، جو سندس والد آغاخان وڏي، ۽ سندس ڀائٽن ۽ ٻين عزيزن سان گهڻي واقفيت هوندي هئي. آغا خان ۽ سندس مريدن خواجن جي مذهب جو ذڪر، "تحفہ اسماعيليه" ۾ ڏنو اٿم، جو خود خواجن ڇاپايو آهي.

منهنجو ڀاءُ، مرزا جعفرقلي بيگ به پوءِ ولايت مان ڊاڪٽر ٿي آيو، ۽ ڪراچيءَ ۾ اسپتال کوليائين. مسٽر هيرانند، سندس سنگتي هو ۽ اسپتال جي ڪم ۾ گهڻي مدد ڏيندو هوس، ۽ ڪمپائونڊر ٿي ڪم ڪندو هو. مسٽر گپتا ۽ مسٽر بادشاهه

پروفيسرَ بہ تڏهن ڪراچيءَ ۾ هوندا هئا، انهن سان بہ سنگت رهندي هئي.

مون کي ياد آهي تہ اسين سيئي گڏجي، رات جو اڌ رات تائين، ڪراچيءَ جي شهر، بغدادي ۽ پين جاين تي ويس بدلائي گهمڻ لاءِ ۽ ملڪ ۽ ماڻهن جي خبر رکڻ ويندا هئاسين، ۽ انهيءَ جي حقيقت ۽ سڌاري جي نسبت ۾ مسٽر گپتا ۽ مسٽر هيرانند، اخبار ”فنيڪس“ ۾ ليک لکندا هئا. چنڊو خانن، قهوه خانن، ڪچرين، چڪلن ۽ جُوا خانن ۾ ويندا هئاسين؛ ۽ انهن جون ڳالهيون ۽ راڳ ۽ شهر جون پيون خبرون ٻڌندا هئاسين، جن جي ٻُڌڻ جو ٻيءَ طرح امڪان نہ هو. هڪڙي پيري تہ مون کي پٺاڻ بنائي، بغداديءَ جي هڪڙي دلال کي چيائون تہ ”هن خان جي لاءِ، ڪنهن سگهر گهر جي چوڪري گهرجي؛ نہ بازاري زال.“ هن اسان کي چڱا گراهڪ ڄاتي، ٿن-چئن سگهرن جا نالا ٻڌايا، جتان چوڪريون آڻي سگهيو ٿي. پوءِ هڪڙيءَ جي آڻڻ لاءِ چيو ويس. هو اوڏانهن ويو، ۽ پٺيان اسين سڀ ڀڄي هليا وياسين. ويچارو موٽي اچي پشيمان ٿيو هوندو ۽ شايد ويچاري چوڪريءَ کي بہ رُلايو هوندائين، ۽ اسان کي بہ خوب گاريون ڏنيون هونداٿين.

آهو وقت منهنجي جوانيءَ جو هو، ۽ يورپين ماڻهن جي گهرن ۾ وڃڻ جو گهڻو اتفاق ٿيندو هو، ۽ جوان چوڪرين سان صحبت ڪرڻي ٿيندي هئي؛ تنهنڪري انگريزي پوشاڪ، ڪالر، نيڪٽاءِ وغيره جي عادت پئي ۽ ڏاڙهي جي صافي ڏيندو هوس؛ بلڪ انهيءَ وقت اهڙو بہ خيال پيدا ٿيڻ لڳو تہ انهن مان ڪنهن يورپين يا يوريشين چوڪريءَ سان شاديءَ جو بندوبست ڪجي. پر، جڏهن اڃا تہ ڪا نوڪري ڪانہ هئي ۽ نہ وري ٻي پيدائش هئي، تڏهن في الحال اهو خيال مهمل رهجي ويو؛ مگر انگريزي ٻوليءَ ڳالهائڻ ۽ انگريزي راڳ سکڻ ۽ ڳائڻ بلڪ انگريزي ناچ سکڻ جو بہ وجھ مليو. انهن ڏينهن ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي انگريزي شعر چيم، يا اخبار ۾ ڇپايم، يا انهيءَ کان اڳي جيڪي ڪاليج ۾ ٺاهيا هئم، سي سڀ هڪڙي ننڍڙي ڪتاب جي صورت ۾ هڪڙي منهنجي فارسي دوست ڇپايا، جنهن ڪتاب جو نالو ”ليٽر آو رس“ آهي. آهو ڪتاب مون پنهنجي استاد، پرنسپال ورڊ سورٿ جي اجازت سان، ڪيس معنون يا ڊيڊيڪيٽ ڪيو. انهيءَ ڪتاب ۾ منهنجي ڪاليج جي ڏينهن بابت، ۽ امتحان ۾ فيل ٿيڻ بابت، ۽ ڪاليج جي ڊراميٽڪ سوسائٽيءَ ۾ شامل هئڻ بابت، ۽ ڪراچيءَ جي ڪن ڳالهين بابت به ڪي شعر آهن.

تڏهن ڪراچيءَ ۾ مسٽر مچي، مشهور فوٽوگرافر هو، تنهن سان ۽ تنهن جي گهر جي ڀاتين سان به دوستي ٿيم ۽ اڪثر آنهن وٽ اينڊ وويندو هوس. مون ۽ منهنجي ڀاءُ مرزا صادق علي بيگ، تنهن کان فوٽو ڪڍڻ جو هنر سکيو، ۽ پنهنجا اوزار ورتاسين، ۽ تصويرون ڪڍيونسين. اما ۽ پنهنجين ڀنهي ڀيڻن ۽ ڀنهي داين جي ڪڍيل تصوير اڃا اسان وٽ موجود آهي. اڳي اسان ۾ ڪنهن به زال جي تصوير نڪتل ڪانہ هئي؛ بلڪ بابي ۽ ناني جي تصوير به اسان وٽ ڪانهي، جنهن جو اسان کي گهڻو افسوس آهي. اهو هنر اڳي سکون ها تہ بهتر هو.

## باب چوٿون

# منهنجي نوڪريءَ جي ڏينهن جو احوال

مٿئين بيان مان معلوم ٿيو هوندو ته ڪاليج مان موٽڻ کان پوءِ، ٻہ-ٽي سال ڪم ڪار کان سواءِ، هوا کائڻ گشتن ڪرڻ ۽ ڪراچيءَ ۾ دل وندرائڻ ۽ معزز ماڻهن ۽ همخيال دوستن سان صحبت ڪرڻ ۾ گذاريم. پر پوءِ، منهنجي پيءُ، مامي ۽ ڪن ٻين دوستن صلاح ڏني تہ روينيو کاتي ۾، سرڪاري نوڪري ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. انهن جي صلاح موجب آءٌ قاعدن جا ڪتاب ڏسڻ لڳس، ۽ آفيسن ۾ وڃي، ڪم ڏسڻ لڳس. انهن ڏينهن ۾، پهرين ڪرنل لامبرٽ ۽ پوءِ ڪرنل والس، ڪراچيءَ ۾ ڪليڪٽر هئا. انهن جي لکيل اجازت ورتيم تہ مختيارڪاريءَ يا ڪليڪٽريءَ ۾ وڃي، آفيسن جو ڪم ڏسان ۽ واقف ٿيان. لالا گيانچند، سيوهڻ وارو، تڏهن ڪراچيءَ جو مختيارڪار هو، ۽ مسٽر فرامروز پنڏڪي فارسي، تعلقي جو هيڊ منشي هو. انهن سان خاص طرح منهنجي دوستي ٿي ۽ آهي سون کي ڪم سيکارڻ لڳا. اڪثر ڏينهن جو گهڻو ڀاڱو، آفيس ۾ گذاريندو هوس تنهنڪري خزاني، فوجداري توڙي روينيو جي ڪم مان واقف ٿيڻ لڳس. ساڳئي وقت قاعدي جا ڪتاب بہ پئي پڙهيم. آخر مئجسٽريٽيءَ جو امتحان ڏنم. جيتوڻيڪ اهو امتحان انهيءَ سال مشڪل ٿيو هو، پر تڏهن بہ جيڪي اميدوار آيا هئا، تن مان فقط آءٌ هڪڙو پاس ٿيس.

انهيءَ وقت ڏاري منهنجو دوست، مسٽر دولت رام چيتمل، جو ڪراچي هاءِ اسڪول ۾ پرشن ٽيچر هو ۽ سٺ رپيا پگهار ملندو هوس، سو جڊيشل کاتي ۾، سرشتيدار مقرر ٿيو، شڪارپور ويو ۽ انهيءَ جي جاءِ خالي ٿي ۽ سڀني مون کي انهيءَ جاءِ تي ڪم ڪرڻ لاءِ زور ڪيو، جو پارسي مون کي چڱيءَ

هيم ۽ شاديءَ جو خيال به اڳيئي پيدا ٿيو هو، تنهنڪري راڊڻ جي اسٽيشن ماسٽر، مسٽر مريءَ جي وڏيءَ ڌيءَ سان منهنجي گهڻي محبت ٿي وئي. انهيءَ جو نالو ”ائلس“ هو ۽ مون کان ننڍي هئي. آخر انهيءَ سان شاديءَ ڪرڻ جو خيال ڪري، انهيءَ جي ماءُ پيءُ تائين ڳالهه پهچايم. هو منهنجيءَ هلت چلت کان چڱا واقف هئا. آهو مسٽر مري، ڪراچيءَ واري فريئر هال لئبرريءَ جي لئبررين، مسٽر مريءَ جو ننڍو ڀاءُ هو، جنهن سان آءٌ اڳيئي واقف هوس. چوڪريءَ جي پيءُ ماءُ، منهنجي بابت مسٽر شرٽ، حيدرآباد واري پادريءَ کان به پڇا ڳاڇا ڪئي. انهيءَ به منهنجي گهڻي تعريف ڪئي، بلڪ هنن کي صلاح به ڏنائين ته ڀلي سندن چوڪري، مون سان شادي ڪري؛ ۽ مسٽر مريءَ جي ڀاءُ به کين اجازت ڏني. هنن کي اها ڳالهه ويچارڻ هئي ته اسين اصل سنڌ جا نه آهيون، پر ولايت جا آهيون ۽ اصل اسان جو پيءُ ڪرسچن هو. ۽ آءٌ ڪٿي ڪمائڻ جهڙو هوس ۽ آبروءَ جهڙي سرڪاري نوڪري مليل هيم. انهيءَ وقت ڌاري، مير عبدالحسين خان به ڊاڪٽر رائيٽ، ننڍي الهيار واري ڊاڪٽر، جي ڌيءُ سان شادي ڪئي هئي، تنهنڪري مسٽر ۽ مسز مريءَ، پنهي خوشيءَ سان شادي جي موڪل ڏني. منهنجن ڀائرن به مون کي اجازت ڏني، تنهنڪري شاديءَ جي تياري ڪرڻ لڳس. نڪاح جو عقيدو پيش آيو ته ديول ۾ ڪجي يا مسلماني نمونى قاضيءَ جي معرفت، تنهن تي البت لڪيڙهه هلي، پر آخر اهو ٺهراءُ ٿيو ته پنهي هنڌ ۽ پنهي نمونين نڪاح ٿئي، يعني ڪرسچنن جي رسم موجب به ۽ مسلماني رسم موجب به. لاهور جي بشپ وٽ اجازت لاءِ درخواست ويئي، تنهن حڪم ڪيو ته اها شادي روا رکي نه سگهبي، جيسين گهوٽ يعني آءٌ ظاهر طرح ڪرسچن نه ٿيان. پوءِ پنهي طرفن گهڻي ڪوشش ڪئي، ته مير عبدالحسين جي شادي يا ٻين ڪن اهڙين شادين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال تي بشپ پنهنجو حڪم ڦيرائي، پر هن نہ ڦيرايو ۽ مون کي ظاهر ڪرسچن ٿيڻ جي مرضي نہ هئي، تنهنڪري اسان ٻنهي کي گهڻو درد ٿيو. آخر، مات ڪري ويهي رهياسين. سگهوئي پوءِ، مسٽر مري بہ سکر جي پاسي بدلي ٿي ويو، ۽ منهنجي بہ پوءِ بدلي ٿي. انهيءَ کان پوءِ وري بہ مون شاديءَ جي لاءِ، منهوڙي واري مسٽر مائلس، جي هڪڙيءَ ڌيءُ سان لکپڙه ڪئي، جو انهيءَ سان ڪراچيءَ ۾ رهندي، گهرائي پيدا ڪئي هيم. انهيءَ ۾ بہ پوءِ ڪي اعتراض اٿيا، جنهنڪري ناآميد ٿي ويهي رهيس. پر پوءِ، نيٺ منهنجا خيال بدليا ۽ معلوم ٿيم تہ اها خدا جي خاص مهرباني هئي، جنهنڪري اهڙي ڌارئين مذهب واري يورپين قوم مان شاديءَ جو بندوبست نہ ٿيو ۽ آنهي لاءِ پوءِ هميشہ خدا جو شڪرانو پئي ڪيم، ۽ اچا پيو ڪريان. مٿينءَ ڳالهہ جي تصديق لاءِ، باب ٻارهين ۾ پادرين ۽ ٻين جا ڪي خط ڏجن ٿا. پر انهيءَ شاديءَ نہ ٿيڻ ڪري، في‌الحال مون کي ڏاڍ ے صدمو پهتو، جو منهنجي ۽ هن ڇوڪريءَ جي پاڻ ۾ گهڻي محبت هئي. گهڻا ماڻهو تہ اهڙي وقت بدلجي، ڪرستان بہ ٿي سگهن ها؛ پر مون کي فخر آهي تہ اهڙي وقت بہ مون پنهنجي نفس کي روڪيو ۽ مٿس غالب آيس. انهيءَ هوندي بہ مون کي انهن ڪرسچينن تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. آخر منهنجو ويس، انهيءَ قوم کان منهنجي ڀاءُ، ڊاڪٽر مرزا ورتو، جنهن منجهانئن ٻہ شاديون ڪيون ۽ اڄ تائين ٻيا بہ گهڻا پيا وٺن.

مٿين احوال مان معلوم ٿيندو تہ پهرين مون کي سنڌي ديسي شادي پسند نہ هوندي هئي، نہ تہ منهنجي ننڍي ڀاءُ، مرزا علي‌قلي‌بيگ کان اڳي منهنجا مائٽ منهنجي شادي ڪن ها. ٻمبئيءَ ۽ ڪراچيءَ ۾ گهڻي وقت گذارڻ مان اهڙا خيال پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي شادي‌ءَ جي ڏينهن کان وٺي مون پنهنجي خانگي ڊائري شروع ڪئي جا اڃا هلي اچي، ۽ جنهن ۾ لکڻ جهڙيون ڳالهيون داخل ڪندو اچان. جڏهن گهوڙڪي‌ءَ ۾ رهڻ جهڙي جاءِ هٿ ڪيم، تڏهن منهنجي زال به اتي آئي ۽ اتان وري روهڙي‌ءَ بدلي ٿي. اتي به ڪي مهينا گڏ رهياسين. انهي‌ءَ وچ ۾، ڪراچي‌ءَ منجهه، منهنجي زال کي نياڻي ڄائي، جا هوءَ پوءِ پاڻ سان وٺي آئي. اهو سال ١٨٨٩ع هو. انهي‌ءَ سال ۾ مون ڊپارٽمينٽل امتحان ڏنو ۽ پاس ٿيس. ڪرنل ميهو، تڏهن شڪارپور جو ڪليڪٽر هو. اهو خاص طرح مهربان هو، ۽ مسٽر ميولس، اسسٽنٽ ڪمشنر هو، اهو به خاص طرح مهربان هو. ٿن مهينن تائين ائڪٽنگ ڊپوٽي ڪليڪٽر ٿي، شڪارپور جو سٽي مئجسٽريٽ ٿي رهيس. زال ۽ ٻار به مون سان رهندا هئا. اتان موٽي روهڙي‌ءَ آيس. انهي‌ءَ سال منهنجا ننڍا ٻه ڀائر، نجف قلي ۽ حيدرقلي وفات ڪري ويا، جيئن مٿي ڄيو ويو آهي. انهن جي وفات ڪري مون کي نهايت گهڻو ڏک ٿيو، جو هو جوان هئا ۽ اڃا شادي به نه ڪئي هئائون، ۽ حياتي‌ءَ جو ڦل پورو حاصل نه ڪيو هئائون. انهن جي يادگيري‌ءَ ۾ مون هڪڙي ڪافي چئي، جا ٻارهين باب ۾ ڏنل آهي. (ڏسو شعر نمبر ٥).

شادي ڪرڻ کان پوءِ، اسين زال مڙس پاڻ ۾ ڪيئن رهياسين، تنهن جي نسبت ۾ ٻه-ٽي اکر لکڻ ضروري آهن: خاص طرح پنهنجي اولاد جي واقفيت ۽ هدايت لاءِ. شادي ٿيڻ کان وٺي ٻار ٿيڻ تائين، آءٌ ۽ زال پاڻ ۾ سنگتي ٿي رهڻ لڳاسين. جيتوڻيڪ هوءَ مون کان ننڍي هئي. ڪتابن پڙهڻ کان جيڪي سڌاري جون ڳالهيون پڙهي ڪيوسين، تن تي تعميل ڪرڻ جو ارادو ڪيوسين. پهرين تہ خود پنهنجي شادي‌ءَ ۾ جيڪي اجايا ۽ بيمعنيٰ سگڻ سات ۽ خرچ ڪرڻ ۾ ايندا هئا، سي نہ ڪياسين. ٻہ ڄڻا اڪيلا هئاسين، تنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهڻ لکڻ ۽ جدا جدا مضمونن تي ڳالهائڻ جي مشغولي رهيسين. هوءَ هندستاني ڳالهائيندي هئي، تنهنڪري چڱا چڱا اردو ڪتاب ۽ اخبارون هن کي گهرائي ڏنم، ۽ انگريزي ۽ فارسي به هن کي سيکارڻ لڳس. انهيءَ وقت کان وٺي اڄ تائين، اسان جي گهر ۾ هندستاني ڳالهائڻ ۾ ايندي آهي. ٻار ٻچا به اها ٻولي ڳالهائين ۽ زناني پوشاڪ به اڄا اها ڪندا اچون، يعني گون ۽ ساڙهي، نه سٿڻ ۽ چادر وغيره. سُٺي جو ڪم هوءَ چڱو ڄاڻندي هئي سو به پئي ڪندي هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن خاص شيءَ جي رڌڻ پچائڻ جي مشغولي به ڪندي هئي. هڪٻئي ڏي خط پٽ لکندا هئاسين. پهريون خط مون هن ڏي شاديءَ کان پوءِ، گهوٽڪيءَ مان ڪراچيءَ لکيو، سو اڄا موجود آهي. خرچ جي سنڀال به چڱيءَ طرح ڪئيسين، جنهنڪري پئسو به بچت ڪرڻ لڳاسين.

نوڪري شروع ڪرڻ کان پوءِ، ادو جعفرقلي ولايت پڙهڻ لاءِ ويو هو، تنهن کي مون ۽ ادي صادق علي بيگ پنهنجي پگهار مان درماهو خرچ پئي موڪليو- جيسين ڪ هو امتحان پاس ڪري آيو. پوءِ شاديءَ جي خيال ڪرڻ بعد، آءٌ پئسو بچائڻ لڳس، جنهن مان شاديءَ جو سامان، ڪپڙو گندي ۽ زيور خريد ڪيم ۽ شادي ڪيم. شاديءَ کان پوءِ البت خرچ وڌندو ويو ته به ڪوشش ڪري پئسو بچايوسين ٿي. روهڙيءَ ۾ رهندي مون ۽ زال گڏجي، صلاح ڪري، ٻه سنڌي ڪتاب لکيا: هڪڙو "زينت"، جنهن ۾ گهرو سڌارن بابت خيال ڏنل آهن، ۽ خود پنهنجي خاندان جا به اشارا ڏنل آهن، ۽ ٻيو "صحت‌النساء" جنهن ۾ ٻارن جي ڄمڻ، انهن جي پرورش ۽ تعليم جو ذڪر آهي. جڏهن اسان کي پهريون ٻار ٿيو، يعني ڌيءَ ڄائي، تڏهن انهيءَ جي به اسين سڌريل دستور ۽ رسمن موجب پرورش ڪرڻ لڳاسين. سن ١٨٩١ع ۾ وري پٽ ڄائو، يعني نادربيگ، جو ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو، جتي منهنجيءَ

زال جا مائٽ يعني ميان محمد يعقوب ۽ سندن ڪٽنب تڏهن رهندا هئا. سگهو ئي پوءِ، آءٌ پڪو ڊپوٽي ڪليڪٽر ٿـي لاڙڪاڻي آيس، ۽ مسٽر ميولس جي هيٺان ڪم ڪرڻ لـڳس. ٻار ٻچا ٻه مون سان هئا. اتي اسان جي ٻي ڌيءَ، جا پوءِ چانئي هئي، سا سري وئي ۽ اتي دفن ڪئي وئي. پوءِ وري سيوهڻ ڊويزن ۾ آيس، ۽ مسٽر ليوڪس اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪان اچي چارج ورتيم، ۽ ڪوٽڙيءَ واري بنگلي ۾ رهڻ لـڳاسين. اتان وري منهنجي بدلي جيڪب آباد ۾ ٿي، جتي ٽي ورهيه برابر رهيس ۽ سڀ ٻار ٻچا به ساڻ هئم. پوءِ وري نوشهري فيروز ۾ بدلي ٿي، جتي مسٽر قادرداد خان کان چارج اچي ورتم، ۽ هو پوءِ رياست خيرپور جو وزير ٿي ويو. جيڪب آباد ۾ ٽن ورهين تائين رهڻ ڪري، بلوچن جي صحبت ۾ بلوچي ٻولي به سکيس، ۽ لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جو استعمال ڪرڻ لـڳس. انهيءَ وچ ۾ منهنجن ٻين ٻن ٻائرن جا قضيا ٿيا - هڪ ڪراچيءَ ۾، هڪڙو وڏي ڀاءُ مرزا غلام رضا جو، سن ١٨٩٥ع ۾، ۽ ٻيو ڊاڪٽر مرزا جعفرقلي جو، سن ١٨٩٨ع ۾. انهن جون لاشون ڪراچيءَ مان حيدرآباد آنديون ويون، ۽ اسان جي پنهنجي ڳوٺ واري مقام ۾ دفن ٿيون، جتي اسان جي پيءُ ۽ ماءُ ۽ ٻن ننڍن ڀائرن جون قبرون هيون. انهن ٻين ٻن ڀائرن جي وفات جو بيان اسان کي ڏاڍو صدمو پهتو، جو اهي ٻئي پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي، وفات ڪري ويا هئا.

ادي مرزا غلام رضا بيگ جي گهر ۾، مرزا قربان علي گرجيءَ جي نياڻي هئي، جنهن مان هن کي هڪ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ٿيا، جي ٻئي حيات آهن: پٽ جو نالو مرزا منوچهر بيگ آهي، جو ولايت ۾ وڃي ٻئرسٽر به ٿيو ۽ نوڪريءَ ۾ گهڙي ڊپوٽي ڪليڪٽر به ٿيو آهي. ادي ٻي شادي به ڪئي هئي، پر زياده اولاد ڪونه ٿيس. ادي مرزا جعفرقلي جو پٽ، مرزا سڪندر آهي، جنهن جو مٿي ذڪر آيو آهي. پهرين مڙم جي مرڻ کان پوءِ،

هو وري ولايت ويو ۽ ٻي مڊم سان شادي ڪيائين، جنهن مان ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿيس. سندس زال ۽ اهي ٽيئي ٻار حيات آهن. سندس نياڻيءَ جي شادي منهنجي پٽ نادر بيگ سان ٿي، جو ڪراچيءَ ۾ بئرسٽر آهي؛ ۽ منهنجي پهرين نياڻيءَ جي شادي وري مرزا سڊني سان ٿي. انهن ٻنهي کي اولاد آهي جو هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾، ڪٽنب جي شجري مان معلوم ٿيندو.

هيستائين مون کي پنهنجو خلاصو گهر رهڻ لاءِ ڪونه هو. ٺوڙهي جي ٽنڊي وارو، ٻيءَ ماءُ وارو گهر، منهنجن ٽن ڀائرن، ادي مرزا غلام رضا بيگ، ادي مرزا صادق علي بيگ، ادي مرزا علي قلي بيگ ۽ سندن ٻارن ٻچن جي لاءِ مس پورو هو. جڏهن آءٌ زال ۽ ٻارن سان ڳوٺ ويندو هوس، تڏهن انهن مان گڏ رهندا هئاسين. مگر هاڻ خيال ڪيوسين ته پنهنجو گهر ٺهرائجي - هڪڙو ڪراچيءَ ۾ ۽ ٻيو حيدرآباد ۾. انهيءَ ارادي سان پگهار مان سؤ ٻه يا وڌيڪ، هر مهيني بچائيندا وياسين. ڪراچيءَ ۾ عيدگاهه جي پرسان، سردار محمد يعقوب جن جو گهر هو. انهيءَ کي ويجهو زمين ٽڪر خريد ڪري، بنگلو جوڙايوسين. سيٺ واحد ڏنو ميمڻ، محمد يعقوب جو دوست هو، تنهن کي اهو ڪم ڏنوسين. هو پنهنجي خرچ سان، بنگلو جوڙائيندو ويو، ۽ اسين هر مهيني هن کي جيڪي پگهار مان بچائي سگهندا هئاسين، سو موڪليندا هئاسين. آخر اهو بنگلو تيار ٿيو ۽ مٿس ڏهه هزار رپيا لڳا، ۽ اهو في الحال پنجاهه رپئي ڪرايي تي ڏنو ويو. حيدرآباد ۾ وري پنهنجي اصلوڪي گهر جي اندر ۾، ٻه خانگي گهر، جي اصل ميان ابراهيم ۽ سندس پٽن جا هئا، تن کان زمين ورتي، انهيءَ تي هڪڙو پڪو گهر، پنهنجي ننڍي ڀاءُ، ادي مرزا علي قلي بيگ جي معرفت جوڙايوسين؛ جنهن تي پنج هزار رپيا لڳا؛ جنهن ۾ پوءِ، وقت بوقت اچي رهڻ لڳاسين ۽ اڃا تائين اسين انهيءَ ۾ رهندا اچون. انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻاهر وري هڪڙي اوطاق جوڙائيسين، جا اجا ڪم ۾ پئي اچي.

انهيءَ وچ ۾، سنه ۱۹۰۰ع ۾، منهنجي پٽ نادر بيگ ۽ ننڍيءَ ڌيءَ کي اوچتو ڪالرا يا وبا جو اثر ٿي ويو. هنن جي بچڻ جي بلڪل اميد ڪانه هئي. آخر ڌيءَ مري ويئي ۽ نادر بيگ بچيو. انهيءَ ڌيءَ جو اسان زال مڙس کي نهايت گهڻو غم ٿيو، ۽ گهڻيءَ مدت تائين هليو جو هوءَ ڏاڍي هشيار ۽ ڳالهائڻ جي چالاڪ هئي. پهريون پٽ بابر بيگ ڄائو هو، سو ٻه وڏيرڙو ٿي مري ويو. وري ٻي ڌيءَ ڄائي، سا به مري ويئي. پوءِ وري اختر بيگ ڄائو، جو اجا حيات آهي. ڌيءَ جي مرڻ جي ڏک ۽ بي آراميءَ ڪان مون فرلو موڪل ورتي، ۽ آرام ورتم. اها فرلو موڪل، مارچ ۱۹۰۲ع ڪان ورتيم.

انهيءَ وقت حيدرآباد ۾، ۽ آسپاس پليگ هئي. اها پهريون دفعو پئي هئي، تنهنڪري شهر ۾ لڏ پلاڻ گهڻي هئي. ادو مرزا علي قلي اڳيئي بيمار هو، سوريءَ جي بيماريءَ ڪان ڪراچيءَ ڪان موڪل وٺي آيو هو، پر پوءِ زياده بيمار ٿي پيو، ۽ آخر سن ۱۹۰۴ ۾ وفات ڪيائين. اسان جن گهرن ۾ ڪٺا مرڻ لڳا، تنهنڪري اسين پنهنجا گهر ڇڏي، پنهنجي باغ ۾ وڃي ويٺاسين. اتي منهنجي زال کي پليگ جي بيماري ٿي پئي. پيٽ سان هئي، تنهنڪري ويامي پئي. ڌيءَ ڄڻيائين، پر اها به ترت مري ويئي، ۽ پاڻ وفات ڪيائين، جيتوڻيڪ دوا لاءِ گهڻا طبيب ۽ ڊاڪٽر اچي گڏ ٿيا هئا، پر آخر ۱۹- تاريخ، مهيني مارچ، ۱۹۰۴ع ۾ وفات ڪئي. اها محرم جي پهرين تاريخ هئي. هن کي پنهنجي مقام ۾ دفن ڪيو ويو. سندس وفات جي تاريخ، فارسي شعر ۾ جوڙي، سندس قبر جي سيرانديءَ پهڻ تي اڪرائي ويئي، جا اجا ڏسڻ ۾ پئي اچي.

هن سان شادي ڪئي پندرهن ورهيه ۽ اڍائي مهينا ٿيا هئا، ۽ ۳۳ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين. انهيءَ عرصي ۾ هن

مون کي هرطرح خوش ۽ راضي رکيو، ۽ منهنجي چڱي خدمت ۽ مون سان گهڻي همدردي ڪيائين، ۽ فرمانبردار رهي. مون سان توڙي منهنجي اولاد سان تمام گهڻي محبت هوندي هيس. پوئين بيماريءَ ۾ به مون کي يا ٻارن کي ويجهو اچڻ نٿي ڏنائين ته متان پليگ وچڙي وڃي. پر مون کان جيترو ٿي سگهيو، اوترو سندس خدمت ۽ علاج ڪيم. انهيءَ قضيي جي ڪري مون کي ڏاڍو صدمو پهتو. سندس فوٽو اڳيئي ورتل هو، بلڪ سندس آواز به فونوگرام ۾ ورتل هو، جو اڃا تائين ڪڏهن ڪڏهن ٻڌي، هن کي ياد ڪندو آهيان. هن مان مون کي ٽي ٻار رهيا آهن: نادر بيگ، اختر بيگ ۽ هڪڙي نياڻي، جا مرزا سڪندر بيگ جي گهر ۾ آهي، جنهن مٿي به چيو ويو آهي.

انهن خانگي اتفاقن ڪري، منهنجي فرلو موڪل عذابن ۾ ڏکن ۾ گذري. زال جي وفات کان پوءِ، غمگينيءَ ۽ اڪيلائيءَ ۾ گذارڻو پيو. جڏهن موڪل اچي پوري ٿي، تڏهن نوڪريءَ تي وڃڻ لاءِ دل نه پئي چيو. ڪوشش ڪئي ويئي ته ڊاڪٽر جي سرٽيفڪيٽ تي بيماريءَ جي وڌيڪ موڪل وٺان، پر اهو به بندوبست نه ٿي سگهيو. سڀني عزيزن ۽ دوستن صلاح ڏني، بلڪ زور ڪيو ته دل جي وندر لاءِ نوڪريءَ جي مشغولي چڱي آهي، ۽ موڪل ۾ به مفت اڌ پگهار ضايع ٿو ٿئي؛ تنهنڪري آخر مهيني مئي، سن ١٩٠٥ع ۾، وري نوڪريءَ ۾ پنهنجي اڳوڻي جاءِ، ڪوٽڙيءَ واريءَ تي آيس، جتي ڳوٺ جي ويجهڙائي به هئي ۽ ڪم جي هلڪائي به هئي. پر انهيءَ هوندي به گهر جي اڪيلائيءَ جي ڳڻتي رهندي هئي. اگرچ انهيءَ وچ ۾ ادي مرزا صادقعلي بيگ پينشن ورتي هئي ۽ گهر رهندو هو، ۽ منهنجن ٻارن ٻچن جي به سنڀال پئي ڪيائين. نادر بيگ اسڪول ۾ پڙهندو هو. اختر بيگ ننڍڙو هو ۽ منهنجي ڌيءَ اچي وڏي ٿي هئي. گهر ۾ فقط نوڪريائيون هيون، تنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ پنهنجن ٻارن جو انهيءَ طرح بندوبست ڪري ڇڏيم، پر تڏهن به مون کي اڪيلو رهڻو ٿي پيو. منهنجي زال مون سان اهڙو چڱو گذاريو هو جو اهڙي خانگي صحبت کان سواءِ گذارڻ مون کي مشڪل نظر آيو، ۽ هردم زال کي ياد پئي ڪيم، ۽ هميشه آپاڻڪو پئي گذاريم. خاص ڪري جڏهن پنهنجي گهر ايندو هوس، تڏهن پاڻ کي اڪيلو ڏسي، ڏاڍو درد ٿيندو هوم. آخر منهنجي اها حالت ڏسي، ادي مرزا صادقعلي بيگ ۽ سردار محمد يعقوب وري شادي ڪرڻ لاءِ صلاح ڏني. ڪراچيءَ ۾ ۽ بمبئيءَ ۾، هڪڙي ٻن هنڌن تي، شاديءَ جو چڱو بندوبست ٿي ٿي سگهيو؛ جو اهي سڌريل ۽ خانداني گهر به هئا ۽ پئسي وارا به هئا. جيتوڻيڪ منهنجي پهرين زال به ڌارين مان هئي، پر تڏهن به وڏيءَ عمر جي ڪري، ۽ پهرين زال جي ٻارن موجود هئڻ جي ڪري، مون خيال ڪري مناسب سمجهيو ته هاڻي ڌارين مان شادي ڪرڻ غلط آهي؛ متان منهنجي مرڻ کان پوءِ هوءَ وري پنهنجن مائٽن ۾ هلي وڃي يا اڳين ٻارن سان ناسازي ڪري. ۽ پنهنجي خاندان مان ڪا زال مون سان يا منهنجن ٻارن سان زياده همدردي ڪرڻ واري ٿيندي؛ تنهنڪري پڪ ڪيم ته پنهنجن مان شادي ڪجي. آخر پنهنجي ماروٽ، مرزا قزلباش، جي نياڻي جو ٺهراءُ ٿيو ۽ شاديءَ جي تياري ڪئي ويئي. پر سگهوئي مرزا متين بيماريءَ ۾ بيمار ٿي اوچتو وفات ڪئي، ۽ ٻيا به ڪي عزيزن جا قضيا ٿيا. سردار محمد يعقوب، جو رياست خيرپور جو وزير هو، تنهن به اوچتو وفات ڪئي، تنهنڪري شادي مهمل رهي. آخر، سن ١٩٠٧ع جي مئي مهيني ۾ منهنجي شادي ٿي، ۽ اسين ٻئي وري به هڪٻئي جي صحبت ۽ سنگت ۾ خوش رهڻ لڳاسين ته اوچتو ٻئي سال، سن ١٩٠٨ع جي مئي مهيني ۾، اها زال به هڪڙو پٽ ڄڻي، ويم ۾ ئي مري وئي. انهيءَ زال سان به منهنجي گهڻي محبت هئي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر هاڻي ڪليڪٽر صاحب، حيدرآباد، جي آفيس ۾ ڪلارڪ آهي. انهيءَ کان ننڍا، انگريزي ۽ سنڌي اسڪولن ۾ پيا پڙهن. منهنجيون نياڻيون به چڱيءَ طرح پڙهي لکي ڄاڻن، ٿوري انگريزي به ڄاڻن، ۽ سئيءَ جو ڪم ۽ پيا زنانا هنر به ڄاڻن. منهنجن پٽن ۽ ڌيئرن جي اولاد جي ڄمائي، هيٺ ڏنل شجري مان معلوم ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پنجون

# منهنجي پيريءَ ۽ گوشه نشينيءَ جو احوال

جيستوڻيڪ مون ٽيهه ورهيه سرڪاري نوڪري ڪئي ته به مون کي هميشه دل ۾ اها خواهش رهندي هئي، ته نوڪري پوري ڪري، پينشن وٺي ويهان ته پنهنجي دل جي خواهش موجب ڪتابن مطالعي ڪرڻ ۽ لکڻ جي مشغوليءَ ڪريان ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ زياده وقت گذاريان. جيستوڻيڪ نوڪريءَ هوندي به انهيءَ مشغوليءَ ۾ رهندو آيس- ڏينهن جو جڏهن به سرڪاري ڪمن کان فرصت ملندي هئي، تڏهن ائين ڪندو هوس، پر رات جو خاص طرح اهو ڪم ڪندو هوس ۽ انهيءَ لاءِ پنهنجي ننڊ ۽ پنهنجو سک ڦٽائيندو هوس. نوڪريءَ هوندي به اڪثر مون کي اڪيلائيءَ ۽ گوشه نشينيءَ ۾ رهڻ ۽ اڪيلائيءَ ۾ خيال ڪرڻ وڌيڪ پسند ايندو هو:

دوزخ ۾ يا بهشت ۾ شل هيڪلو هجان،
تنهائي جهڙو خلد نه ٻيو جڳ ۾ ٿو ڏسان.

گهڻو ڪري صبح جو اڪيلو گهمڻ نڪري ويندو هوس، جيئن اجا ڪندو اچان ۽ قبرستانن، قبن، يا ڦٽلن ڳوٺن ۽ دڙن ۾ وڃي ويهندو هوس. زماني جي گردش، ۽ وقت جي گذرڻ ۽ انسان جي حالت ۽ خدا جي قدرت جي نسبت ۾ خيال پچائيندو هوس. پر جڏهن نوڪريءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري خانگي ڏکن، مصيبتن ۽ صدمن جا اتفاق ٿيڻ لڳا، دل بي آرام، غمگين ۽ ملول رهڻ لڳي، تڏهن ته پاڻ اڪيلائي ۽ گوشه نشينيءَ جا خيال زياده پيدا ٿيا ۽ خدا کان دعا گهرندو هوس ته ڪنهن طرح سان جلد جند ڇڏائي آزاد ٿيان ۽ پنهنجي دل گهري مشغوليءَ ڪريان:

دل جي خلوت ۾ تماشو ٻن جهانن جو ڏسان،
منجهه گريبان ان ڪري پنهنجو مٿو نيت آءٌ رکان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڊ خلوت جي ۾ ويهي بادشاهي ٿو ڪريان،
ڏس ته پر عنقا اسان جي جو هما جو پَر ٿيو.

---

ڪنڊ قناعت جي لڌي جنهن نه، لڌو تنهن ڪي ڪين،
گوشو خلوت جو ڏٺو جنهن نه، ڏٺو تنهن ڪي ڪين.

هڪڙي پيري ياد اٿم ته مختيارڪاريءَ جي عرصي ۾ پنجن اٺن ورهين جي نوڪريءَ کان پوءِ، ڪو اسسٽنٽ ڪليڪٽر، بدطبيعت بالا آفيسر ٿي آيو. انهيءَ جي زيردستي ڪن سببن ڪري موافق نه آئي. دل ۾ آيم ته نوڪري ڇڏي ڏيان ۽ وڃي اسڪول يا ڪاليج ۾ پڙهائڻ جي نوڪري ڪريان، جا دل جي خيالن سان موافق آهي ۽ جنهن ۾ مقرر وقت کان وڌيڪ پابندي ڪانهي ۽ وئڪيشن به ملي ٿي ۽ خانگي مشغولي ڪرڻ لاءِ به زياده وقت ٿو ملي.

دل جي خلوت ۾ ٿا عارف عالمن جو سير ڪن،
آرسيءَ جي ڪنڊ ۾ ٿيو پاڇي کي پيرن هيٺ سج.

پر عزيزن ۽ دوستن صلاح ڏني ته گذريل نوڪري ضايع نه ٿيڻ گهرجي، ۽ جدا جدا بالا آفيسر پيا واري سان اچن ۽ وڃن- هڪڙا چڱيءَ طبيعت جا پيا خراب طبيعت جا، وقت گذري ويندو. تنهنڪري لاچار ٿي رهي پيس ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو ۽ گهڻا مهربان بالا آفيسر آيا، جن گهڻي مدد ڪئي ۽ راضپو ڏيکاريو.

انهيءَ طرح، جڏهن نوڪري جي پڇاڙي ٿي، تڏهن فرلو موڪل وٺي ٽيهه ورهيه پورا ڪيم، ۽ هڪ به يا ٽي سال وڌيڪ نوڪري ڪرڻ جي خواهش نه ڪيم، جيئن اڪثر ڪرڻ ۾ ايندي آهي ۽ اجا آءٌ نوڪري چالاڪيءَ سان ڪري ٿي سگهيس. پينشن وٺڻ مهل، منهنجي عمر ٥٥ ورهيه هئي، ۽ پنجويهن ورهين جي عمر ۾ نوڪري شروع ڪئي هيم. تنهنڪري انهيءَ وقت آءٌ جواني ڇڏي، پيريءَ ۾ داخل ٿيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر نوڪريءَ جي محنت، ڪشالي، ورزش، تندرستي ۽ عادتن جي خيال سان مون اچا پاڻ کي بلڪل جوان ٿي ڄاتو. پيريءَ جي نسبت منهنجو شعر آهي جو ويچار جوڳو آهي:

سکهه هوندي منهنجي گوشہ نشيني جو ٿي سبب،
هن خلق بيحيا جو، خدا شل پلو ڪري.

آءٌ اچا تائين گهمڻ ڦرڻ، هوا کائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ايترو ڪندو اچان، جيترو نوڪريءَ ۾ ڪندو هوس بلڪ زياده. خدا جي مهربانيءَ سان اچا تائين مقرر عادتن جي ڪري اڪثر تندرست رهندو اچان، ۽ بيماري گهٽ ٿيندي آهي. ڏند به قائم اٿم، نظر به چڱي اٿم؛ جيتوڻيڪ سنهن اکرن پڙهڻ وقت چشمو ڪم آڻيندو آهيان: تنهنڪري پيري ۽ گوشه نشيني آرام لاءِ نئي گهريم پر خيالن ۽ ڪمن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ لاءِ ٿي گهريم. جيتوڻيڪ اڪيلائي پسند هيم، تہ بہ، جڏهن ڪم ڪري ٿڪبو هوس يا اچا بہ ٿڪبو آهيان، تڏهن موافق صحبت ۽ گفتگو وٺندي اٿم. پر عمر ۽ خيالن جي نظر تي اهڙا موافق دوست نٿا ملن، خصوصاً جهنگ ۾ جتي اسين رهون ٿا ۽ جتي اڪيلائيءَ منجهہ بي اڪيلائي اڪثر موجود آهي. تنهنڪري زال ۽ ٻارن ٻچن جي سنگت ۽ انهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ، پرورش ۽ تعليم جي مشغولي زياده پسند ايندي آهي. انهي ئي ڪري، هڪڙي زال مرڻ جي ڪري ٻي شادي ڪيم، بلڪ پهرين زال مان ڪن ننڍن ٻارن جي هئڻ جي حالت ۾ انهن جي سنڀال وغيره لاءِ بہ ٻي شاديءَ جو ضرور ٿيو. انهيءَ ڪري جهڙو نوڪريءَ جي ڏينهن ۾ ٿهڙو پوءِ، اڄ تائين فرصت جي وقت اها وندر ۽ مشغولي رکندو اچان. انهيءَ ڪري پينشن وٺڻ کان ٿورو اڳي، موڪل جي عرصي جي پڇاڙيءَ ۾، يعني سن ١٩٠٩ع ۾ ٻوٺين شادي ڪيم، جنهن جو اشارو مٿي بہ ڏنو اٿم، ۽ اڳتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، موڪليندو آهيان؛ بلڪ ڪنهن ڪتاب جي لکڻ ۾ ڪو مدد گهرندو آهي ته اها به خوشيءَ سان ڏيندو آهيان. سڪولن، آها به ڪاليجن، پين مخزنن ۽ رسالن ۾ وجهڻ لاءِ ڪو مضمون يا شعر گهرندا آهن ته اهو به خوشيءَ سان ڏيندو آهيان، يا ڪتابن جي سنڌ ۾، ديباچي يا تمهيد وانگي لکي ڏيڻ لاءِ چوندا آهن ته اهو به لکي ڏيندو آهيان. سرڪاري لٽريچر ڪميٽي جو ته ننڍي هوندي کان ميمبر رهيو آهيان، ۽ ورهين کان سرڪاري ٽيڪسٽ بُڪ ڪميٽيءَ جو ميمبر آهيان. ساڳيءَ طرح، بمبئي جي پراونشل ٽيڪسٽ بُڪ ڪميٽي جو به ميمبر آهيان. عربي، فارسي ۽ اردو جا نوان ڪتاب جيڪي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن وٽ ايندا آهن، ۽ هو موڪليندو آهي، تن تي راءِ ڏيندو آهيان. انهيءَ کان سواءِ، علمي يا اخلاقي يا پنگتي سوسائٽين يا جماعتن ۾ ليڪچر ڏيڻ يا انهن لاءِ ڪنهن مضمون لکڻ لاءِ چوندا آهن ته اهو به لکندو آهيان. انهيءَ بابت به مفصل ذڪر هيٺ ايندو.

سرڪاري ڊيپارٽمينٽل امتحان يا يورپين آفيسرن جي سنڌي امتحان لاءِ اڪثر ڪمشنر صاحب مون کي چوندو آهي ۽ سڏيندو آهي ته اهو ڪم به وڃي ڪندو آهيان. تعليم جي نسبت ۾ سرڪاري يا خانگي ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چوندا آهن ته خوشيءَ سان شامل ٿيان، سندن فرمائش موجب تقرير يا تحرير ڏيڻ کان نه نٽائيندو آهيان. جانورن کي ظلم کان بچائڻ لاءِ جا حيدرآباد ۾ اڌ سرڪاري سوسائٽي آهي، تنهن جو به ميمبر آهيان، بلڪ وائس پريزيڊنٽ به ٿي رهيو آهيان. انهيءَ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن ضروري ليک به لکندو آهيان. انهيءَ کان سواءِ شهر جي بلڪ سنڌ جي انجمن اسلاميہ جو به ميمبر آهيان؛ خاص ڪري انجمن اسلاميه، حيدرآباد، يا شيعا ڪانفرنس، آل انڊيا، واري جو به ميمبر آهيان. بلڪ انهيءَ جي مرڪزيءَ ڪميٽي جو ميمبر آهيان، جنهن جو هيڊڪوارٽر لکنؤ ۾

يا لاهور ۾ هوندو آهي. ٿورن ڏينهن ڪان سنڌ جي پبلڪ سروس ڪميٽي جو به ميمبر آهيان، ۽ انهيءَ لاءِ جيڪي مناسب مضمون نظر ايندا آهن، سي به لکي ڏيندو آهيان ۽ جيڪي مضمون ٻاهران ايندا آهن، تن تي به راءِ ڏيندو آهيان.

اهي آهن مشغوليون، جي پينشن وٺڻ کان پوءِ رکندو اچان ۽ جي دل جي ميل موافق آهن. ميونسپالٽي ۾ ڪائونسلر ٿيڻ لاءِ يا لوڪل بورڊ ۾ ميمبر ٿيڻ لاءِ يا اسپيشل مجسٽريٽ يا بينچ مجسٽريٽ ٿيڻ لاءِ، آفيسرن وقت بوقت مهرباني ڪري آڇ ٻي ڪئي آهي، بلڪ زور ٻي ڪيو اٿن ته به مون معافي گهري قبول نه ڪئي هوندي، جو اهو ڪم منهنجي طبيعت جي مواقق نه آهي. بلڪ ڪائونسل ۾ وڃڻ لاءِ به سنڌ جي گهڻن دوستن صلاح ڏني هوندي ته به مون قبول ڪئي هوندي، خيرپور رياست جي وزيري خالي ٿيڻ وقت، ميرعلي مراد خان کان پوءِ ميرفيض محمد خان جي وقت کان وٺي مير صاحبن پاڻ مهرباني ڪري وزير ٿيڻ لاءِ چيو هوندو ته به مون عذر ڪري معافي گهري هوندي جو گهڻن سببن ڪري اهو ڪم منهنجي طبيعت جي برخلاف هو. نه ته اها اهڙي فائدي ۽ پيدائش ۽ اختياريءَ ۽ هلندي واري جاءِ هئي ۽ آهي، جو منهنجي درجي جا ديسي آفيسر جيڪر خوشيءَ سان قبول ڪن ۽ انهيءَ جي هٿ آڻڻ لاءِ سٽا هڻن.

مٿئين مختصر بيان مان معلوم ٿيندو ته سرڪاري نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ، پينشن وٺڻ بعد، مون ڪي ڇئن قسمن جي مشغولي رهندي آهي: پهرين ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ تعليم ڏيڻ جي؛ ٻي خلق جي سڌاري، فائدي ۽ مدد وٺڻ جي، خاص علم ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ؛ ٽي ڪتابن لکڻ ۽ شعر ڻاهڻ جي، جنهن مان پڻ خلق جي فائدي جي نظر آهي، نه پئسي جي ۽ پيدائش جي؛ ۽ چوٿين پنهنجي جند جي بهتري ۽ خدا تعاليٰ جي بندگيءَ جي، جنهن جو ذڪر هيستائين نه

ڪيو ويو، جو هيٺ مفصل ڪيو ويندو. ڏينهن جو ڪجهه پاڱو ۽ رات جو خاص طرح گهڻو پاڱو خدا جي بندگيءَ ڪرڻ لاءِ چڱو لڳي ٿو، جو وجهه نوڪريءَ جي وقت پوريءَ طرح ملي نٿي سگهيو. جيترَ يقدر ٿي سگهي ٿو اوترَ يقدر اها مشغولي دل جي شوق ۽ چاهه سان ڪجي ٿي—گهڻي فڪر ۽ خيال سان ڪجي ٿي. انهيءَ هوندي به ٻارن ٻچن ۽ ٻين دنيا جي ڪمن جو خيال ۽ انتظار رهي ٿو، جنهنڪري خيال ٻئي پاسي ڇڪجي وڃي ٿو. دنيا کان اصل تارڪ ٿيڻ کان سواءِ اها حالت موجود ٿي نه سگهندي. پر انهيءَ صورت ۾ پنهنجن پراون يا عام خلق جي خدمت ڇا ڪري سگهبي! حالت اهڙي آهي جهڙي شيخ سعدي فرمايو آهي ته:

غمِ فرزند و نان و جامه و قوت، بازت آرد ز سيرتِ ملڪوت؛
شب چو عقدِ نماز مي بندم، چه خورد بامداد فرزندم!

انهن مشغولين جي خيال سان عام ماڻهن جي راءِ منهنجي نسبت ۾ چڱي به هوندي ۽ خراب به هوندي. پيري ۽ خانه نشينيءَ جي حالت ۾ گهڻن ڪتابن لکڻ ۽ گهڻي اولاد هئڻ جي حالت ۾ منهنجو دوست، ديوان ڪوڙو مل، چرچي ماں مون کي ”ڪتابن جوڙڻ جي ڪل سڏيندو هو.“ هو هميشه مون کي وري شادي ڪرڻ کان منع ڪندو هو، انهيءَ لاءِ ته چڙهو رهي فقط خدا جي بندگي ڪريان، جيئن پاڻ ڪندو هو. پر مون کي پيا به انساني فرض بجا آڻڻا هئا.

اهڙن سرٽيفڪيٽن ملڻ تي آءٌ گهڻو شرمندو ٿيندو آهيان، مگر اهي ٻيئي منهنجي خاص ڪوشش کان سواءِ قدرتي طرح پاڻهي پيا ٿين. منهنجو اختيار نٿو هلي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ڇهون

# منهنجي وقت جا ڪي مشهور ماڻهو ۽ معزز دوست

ننڍي هوندي کان وٺي اڄ تائين، منهنجي وقت جا ڪي مشهور ماڻهو ۽ معزز دوست، جن سان منهنجو واسطو رهيو ۽ جن سان ڪن جو مٿي اشارو به آيو آهي، تن جو هتي ڪڏ مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جو انهيءَ ڪري هنن جي يادگيري تازي ٿيندي ۽ مون کي فخر ۽ خوشيءَ حاصل ڪرڻ ۽ حق گذاريءَ ادا ڪرڻ جو وجهه ملندو.

پهرين ته مون کي پنهنجي پيءُ، ماءُ، ناني ۽ مامن جهڙن بزرگ عزيزن جي ڏسڻ ۽ انهن سان رهڻ ۽ انهن جي صحبت ڪرڻ جو شرف حاصل هو. دنيا ۾ گهٽيئي ماڻهو آهن جن کي اهو شرف حاصل ڪونهي. مثال لاءِ خود اسان جي خاندان ۾ ڪي اهڙا ماڻهو آهن، جيئن ته منهنجي پيءُ ۽ ناني کي پنهنجو پيءُ ۽ ماءُ مس ياد هئا، ۽ ننڍپڻ کان انهن جي جدائيءَ ۾ گذاريائون. منهنجي پٽ همايون، پنهنجي ماءُ نه ڏٺي، جو ڄمڻ کان پوءِ سندس ماءُ مري ويئي، ۽ ڊاڪٽر مرزا جعفرقليءَ جو ننڍو پٽ، ايڊورڊ، پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ڄائو ۽ پيءُ نه ڏٺائين.

ناني ۽ بابي جي سنگتين ۽ انهيءَ وقت جي نامدار ماڻهن کي مون ڏٺو ۽ گهڻن سان صحبت ڪيم، جيئن ته مير حسين علي خان، مير حسن علي خان، مير محمد خان، آغا زين العابدين شاهه، آغا صادق شاهه، آغا جعفرشاهه، آغا گدا علي شاهه، آغا امام علي شاهه، آغا غلام نبي شاهه ۽ آغا محمد علي شاهه ۽ ٻيا، جن مان گهڻا قابل حڪيم، عالم ۽ شاعر هئا. اسان جي ڳوٺ ۾ جيڪي مير صاحبن جي ديرن سان واسطو رکندڙ پيرمرد هئا، سي به مون ڏٺا. جڏهن حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اسڪولن ۾ ٿي پڙهياسين، تڏهن ميان محمد مخدوم، جو پهرين نارمل اسڪول جو ماستر هو ۽ پوءِ ڊيپوٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر هو، جنهن وٽ آءٌ ڪي ڏينهن پڙهيس به، قاضي؛ حاجي احمد ۽ آخوند ولي محمد، جي منهنجا استاد هئا ۽ پوءِ پئي ڊيپوٽي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيا. انگريزي اسڪولن ۾ پڙهندي ماستر وشنو گهنشام، مسٽر پنڊارڪر، مسٽر رانادي، مسٽر ڪيشوراءِ ۽ مسٽر راماڪنٺ ڏنم ۽ وٽن پڙهيس. مسٽر ڪوڙومل، مسٽر غلام علي، مسٽر تاراچند شوقيرام، مسٽر چوهڙمل ۽ مسٽر جهمٽ مل سان به وقت گذاريم ۽ پهرين پن وٽ ته ٿورو وقت پڙهيس به. حيدرآباد شهر جي قديم مسلمانن مان ڪي ٿورا جهونا واقف ڏيندس: سيد قطب شاهه جهانيان وارو، سيد قاضي يوسف شاهه، سيد فاضل شاهه، سيد محمد علي شاهه، سيد ثابت علي شاهه ثاني، سيد تقي شاهه، آخوند محمد قاسم هالائي، مخدوم حبيب الله، مرزا لطف علي ۽ سندس پائر، مرزا علي اڪبر شيرازي فوجدار، آخوند خدابخش، آخوند حبيب الله، نواب دوستعلي خان ٽوڙهو، مرزا خورشيد لکنوي، اميد علي نقاش، آخوند محمد صديق، آخوند لطف الله، آخوند عبداللطيف ۽ پيا. اهي سڀ وفات ڪري ويا آهن.

ديوانن مان ديوان شوقيرام سان به صحبت ڪيم جو آءٌ مسٽر تارا چند ۽ مسٽر نولراءِ جن وٽ ويندو هوس، ۽ ديوان شوقيرام بابي جو گهاٽو دوست هو ۽ ننڍي هوندي گڏ پڙهيا به هئا ۽ ديوان شوقيرام به بابي وانگي تمام چڱا اکر لکندو هو. ديوان مولچند منسڪاٽي جو مسٽر آڏارام، مسٽر عيدن مل ۽ پنجو مل جن جو پيءُ هو، سو به ڏٺم ۽ انهيءَ سان صحبت ڪيم، جو پوئيان پئي اسڪول جا سنگتي هئا. ديوان ڪيولرام سوڪڙيءَ وارو به ڏٺو هوم ۽ ديوان اڏارام ٽانورداس، ديوان پرڀداس ڊيپوٽي انسپيڪٽر، ۽ ديوان پوچراج ولد ٽوپڻ مل جو اسان جي ڪٽنب جو منشي هو ۽ ڪانئس پوءِ سندس پٽ، چندن مل

هو، ۽ ديوان چئنراءِ شاهاڻي، ديوان چندا سنگهه، ديوان خوشيرام ۽ پيا.

بمبئيءَ جي ڪاليج ۾ پڙهندي پرنسپال چئٽفيلڊ، ورڊ سورٿ، اگرنينهام، پروفيسر ڪئنڊي، پروفيسر جائلس، پروفيسر هاٿارن ٿويٽ، پروفيسر ٽيلر، يونيورسٽي رجسٽرار جيمس ٽيلر، پروفيسر مرزا حيرت ۽ مولوي عبدالفتاح جو واقف ٿيس ۽ انهن وٽ پڙهيس، ۽ انهن جي خاص مهرباني مون تي رهي. بمبئيءَ ۾ رهي، بمبئيءَ جي ماڻهن هزهائينس آغا خان ۽ سندس ڪٽنب سان تمام گهڻو واقف ٿيس ۽ ترڪي ڪانسلن سان به، جيئن مٿي به اشارو ڏنو ويو آهي. بمبئيءَ جي مشهور طيب جي، جي خاندان سان به تمام گهڻو رستو هوم. مسٽر بدرالدين طيب جي ۽ سندس پائرن شمس الدين، شجاع الدين، قمرالدين، اميرالدين ۽ سندن پٽن سان به چڱو رستو هوم، ۽ ٽن گهڻي آمدورفت ڪندو هوس.

بمبئيءَ جي پارسين منجهان مسٽر ماڻڪجي ۽ ڪاؤسجي جي جي پائي، ڪاؤسجي ريڊي مني، مسٽر واديا، مسٽر مودي، مسٽر پٽيل، مسٽر ڪنٽراڪٽر ۽ مسٽر فريدونجي دستور، جو هاڻي يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار آهي، ۽ مسٽر دلال، مسٽر گمي، مسٽر پٽيل، مسٽر داور، مسٽر بادشاهه ۽ مسٽر دستور سان دوستي هيم، جو اهي مون سان گڏ ۽ منهنجي وقت ۾ پڙهندا هئا. مرهٽن ۽ گجراتين مان به مسٽر چندورڪر، مسٽر جوگليڪر، مسٽر پنڊارڪر وڏو توڙي ننڍو ۽ ڪيترا پيا واقف هئا، جن جا نالا هينئر دل تي نٿا اچن، مگر جي مشهور ٿي گذري ويا ۽ ڪي حيات ۽ ناليرا آهن. مسلمانن مان مسٽر قمرالدين، مسٽر معزالدين، مسٽر ملا ۽ ڪي پيا هئا جي منهنجا ڪلاسي هئا. ڪاليج جي وقت ۾ جيڪي سنڌي مون سان گڏ هئا ۽ جي منهنجي هوندي پوءِ آيا، تن مان مسٽر ٽيڪچند، مسٽر هاسارام، مسٽر ليلارام، مسٽر دولت رام، مسٽر سهسانومل ۽ مسٽر پرتميداس چندناڻي آهن. مسٽر ڏيارام گدومل ۽ مسٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي محمد حسن علي به پوءِ آيا. انهن سان پوءِ زياده واقفيت ۽ دوستي پيدا ٿي.

ڪاليج مان موٽڻ کان پوءِ، ڪراچيءَ ۾ رهندي مسٽر ڏيارام، مسٽر اڏارام، مسٽر آلومل، مسٽر حسن علي، مسٽر تلافي، مولوي الله بخش، مرزا آصف، آغا علي شاهه، مراد خان پٺاڻ، مسٽر عباس خان ۽ مولوي تاج محمد سان واقفيت پيدا ٿي، ۽ مسٽر بيرنجي آغا ۽ سندس پٽ رتنجي، مسٽر فرامروز سان خاص رستو هو. انگريزن مان مسٽر جيفريز، مسٽر مچي، مسٽر مائلس، مسٽر جڊ، مسٽر ڊو يلس جيلر، مسٽر ڪنگ، مسٽر فائولر ۽ ڪي ٻيا گهڻو واقف هئا.

ڪراچيءَ ۾ رهندي، ديسي صاحبن مان ديوان واڌومل ٽلٽيءَ وارو، لالا گيانچند ۽ سندس پاءُ تلوڪچند پٽن سان، مسٽر پارومل سيوهاڻيءَ ديوان شونداس، ٽيڪمداس، ٿهلرام ۽ ڏيون مل ٽٽئيءَ سان خاص رستو رهيو. ديوان چانڊومل ۽ سندس پٽ ديوان سهجرام سان به گهڻي واقفيت هئي، ۽ سندس ٻيا ننڍا پٽ بولچند ۽ ڪيولرام ته منهنجي زيردستيءَ ۾ به رهيا. مسلمانن مان قاضي محمد اشرف، خداداد خان ۽ ڪي ٻيا واقف هئا.

نوڪريءَ جي هٿ عرصي ۾ جن بالا آفيسرن جي هٿ هيٺ نوڪري ڪيم ۽ جن سان منهنجو گهڻو واسطو رهيو ۽ جي مون تي نهايت مهربان رهيا، تن مان ڪي هي آهن: مسٽر فلٽن، مسٽر هارٽ ويونير، مسٽر جيمس، مسٽر جائلس، ڪرنل ميهو، ڪرنل والس، ڪرنل راس، مسٽر ميوليس، مسٽر مڪنزي ۽ سٽيل. مسٽر جميس جڏهن پهرين ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿي آيو، تڏهن ماسي مرزا علي محمد تي نهايت مهربان هو. پوءِ جڏهن بمبئيءَ ۾ پوسٽ ماسٽر جنرل ٿي رهيو، تڏهن آءٌ بمبئيءَ ۾ پڙهندو هوس. انهيءَ سان اڪثر گڏبو هوس، ۽ جڏهن وري سنڌ ۾ ڪمشنر ٿي آيو، تڏهن مون تي گهڻو مهربان رهيو. سندس چوڻ تي مون چچنامو ۽

سنڌ جي تاريخ پارسي ڪتابن تان انگريزيءَ ۾ لکي، ۽ جنهن ۾ منهنجي دوست مسٽر ڏيارام گدو مل گهڻي مدد ڪئي، ۽ پوءِ اها ڪمشنر جي ڇاپخاني ۾ سرڪاري طرح ڇپي. ڪرنل ميهو ته پينشن تي وڃڻ کان پوءِ به مرڻ تائين خط لکندو رهيو، ۽ وقت بوقت ولايت مان ڪتاب، خط ۽ ٻيا تحفا موڪليندو رهيو. مسٽر فلٽن، بمبئيءَ جي هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار، اتي بمبئيءَ ۾ مون کي ڪاليج ۾ اچي ڏسندو هو. ديسي آفيسرن مان جيڪي نوڪريءَ جي عرصي ۾ واقف هئا ۽ دوست ٿي رهيا، سي هي هئا: ديوان واڌومل، ديوان شونداس ۽ ٽيڪمداس ٺٽي وارا، ديوان پارو مل، لالا گيانچند، ديوان چانڊو مل، ديوان ڏيا رام گدو مل، مسٽر محسن طيبجي، مسٽر حامد علي، مسٽر خدا داد خان، مسٽر قادرداد خان، سردار محمد يعقوب، شيخ صادق علي، قاضي محمد اشرف ۽ ٻيا.

منهنجي نوڪري اپر سنڌ ۾ گهڻي رهي، يعني اڳوڻي شڪارپور ضلعي ۽ سرحد سنڌ جي ضلعي ۾، ۽ پوءِ ڪراچي ضلعي ۾، حيدرآباد ضلعي ۾، ٿرپارڪر ضلعي ۾ به جدا جدا ڊويزنن ۾ رهي، تنهنڪري ڇئبو ته ساريءَ سنڌ جي هندو ۽ مسلمان زميندارن ۽ پنهن وقت جي معتبرن، ميرن ۽ پيرن سان معرفت ٿي، جن مان ڪي مشهور ماڻهو ٿي گذريا. انهن مان ڪن ٿورن جا نالا ڏيندس: پير حزب الله ڪنگريءَ وارو، پير غلام محي الدين راڻيپور وارو، پير رفيع الدين شڪارپور وارو، مير علي نواز علوي، ميان محمد حسين، محمد شعبان، عبدالخالق وڪيل شڪارپوري، سرائي ٽارو خان ۽ سندس پٽ ۽ پائٽيا سرائي لاڏو خان ۽ فيض محمد خان کهاوڙ، وڏيرو غيبي خان چانڊيو، سردار قيصر خان مگسي، وڏيرو امام بخش خان ۽ محمد خان ٽيپو، وڏيرو رمضان ناريجو، وڏيرو مريد خان لاڪير، ملڪ صوبدارخان ۽ ايسب خان، سرائي غلام رسول، سيد الهندو شاه، ملڪ دودا خان، مير علي مراد سندراڻي، غلام علا خان

ٻڙدي، صحبت خان گولو، جعفر خان رند، ميرو خان ڊومبڪي، بهادرخان کوسو، رحيم خان کوسو، لشڪر خان جمالي، نواب شهباز خان بگٽي، نواب امام بخش خان مزاري، شاهه پسند خان پٺاڻ ۽ ڪيترائي ٻيا. اهي سڀ وفات ڪري ويا آهن. انهن جو مون سان خاص رستو هو ۽ آءٌ هنن کي عزت ڏيندو هوس ۽ هو به مون کي گهڻو پسند ڪندا هئا، نه سرڪاري نوڪريءَ جي خوشامد تي، پر خانگي طرح ساڻن مروت جي هلت ڪري.

رياست خيرپور جي مير علي مراد خان ۽ مير فيض محمد خان سان گهڻو رستو هو. گهڻائي دفعا سرڪاري ڪم سان آءٌ وٽن ويو هوندس ۽ هو مون تي خاص طرح مهربان هوندا هئا، ۽ مون کي پاڻ وٽ آڻڻ گهرندا هئا، پر قسمت نه ٿي. سيد فاني شاهه شيرازي، رياست جو قديم شاعر، به منهنجو واقف آهي ۽ اجا حيات آهي. چڱو شعر چوندو آهي. مولوي بهاءالدين، مخلص بهائي، جهونو شاعر، ساٿيلي جي پاسي وارو ۽ شمس الدين ”بلبل“، سيهڙ وارو شاعر به منهنجا دوست هئا. مولوي ته اجا به حيات آهي، پر نهايت پيرمرد آهي، ڪڏهن ڪڏهن تازا شعر جوڙي مون ڏي ڏسڻ لاءِ موڪليندو آهي. سندس هڪڙي رباعي منهنجي نسبت ۾ سندس خط جي چوٽيءَ تي آهي، جا نموني لاءِ هتي ڏيان ٿو ۽ هڪ فرد به.

مرزا که قليچ بيگ نامش نامي شيرين بجهان چوشعر هاي جامي.
از بنده بهائي اين دعا باد قبول کاندر دوجهان باد بصد خوشکامي.
مرزاقليچ بيگ که مرد خداي است منظور چشم عاشق بنده بهائي ست.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ستون

## منهنجا ڪم ۽ انهن جي قدرشناسي

سيڪو ماڻهو جو مشهور ٿيندو آهي يا مشهور ٿيڻ گهرندو آهي، سو اهڙا وڏا ڪم ڪري ويندو آهي، جنهنڪري هن کي پوءِ ياد پيا ڪندا ۽ سڀئي ڪان پوءِ به هن جي يادگيري پئي رهندي آهي. پر افسوس آهي ته اهڙو وڏو ڪم مون ڪونه ڪيو، جنهن لاءِ آءٌ ماڻهن کي ياد رهان يا جن مان گهڻي تائين فيض جاري رهي ۽ خلق کي فائدو پهچي. منهنجا جيڪي ڪم خانگي يا سرڪاري هئا، سي ننڍڙا، مخفي ۽ گمنام رهيا، جيتوڻيڪ انهن مان خلق کي ڪجهه فائدو پهتو ٿي، ۽ هو مون منجهان تمام خوش ۽ راضي هئا ته به اهي فرض چاٽي ادا ڪيا ويا هئا، جن تي بالا آفيسرن جو يا ٻين ماڻهن جو خاص طرح ڌيان نٿي آيو. گهڻن ماڻهن کي رواجي ڪمن جي وڏي ڪري ڏيکارڻ جو هنر ايندو آهي، جنهنڪري هنن کي آفرين يا انعام ملندو آهي يا لقب ملندو آهي. پر افسوس ته مون کي اهو هنر به نه هو، تنهنڪري پنهنجا فرضي ڪم مات ڪري پئي ڪيم، ۽ انهن ننڍڙن ڪمن کي مون پنهنجا وڏا ڪم ٿي سمجهيو. منهنجو هڪڙو بيت آهي ته

ٿو لقب ڪان لقب لڳي مون کي،
تنهنڪري ري لقب رهان ٿو خوش.

سرڪاري نوڪريءَ جي عرصي ۾ گهڻن وقتن تي وڏا ۽ مشڪل واهه کٽايا هوندم، ۽ مشڪل ڪنڌ ٻڌايا هوندم، جيئن ته ڪشمور بند، ناري ۽ درياءَ جهڙا. سخت وقتن ۾ سعي سان معافيون ڏسي، انصاف روءِ فيصلا ڪيا هوندم، جن مان جهڙا زميندار تهڙا بالا آفيسر خوش ٿيا هوندا. ڪيترين ضروري وارداتن تي حاضر رهيو هوندس. ڪيترا مشڪل تڪرار ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، سي آهن خانگي ڪم جي هڪڙيءَ معنيٰ سان سرڪاري طرح به شمار ۾ اچي سگهن ٿا، يعني انهن جو واسطو سرڪاري تعليم کاتي سان آهي ۽ انهن مان خلق کي علمي، اخلاقي ۽ روحاني فائدو پهچي سگهي ٿو. اهو آهي جدا جدا مضمونن تي ڪتاب ۽ ليک لکڻ. اهي ڪم ننڍي هوندي کان مڪتبن، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندي سون پئي ڪيا آهن. اسڪولن ۾ پڙهندي ڪتاب لکڻ شروع ڪيم ۽ ڪاليج جي عرصي ۾ به لکندو رهيس. بيڪنس ايسيز ۽ مسز فاسيٽس پوليٽڪل ايڪانمي انهن ڏينهن ۾ ترجمو ڪيم، جن لاءِ سون کي تعليم کاتي مان چڱي رقم انعام ملي. ڪاليج ۾ پڙهندي اتي جي شاگردن لاءِ علم عروض ۽ فارسي اشتقاق ۽ صرف نحو تي ننڍڙا ڪتاب لکيم جي ڇپيا ۽ اتي ڪم آيا. انهيءَ کان پوءِ، ڪراچيءَ ۾ رهي ڪي ڪتاب لکيم، ۽ ڪي انگريزي ۽ اردو تان ترجمو ڪيم، جي سنڌ مدرسي وارن ۽ ٻين سنڌ جي پريسن يا ڇاپخانن ڇپايا. نوڪريءَ جي ساري عرصي ۾ ڪتاب لکندو ۽ ترجمو ڪندو رهيس، جن مان ڪي سرڪار جي حڪم پٺيان لکيم جن جي لاءِ سون کي انعام مليو، ۽ ڪي ايڊوڪيشنل کاتي ٽيڪسٽ بڪ، پرائيز بڪ يا لئبريري بڪ ڪري منظور ڪيا. سلن جي مڪتبن جاري ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا ڪتاب، خاص سلن ۽ سنڌن شاگردن جي لاءِ لکيم ۽ ڇپايم. ڪيترا ڪتاب زنانن مڪتبن لاءِ ۽ ڪيترا خاص مسلماني مذهب بابت لکيم، جو مسلمانن ۾ تعليم جو شوق گهٽ هو ۽ انهيءَ جي ترغيب جي ضرورت هئي. ڪيترا ڪتاب خاص ٻين مذهبن ۽ سوسائٽين جي اصولن بابت سنڌن فرمائش موجب لکيم. انهن مان گهڻا نثر ۾ آهن ۽ گهٽا نظم ۾ آهن. سنڌي شعر کان سواءِ فارسي ۽ اڙدو ۽ ترڪي شعر به چيم ۽ ڪي سنڌي ڪافيون به چيم ۽ ناٽڪن جي ڪتابن ۾ ڪي سنڌي راڳ به چيم. اهي سڀ ڇپيل آهن.

ڪڍهن وءِ ي خاص سوسائٽين يا جماعتن جي جلسن ۾ لکيل تقريرون ڏنيم يا ٻين جي ڪتابن جي لاءِ ديباچا ۽ تمهيد لکيم. اهي سڀ وري ڌار ڪتاب جي صورت ۾ گڏ ڪيل آهن. مطلب ته جدا جدا مضمونن تي نظم ۽ نثر ۾ ننڍا وڏا قريب ٻه سؤ ڪتاب لکيا اٿم، جي سنڌ جي جدا جدا جاين تي ڇپايا ويا آهن. ٻهرين ڏينهن جا ڪتاب اڪثر ماستر پوڪرداس، شڪارپور واري ۽ ماستر هريسنگهه، سکر واري پئي ڇپايا. پوءِ ٻيا پريس پيدا ٿيا ۽ انهن ڇپايا؛ جيئن ته الحق پريس يا وڪٽوريا پرنٽنگ پريس سکر وارو ۽ قيصرهِ پريس ۽ سٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس ۽ پريمير پريس حيدرآباد وارا ۽ ٻيا ڪي پريس ڪراچيءَ وارا ۽ ڪي سرڪار پاڻ ڪمشنر جي پريس يا ٻين پريسن ۾ ڇپايا، ڪي ته وري لاهور ۾ به ڇپيا.

اهي سڀ ڪتاب مون جدا جدا پريسن يا ڇاپڻ وارن سوسائٽين کي سواءِ قيمت وٺڻ جي ڏنا. اهي ڪتاب ڇاپائي، ڇاپيل تعداد جي چوٿين حصي تائين ڪاپيون وقت بوقت منهنجي گهرڻ تي مون کي ڏيندا هئا، ۽ اجا ڏيندا آهن. مون پاڻ پنهنجي خرچ تي فقط ڪو هڪڙو ٻه ڪتاب ڇپايو، نه ته ٻيا سڀ ٻين ڇپايا. ڪيترا ڪتاب رياست خيرپور مون کان وٺي، پنهنجي سرڪاري پريس، فيض پريس، ۾ ڇپايا آهن ۽ اجا ٻيا ڇاپين. انهن سڀني ڪتابن جي ياداشت مضمون وارا اڳتي ضميمي ۾ ڏني ويندي. انهيءَ کان سواءِ، ڪاليج ڊراماٽڪ سوسائٽيءَ لاءِ خاص طرح ڪيترائي شيڪسپيئر جا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ لکيم، جي هنن ڇپايا ۽ جلسن جي وقت درخواست يا فرمائش موجب پڙهڻ يا ڳائڻ لاءِ شعر لکي ڏنم. ڪتابن جو تعداد تخميني روءِ مٿي ڏنو اٿم، پر شعر جو تعداد تخميني روءِ ٻاويهه هزار بيت آهي، جنهن ۾ جدا جدا ڪتابن جو شعر اچي وڃي ٿو. تذڪرن جي ڪتابن ۾، شاعرن جي شعرن يا بيتن جو شمار ڪري ڇڏيو اٿن، ۽ ڪن جو ته وزن ٻڌايو اٿن، مثلاً مرزا عبدالقادر

”بيدل“، مشهور شاعر جي تصنيف جو وزن پنج سير لکيو اٿن. مولانا رومي جي ”مثنوي“ ۽ فردوسي جي ”شاهنامي“ جو ٽي سير. شيخ فريدالدين عطار جي مثنوين جو شعر هڪ لک بيت آهن، ۽ سندس ديوان ۾ چاليهه هزار بيت آهن-ڇهه هزار ته فقط رباعيون اٿس. ڪاشي شاعر جو شعر ٻه هڪ لک بيت آهي-امير خسرو دهلويءَ جو چار لک آهي وغيره. جن مضمونن تي وقت بوقت تقريرون ڏنيم يا تحريرون لکيم، تن جي ياداشت ٻه هيٺ ضميمي ۾ ڏني ويندي.

اهي آهن منهنجا خانگي ڪم، جن کي ننڍو يا وڏو سمجهڻ، ماڻهن جي وس ۾ آهي. هيترا ڪتاب منهنجا لکيل جدا جدا پريسن ڇاپايا آهن ۽ماڻهو اهي چاهه سان پڙهن ٿا، تنهن مان معلوم ٿي سگهي ٿو ته ماڻهن انهن ڪمن جي قدرشناسي ڪئي آهي ۽ مون کي عزت جي نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ مناسب موقعن تي مانُ ڏين ٿا ۽ پرپٺ تعريف ڪن ٿا. انهيءَ بابت سندن راين جا ڪي ٿورا انتخاب، اخبارن مان ورتل، ٻارهين باب ۾ ڏنا ويندا.

هاڻي سوال آهي ته انهن ڪمن جي لاءِ مون کي ڪهڙو انعام مليو؟ خانگي ماڻهن جي طرفان انعام اهو هو جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو، يعني قدرشناسيءَ، عزت ۽ آبروءَ ڏيڻ جو. ڪيترن جلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ هنن مهرباني ڪري مون کي پريزيڊنٽ يا صدر مجلس چونڊيو هوندو. هڪڙي ٻن هنڌن مهرباني ڪري ائڊريس ٻه ڏنائون، جا پڻ ٻارهين باب ۾ ڏنل آهي. عزت ظاهر ڪرڻ لاءِ ماڻهن منهنجي تصوير ڇاپائي ڪتابن ۾ يا پوسٽ ڪارڊن تي يا جنتريءَ تي يا ٻيءَ طرح پڌري ڪئي هوندي. هڪڙي ڪراچيءَ جي سيٺ، منهنجي وڏي تصوير حيدرآباد جي هومسٽيڊ هال ۾ رکڻ لاءِ موڪلي. هڪڙي تصوير بمبئي ٽائمس آف انڊيا ۾ ڏني وئي، جنهن جي هيٺان ’شڪسپيئر آف سنڌ‘ لکيو ويو هو. جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلسن ۾ پريزيڊنٽ ٿيندو آهيان، تن جي گڏيل تصوير ڪڍائيندا آهن.

اها آهي ماڻهن جي قدرداني جي نشاني. سرڪار جي طرفان مون کي ڪنهن به قسم جو خطاب يا لقب ڪونه مليو آهي. مگر پينشن وٺڻ کان ٿورو اڳي، قيصر هند، جو چانديءَ جو ميڊل يا پلو انعام مليو ۽ پينشن وٺڻ کان پوءِ وائسراءِ جي طرفان ۽ سنڌس صحيح سرٽيفڪيٽ آف مرٽ مليو، جنهن جو نقل به يارهين باب ۾ ڏنو ويو آهي. پبلسٽي ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ به ڪمشنر صاحب، آفرين نامو ۽ هڪڙي سوني واچ انعام ڏني-(ڏسو باب ١٢ نمبر ٥٧) سرڪار مان اسان پائرن کي پنهنجي ڪٽنب جي قدامت ۽ آبروءَ کي نگاهه ۾ رکي نوابشاهه ضلعي ۾ نصرت واهه تي، پنج سو ايڪڙ زمين انعام ملي، جا اڄا تائين اسين آباد ڪرائيندا اچون. سنه ١٩٢٤ع جي جنوري مهني جي پهرين تاريخ، مون کي "شمس العلماء" جو لقب مليو. وائسراءِ جي سيڪريٽريءَ، گورنر بمبئيءَ جي سيڪريٽريءَ، ڪمشنر ۽ ڪليڪٽرن، پڻ يورپي توڙي مسلمان ۽ هندو دوستن جا مبارڪباديءَ جا خط آيا، جن مان ڪي ٿورا هيٺ ڏجن ٿا. اخبارن ۾ انهيءَ بابت تعريف لکيل هئي. هڪڙي ماهياني زميندارِي جنوري واري مخزن، "غنچه اميد"، ۾ منهنجي تصوير به ڏني وئي ۽ انهيءَ جي هيٺان مخلص شاعر جو هڪڙو شعر به ڇاپيو ويو ۽ مسٽر عيدنمل مينگھراج بي. اي. ايل. ايل. بي.، ايڊيٽر جو مختصر نوٽ به ڏنل هو، جو پڻ ڏنو ويو آهي.

# باب اٺون

## منهنجون عادتون، خواهشون، خيال ۽ رايا

### ڀاڱو پهريون

هن باب ۾ آءٌ پنهنجي اولاد جي واقفيت لاءِ پنهنجي هلت چلت، پنهنجين عادتن، راين ۽ خيالن بابت ٿورو ذڪر لکندس. ڪي ته مٿيئن لکئي مان به معلوم ٿيو هوندو، وڌيڪ هتي ڏجي ٿو.

**محبت، ادب ۽ اخلاق**

ننڍي هوندي جون عادتون مٿي به ڏنل آهن. اسان سڀني ڀائرن، ڀيڻن جي پنهنجي ماءُ پيءُ سان ۽ پنهنجي پاڻ ۾ گهڻي محبت رهندي هئي، جهڙو ماءُ، پيءُ جي جيئري، تهڙو پوءِ. اها ڳالهه آسپاس مشهور هئي، ۽ سڀڪنهن کي معلوم هئي، ۽ چوڻي ٿي ويئي هئي ته اهڙي محبت ٻئي ڪنهن گهر ۾ ٿوري هوندي. مون کي ياد آهي ته ننڍي هوندي صبح جو ننڊ مان اٿي، پهرين ماءُ ۽ پيءُ کي پيرين پوندا هئاسين ۽ هو اسان کي دعا ڪندا هئا. بابي جي وفات کان پوءِ، اما کي پيرين پوندا رهندا هئاسين. اڪثر هنن جي حڪم ۾ رهندا هئاسين ۽ هنن کي راضي رکڻ ۽ رنج نه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسين. وري جيڪي ننڍا ڀائر هئا، سي به وڏن جي ادب ۾ رهندا هئا. مون کي ياد نه آهي ته ڪڏهن اسان جي ماءُ پيءُ اسان کي هٿ يا لڪڻ سان ماريو، بلڪ اسڪول ۽ مڪتب ۾ مار ملڻ جي به يادگيري نٿي اچي. انهيءَ ڪري اسان کي ننڍي هوندي کان پنهنجي عزت آبروءَ جي ڳڻتي رهندي هئي، ايتريقدر جو اسڪول ۾ يا ٻئي هنڌ دوستن سان به حد کان وڌيڪ گستاخي نه ڪندا هئاسين، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا ننڍا ڪي انگريزي، ڪي سنڌي پيا پڙهن، ڏيئرن کي به ضروري تعليم ڏني وڃي ٿي.

## عزيزن سان هلت

عزيزن، خويشن ۽ پاڙي وارن سان اسين هميشه ڪان چڱي هلت رکندا آيا آهيون. ڪن خانگي ڳالهين جي ڪري پنهنجي هڪڙي ماسي سان اسان جي ناسازي ٿي پئي هئي، جا افسوس نه اجا تائين هلي اچي، اگرچ ظاهري ڪري اها معلوم نه ٿيندي هوندي. انهيءَ ناسازيءَ ڪري اگرچ هو اسان کي تڪليف ۽ نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندڙ آهن ته به اسين (خاص طرح آءٌ) هنن کي تڪليف يا نقصان رسائڻ جو خيال نه ڪندا آهيون. فقط پنهنجي عزت آبرو بچائڻ لاءِ مناسب احتياط ۽ آپاءُ ضروري ڄاڻي وٺندا آهيون. ساڳيءَ طرح منهنجي وڏي نياڻيءَ ۽ وڏي پٽ جي شاديءَ وقت ڪن خانگي ڳالهين جي ڪري منهنجي ۽ منهنجي اولاد ۽ ادي مرزا صادق علي بيگ ۽ انهن جي اولاد جي وچ ۾ ناسازي ٿي پئي هئي، پر پوءِ ڪجهه عرصي بعد وري پاڻ ۾ ٺهي وياسين. منهنجي هميشه اها عادت آهي ۽ اهڙي راءِ آهي ته 'اهڙيءَ حالت ۾ حسد ۽ ڪيني رکڻ ڪري پاڻ ناسازي وڌي ٿي، تنهنڪري صبر ڪري گذاريندو آهيان ۽ چاهيندو آهيان ته ٻچڙائي ڪندڙ کي پاڻهي ٻچڙائي آڏو ايندي، هن کي بدلو ڏيڻ يا ضد ڪرڻ مناسب نه آهي. انهيءَ مروت جي هلت ڪري امڪان آهي ته ڪي دشمن دوست به ٿي پون، نه ته به هو شرمندا ته بيشڪ ٿيندا. سعدي چيو آهي ته

> بنده حلقه بگوش ارننوازي برود،
> لطف کن لطف که بيگانه شود حلقه بگوش.

انهيءَ بابت منهنجا به ڪي بيت آهن:

سون برائي مان ڀلائي پـي سدا آهي ڏٺي،
ياالٰهي رک تون بدخواهن کي منهنجي خوش سدا.

---

فيض جـو تون سبـق ڪـر ڪـان سک،
ڪـارو وٺ، ڏي مـٺـو تون مـوٽـائـي.

---

ماڻهن کي گار جو آءُ دعا سان ڏيان جواب،
آهيان ڪـر، جو ڪارو وٺان ۽ مٺو ڏيان.

---

ظـالـم ليکيون نـہ ڪنهن بہ دشمن جـو،
چـشـم پـوشـي سـپـر اسـان جـي آهہ.

جيڪي غريب ماڻهو آهن تن کي مدد ڏيڻ جي، بلڪ ٿوري گهڻي ماهياني ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي اٿم، ۽ پنهنجي مال ملڪيت ۾ انهن جو ٿوري پنهنجن پاڙن جي پارن ٻچن جو حق پئي سمجهيو اٿم.

روزمره جا نيم

جن ڏينهن کان وٺي سنڌي يا انگريزي اسڪولن ۾ پئي پڙهيو آهيان يا پوءِ ڪاليج ۾ پئي پڙهيو آهيان، تن ڏينهن کان وٺي منهنجي اها عادت ٿي رهي آهي تہ صبح جو سوير اٿي، نماز پڙهندو هوس ۽ دعا گهرندو هوس ۽ قرآن پڙهندو هوس. ٻين وقتن جون نمازون بہ ڪوشش ڪري پڙهندو هوس، اگرچ اسڪول جي ڪمن ڪري بعضي فرصت نہ ملندي هئي. پر جڏهن ڪاليج ڇڏي اچي وڪيل يا پوءِ نوڪري شروع ڪيم، تڏهن کان وٺي سڀني وقتن جي نماز برابر پڙهندو اچان، ۽ صبح جو هر روز قرآن بہ ضرور پڙهندو اچان. ورهين کان

منهنجي هر روز جي اها عادت ٿي رهي آهي ته آسر جو ٽين چئين بجي ڏاري ضرور پاڻهي جاڳندس ۽ اٿندس ۽ هٿ منهن ڌوئي وضو ڪري، تهجد جي نماز پڙهان. ان کان پوءِ اڌ ڪلاڪ کن فڪر ڪريان، يعني خدا جي قدرت ۽ حڪمت وغيره بابت محو ٿي خيال ڪريان ۽ پوءِ ويهي قرآن جو دور ڪريان. جيڪي قرآن مان پڙهندو آهيان، سو اڪثر سمجهندو ويندو آهيان، جو عربي ايتريقدر پڙهيو آهيان ۽ قرآن هميشه معنيٰ ۽ تفسير وارا پڙهيا اٿم، جنڪري معنيٰ سمجهندو ويندو آهيان. قرآن پڙهڻ کان پوءِ وظيفا پڙهندو آهيان، ۽ پوءِ ڪو حديث جو يا ٻيو ڪو ديني يا تصوف جو ڪتاب پڙهندو آهيان، ۽ پوءِ ته جي صبح ٿيڻ ۾ اڃا وقت هوندو آهي، جيئن اڪثر سياري ۾ هوندو آهي ته ويهي ڪو ڪتاب لکندو آهيان. پوءِ فجر جي نماز پڙهي، گهمڻ ويندو آهيان. پوءِ نوڪريءَ واري عرصي ۾ سرڪاري ڪم شروع ڪندو هوس، ۽ هاڻي پنهنجو خانگي ڪم يعني ڪتابن لکڻ جو ڪم ڪندو آهيان. ننڍپڻ جو ماني کائي آرام وٺندو آهيان، پر سمهندو نه آهيان، ڇاڪاڻ ته ڏينهن جو اڪثر مون کي ننڊ نه ايندي آهي. ٽين بجي نماز پڙهي، وري اچي سرڪاري ڪم شروع ڪندو هوس، ۽ هاڻي پڙهڻ ۽ لکڻ جو ڪم ڪندو آهيان. اڳي وچينءَ جي نماز پڙهي وري نوڪريءَ وقت ٽپال صحيح ڪندو هوس، ۽ هاڻي اڪثر ٻاهر نڪري ويهان ۽ اخبارون پڙهان يا ڪو ٻيو ڪتاب ڏسان. سج لهڻ کان پوءِ، گهر ۾ نماز پڙهي ٻارن سان ڳالهيون ڪريان يا هنن کي پڙهايان، ۽ سومهڻيءَ جي نماز مانيءَ کائڻ کان پوءِ پڙهي، سمهي رهان. اڪثر سوير سمهندو آهيان يعني نائين ڏهين بجي ۽ وري سوير ٽين چئين بجي اٿندو آهيان، جي ڪنهن سبب ڪري ڏهين بجي نه سمهندس يا جاڳندس ته پوءِ اڪثر ننڊ نه ايندي اٿم ۽ رات بي آراميءَ ۾ گذرندي اٿم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عبادت جو رستو

مٿي چيو اٿم ته آسر جو اٿي، ذڪر ۽ فڪر ڪندو آهيان، يعني خدا کي ياد ڪندو آهيان ۽ انهيءَ جي حڪمت تي ويچار ڪندو آهيان. حديث ۾ آهي ته

ڪرڻ ويچار سان هڪڙي ساعت،
ٿيو بهتر کان ستر ورهين جي طاعت.

پهرين ته قرآن پڙهڻ کان پوءِ وظيفا پڙهندو آهيان، جن ۾ به خدا جي تعريف ۽ قدرت جو بيان آهي. انهيءَ ڪم لاءِ "جواهر القرآن"، "جوشن ڪبير" ۽ "جوشن صغير" پڙهندو آهيان. هرهڪ ڪتاب جا ست حصا ورهائي ڇڏيا اٿم، جن مان هفتي جي جدا جدا ڏينهن تي جدا جدا ڀاڱو پڙهندو آهيان، فڪر يا خيال ڪرڻ لاءِ ڪي فقرا مقرر ڪري ڇڏيا اٿم، جن مان هڪڙو هڪڙو واري سان زبان سان چوندو ۽ انهيءَ جي مضمون بابت خيال ڪندو آهيان، ۽ ڌيان ڏيئي ويچار ڪندو آهيان، جو ڄاڻندو آهيان ته رڳو زباني ذڪر ڪرڻ ۽ وظيفو پڙهڻ مان ڪو به فائدو ڪونهي:

خدا جو ذڪر تون ڪر دل سان، نا ته طوطو پڻ،
زبان ساڻ خدا کي ڪريم ٿو ڪوٺي.

---

آرسي جو رکون مذهب نه ڪريون خلق ڏي ميل،
منهن جنهين جو نه ڏسون، تنهن ڏي ڪريون ڪانه نگاهه.

اهي فقرا هي آهن. پهرين 'سبحان الله'، جنهن جي چوڻ وقت خدا تعاليٰ جي پاڪائي ۽ ان جا مثال پيو ويچاريندس ته ڪيئن پاڪ آهي ۽ ڪيئن اسان کي به پاڪ رهڻ کپي. انهيءَ بابت ڪتابن ۾ گهڻو پڙهيو اٿم، تنهنڪري اهڙي فڪر يا خيال ڪرڻ ۾ آساني ٿي ٿئي. وري 'الحمد لله' زبان تي آڻيان، ۽ دل ۾ خدا جي قدرت جا مثال ياد ڪريان — آسمان ۽

هوا ۾ ۽ زمين تي-عالم نباتات ۽ ان جا قسم ۽ هزارين گل ڦل ميوا وغيره. عالم حيوانات ۾، هزارين نمونا، تمام باريڪ جيتن کان وٺي وڏي قد وارن جانورن تائين-سِرندڙ جانور، پاڻيءَ جا جانور، هزارن قسمن جا پکي، جهنگَلي جانور، انسان ۽ انهن کان مٿي عالم ارواح-جنّ ۽ مَلڪ وغيره. انهن بابت ڍار ڍار سنڌيءَ ۾ ڪتاب به لکيا اٿم، تنهنڪري انهيءَ ويچار ڪرڻ ۾ به آساني ٿيندي اٿم. پنجن منٽن ۾ اکيون پوري، اهي سڀ خيالي سير ڪري وٺندو آهيان.

جڏهن اکيون کوليان، تماشو تڏهن دنيا جو ڪريان،
جڏهن اکيون پوريان، تڏهن آءٌ سير عقبيٰ جو ڪريان.

ٽيون فقرو يا ڪلمون 'شڪرالله' زبان تي آڻيان، ۽ دل ۾ خدا تعاليٰ جون نعمتون ۽ مهربانيون ياد ڪريان، ۽ انهيءَ جو شڪرانو ڪندو وڃان. جيئن ته هن سون کي هيستائين جيئرو ۽ تندرست رکيو، ڪشادو رزق ڏنو، ۽ عزت آبرو ڏنائين، عبادت جو شوق ۽ ميل ڏنائين، اسلام جي هدايت ڪيائين، ۽ ٻار ٻچا ڏنائين ۽ عزيز خويش ڏنائين، جنهنڪري وقت خير سان ۽ چڱيءَ طرح پيو گذري. انهيءَ خيال ڪندي، پنهنجي هاڻوڪي ۽ گذري حالت، پنهنجي ۽ ڪن ٻين گهٽ يا ضعيف حالت وارن ماڻهن جي ڀيٽ ۽ مقابلو ڪري، خدا جو شڪرانو ڪندو آهيان. پوءِ وري چوٿون ڪلمو 'استغفرالله' جو زبان تي آڻيان، ۽ دل ۾ پنهنجا ڏوهه ۽ گناهه جي سجهن، سي ياد ڪريان ۽ انهن لاءِ خدا کان معافي گهران ۽ آئنده لاءِ توبهه ڪريان. خدا جي حڪمن جي نافرماني ۽ ماءُ پيءُ ۽ ٻين عزيزن، دوستن، ۽ پاڻ جهڙن انسانن جا جيڪي حق آهن، سي بجا نه ڪيا اٿم يا انهن کي مدد نه ڏني اٿم يا انهن کي رنج ڪيو اٿم يا انصاف جي ڪم ڪرڻ ۾ غلطي يا ڀُل ڪئي اٿم يا پنهنجو پاڻ سان ظلم ڪيو اٿم، يعني نفس ۽ شيطان جي چئي تي لڳي حرڪتون ۽ خرابيون ڪيون اٿم، ۽ ٻين ڪي

پنهنجي فائدي خاطر ايذاءُ يا نقصان پهچايو اٿم، انهن سڀني ڳالهين کي ياد ڪري پشيمان ٿيندو آهيان، ۽ توبهه ڪندو آهيان، بلڪ انهيءَ وقت روئي به ڏيندو آهيان.

ٿيو عبث تسبيح ڦيرائڻ اکين جي آب ري،
ريج ڌارا ڏس ادا ساوا ڪي داڻا ٿي سگهن.

---

منجهه جوانيءَ عمر اڪثر منهنجي نادانيءَ ۾ وئي،
جيڪا پوءِ باقي بچي، سا پڻ پشيمانيءَ ۾ وئي.

پوءِ وري 'لاإلٰه الاّالله' ۽ 'الله اڪبر' جا فقرا پڙهان ۽ ويچاريان ۽ انهن جي معنيٰ تي ويچار ڪريان، ۽ خدا جي وحدت ۽ وڏائيءَ بابت خيال ڪريان، ۽ ڄاڻان ته دنيا ۾ خدا کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود يا مقصود يا مطلوب بلڪ موجود اصل ڪونهي ۽ نه هئڻ گهرجي. پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي نبيءَ جي ڪيل هدايت تي ويچار ڪريان ته هن خدا جو رستو ڏيکاريو، يعني اسلام تي آندو، جنهنڪري بت پرستيءَ ۽ گمراهيءَ کان بچيس ۽ انهيءَ لاءِ هن جي نسبت ۾ شڪرگذاري ڪريان، ۽ صلوات پڙهان. اڪثر انهيءَ خيالي ڪم لاهڻ کان پوءِ، خدا جا جدا جدا ذاتي ۽ صفاتي نالا ياد ڪري، انهن جي معنيٰ سمجهان ۽ پوءِ ڪانئس دعا گهران. دعا به پنهنجي لاءِ نهرائي ڇڏي اٿم: پهرين پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي، ۽ ياڻرن ۽ ڀيڻن جي ۽ پوءِ ٻين عزيزن جي حق ۾ دعا گهران - جيئرن جي لاءِ به ۽ مئن جي روحن لاءِ به، ته شل خدا انهن کي بخشي ۽ بهشت نصيب ڪري. پوءِ پنهنجي حق ۾ خدا کان دعا گهران ته مون کي بڇڙن ڪمن، بڇڙن خيالن ۽ بڇڙن قولن کان بچائجئين؛ نفس ۽ شيطان جي پلڻ جي طاقت ڏجئين، تندرستي ڏجئين؛ علم ۽ حڪمت نصيب ڪجئين؛ هدايت جو رستو ڏيکارجئين، پنهنجو عشق ۽ محبت ڏجئين، ۽ دنيا جي محبت کان پري رکجئين؛ اهي ڪم ڪرائجئين جن ۾ تون راضي

رهين. چڱن ڪمن ڪرڻ جي همت ۽ توفيق ڏجئين. موت نزديڪ آهي، موت جي گهڙي آسان ڪجئين. عذاب قبر جي کان ۽ عذاب آخرت جي کان ۽ عذاب جهنم جي کان بچائجئين. ايمان سان مارجئين ۽ آخرت موچاري ڪجائين، ۽ وري حشر ۾ صالحن ۽ نيڪن سان اٿارجئين. زالن ۽ ٻارن ٻچن جو خير ڪجئين، ۽ انهن کي تندرست رکجئين، ۽ وڏي حياتي ڏجئين، ۽ صالح ڪجئين. عزيزن خويشن ۽ دوستن ۽ پاڙيوارن بلڪ ساري جهان جو خير ڪجئين. صبح جي وقت چوان ته جيئن رات خير سان گذري، تيئن اڄ ڏينهن به خير سان گذاري رات ڪجئين، ۽ اڄ چڱا ڪم ڪرائجئين ۽ چڱي مت ڏجئين، ۽ انصاف جا ڪم ڪرائجئين ۽ خلق کي فيض پهچارائجئين. رات جو سمهڻ وقت انهيءَ هنڌ وري چوان ته جيئن خير سان ڏينهن گذاري رات ڪيئي، تيئن رات به خير سان گذاري ڏينهن ڪجئين. آءٌ سمهان ٿو تون منهنجي سنڀال ڪجئين؛ جي رات جي عرصي ۾ منهنجو موت لکيل هجي ته منهنجو روح توکي پرتو آهي، ۽ منهنجي پونين جي سنڀال ڪجئين. اها آهي منهنجي دعا ۽ منهنجي عبادت، جنهن جي مون کي ننڍي هوندي کان عادت ٿي رهي آهي. انهيءَ جي هتي مفصّل بيان ڪرڻ جو سبب اهو هو ته منهنجي اولاد کي خبر هجي ته آءٌ ڪيئن عبادت ڪندو آهيان، ۽ جي پاڻ يا ڪو پيو پڙهندڙ چاهي، ۽ انهيءَ کي پسند ڪري ته اهو به پلي ڪري. اهڙي مضمون جي مختصر دعا رات جو ٻارن کي به سيکاريندو آهيان، جيئن مٿي به اشارو ڏنو ويو آهي. دعا ۾ چا گهرجي، تنهن بابت پنهنجو هڪڙو قطعو يارهين باب ۾ ڏنو اٿم.

## نماز ۽ روزا

نماز کان سواءِ روزن رکڻ جو شوق به مون کي گهٽو رهندو آهي، ۽ کائيندو به هميشه پورو پنو ۽ ٿورو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ پري نہ ڪائيندو آهيان. اسين سڀ ٻائر ۽ ٻيٺون ننڍي کان ئي رمضان جا روزا رکندا آيا آهيون.

ڪائين جي تون گهٽو تہ فيل ٿئين،
ڪائين ٿورو تہ جبرئيل ٿئين.

ڪڏهن ڪڏهن تہ آءٌ رمضان کان هڪ مهينو اڳ، يعني شعبان ۾ بہ روزا رکندو آهيان. جي ڪنهن ڏينهن مهمان هئڻ ڪري يا ٻيءَ طرح، شاديءَ يا ڪنهن ٻيءَ مجلس ۾ زياده کائي ويهندو آهيان تہ انهيءَ جي ٻئي ڏينهن ضرور روزو رکندو آهيان. روزو رکڻ انهيءَ لاءِ پسند ڪندو آهيان تہ نفس جي خواهشن روڪڻ جي چڱي استعمالي ٿي ٿئي، ۽ بک اڃ جي تڪليف جي خبر ٿي پوي، ۽ جيڪي مسڪين لاچار بک اڃ ۾ ٿا رهن، تن جو قدر پوي، ۽ خدا جي شڪرگذاريءَ ادا ڪرڻ ۽ انهن مسڪينن کي خيرات ڏيڻ جو تاڪيد ٿئي. نمازون ڪوشش ڪري پوري وقت تي پڙهندو آهيان، مگر جڏهن ڪو سرڪاري نوڪريءَ جو ڪم هوندو آهي يا ڪنهن سبب ڪري مونجهارو يا ڳڻتي رهندي آهي يا ڪو ملاقاتي يا ڪم وارو سيڙهيو ويٺو هوندو آهي تہ اهو ڪم لاهي، فارغ ٿي، چڱي خيال ۽ ڌيان سان نماز پڙهندو آهيان. بعضي اڳين ۽ وچينءَ جي نمازگڏي پڙهان. صبح جي نماز تہ اڪثر پوري وقت تي پڙهندو آهيان. سفر ۾ يا آڳاڏيءَ ۾ جڏهن آسانيءَ سان نماز پڙهي نہ سگهندو آهيان، تڏهن نماز جي وقت تي اکيون پوري، دل ۾ نماز پڙهندو آهيان، ۽ پوءِ منزل پهچڻ تي رهيل نمازون قضا ڪري پڙهندو آهيان.

## زڪوات ۽ خيرات

نماز ۽ روزي کان سواءِ زڪوات بہ ڪوشش ڪري ڏيندو آهيان، يعني جيڪا رقم هڪ سال ۾ برابر بچندي رهندي آهي تہ انهيءَ جو چاليهون حصو سال ۾، هڪڙو پيرو، ٺهرايل

وقت تي خيرات ڪري، مسڪينن کي ڏيندو آهيان يا چڱن ڪمن ۾ لڳائيندو آهيان. جيڪي يتيم ٻار يا بيوه زالون، عزيزن مان يا پاڙيوارن مان يا ڪي ٻيا مسڪين هوندا آهن، تن کي ماهواري ڪجهه خيرات طور مقرر ڪري ڏيندو آهيان. جيڪي فقير پنڻ لاءِ ايندا آهن، تن کي سواءِ ڇينڀڻ يا ڪرڪڻ يا ڪي چوڻ جي جيڪي ٻچي سگهندو آهي، سو ڏئي روانو ڪندو آهيان. اگرچ ڪي حجت ۽ تڪرار به ڪندا آهن ۽ چڙندا به آهن ته به آءٌ ڪوشش ڪري انهن تي نه چڙندو آهيان. ڪو مهمان ايندو آهي ته گهڻو خوش ٿيندو آهيان، ۽ هميشه اهو انتظار رهندو اٿم ته ڀهرين هو سگهيو ٿئي، پوءِ اسان کي ٿيڻ گهرجي. گهر ۾ زال کي ۽ ٻارن کي به هميشه اهڙو تاڪيد ڪندو آهيان؛ جي اوچتو يا بيوقتو ڪو مهمان اچي ويندو آهي ته ڀهرين پنهنجي ماني انهيءَ کي ڏيئي ڇڏيان، پوءِ ٻي ڪا بچيل آءٌ کان؟. دل ۾ مون کي هميشه اها خوشي رهندي آهي ته جي وسعت هجي، پورو بندوبست رکي سگهجي ته هميشه مهمان پيا اچن ۽ وڃن. ايراني يا عرب يا هندستان جي ٻين پاڱن جا مسافر گهڻا ايندا آهن، ۽ ڪي اچي ڪجهه ڏينهن مهمان رهي، پوءِ خيرات وٺي ويندا آهن. انهن کي خاص طرح آبرو ڏيندو آهيان، ۽ ڪوشش ڪري انهن کي خوش ڪري، روانو ڪندو آهيان، بعضي ٻاهران آيلن دوستن کي سڏي مهماني ڪندو آهيان ۽ انهن سان گڏ ڪن ٻين عزيزن کي به سڏي ڪارائيندو آهيان؛ مگر آءٌ ڪوشش ڪري ڪنهن جو مهمان ٿيڻ نه گهرندو آهيان، بلڪ جي ڪٿي مانيءَ لاءِ سڏ ٿيندو اٿم ته اتي به ڪو عذر ڏئي نه ويندو آهيان، ۽ جتي وڃڻ ضرور هوندو آهي، جيئن مرڻي يا پرڻي جي مانيءَ تي گهڻو ڪري پنهنجي هڪڙي پٽ کي پنهنجي طرفان وڃڻ لاءِ چوندو آهيان.

## مذهب ۽ فرقا

مذهب جي خيال سان اسين ميرزا، شيعا آهيون، يعني جعفري يا اثناعشري. بابو ۽ نانو مرحوم ننڍي هوندي پنهنجي وطن مان نڪري، پهرين ايران ۾ رهيا، جتي شيعن جي مذهب جي تعليم ملين. وري جڏهن سنڌ ۾ آيا، تڏهن به مير صاحبن ٽالپرن وٽ رهيا، جي پڻ شيعي مذهب جا هئا، تنهنڪري پڇاڙيءَ تائين انهيءَ مذهب ۾ رهيا. يعني نبي ۽ نبيءَ جي اولاد سان گهڻي محبت هوندي هين ۽ پيسن سيني ڪان حضرت نبي ۽ علي انهن جي اولاد کي يعني پنجتن ۽ آل عباس کي زياده شرف وارو سمجهندا هئا. سنڌ ۾ رهڻ ڪري اسان جو توڙي اسان جن وڏن جو اهل سنت سان گهڻو واسطو رهيو، تنهنڪري انهن جي اڳيان تعصب ظاهر ڪرڻ پسند نه ايندو هون. مون کي ياد آهي ته بابو مرحوم سنين سان گڏ به سنين جي نماز پڙهندو هو، ۽ سني امام يا پيش‌نماز جي پٺيان به نماز پڙهندو هو ۽ اڪيلو پنهنجي منهن شيعن واري نماز به پڙهندو هو، يعني هٽ چوڙي. جيتوڻيڪ آل نبيءَ سان حد کان زياده محبت هيس، تڏهن به مون ڪڏهن ڪين يارن ۽ اصحابن جي نسبت ۾ اجايو سجايو ڳالهائيندو نه ڏٺو. اسين پائر به ائين ڪندا اچون. اگرچ اسان مان ڪي شيعي مذهب جا زياده پابند آهن ۽ ڪي سنين سان به ظاهريءَ طرح شامل ٿيندا آهن، جيئن ته جمعي يا عيد جي نماز وقت يا پين وقتن تي سني جماعتن سان نماز پڙهڻ وقت يا مون کي پين مذهبن جي ڪتابن پڙهڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونه ٿيندو آهي، اگرچ منهنجن ڪن عزيزن کي ايندو آهي. مون کي پاڻ شوق رهندو آهي ته پين مذهبن جا ڪتاب پڙهان ۽ انهن جي اصولن جو اسلام جي اصولن سان مقابلو ڪريان. انهيءَ خيال سان شيعن جا مذهبي ڪتاب توڙي سنين جا ڪتاب گهڻا پڙهيا اٿم، ۽ طرفين جي پارن لاءِ پنهي مذهبن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ڪتاب بہ لکيا اٿم. عيسائين، هندن، ٿياسفي، تصوف، بهائي ۽ ٻين مذهبن جا ڪتاب بہ اڪثر شوق سان پڙهندو آهيان، ۽ انهن جا ڪيترا ڪتاب ترجما ڪيا اٿم، جيئن تہ توريت، انجيل، زبور، ٿياسفي وغيره. انهن جدا جدا مذهبن جي اصولن جانچ ڪري، صوفين واري ڳالهہ پوريءَ طرح ثابت ٿئي ٿي تہ سڀني مذهبن جو اصل اصول هڪڙو ئي آهي، يعني خدا جي وحدت ۽ مخلوقات جي ڪثرت، ۽ خدا جي حڪم جي تابعداري ۽ فرمانبرداري، جنهن کي اسلام ٿو چئجي، ۽ مذهبن جي بانين يعني پيغمبرن ۽ اوليائن جي تعظيم. پر پوءِ رفتي رفتي ظاهري رسمن ۽ قومي پرمن ۽ خاصيتن ڪري تفاوت پئجي ويا آهن، ۽ علحدا علحدا فرقا ٿي ويا آهن. انهيءَ مدنظر تي تصوف وارو مذهب صلح ڪُل جو سڀ کان بهتر آهي، جو نج اسلام آهي ۽ جنهن ۾ سڀ اصلوڪا مذهب اچي وڃن ٿا، ۽ جنهن موجب سڀ انسان فرق کان سواءِ هرمذهب ۽ پائر ٿي سگهن ٿا.

ويندين جنهن مذهب ۾ تون، ڏسندين اتي جهيڙو ۽ جنگ،
جي هجين آرام جو طالب تہ صلح ڪُل ۾ آهي.

ڪيو تعصب ڏار پاهر هندو ۽ مسلم جو ٿانوَ،
نہ تہ اندر ميخاني ۾ ساقي بہ هڪ پيالو بہ هڪ.

انهيءَ بابت منهنجو پيو شعر بہ آهي ۽ گهڻا ٻيا علحده شعر بہ آهن، جي پارهين باب ۾ ڏنا اٿم.

منهنجو مذهب

بعضي ماڻهو مون کان پڇندا آهن تہ تنهنجو ڪهڙو مذهب آهي؟ سني آهين يا شيعو آهين يا وچوَن ڪو پيو مذهب اٿئي؟ تنهنجو پير يا مرشد ڪير آهي؟ اهڙن وقتن تي آءٌ منجهي ويندو آهيان ۽ نيٺ چوندو آهيان تہ آءٌ سني

ٻه آهيان ۽ شيعو ٻه آهيان، بلڪ سُني مذهبن جو آهيان. سُني مذهبن جا اصول ڄاڻان ۽ انهن تي ڪتاب لکيا اٿم ۽ سُني سان تعصب کان سواءِ گذاريندو آهيان. آءٌ ڄاڻندو آهيان ته دنيا ۾:

ڪعبو، بتخانو ٻئي آهن درڪار،
جنڊ کي ٿا کپن ٻه پُڙ ضرور.

آل انڊيا شيعا ڪانفرنس جو ميمبر آهيان، بلڪ سنڌ مرڪزي ڪميٽيءَ جو به ميمبر آهيان. سنڌ جي ۽ خاص حيدرآباد جي انجمن اماميه يا شيعن جو به ميمبر آهيان، بلڪ اڳي انهن جو وائيس پريزيڊنٽ به هوس. حيدرآباد جي انجمن اسلاميه يعني شيعن ۽ سنين ٻنهي جي، يعني عام مسلمانن جي جماعت جو به ميمبر آهيان، ۽ اڳي وائيس پريزيڊنٽ به هوس. مرثيا ۽ منقبت پڙهندو آهيان ۽ لکيا اٿم. نماز به شيعن توڙي سنين وانگي پڙهندو آهيان. پنجتن ۽ انهن جي اولاد سان خاص محبت رکندو آهيان، ليڪن يارن ۽ اصحابن کي بد نه چوندو آهيان، بلڪ ٻين سُني مذهبن جي اصلي بانين کي تعظيم ڏيندو آهيان. اوليائن ۽ صوفي درويشن کي عزت جي نگاهه سان ڏسندو آهيان، ۽ انهن جو ڪلام گهڻو پڙهندو ۽ پسند ڪندو آهيان. منهنجا پير ۽ مرشد اهي ئي آهن، يعني حضرت نبي ۽ علي، انهن جو اولاد، ٻيا اولياء ۽ بزرگ. انهيءَ ڪري سون چيو ته نڪي سني آهيان نڪي شيعو آهيان يا ته ٻئي آهيان. انهيءَ خيال سان نوڪريءَ جي وقت يا انهيءَ کان اڳي توڙي پوءِ هتي ڪو مشهور عالم فاضل يا ڪو پير ۽ فقير يا ڪو درويش يا صوفي بزرگ ٻڌندو آهيان ته وڃي انهيءَ کي ڏسندو آهيان ۽ انهيءَ جي صحبت ڪندو آهيان:

منجهه تصوف پير وانگي، ڪاملن سان گڏ رک،
ڏس ته ڪيئن پيوند سان، سنڌي به صوفي ٿيو پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ جيڪي بزرگ ۽ اولياء فوت ٿي ويا آهن ۽ جن بابت ڪتابن ۾ پڙهيو اٿم يا جن جي تعريف ٻڌي اٿم، تن جي درگاهن ۽ مقبرن تي وڃي زيارت ڪئي اٿم. گهڻو ڪري سنڌ جون اهڙيون سڀ مشهور درگاهون ڏٺيون اٿم. جڏهن ڪوٽڙي ڊويزن ۾ هوس، تڏهن ڪوهستان لنگهي، پب جبل به لنگهي، لاهوت به وڃي ڏٺم، ۽ اتي جيڪا شاهه بلال جي درگاهه آهي، تنهن جي زيارت ڪيم. انهيءَ بابت به منهنجو فارسي ۽ سنڌي شعر آهي، جو ”سوداءِ خام“ ۾ ڏنل آهي. نوڪريءَ جي وقت پنهنجي حد اندر اهڙن درگاهن جا بيان لکي، ڪمشنر صاحب، مسٽر جيمس، جي لکڻ موجب، ڏانهنس موڪليا هئم. منهنجو هميشه اهو خيال آهي ته،

سڀ ڪان مرشد چڱو صفا سينو،
ٿـو سيڪاري مـنـوءَ ڪي آئينو.

---

اڪ ۽ دل تـوکـي ملي، آڏو ڪليئي عالم جـو باب
ڪهڙو پيو استاد گهرجـي، ڪهڙو پيو گهرجي ڪتاب

---

چوي مون کي ڪو مسلم ٿو، ڪو ڪافر ٿو چوي ڪارو
حقيقت ديـن منهنجو ٿـيـو بهتر مـذهـبـن وارو.

---

# باب نائون

## منهنجون عادتون، خواهشون، خيال ۽ رايا

(ڀاڱو پهريون)

### خوراڪ

مٿي مون روزن رکڻ جي شوق بابت ذڪر ڪيو آهي. هاڻي پنهنجي رواجي کاڌي پيتي جي عادت بابت ذڪر ڪندس: اسين سڀ ڀائر ۽ ڀيڻون ۽ پيا گهر جا ڀاتي ننڍي هوندي کان ٿوري کاڌي کائڻ ۽ سادي مانيءَ کائڻ تي هريل رهندا آيا آهيون؛ آسانيءَ سان بک اڃ سهي سگهندا آهيون، بلڪ موسم جي گرمي ۽ سردي به گهڻي سهي سگهندا آهيون. ننڍي هوندي کان انهيءَ تي هريل آهيون، تنهنڪري ٿوري زياده گرمي يا سرديءَ ۾ رهڻ ڪري يا هوا ۽ جهولي لڳڻ ڪري، خدا جي مهربانيءَ سان بيمار نہ ٿيندا آهيون. گهڻي کاڌي ۽ عمدي مڪلف کاڌي تي اصلي هريل ناهيون. انهيءَ عادت ڪري، اشتها پوري پني رهندي آهي. اڪثر پوريءَ مهل تي کاڌو کائيندا آهيون. ننڍي هوندي کان نہ فقط ڪڻڪ ۽ چانورن تي هريل آهيون، پر ٻهراڙيءَ وارو کاڌو يعني ٻاجهري يا جوئر جي ماني، جهڻ ۽ مکڻ به گهڻو پسند ايندو آهي. اڪثر پنهنجو انّ پنين تان اچي ۽ پنهنجو مال رهندو آهي، جنهنڪري کير، ڏڌ ۽ مکڻ موجود ٿي سگهي ٿو. گوشت ۽ مڇي پلو به کائيندا آهيون، مگر ڀاڄي ۽ ميوو زياده پسند ايندو آهي. مون کي تہ خاص طرح ڀاڄيون پسند اينديون آهن ۽ گوشت نہ وڻندو آهي. منهنجو پٽ نادربيگ ۽ سندس ٻار ٻچا فقط ڀاڄيون کائين ۽ گوشت ۽ بيو ماس اصل ڪين کائين؛ نہ فقط انهيءَ ڪري تہ هو ٿياسفٽ آهن، پر ڪچيءَ کان طبيعت جو ميل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اسان وٽ گاڏيون، گهوڙا ۽ بائسيڪلون آهن، تڏهن انهن تي ايندا ويندا آهن. انهيءَ هوندي به ٿڌي وقت ۾ هنن کي پنڌ موڪلبو آهي.

نوڪريءَ جي وقت ۾ سيهڙ ۽ قنمبر تعلقن مان ڏاڙهيارو جبل سارو گهميس، جتي ڪتي جي قبر آهي ۽ انهيءَ جو بيان لکيو اٿم. ڪونڙيءَ مان کيرٿر ۽ ڪارو جبل به پيادو آرپار ويو آهيان، جنهنڪري جبل جا ماڻهو به حيران ٿيو ٿي ويا.

آءٌ ٿيس پير، مگر وئي نہ جواني سون مان،
گل ڪوماڻل جو وڃي رنگ ۽ رهي بُو باقي.

## جانورن تي رحم

جهنگ ۾ رهڻ ڪري پکين ۽ جانورن رکڻ جو شوق ننڍي هوندي کان گهڻو رهيو- ڳائون، ماهيو ۽ ٻاڪرو مال ضرور رکڻو پوي ٿو. گهوڙا ۽ اٺ به رکڻا پون ٿا، ۽ انهيءَ ڪري هاٿي گاڏي به رکڻي پوي ٿي. هرڻ، ڦاڙها، دنبا ۽ گهٽا به رکيا آهن. بلڪ سرهه ۽ گڊ جي ٻچن پالڻ جي ڪوشش به ڪئي ويئي هئي، پر آهي نہ بچيا. شڪاري ڪتا ۽ ٻيا، منهنجن پائرن وٽ گهڻا آهن ۽ چڱا چڱا ٻلا به، پر آءٌ اصل ڪونہ رکان. چڱن قسمن جا ڪُڪڙ، بدڪون، هنجهہ، مور، تتر، ڪبوتر، چتون، بورنون، ڪاڪاٽا ۽ ڇيها اڪثر رکڻ ۾ ايندا آهن، ۽ انهن جي ٻچن ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو آهي. گهوڙين جو نسل، گهڻن ورهين کان اسان وٽ هلندو اچي. اهي وهٽ ۽ اهو مال اڪثر ديهہ تي رهندو آهي. ضرورت مهل منجهانئن ڪي جانور گهرائبا آهن. گهڻن جانورن موجود رکڻ ڪري، آءٌ پنهنجي اڳوڻي گهر کي نوح جي ٻيڙي سڏيندو آهيان، جو منجهس نموني نموني جو جوڙو گڏ ڪيو ويو هو. اهڙو هڪڙو منهنجو شعر به آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شڪار

جهنگ ۾ رهڻ ڪري، شڪار جو شوق ننڍي هوندي کان اسان کي هوندو هو-خاص منهنجن وڏن ڀائرن کي. هو ننڍي هوندي جهنگ ۾ وڃي، پکڙن ۾، تتر ڦاسائيندا هئا، ۽ وڏي هوندي بندوقن سان شڪار ڪندا هئا. ادو مرزا صادق علي بيگ ۽ ادو جعفرقلي بيگ خاص طرح شڪار جا شوقين هئا، ۽ چڱي بندوق هڻندا هئا. اگرچ ٻيا ڀائر به شڪار ڪندا هئا - هرڻ، ڦاڙها، سهاڻ، بدڪون، هنجهه، تلوريون ۽ تتر شڪار ڪندا هئا. آءٌ پاڻ به جوانيءَ ۾ شڪار ڪندو هوس، ۽ نوڪريءَ وارن ڏينهن ۾ بندوقون ڪڻندو هوس. هڪ دفعي ميهڙ ۾، اتفاق سان بندوق هٿ مان ڇٽڪي ويئي، ۽ ان جو گهوڙو منهنجي ڳل ۾ لڳو، ۽ وڏو زخم ڪري وڌائين، جنهنڪري ڪجهه وقت بيمار پيو هوس. اڃا تائين به اهو داغ اٿم، جو هاڻي ڏاڙهيءَ ۾ لڪي ويو آهي. انهيءَ کان پوءِ، بندوق پاڻ وٽان ڪڍي ڇڏيم ۽ وري شڪار نه ڪيو اٿم. تنهن کان سواءِ، مون کي جانورن تي گهڻو قياس به ايندو آهي. شڪار جي نسبت ۾، منهنجي راءِ آهي ته جتي ڪو ٻيو کاڌو موجود نه ٿي سگهي، اتي شڪار ڪري پکي يا جانور مارڻ ۽ کائڻ لاچار آهي، انهيءَ وقت به آهي ايترا مارجن، جيترن جي گهرج هجي، نه وڌيڪ. تماشي جي لاءِ پکي يا گهڻا جانور مارڻ، پاپ جهڙو ڪم آهي.

وئي هاءِ جواني، نه وري سُور ڏسان،
هرڻ جو شڪار دل اڃا چئي ته ڪريان؛
قد منهنجو ڪمان جان ٿيو پيريءَ کان ڏنگو،
لٺ زِهَ ڪري ان جي، تير ٿو خوب هڻان.

نقصان رسائڻ وارن جانورن کي مارڻ ٻي ڳالهه آهي؛ جيئن ته وڇون، نانگ، بگهڙ وغيره. انهيءَ ڪري مون کي جانورن تي گهڻو قياس ايندو آهي. پنهنجي هٿ سان ڪُڪڙ يا تتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ڪوبہ ساهوارو موں ڪونہ ڪُٺو هوندو ۽ نہ ٻئي ڪي ڪهندو ڏسي سگهندو آهيان. بلڪ ڏينهوءَ يا وڇونءَ کي بہ جهنگ ۾ ڪٿي ڏسي، ڇڏي ڏنو هوندم. نوڪريءَ جي وقت ۾ هڪڙي ٻيري صبح جو هوا کائيندي، سڙڪ تي هڪڙو ڪڇوُن سرندو ڏٺم. آءٌ حيران ٿيس تہ سڙڪ تي ڪڇوُن ڪيئن آيو! آخر ٻيهي خيال ڪيم. جانچيم تہ سڙڪ جي هڪڙي پاسي ڪوهہ ڪن پنڌ تي هڪڙو ڍورو هو، جو تازو سڪي ويو هو ۽ سڙڪ جي ٻئي پاسي ميل ڪن پنڌ تي هڪڙي ڍنڍ هئي. ڪڇوُن کي سياڻي طرح معلوم ٿيو تہ پاڻي سڪڻ ڪري، ڍنڍ ڏي وڃڻ گهرجي، تنهنڪري آنهيءَ رخ ڏي سُرندو ويو. مون کي ڊپ ٿيو تہ متان ڪو ڪتو يا گدڙ يا ٻيو ڪو جانور هن کي ماري وجهي، تنهنڪري هن کي کڻي، پنڌ ڪري وڃي ڍنڍ تائين پهچائي آيس. ائين ڪرڻ ڪري آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس. تنهن کان سواءِ، گوشت گهٽ کائڻ ڪري بہ شڪار ڪرڻ جي خواهش نہ ٿيندي آهي. انهيءَ دل جي ميل ڪري جانورن کي ظلم کان بچائڻ واريءَ سوسائٽيءَ جو ميمبر آهيان، جيئن مٿي پڻ اشارو ڏنل آهي-

ساهہ حيوانن جو بخشڻ اصل ٿي انسانيت،
ٿي تون انسان، اي ادا، ڇوٿو ڪُهين حيوان کي.

## نوڪري ڪرڻ جو رستو

سرڪاري نوڪري کهڙيءَ ريت ڪندو هوس، تنهن جو ٿورو ذڪر ڪندس: سرڪار جو نوڪر ٿي پاڻ تي فرض سمجهندو هوس تہ سرڪاري حڪمن، قاعدن ۽ قانونن جي پوري تعميل ڪريان، پوءِ اگرچ انهن جي نسبت ۾ منهنجي ذاتي راءِ مخالف هجي. رعيت ٿي پاڻ، پاڻ تي فرض سمجهندو آهيان تہ سرڪار جي برخلاف نڪي چوان، نڪي ٻڌان. سرڪار جي برخلاف فساد يا بغاوت ڪرڻ نامناسب، بلڪ اسلامي اصول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجب نمڪحرامي ۽ گناهه سمجهندو آهيان. نوڪري ايمانداريءَ سان ڪندو هوس. جيتوڻيڪ سرڪاري حڪمن جي پوري تعميل ڪندو هوس ته به پيءُ خلق تي ۽ رعيت تي انصاف، رحم ۽ مهربانيءَ جي نظر رکندو هوس. سرڪاري قاعدو، کهڙو به سخت هوندو ته به انهيءَ جي تعميل، عملدار جي پنهنجي دل جي ميل تي تعلق رکي ٿي؛ نرمي ڪرڻ گهرندو ته نرم ٿيندو، ۽ جي سختي ڪرڻ گهرندو ته سخت ٿيندو. بيشڪ اهڙو اعتدال جو رستو آهي؛ جنهنڪري قاعدي جي تعميل به ٿئي، ۽ پئي ڪي اجائي تڪليف به نه رسي- مثلاً فصلن جي معافيءَ ڏسڻ جو ڪم، معافيءَ جي رولن موجب سختيءَ سان ڪرڻ ڪري، آبادگارن سان سختي ٿي سگهي ٿي، ۽ واجبي رستي سان ڏسڻ ڪري سختي نٿي ٿئي-

وات ڏيکارڻ گهرين جي، آهي عالم سارو وات،
هٿ وٺي چاڙهڻ گهرين جي، آهي دنيا ساري ڪَنڌَ.

سرڪاري نوڪريءَ ۾ نه مون ڪنهن سان خاص دوستي رکي ۽ نه ڪنهن سان خاص دشمني رکي. ائين ڪو به چئي نه سگهندو ته فلاڻي زميندار يا ماڻهوءَ سان، فلاڻي جي دوستي آهي، يا فلاڻي سان دشمني آهي. سيني کي درجي آهر مناسب آبرو ڏيندو هوس ۽ چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ تحسين ڏيندو هوس، ۽ بيواجبي ڪم ڪرڻ لاءِ شوخي ڏيکاريندو هوس. معافي گهرڻ تي اڪثر معافي ڏيندو هوس، پر جي ڪنهن خود منهنجي برخلاف ڪجهه چيو يا ڪيو هوندو ته انهيءَ ڪري هُن سان وير رکي، نقصان نه پهچايو هوندم. ڪنهن کي ڳارگند عمر نه ڏنيم، ۽ نڪي چڙ ۾ ڪڍهن اجايو سجايو ڳالهايو هوندم. جي اتفاق سان گهٽي چڙ ۾ بدمعاش يا بيوقوف چئي ويٺو هوندس ته پوءِ پشيمان ٿيو هوندس.

تون واڳ ادا نفس مَهَوسؒ کي نه ڏي،
ايذا نه ڪنهين به خار ۽ خَس کي نه ڏي،

سمجهه، وارا عملدار زياده مهربان رهندا هئا، ۽ ڪي خوشامد پسند انهيءَ کي مغروري سمجهي، رنج رهيا هوندا. پر انهيءَ جو مون کي فڪر نه رهندو هو. چالاڪ جو اهڙو ڏپ نه رهندو هو ته بي‌ايمانيءَ جي تهمت اچي سگهندي يا انهيءَ جو ڪو شڪ پيدا ٿي سگهندو. چوندا آهن ته "آنرا ڪه حساب پاڪ است، از محاسبه چه باڪ". ڪرنل ميهو، ڪليڪٽر، تمام سخت ماڻهو هوندو هو، ۽ رشوتخورن، بي‌ايمانن ۽ سست عملدارن جو دشمن هوندو هو؛ تنهن جي مهرباني ايتريقدر هوندي هئي، جو جڏهن آءٌ وارهه ۾ مختيارڪار هوس ۽ بيمار هوس ۽ سندس زال اتي هئي، تڏهن مون کي پنهنجي خانگي جاءِ تي اچي ڏسندو هو ۽ دلاسا ڏيندو هو. مسٽر ميؤلس به ساڳيءَ طرح جي هلت ڪندو هو. سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڻن هنڌن تي نوڪري ڪيم، ۽ هڪ هڪ هنڌ تي ٻه-ٽي ورهيه رهيس- بلڪ پوئين جڳهه يعني ڪوٽڙي ڊويزن ۾ ته ساندهه ڏهه ورهيه رهيس، ۽ اهڙيءَ طرح نوڪري ڪيم ۽ ماڻهن سان هلت ڪيم، جو اڄا تائين انهن هنڌن جا ماڻهو مون کي ياد ڪندا آهن ۽ وري اتي اچڻ لاءِ چوندا آهن. سيڪنهن هنڌ بدلي ٿيڻ وقت، پارٽي ڏيڻ يا مجلس ڪرڻ يا گڏ ويهي تصوير ڪيڏائڻ جي لاءِ مون کي چوندا هئا، پر ڪڏهن به اهڙي ڪا پارٽي قبول نه ڪيم ۽ نه تصوير ڪيڏايم، جيئن هاڻي عام دستور آهي. گهڻا آفيسر ته پاڻا اشارو ڏيئي، اهڙيون پارٽيون ڏياريندا آهن ته جيئن سندن مشهورائي ٿئي. خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اها عادت منهنجن پيڻ پائرن توڙي انهن جي پٽن جي به نه رهي آهي.

## دل جا لاڙا ۽ سادگي

پنهنجي دل جي لاڙن ۽ سادگيءَ بابت ٿورو لکڻ مناسب ٿو سمجهان. آءٌ پنهنجن عزيزن ۾ بلڪ دوستن ۾ نماڻو، نهٺو، نرم دل، صبر وارو ۽ ٿور ڳالهائو شمار ڪيو ويندو

آءٌ بيهي رهيس. پڇا ڪرڻ تي جڏهن حقيقت معلوم ٿي، تڏهن لهي پيس. پنهنجي نائڪ ۽ اردليءَ جي مدد سان، انهيءَ زال جي دفن ڪفن جو بندوبست ڪيو ويو، ۽ ماني ٽڪيءَ لاءِ مناسب پئسا ڏنا ويا، ۽ ٻارن کي گهڻو دلاسو ڏنو ويو. هنن کي روئندو ڏسي، مون گهڻو رنو. انهيءَ دل جي ميل ڪري، آءٌ اڪثر موت کي گهڻو ياد ڪندو آهيان، ۽ سمهڻ مهل خاص طرح چاهيندو آهيان ته شايد رات جي عرصي ۾ مري وڃان. منهنجو بيت آهي ته:

موت کي ڪري تو هردم ياد،
آهي تحقيق زندهه جاويد.

رکي جا موت سان دل آشنائي،
هميشه لئي رهي جيئري تي سائي.

انهيءَ خيال سان مون پنهنجي قبر پڪي، پنهنجي مقام ۾، پنهنجي پهرينءَ زال جي قبر جي پاسي ۾ ٺهرائي ڇڏي آهي، ۽ اتي منهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀائن ڀيڻن جون به قبرون آهن. اتي سڀڪنهن جمعي جي ڏينهن صبح جو آءٌ ويندو آهيان ۽ ختمو ڏيندو آهيان، ۽ پنهنجن مئلن مائٽن کي ياد ڪندو آهيان، ۽ پنهنجي قبر ڏسي چوندو آهيان، ته هڪڙي ڏينهن آءٌ هتي رکيو ويندس. ـ بشرطيڪ ڪنهن ٻئي هنڌ سفر ۾ نه مئس. پنهنجو ڪفن به تيار ڪري رکي ڇڏيو اٿم. بلڪ جنازي کڻڻ جي ڏولي به ٺهرائي ڇڏي اٿم، جا ٻين عزيزن جي وفات وقت به ڪم پئي ايندي هئي. مون گهڻن عزيزن ۽ دوستن جي وفات جون تاريخون فارسي شعر ۾ چيون آهن. اهو خيال به دل ۾ آيم ته منهنجي قبر تي به خود منهنجي تاريخ اڪرڻ ۾ اچي ته چڱو. تنهنڪري گهڻن ورهين کان وٺي هجري سال جي شروع ۾، پنهنجي مرڻ جي تاريخ شعر ۾ چوندو آهيان، جنهن ۾ ابجد جي حساب سان اهو هجري سال ڏنو ويو آهي. اهي سڀ پنهنجون يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرايون تاريخون منهنجي ڪتاب ”سوداي خام“ ۾ ڏنل آهن.
پنهنجي وفات جون ڪي تاريخون نموني لاءِ هيٺ يارهين
باب ۾ ڏيندس.

صبر ۽ قناعت ۽ توڪل

خدا جو شڪرانو آهي تہ خدا دل ۾ صبر، قناعت ۽ توّڪل گهڻي ڏني آهي، ۽ دنيا جي طمع بلڪل نہ ڏني اٿس، تنهنڪري پئسي ميڙڻ جو شوق مون کي ڪونهي. ايمانداريءَ جي رستي غريبيءَ سان هن حالت تي آيو آهيان، ۽ منهنجا پائر بہ ائين آيا، تيئن چاهندو آهيان تہ منهنجي اولاد کي بہ خدا پاڻهي چڱي حال ۾ رکندو، ۽ انهن جي لاءِ مٿو هڻي، گهڻي دولت ڇڏي وڃڻ نہ گهرندو آهيان.

جي گهرين دولت هجي جا پائدار ۽ برقرار،
خلوت آهي ۽ قناعت، سا تون عادت تن جي ڏار.

---

جيڪو قانع ٿئي، ڏسي تلخي زماني جي نہ سو،
سپ سمنڊ کاري جي وچ ۾، ٿي مٺو پاڻي پيئي.

وسعت آهر فرض سمجهي هنن کي تعليم ڏني اٿم ۽ پيو ڏيان. جيڪي موجود آهي، سو هنن جي لاءِ ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار آهيان، ۽ انهيءَ ڪم لاءِ پاڻ کي جلد مرڻ وارو ڄاڻي، ۽ اولاد جي وچ ۾ تڪرار يا ناسازي ٿارڻ جي ارادي سان پنهنجو وصيت نامولکي، مهر هڻي رکي ڇڏيو اٿم، انهيءَ جا بہ ايگزيڪيوٽر يا تعميل ڪرڻ وارا بہ مقرر ڪري ڇڏيا اٿم ۽ ٿوري رقم چئن لائيف انشورنس پاليسين جي رستي بہ رکي ڇڏي اٿم، جا منهنجي مرڻ کان پوءِ ترت انهن کي ڪم اچي سگهندي. اهو ظاهر دنيائي ۽ عقلي احتياط ۽ اڳ-ڳڻتي ڪئي اٿم، باقي سڀ خدا تي توڪل رکي سندس حوالي ڪيو اٿم.

ما ڪار خويش را بہ خداوند ڪارساز،
بسپرده ايم تا ڪرم او چہ ميڪند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي طمعي

اهڙيءَ حالت ۾ دنيا جي طمع گهٽ هئڻ ڪري، اگرچ دنيا ۽ آخرت جي عزت ۽ سرخروئي هميشه خدا کان گهرندو آهيان، پر نه دنيا جي دولت يا اجائي رستي سان نالو ناموس. وڏي عهدي ۽ وڏي درجي يا لقب لاءِ ڪڏهن به خواهش ڪانه ڪيم، ۽ نه ڪڏهن ڪوشش ڪيم. مٿي چيو اٿم ته خيرپور جي وزيريءَ لاءِ مير صاحب فيض محمد خان گهڻو زور ڪيو، پر ڪن خاص سببن ڪري، جي منهنجي دل جي اصولن جي برخلاف هئا، ۽ جن شرطن تي آها آچ ٿي هئي، سي مون نه قبوليا، ۽ جي پڻ قبوليا ۽ وزير ٿيا. (ڏسو باب يارهين ۾). سرڪاري عملدار، لقبن لاءِ آفيسرن کي منٿون آزيون ڪندا آهن، ۽ خوشامد ڪندا آهن، پر مون ڪڏهن ڪانه ڪئي. ”قيصر هند“ جو ميڊل مليو، پر انهيءَ جي به مون کي اوچتي خبر پئي، ۽ اخبار ۾ پڙهيم، نه ته بلڪل خبر نه هيم. انهيءَ ساڳئي سال ۾ ادي مرزا صادق علي بيگ کي به ”خانصاحبيءَ“ جو لقب مليو. تنهن کي به اڳي اها خبر ڪانه هئي. معلوم ناهي ته ڪيئن اها ڳالهه سرڪار جي ڌيان تي آئي، ۽ ڪنهن ۽ ڪهڙي ڪاتي مان اها سفارش ٿي! نوڪريءَ کان پوءِ وائسراءِ جو ”سرٽيفڪيٽ آف ميرٽ“ به اوچتو مليو، ۽ مون کي ڪابه خبر ڪانه هئي. پينشن وٺڻ کان پوءِ سرڪار مهرباني ڪري، هزار ايڪڙ زمين جا هلڪي مالڪاڻي تي ڏيئا ڪيا. گهڻن ڪشالن کان پوءِ ٽنڊي محمد خان جي پاسي زمين هٿ ڪئي وئي، پر انجنير پاڻيءَ ڏيڻ تي اعتراض آندو. شايد زياده پئسا خرچجن ها ته انجنيري ڪاتو به راضي ٿي موڪل ڏئي ها، پر مون کي نڪي زياده پئسا هئا، نڪي ڏيڻ ٿي گهريم. تنهنڪري ڏاڍيءَ نفرت سان زمين جي دعوا ڇڏي ڏنيم. اهو منهنجي طبيعت، دل جي ميل، توڪل ۽ قناعت

جو هڪڙو مثال آهي. جيڪا حالت هوندي آهي، انهيءَ تي خوش رهندو آهيان، ۽ سمجهندو آهيان، ته لائق انهيءَ جو آهيان، ۽ منهنجي چڱائي به انهيءَ ۾ آهي.

تون حرص هَوَس جو دل ۾ ڪو ساز نه ڪر،
خود بيني ۽ خود فروشي آغاز نه ڪر،
جي تنهنجي مراد ٿي نه پوري، نه پڪار،
آئين تون نياز لاءِ هٿ، ناز نه ڪر.

انهيءَ خيال سان، سرڪاري نوڪري به جتي ٿيندي هئي، اتي خوش رهندو هوس، جو چاهيندو هوس، ته خدا مون کي اتي رکايو آهي. ڪڏهن پنهنجي بدليءَ لاءِ درخواست يا عرض نه ڪيم. دل ۾ چاهيندو آهيان، ته ڪيترا بيشمار ماڻهو آهن، جن جي حالت مون کان خراب ۽ گهٽ آهي. تڏهن شڪرانو ڪندو آهيان، ته اهڙو ناهيان، وري به بهتر آهيان. ڪڏهن خدانخواسته ڪا مصيبت يا تڪليف ايندي آهي، يا ڪو نقصان يا ايذاءُ پهچندو آهي، تڏهن ڪوشش ڪري صبر ڪندو آهيان، ۽ دل کي تسلي ڏيندو آهيان، ته جي انهيءَ کان به وڌيڪ تڪليف يا نقصان ٿئي ها، ته ٿي سگهي ها يا شايد ٿيٺو هو، پر خداتعاليٰ پنهنجي فضل سان انهيءَ کي گهٽائي ايترو ڪيو، ۽ پيا ڪيترا ماڻهو آهن، جن کي انهيءَ کان به وڌيڪ تڪليف هوندي.

نفس سان جنگ

اهڙي موت جي يادگيريءَ، ۽ خدا تي ڀروسي رکڻ، ۽ خلق جي آسائش ۽ فيض رسانيءَ جي خيالن سان ۽ وير وساري دوستي رکڻ جي خواهش سان دل کي شيطاني خيالن هٽائڻ جي گهڻي همت ٿئي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن بشريت ۽ طبيعت جي ڪري دل ۾ ڪي بڇڙا خيال ايندا آهن، ته هڪدم انهن کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، ۽ انهيءَ استعمال ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪثر فتحياب ٿيندو آهيان، ۽ انهن جي بدران چڱن ۽ رحماني خيالن ڪرڻ جي گهڻي سهوليت ٿيندي آهي.

نفس جڏهن تابع ٿئي تڏهن ڪم ڪري ڏاهپ جا سڀ،
امن ۾ عالم رهي جڏهن چور چوڪيدار ٿئي.

-

نہ سرڻ جي گهرين تہ نفس کي مار،
پار جي لاءِ سار آهي سڌار.

انهيءَ عادت سان گڏ، ننڍي هوندي جي سادگي ۽ پورڙائي جي مدد گهڻي ڪمائتي ٿيندي آهي. انهيءَ جو هڪڙو نتيجو هي آهي، جو مون کي عجيب نظر ايندو آهي، ۽ جنهن کي آءٌ پنهنجي لاءِ خدا جي خاص مهرباني سمجهندو آهيان، اگرچ شايد پين گهڻن جي بہ اهڙي حالت هجي. آهو هي آهي تہ جڏهن ٻاراڻي وَهي گذري ۽ آءٌ بالغ ۽ جوان ٿيس، تڏهن مون کي ياد آهي تہ پهريون شيطاني خواب لڌو هوم، جنهن کي "احتلام" يا "تَرُ پوڻ" چوندا آهن، انهيءَ مان مون کي معلوم ٿيو تہ هاڻي آءٌ بالغ ٿيو آهيان، ۽ شيطان جو ۽ نفس جو يعني شهوت جو مون تي عمل هلي سگهندو. انهيءَ لاءِ آءٌ پاڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، ۽ ننڍي هوندي جو حياءُ، شرم ۽ طبيعت جي سادگي ۽ پنهنجي عزت آبرو ۽ ناموس بچائڻ جي خواهش، اهي سڀئي مون کي گهڻيقدر ڪمائتا ٿيا. يعني آءٌ شيطاني ڪمن کان بچڻ لڳس. بلڪ شيطاني خيال بہ نہ اچڻ لڳا. يا جيڪڏهن ايندا هئا تہ آهي گهڻيقدر روڪي سگهندو هوس. سگهوئي پوءِ شادي ڪيم، جيئن مٿي ذڪر ڪيو اٿم. انهيءَ جوانيءَ جي وقت کان وٺي، اڄ تائين مون کي ڪڏهن بہ شيطاني خواب ڪونہ آيو آهي. ڪيترا پيرا اهڙا خواب ڏٺا هوندم، مگر هميشه پنهنجي زال سان صحبت ڪرڻ جا ڏٺا هوندم، نہ ڪنهن بہ ٻيءَ زال سان. انهيءَ هوندي بہ ڪڏهن آءٌ پليت نہ ٿيو هوندس، جنهنڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهنجڻ جو ضرور ٿئي. اها ڳالهه آءٌ هميشه عجيب سمجهندو آهيان، ۽ جيئن مٿي چيم ته پنهنجي نسبت ۾ خدا جي خاص مهرباني سمجهندو آهيان. اگرچ اسڪان آهي ته گهڻن پين جي به اهڙي حالت هجي. بهرحال انهيءَ لاءِ آءٌ خدا تعاليٰ جو شڪرگذار رهندو آهيان.

مَتَ تون توکي اي شاهه، مون گدا سان ڪنهن ڪيو،
نفس ۽ هوَس آهي، منهنجو هڪ پانهو ٿيو،
غالب ٿيو نفس توتي، تنهنجو سو ڏٺي،
پانهو ٿئين تون، منهنجي به هڪ پانهي جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڏهون

## منهنجون عادتون، خواهشون، منهنجا خيال ۽ رايا

(ڀاڱو ٽيون)

### شاديءَ بابت راءِ

شادي ڪرڻ يا ڇڙهي رهڻ جي نسبت ۾، مون شاديءَ کان اڳي گهڻو خيال ڪيو هو، ۽ مقابلو ڪري، نفعا ۽ نقصان تفصيلوار ڪاغذ تي لکي، دل ۾ تڪي توري پوءِ شادي ڪيم. انهيءَ بابت پنهنجي راءِ مختصر طرح پيش ڪرڻ ٿو گهران، شايد اها پڙهندڙن کي، خاص منهنجي اولاد کي پسند اچي يا مدد ڪري. انهيءَ بابت ٿورو گهڻو بيان پنهنجي ڪتاب ”زينت“ ۾ به ڏنو اٿم، ۽ انهيءَ مضمون تي هڪڙو شعر به آهي: (ڏسو باب يارهون، شعر نمبر ٻارهون).

جيئن مٿي به چيو اٿم، تيئن ننڍي هوندي کان آءٌ شادي ڪرڻ جي برخلاف هوس، ۽ ڇڙهو ۽ آزاد رهڻ پسند ڪندو هوس. پوءِ درجي بدرجي ڪاليج کان موٽي اچڻ تي منهنجو اهو خيال ڦريو، ۽ پوءِ شادي ڪرڻ بهتر سمجهيم. پر تڏهن وري سنڌي نموني شاديءَ جي دستور کان ڏهندو هوس، ۽ يورپي قوم مان شادي زياده پسند ٿي آيم ۽ انهيءَ جي ڪوشش ٿي ڪيم. پر پوءِ انهيءَ جي به خامي معلوم ٿيم، ۽ پنهنجي ديسي شادي پسند آيم، مگر اڳواٽ اها ڇوڪري ڏسڻ ۽ پسند ڪرڻ ضروري سمجهيم. انهن سڀني اوائل جي حالتن ۾ رهڻ کان پوءِ، شادي جي نسبت ۾ منهنجي راءِ اها آهي ته ”جي ڪو خاص اعتراض نه هجي، ۽ جي ڀاڙ تي يعني پنهنجن نفساني خواهشن تي غالب پوڻ مشڪل نظر اچي ته ڇڙهي رهڻ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي بهتر آهي، جو انهيءَ ڪري دنيا ۾ وقت بهتر ٿو گذري، ۽ دل جا خيال به پاڪ ۽ چڱا ٿا رهن، ۽ ديني حڪم به بجا ٿو اچي. عزيزن ۽ همجنس ۽ هم-قوم يا هم-ذات وارن ۾ ڪا لائق ٻانهن نه هجي، ته پوءِ لاچار ڌارين مان ڪجي، نه ته جيتري خيرخواهي پنهنجي ڪي رهندي، اوتري پرائي کي يا ڌارئين کي نه رهندي. شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪري وڏو ۽ سڌريل گهر ڳولڻ گهرجي، ۽ جي اهڙي ٻانهن حسين به هجي، ۽ دولتمند به هجي، ته سڀ کان بهتر، نه ته اهي پويون ٻئي لياقتون هڪدم ضروري ناهن. شادي ڪرڻ جي وهي منهنجي نظر ۾ ۽ منهنجي آزمودي موجب بلوغت جي عمر آهي. ڇا پٽ لاءِ ڇا ڌيءَ لاءِ. ٻار جي بالغ ٿيڻ تي هڪدم انهيءَ جي شادي ڪرڻ گهرجي، جي ٻي ڪا ضروري ڳالهه مانع نه هجي ته. انهيءَ ڪري هڪڙو ته ٻار جا خيال جمع رهندا، ۽ هيڏي هوڏي رلڻ ۽ جوانيءَ جي انڌ ۾ حرڪت ڪرڻ جو موقعو نه ملندس. ۽ ٻين گهڻين بڇڙين عادتن کان بچيل رهندو، ۽ بچت ڪرڻ ۽ محنت ڪرڻ ضرور چاهيندو؛ نه ته جن ٻارن کي انهيءَ عمر ۾ ڪا خراب عادت پئي، ته پوءِ عمر ساريءَ جو خوف اٿن. ٻيو ته شروع کان وٺي زال مڙس جي پاڻ ۾ محبت ٿيندي، جا پيريءَ تائين هلندي، ٽيو ته اولاد هئڻ جي حالت ۾ گهڻو امڪان آهي ته سندن حياتيءَ ۾ هڪڙو يا زياده پٽ عمر ۾ ايڏا وڏا ٿيندا، جن کي پنهنجي مرضي موجب تعليم ڏيئي لائق ڪري سگهندا. اسان جي لاءِ بابي ۽ اما جو اهڙو مثال موجود آهي. ڌين جي نسبت ۾ منهنجي راءِ آهي ته جي پنهنجن عزيزن ۽ همدرديءَ وارن ۾ ڪو لائق هجي ته اهو بهتر، نه ته پوءِ ڌارين مان ڪنهن خانداني، سڌريل، آسودي ۽ آبرو واري جوان هٿ ڪرڻ ۾ عيب ڪونهي. جي چڱو بندوبست نه ٿي سگهي، ته ڇڙهو رهڻ چڱو. اگرچ سڀ کي شاديءَ جو شوق رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاديءَ مان ٿئي ٿي خاني جي آبادي،
شاديءَ مان بہ خاني جي ٿئي بربادي.
اول آهي راحت ۽ پڇاڙيءَ ۾ رنج،
تہ بہ هرڪو سدا ڪري پيو شادي، شادي.

منهنجي راءِ آهي تہ زال هميشه هڪڙي پرڻجڻ گهرجي. پڻي ڪنهن بہ عذر تي پرڻجڻ اجايو آهي. سواءِ ڪنهن خاص حالت يا ضرورت جي، جنهن زماني ۾ گهڻين زالن پرڻجڻ جو عام رواج هو، ۽ انهن ڪان سواءِ سُريتون ۽ ٻانهيون بہ رکڻ ۾ ٿي آيون، تڏهن بہ اسان جي والد کي هڪڙو ئي گهر هو، جنهن مان اسين سڀ ڀائر ڀينرون پيدا ٿياسين. اگرچ ناني مرحوم کي بہ ٽي گهر هئا. انهيءَ مان اسان جي پيءُ جي خيالن جو قياس ڪري ٿو سگهجي. آزمودي مان مون کي معلوم آهي تہ انسان ۾ نفساني خواهش يا شهوت زياده آهي، ۽ حسن ۽ عشق جو بہ دل تي زياده اثر ٿئي ٿو. انهيءَ هوندي بہ خدا جي مهرباني سان حيا، شرم، ننگ ناموس ۽ عزت جي نظر زياده رهندي آئي آهي، ۽ ننڍي هوندي جي خانگي ڏنل تعليم ۽ چڱيون عادتون هميشه دامنگير رهيون آهن، ۽ انهن اسان کي پڻي روڪيو آهي. جوانيءَ جي ٻور ۾ ۽ نوڪري ۾، حڪم ۽ پئسي موجود هئڻ جي حالت ۾ ۽ چڙهائي جي حالت ۾ بہ انهن اسان کي بيحيائيءَ ۽ نامناسب ڪم ڪرڻ کان گهڻي قدر روڪيو آهي.

مٿين راءِ ڏيڻ مان منهنجو مطلب هيءَ آهي تہ پنهنجي اولاد کي انهيءَ نسبت ۾ پنهنجي آزمودي ۽ خيال جو فائدو ڏيان تہ ڪچيءَ کان ٻارن ۾ حيا، شرم، مذهبي، اخلاقي تعليم، چڱي صحبت ۽ مثال موجود ڪري ڏيڻ جي ڪوشش ڪن.

## علم جو شوق

هاڻي آءٌ پنهنجي لکڻ پڙهڻ جو شوق ۽ عادت جو ڪجهہ مفصل ذڪر ڪندس. مٿي ڏيکاريو اٿم تہ لکڻ پڙهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو شوق ننڍي هوندي کان مون کي هوندو هو، بلڪ راند کان به اهو شغل زياده پسند هوندو هو، بلڪ ننڍي هوندي کان ڪتاب لکڻ ۽ پڙهڻ ۽ شعر چوڻ جو شوق رهيو. هميشه چاڻندو آهيان ته

ساٿ ۾ جنهن جي مزو آهي، لکن ڳالهين جو يار،
لطف اهڙو ناهي، پئي ڪنهن شيءِ ۾ پڻ ڏارا ڪتاب.

—

اولاد منهنجو شعر سخن، فخر تن تي آهي،
جاهل نه آهيان جو ڪريان پيءُ ڏاڏي تي آءٌ فخر.

جيئن علم زياده حاصل ٿيندو ويو، تيئن ڪتابن گڏ ڪرڻ جو به شوق پيدا ٿيو. انهيءَ ڪري جيڪي اسان جي وڏن جا قيمتي ۽ عمدا ڪتاب هئا، سي ته مون خاص طرح پنهنجي لاءِ قابو ڪيا، بلڪ پيا به انگريزي، عربي، فارسي، اردو، ترڪي ۽ پين ٻولين جا ڪتاب به گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ لڳس، جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، تڏهن مون کي ياد آهي ته آچر جي ڏينهن ڪالبا ديوي روڊ تي بورين جي پراڻن ڪتابن جي دڪان تي وڃي ويهندو هوس، ۽ ڪتاب ڏسندو چونڊيندو ڪڍندو ويندو هوس، ۽ سستي ملهه تي وٺندو هوس. ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ به اهو شوق قائم رهيو، ۽ ڪراچيءَ جي لئبررين ۾ به ڪتاب وڃي پڙهندو ۽ ڪجهه پنهنجا به خريد ڪندو هوس. جڏهن انگريزي ڪتاب مون وٽ گهڻا ٿيا، ۽ آءٌ نوڪريءَ تي چڙهڻ لڳس، تڏهن آهي سڀ ڪتاب ڪراچيءَ جي جنرل لئبرريءَ ۾ امانت رکيم ته سلامت به رهن، ۽ پين کي به ڪم اچن. ڪن ورهين کان پوءِ، جڏهن مون پنهنجو گهر جوڙايو ۽ ڪتابن لاءِ ڪٻٽ خريد ڪيم، تڏهن اهي اتان ڪڍائي ورتم، پر افسوس ته انهن مان گهڻا گم ٿي ويا، ۽ انهن جو جوابدار ڪو به ڪونه ٿي سگهيو! انهيءَ ڪري مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو. تنهن کان پوءِ اڄ تائين هميشه نوان

ڪتاب گڏ ڪندو اچان، ۽ انهن سان گڏ سنڌي ڪتاب به گڏ ڪندو وڃان، سنڌ ۾ جيڪو نئون ڪتاب لکبو آهي، تنهنجو مصنف هميشه مهرباني ڪري، هڪڙي ڪاپي موڪلي ڏيندو آهي. خود منهنجن جوڙيلن ڪتابن جي به چڱي ته هڪڙي خلاصي لئبرري آهي. انهيءَ هوندي به آءٌ پنهنجي ناداني‌ءَ جو قبولدار آهيان.

ڪنهن علم کان پڻ قليچ محروم نه ٿيو،
نڪتو نه رهيو، جو ان کي مفهوم نه ٿيو؛
ستر کي قريب پهتو، تڏهن ان کي،
معلوم ٿيو ته ڪي به معلوم نه ٿيو.

ڪتاب اڪثر علم، حڪمت، فلسفي، اخلاق ۽ مذهبن جا مون کي پسند ايندا آهن ۽ اهي پڙهندو آهيان. جهڙا انگريزي تهڙا پيا. ناول ۽ قصا گهٽو ڪري نه پڙهندو آهيان. اکين سان ڏسي، دل ۾ پڙهندو آهيان، ۽ تمام تڪڙو پڙهندو آهيان؛ مگر ڌيان سان پڙهندو ۽ چڱن عمدن ياڳن تي نشان ڪندو آهيان، جي پوءِ ڪتاب پوري ڪرڻ بعد، جدا نوٽبڪن ۾ لکندو ويندو آهيان. جيڪي به ڪتاب مون وٽ آهن، وڏا ۽ گهٽن جلدن وارا، سي سڀ مون هڪ دفعو ته ضرور پڙهيا آهن. ڪي ٻه-ٽي دفعا پڙهيا اٿم. خاص اهي، جن جو ترجمو ڪيو هوندم. اهڙن انتخابن جا به گهڻا جلد ٿي ويا آهن. فارسي، عربي ۽ اردوءَ وارن انتخابن جو نالو ”أبڪارالافڪار“ رکيو اٿم، ۽ انگريزي انتخابن جو ”انگلش جيمس“ اهي، بعض فراغت جي وقت يا سفر ۾ اچا ڏسندو آهيان. نثر کان شعر کي زياده پسند ڪندو آهيان. منهنجي شعر سازيءَ بابت ڏسو باب يارهين ۾ شعر نمبر چوڏهون.

تصنيف جو شوق

ڪتابن پڙهڻ جي شوق مان، ڪتابن لکڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڪي ڪتاب ته سڪول ۾ پڙهندي ۽ ڪي ڪاليج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پڙهندي لکيم. ڪي ڪتاب پوءِ نوڪريءَ کان اڳي لکيم، ۽ ڪي خود نوڪريءَ جي عرصي ۾ لکيم، ۽ ڪي پينشن وٺڻ کان پوءِ لکندو اچان. انهيءَ ڪري وڏو تعداد ٿي پيو آهي. اڪثر چڱا چڱا ڪتاب ٻين ٻولين مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا اٿم. گهڻو ڪري ماڻهن کي سواءِ عيوضي جي ڇاپڻ لاءِ ڏيندو آهيان، ۽ جيڪي ڇاپيل ڪاپيون ملنم، اهي سنڌ جي جدا جدا لئبررين وارن جي درخواست تي انهن کي ڏيندو آهيان، غريب شاگردن کي ڏيندو آهيان، سڪولن ۽ مڪتبن جي امتحان وٺڻ تي انعام ڏيندو آهيان، ۽ ڪي يارن دوستن کي تحفي طور پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهيان، ۽ ڪي تمام ٿورا، ڪتب فروش وٺندا آهن. خاص حيدرآباد ڪوآپريٽو سوسائٽي.

ڪتابن لکڻ ۾ مون ڪو وقت ضايع نہ ڪيو. جڏهن ڪڏهن ڪو فراغت جو وقت ٿورو يا گهڻو بچندو هو تہ مان ڪري ويهڻ يا راند ڪرڻ يا اجائي بڪ ڪرڻ جي بدران ڪجهہ پڙهي يا لکي وٺندو آهيان. سرڪاري نوڪريءَ ۾ بہ فرضي ڪم ڪرڻ کان پوءِ، فراغت جو وقت پڙهڻ ۽ لکڻ جي مشغوليءَ ۾ لڳائيندو هوس. اڪثر اهو ڪم آءٌ رات جو ڪندو هوس، خصوصاً اسر جو. انهيءَ ڪري هڪڙوئي ڪتاب گهڻا ڏينهن ڪائي ويندو هو. منهنجي عادت آهي تہ جڏهن ڪو ڪتاب لکڻ شروع ڪريان، تڏهن پهرئين صفحي جي چوٽيءَ تي هڪڙي ڪنڊ تي سنهڙن اکرن ۾ ”بسم الله“ لکي، پوءِ پيو ڪجهہ لکان، ۽ پوري ٿيڻ تي پوئين صفحي جي پاڙ ۾ هڪڙي ڪنڊ تي ”الحمدالله“ لکي ڇڏيان، ۽ ٻنهي هنڌن تي شروع ڪرڻ ۽ پوري ڪرڻ جي تاريخ بہ لکي ڇڏيندو آهيان. منهنجي سيني همت جي لکيلن ڪتابن جي اها خاص نشاني آهي. اهو ڪتابن لکڻ جو شوق نالي يا مشهورائي يا پئسي جي فائدي لاءِ نہ هوندو آهي. خاص مطلب ٻي هوندا آهن: هڪڙو اهو جو فراغت جي وقت ۾ هڪڙي

چڱي ۽ مفيد مشغولي رهندي آهي، ۽ اجايو وقت نہ ويندو آهي، ۽ اجاين خيالن ۽ اجاين ڳالهين ۽ حرڪتن ڪرڻ کان بچجي ٿو، پيو اهو تہ ڪتابن لکڻ لاءِ پهرين چڱن ڪتابن ڪي غور ۽ ڌيان سان وري وري پڙهڻ جو وجهہ ملي ٿو، جنهنڪري علمي مايو زياده ٿئي ٿو، ٽيو اهو تہ چڱن ڪتابن لکڻ مان ٻين ماڻهن کي فائدي رسائڻ جو وجهہ ملي ٿو، اها بہ هڪڙي خيرات يا زڪواة آهي. ڪيتري بہ پنهنجي علميت هجي تہ بہ ضرور ڪي پيا گهٽ علميت يا واقفيت وارا ماڻهو هوندا، تن کي فائدو رسائڻ ۽ مدد ڏيڻ بہ فرض آهي ۽ گويا اها علم جي زڪواة آهي، جيئن دولت ۽ مال تي زڪواة واجب آهي. منهنجي نظر ۾ علميت بہ هڪڙي سچي دولت آهي، ۽ جيڪي ڪتاب مون وٽ گڏ آهن، تن کي آءٌ هڪڙو خزانو سمجهندو آهيان، اميد رکندو آهيان تہ مون کان پوءِ منهنجن پٽن مان ڪو ضرور انهن جي سنڀال ڪندو. نادر بيگ کي بہ اهڙو ساڳيو شوق ڏسي خوش ٿيندو آهيان. ڪتابن کي پنهنجو سنگتي سمجهندو آهيان.

سنگتي رک ڪتاب ڏارا ڪونہ،
جو ڪري ماٺ توسان ڳالهائي.
ڪهڙي حالت بہ تنهنجي هوئي، پر هو
نہ ڪڏهن رنج ٿئي نہ رنجائي.

هڪڙوئي ڪتاب لکڻ مون کي ٿڪائي ڇڏيندو آهي، تنهنڪري اڪثر ٻي ڪتاب گڏ شروع ڪندو آهيان. هڪڙو صبح جو لکان ۽ پيو منپهرن جو ۽ ٽيو رات جو. ڪلاڪ ٻن کان وڌيڪ، هڪ وقت لکڻ ڪري ٿڪجي پوندو آهيان. هاڻي گوشہ نشينيءَ ۾ جڏهن سارو وقت پنهنجو آهي، تڏهن انهيءَ ريت ڪم ڪرڻ آسان آهي، جيئن مٿي پنهنجي وقت جي ورهاڱي جو ذڪر ڪيم، تنهن موجب اسر جو اٿي عبادت، ذڪر، فڪر ۽ وظيفن کان پوءِ ڪو ڪتاب لکندو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندو آهيان، وري ڏينهن ٿيڻ تي هوا کائڻ ۽ پنڌ ڪرڻ وڃان، اٺين بجي ڌاري موٽي اچي لکڻ ويهان، ۽ ٻارهين بجي گهر وڃان، ۽ ماني کائي آرام وٺان، ۽ ٽين بجي ڌاري نماز پڙهي، وري ويهي لکان، ۽ پنجين بجي کان پوءِ ٻاهر اچي وري ڪي پڙهان، ۽ سج لهڻ تي گهر وڃان. آرڙهه جي ڏينهن ۾، ڏينهن جو گهڻو ڀاڱو پنهنجي ڳوٺ واري باغ ۾، املداس جي وڻ ۾ ٿاهيل پيهي يا آکيري ۾ گذاريندو آهيان، ۽ سڀ ڪم اتي ڪندو آهيان. ماني به اتي کان پوءِ شام جو موٽي گهر اچان. انهيءَ بابت به منهنجو شعر آهي. (ڏسو نمبر ۱۱)

شعر ۽ تصوف جو شوق

صبح جو جڏهن هوا کائڻ ويندو آهيان، تڏهن رستي ۾ اڪثر خيال پچائيندو ويندو آهيان، ۽ شعر به انهيءَ وقت جوڙيان. يا تہ وري شام جو سمهڻ کان اڳي اهڙا خيال پچائيندو آهيان، بعضي جي فرمائش موجب ڪو راڳ يا شعر جوڙيندو آهيان تہ انهيءَ خيال ۾ گهڻو ڀاڱو رات جو به گذري ويو هوندو، بعضي تہ شعر جوڙڻ جو ڪم جاءِ ضرور ڏي وڃڻ واري وقت ۾ فراغت چاٽي خيال ڪندو آهيان، ۽ ڪي بيت جوڙي ويندو آهيان. شعر سازيءَ جي نسبت ۾ بہ منهنجو هڪڙو شعر آهي جو هيٺ ڏيندس: اڪثر منهنجو شعر جدا جدا مضمونن تي آهي. ليڪن اسلامي مذهبي مضمون تي. اگرچ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ قرآن ۽ حديث ۽ فقہ جي بنياد تي مضمون ڏنا ويا آهن، تڏهن بہ حڪمت ۽ فلسفي وارن مضمونن تي اڪثر تصوّف جي بنياد تي لکيو اٿم. جيتوڻيڪ وڏن وڏن بزرگن تصوف جا اصول بيان ڪيا آهن، ۽ اهي شريعت جا پابند رهيا آهن تہ بہ اڪثر عام شريعت وارا انهن تي اعتراض آڻيندا آهن، بلڪ ڪي تہ انهن کي ڪافر يا غير شرعي ڪمن ڪرڻ ۽ ڳالهين ٻڌائڻ وارا سڏيندا

آهن، تنهنڪري اهڙي تهمت کان آءٌ به آزاد ناهيان. ڪيترن مسلمانن سنين توڙي شيعن، انهيءَ نسبت مون کي سوال پڻ وڌا آهن - جن جا مشڪلات سان جواب پڻ ڏنا اٿم، پر انهيءَ ۾ منهنجي ظاهري شريعت موجب هلت مون کي پڻ بچايو آهي، تنهنڪري پڻ بزرگن وانگي منهنجي به راءِ اها آهي ته شرعي ۽ ديني ڪمن ۽ رسمن جي نسبت ۾، حقيقي خيال ڪهڙا به هجن ته به اهي پنهنجي جند لاءِ رکڻ گهرجن، نه خلق کي پڌائڻ ۽ وعظ ڪرڻ لاءِ، نه ته شيخ حلاج منصور واري سزا ملڻ جو خطرو آهي يا ته خلق ۾ خواريءَ جو ڊپ آهي. شاهه پٽائيءَ جي قول موجب هلت ڪرڻ گهرجي، جا پڻ پين مشهور صوفي بزرگن جي رهي آهي.

روزا نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي.

—

چو حسن جي بازار ۾ پيو سير ڪرين،
دلبر پنهنجو پاڻ سان لڪو لايو وتين،
غيرت نه اٿئي، شرم نٿو توکي اچي،
هو توکي ڏسي ۽ تون ٻين کي پيو ڏسين.

ان موجب منهنجو به مذهبي حڪمن جي روحاني يا حقيقي ۽ باطني معنيٰ تي اعتقاد آهي. مگر اهو پنهنجي لاءِ نه، ٻين جي لاءِ. ساڳئي وقت مذهب جي ظاهري رسمن ۽ دستورن تي تعميل به ڪندو آهيان. مثلاً حضرت صلعم جن جو معراج روحاني وسهندو آهيان، نه جسماني. اگرچ اهڙي نه وسهڻ واري کي ڪافر ڪري چوندا آهن. ساڳيءَ طرح انسان جي اندر ۾ حق موجود رهڻ، ۽ سندس خدا جو خليفو يا نائب هئڻ، يا مئي کان پوءِ روح جو وري دنيا ۾ اچڻ، جيئن ٿياسفي وارا چون ٿا، يا جنهن کي تناسخ به چئجي ٿو. اهڙين ڳالهين جي نسبت ۾ منهنجو اعتقاد اهڙوئي آهي، مگر اهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ سان جا اسلامي اصولن ۽ شرعي حڪمن موجب موافق ۽ درست ۽ روا ٿي سگهي ٿي، اهڙو اعتقاد اڪثر صوفي استادن جو رهيو آهي، جيئن مولانا روميءَ جو، مولوي عبدالرحمان جاميءَ جو، شيخ فريدالدين عطار جو ۽ گهڻن ٻين جو. انهيءَ اعتقاد جي نسبت ۾ منهنجن شعرن منجهه پتو پوندو. (ڏسو باب ٻارهون نمبر پنڌرهن-سورهن) انهيءَ حقيقي معنيٰ ڪري ظاهري حج، زيارتون، تسبيحون پڙهڻ، جهنگن ۾ رياضتون ۽ چاليها ڪڍڻ، ضروري نه سمجهندو آهيان؛

جڏهن حج جو آءٌ ڪريان ارادو ٿو ادا،
مون وٽ ڪري پنڌ ٿو اچي ڪعبو سدا؛
تيئن ايندو بهشت نيٺ مون وٽ پاڻهي،
جو "اُزلِفَتِ الجَنّةُ" فرمايو خدا.

پردي ڪجن ته، چڱو آهي، ساڳيءَ طرح اسلامي پردي جي نسبت ۾ منهنجي راءِ معتدل آهي نه حد کان وڌيڪ، جيئن اڪثر هتي جي شريف مسلمانن ۾ آهي. حد جي اندر پردو چڱو بلڪ ضروري سمجهندو آهيان. جيئن پنهنجي ڪتاب زينت ۾ ۽ پردي جي نسبت هڪڙي رسالي ۾ به لکيو اٿم، ۽ جنهن موجب آءٌ پاڻ عمل ڪندو آهيان:

ديوار حرمسرا جي مرلوهه جي هوئي،
عصمت بنا ڪا زال نه پردي ۾ رهي.

ساڳيءَ طرح وياج کي به حرام سمجهندو آهيان، مگر مسلمانن ۽ مسلمانن جي وچ ۾. ليڪن غير مسلماني بادشاهت ۾ خود سرڪار کان يا ٻين مذهبن وارن کان مناسب رواجي وياج وٺڻ جائز ڄاڻندو آهيان؛ جيئن وياج ڏيڻ به لاچار ٿيندو آهي. اگرچ اهو به وٺڻ وانگي حرام آهي. جيئن رشوت ڏيڻ به حرام آهي ۽ وٺڻ به حرام آهي. انهيءَ نسبت ۾ به منهنجو هڪڙو ننڍو ڪتاب لکيل آهي، جنهن ۾ قرآن ۽ حديثن جي حجت سان اها ڳالهه ڏيکاري اٿم. جيئن قرآن موجب چوري

ڪرڻ جي لاءِ سزا اسلامي حڪمن موجب هٿ وڍڻ ۽ پين کن ڏوهن لاءِ درا يا چهبڪ هڻڻ آهي، جا هن زماني ۾ نہ فقط غير مسلماني حڪومتن ۾ بلڪ خود مسلماني حڪومتن ۾ بہ مروج ناهي، انهيءَ طرح وياج جو مسئلو يا اهڙا ٻيا مسئلا بہ شمار ڪرڻ گهرجن.

## پوليٽيڪل رايو

جيتوڻيڪ آءٌ پوليٽيڪل ڳالهين ۾ ڪمن سان واسطو نہ رکندو آهيان، ۽ اهڙن تحريڪن ۾ شامل نہ ٿيندو آهيان تہ بہ انهن جي نسبت ۾ پنهنجي لاءِ مون راءِ مقرر ڪري ڇڏي آهي، ۽ هميشہ انهيءَ اصول تي هلندو آهيان ۽ انهن کي اسلامي ديني حڪمن موافق وسهندو آهيان. انهيءَ بابت بہ منهنجا ڪي رسالا يا پرچا لکيل آهن، جي پبلسٽي ڪميٽيءَ ڇاپايا بہ آهن. اها راءِ هي آهي: جا مٿي ڪنهن هنڌ مون لکي آهي تہ رعيت ٿي ۽ مسلمان ٿي، اسان مسلمانن تي ديني فرض آهي تہ غير مسلماني بادشاهہ يا حاڪم جي برخلاف بہ فساد نہ ڪريون، ۽ نہ بغاوت جهڙو منصوبو ڪريون يا انهيءَ سان قطع تعلقات ڪريون يا انهيءَ جا حڪم نہ مڃون. خاص جڏهن سندس حڪومت ۾ قاعدي موجب اسان کي هر طرح جي مذهبي آزادي آهي، ۽ ڪابہ بيواجبي روڪ يا بندش ڪانهي، جي ڪنهن مسلمان کي اها حڪومت نہ وڻي يا اهي قاعدا پسند نہ اچن تہ پوءِ ملڪ سان نڪري، ٻئي ملڪ ۾ وڃي، پوءِ اتي پلي انهيءَ جي برخلاف هلي. خلافت جي نسبت ۾ بہ منهنجي راءِ، شيعن جي راءِ موجب آهي يعني تہ بني اميہ ۽ بني عباسين ۽ انهيءَ کان پوءِ سندن جانشين ڪي، هو حضرت نبي صلعم جو خليفو يا جاءِ نشين شمار نہ ڪندا آهن بلڪ غاصبي شمار ڪندا آهن. خصوصاً جڏهن سا ڳئي جاءِ تي مروان ۽ يزيد جهڙا حاڪم ٿي گذريا آهن. جن جي فاسق ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاجر هئڻ ۾ خود سنين کي به شڪ ڪونهي. اهڙي حاڪم کي شيعا، پيغمبر جو خليفو سڏڻ گناهه سمجهندا آهن. هنن جي اصول موجب پنجتن ۽ انهن جو اولاد ٻارهن امام، نبيءَ جا پشت بپشت وصي، جانشين ۽ خليفا آهن، ۽ اڄ تائين پوئين غائب امام کي يعني امام محمد مهديءَ کي حاضرامام سمجهندا آهن، ۽ انهيءَ معنيٰ سان سچي خليفي يا امام جي غير حاضريءَ ۾ غزوه يا ديني جنگ ناجائز ڄاڻندا آهن، پر ان کي سني جائز سمجهندا آهن. پوليٽيڪل ڳالهين جو ذڪر ڪندي، آءٌ هوم رول يا سوراج جي نسبت ۾ به پنهنجي راءِ ڏئي ڇڏيندس، جا هميشه ڇپڻ تي پئي ڏني اٿم. اها مختصر لفظن ۾ هيءَ آهي ته "جمهوري يا رعيتي حڪومت تمام چڱي آهي، انگريزي شهنشاهت ۾ يا ٻاهر، بشرطيڪ اهڙي لياقت وارا گهڻا ماڻهو ۽ سڀني موجوده قومن ۽ مذهبن ۾ موجوده هجن، تورن جي حالت ۾ انصاف جي حڪومت ٿي نه سگهندي. اهڙي لياقت پيدا ڪرڻ لاءِ، نه فقط گهڻي ظاهري علم جو ضرور آهي، پر روحاني، اخلاقي ۽ سچي ديني علم جو گهڻو ضرور آهي. تنهنڪري في‌الحال سچو هوم رول اهو آهي ته اسين پاڻ تي يعني پنهنجن نفساني خواهشن ۽ خيالن تي غالب رهون." انهيءَ کان پوءِ پنهنجو گهر يا ڪٽنب چڱي تجويز سان هلائي سگهون، پوءِ پنهنجي شهر ۽ ضلعي جي حڪومت هلائي سگهون، يعني ميونسپالٽيون ۽ لوڪلبورڊ، پوءِ ساري ملڪ جي حڪومت هلائڻ جو خيال ڪريون، تنهنڪري اها حالت اسان کي درجي بدرجي پيدا ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪي سڏارا ۽ مروتون سرڪار اسان جي گهرڻ ۽ ڪوشش ڪرڻ تي ڏيئي سگهي، انهن جي وسيلي اسين ترقي ڪندا رهون، ليڪن انهيءَ ڪم لاءِ اڃا هندن ۽ مسلمانن يا ٻين موجوده قومن جو پورو اتحاد ممڪن آهي، جيئن زور ڪري چوڻ ۾ پيو اچي. جڏهن اهڙو قومي، ملڪي، مذهبي ۽ پڪتي اتحاد ۽ اتفاق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي اهڙا دوست هئا، سي سڀ گذاري ويا، شاهه ڀٽائي جي قول وانگي:

ويا سور سري، هنجهه نه رهيو هيڪڙو،
وطن تيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو.

اهڙي شڪايت سون پنهنجي شعر ۾ به ڪئي آهي:

افسوس ويا يار، رکيو جن تي تميز،
صحبت تي لڳي جني جي راحت آميز؛
ڪنهن وٽ وڃي وڪڻون دل جي يوسف کي اسين،
جو هاڻ انهي مصر مان ويا نڪري عزيز.

—

عالم ۾ نه هڪڙو دم ڪو منهنجو همدم،
ناهي سون کي بيڪسيءَ جي غم ري ٻيو غم؛
غم پنهنجو چوان آءٌ ڪنهن کي دل پنهنجي سواءِ،
جو ناهي سون کي ڪو پنهنجي دل ري محرم.

جڏهن لکي پڙهي تڪجان ٿو، تڏهن زال جي صحبت چڱي آهي، پر اها ويچاري به منهنجي ۽ منهنجن ٻارن جي خدمت ۽ چاڪريءَ ۾ مس پوري آهي، ۽ اگرچ سون کي خوش رکڻ لاءِ هر طرح ڪوشش ڪندڙ آهي، تڏهن به جنهن ۽ جيتري صحبت جو سون کي هاڻي ضرور آهي، سا موجود ناهي. ٽن مان به وڏو صحبت جهڙو ڪراچيءَ ۾ گذاري، ٻيا ننڍا آهن، دوستن مان به منهنجو همخيال فقط ديوان ڏيارام گدومل آهي، جو پاڻ دنيا يا نه وطن ترڪ ڪري، وڃي بمبئي ويهي رهيو آهي، جنهن سان اڪثر خطن جي رستي خيال بدلائيندو آهيان؛ ٻيو اهڙو دوست سيٺ غلام علي چاڳلو آهي. جنهن جي صحبت سون کي پسند ايندي آهي، پر اهو به ڪراچيءَ ۾ گذاري، ۽ جڏهن ڪراچيءَ وڃان تڏهن ملي. ڪڏهن ڪڏهن حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر جا يا ٻيا ڪي ماڻهو ڪم سان يا ملاقات لاءِ ايندا آهن. يا ڪڏهن ڪا پارٽي ٿيندي آهي، ۽ سڏيندا آهن ته اڪثر خوشيءَ سان اتي ويندو آهيان، جو اتي ڪي جهونا دوست به ملي ويندا آهن ۽ صحبت ڪرڻ جو وجهه ملندو آهي، ۽ خوشي حاصل ٿيندي آهي؛ نڪي وري آءٌ به ڪنهن وٽ وڃڻ گهرندو آهيان. گورنر صاحب يا ڪمشنر صاحب، جڏهن حيدرآباد اچن، تڏهن انهن کي وڃي ڏسڻ لاچاري فرض سمجهندو آهيان، جو پينشنر آهيان. هتي ڪليڪٽر صاحب کي به سال ۾ هڪڙو ڀيرو انهيءَ ڪري ڏسندو آهيان. اهڙيءَ صورت ۾ آءٌ پاڻ کي اڪيلو سمجهندو آهيان ۽ اٻاڻڪو گذاريندو آهيان. پنهنجي اڪيلائي سان گڏ فارسي ۽ عربي ٻوليءَ جي زواليت ڏسي به ارمان ڪائيندو آهيان. ۽ ناني ۽ بابي جي اڳوڻي صحبت ياد ڪري رئندو آهيان، ٻيا ته خير، پر خود عزيزن ۽ اولاد مان به ڪو پوري فارسي نٿو ڄاڻي، خبر ناهي ته منهنجن هيترن عمدن فارسي ڪتابن جو ڪهڙو حال ٿيندو!

گهڻن ٻارن هٺ ڪري، انهن جي نسبت ۾ البت فڪر ۽ ڳڻتي زياده ٿي رهي. انهن کي خانگي طرح پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي لاءِ به دماغ ڪونهي. ويتر هنن جي گوڙ گڙٻڙ ۽ حرڪت ڪري خفو ۽ بيزاري زياده ٿي پئي آهي، ۽ البت چڙ به زياده ٿي پئي آهي، جا اڳي نه هوندي هئي. ويسر به اڳي کان زياده ٿي وئي آهي، خصوصاً ماڻهن جي نالن جي. جنهنڪري بعضي پنهنجن پٽن جو نالو به وقت سر ياد نه پوندو آهي، ڏاڍي مشڪلات سان ياد پوندو آهي؛ انهيءَ ڪري به مونجهارو زياده ٿو ٿئي. اگرچ ٻي معنيٰ سان پڙهيلن ڳالهين جي وسرڻ ۽ وري پڙهڻ ڪري پاڻ خوشي تازي ٿئي ٿي:

ٿي اچي ويسر گهڻيءَ سان مون کي لذت پڻ گهڻي
ٿو وساريان ۽ پڙهان موتي جواهر علم جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال جي لاءِ توڙي آئينده جي لاءِ ڳڻتي رهي ٿي. اگرچ ڪوشش ڪري خلق جو خير گھريو اٿم، ۽ چڱن خيالن ۽ چڱن ڪمن ڪرڻ جي عادت ڪئي اٿم ته به بيشمار گناهہ، قصور ۽ عيب سجھن ٿا، جن ڪان گھڻو ڊپ رهي ٿو. مگر قرآن جي حڪم موجب "لا تقنطوا من رحمة الله" تي ڀروسو رکي خدا تعاليٰ ڪان بخشش جي اميد رکان ٿو. جنهن لاءِ توبهہ ۽ پشيماني ڪندو اچان، ۽ اميد ٿو رکان ته اهو مون کي معاف ڪندو، ۽ جيڪي پنهنجا نيڙرا پار يا واسطيدار ڇڏي ويندس، تن جي هو سنڀال ڪندو.

واريءَ ڪان به وڌ گناهہ جو ڪيا هئا مون،
وينس ڪري ڪنڌ هيٺ شرم ۽ ڊپ ڪون،
آواز ٿيو غيبي ته غم ڪاءِ نہ "قليچ"،
لائق ڪيا پنهنجا تو، اسين پنهنجا ٿا ڪريون.

# باب يارهون

## پنهنجي احوال ۽ راين بابت پنهنجي شعر مان ثابتيءَ يا شاهديءَ لاءِ

### انتخاب

مخفي پنهنجي احوال، عادتن ۽ راين وغيره بابت جيڪي چيو ويو آهي، تنهن ۾ پنهنجي تصنيف يا شعر جا به ڪي اشارا ڏنا اٿم. اهي نمبروار هن باب ۾ ڏيندس. انهيءَ ڪري اهي مٿي اتي جو اتي نه ڏنا ويا ته پلي هيٺ هڪ باب ۾ ڏيڻ ڪري، پڙهندڙن کي منهنجي شعر جي انتخاب پڙهڻ جو خلاصو وجهه ملي:

### غزل

غزل "زيب‌النساء" خواهر من بجواب غزل زيب النساء تخلص "مخفي"، دختر اورنگزيب که بيت آخرينش اين است.

### غزل

درره مهر و محبت گرفشانم جان رواست،
اضطرابِ بيدلان را صحبتِ جانان دواست.
راست ميگوئی که در دل سر صحرا ميزني،
آری آری ميزنی ليکن حيا زنجير پاست.
در تعجّب مانده ام کاندر محبّت کاملی،
چيست پروانه بدُرت خود شمع در مهرت فدا ست.
گر شدت شاگرد بلبل چشم بلبل* از من ست،
گل بصنعت ميکشم برتر ازين حکمت کجا ست.
گرشوی ليلیٰ اساس و ارشوی مجنون صفت،
زينتِ تو مخفی آمد زينتم شمس الضحیٰ ست.

---

* چشم بلبل جو مطلب پيرت جو قسم آهي.

جان من گر دخترِ شاهی برآن هرگز مناز،
والدم فرِّ فریدون داشت خسرو جدّ ما ست۔
گر تو بعد از رنج وراحت رو بفقر آورده،
بین که مارا از ازل فقرِ ابد داده خدا ست۔
گر توئی "زیب النسا" فخر و تکبّر هم مکن
من خودم "زیب النسا" و خواهرم شرف النسا ست

ڏاڙهيءَ جي صفائي ڪرڻ ۽ ڏاڙهيءَ رکڻ بابت

الا یا ایّها السّاقی بجامم ده حمایتها
که عشق آسان نمود اول ولی افتاد غایتها
چو اول می تراشیدم بدستِ خویش ریشم را
ندانستم که آید برسرم چندین شکایتها
کسی میگفت گبرم، کس یهودی خواند ونصرانی
از نیسان می شنیدم آه از هر سو حکایتها
کنون بگذاشتم تا یکزمان دور و دراز افتد
دهد چون ریش قاضی هر کجا تفسیر آیتها
بباید با صفای دل صفایء صورت آدم را
نداند کس مگر صوفی ازین راز و کنایتها
"قلیچ" ایام بی ریشی فراموشم نمی گردد
که میکردند خوبان* بردلِ ریشم عنایتها

پهرين نوڪري ڪڪڙ تعلقي ۾ جو "ستهنِ" جو ملڪ مڙ بو آهي

مرا کوائف ککڙ چو یاد می آید
دلم چو خندۀ گل شاد شاد می آید
همان کشید مرا ناگه آن طرف قسمت
کزان هنوز نسیمِ مراد می آید

* خوبان = يورپين ڇوڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بصحبتِ نفری چند معتقد بودم
بلی بر اهل وفا اعتقاد می آید
کنون که دور فتادم ز حضرتِ احباب
نشان مهرو محبت به یاد می آید
میان بیشه و صحرا چه خوب تر شهر یست
درون شهر چه خوش آب و باد می آید
اگرچه بانگ سگ و بوم و های و هوی شغال
ز شام تا بگهه بامداد می آید
برایء گوشه نشینان و اهل صلح و صفا
به از بلاو جم و کیقباد می آید
ز عام و خاص بگوشم رسید کاین شهر یست
کزآن بدر هم فسق و فساد می آید
شنیده ام که همین ست ملک ملک مها
هر آنکه رفت در او بدنهاد می آید
ولی بخالق ارض و سما مرا ست قسم
که پاک رفت دلم پاک زاد می آید
صبا اگر گذرے اوفتد بدان سویت
بگو مدام ز من خیرباد می آید
چو اتفاق فتد بار دیگرش بینم
کنون قصیدهٔ رنگین سواد می آید
"قلیچ" چونکه شدی صاف دل محبت کیش
ز حرف حرف تو بوی‌ء و داد می آید

منهنجي ولادت بابت تاريخون

من چو زادم والدِ مرحوم من شد خوش یقین
شکر گفت الحمد هم لله رب العٰلمین

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فال نيک از من گرفت و طالعم هم ديد سعد
آن محرم ماه بُد تاريخ بوده چارسين
بهر تاريخِ ولادت نيک منظر ماده يافت
۱۲۷۰ هه
باز يافت برحمتک هم يا آرحَمَ الراحمين
۱۲۷۰ هه
جد ما جدم ز شوقِ دل مراخوانده "قليچ"
چونک در تاريخ هند آندم هميخواند عهد اين
تاجدار دکن او بوده نظامش شد لقب
خسرو دوران "قليچ" آنجا نوشته بُد چنين
۱۲۷۰ هه
لفظها تاريخ هند و تاجِ خسرو يافت سال
۱۲۷۰ هه
هم دران صفحه تعجب بر تعجب شد قرين
مادهٔ تاريخ گفت از خود بهارِ باغ هند
۱۲۷۰ هه
هم ز مصحف يافته و العاقبة للمتقين
۱۲۷۰ هه
هردو بهرِ من دعاىء خير از حق خواستند
از عزيزان هرگه حاضر بوده گفتہ آمين
بعد ازان هم چون شنيدی هر گهی نامِ "قليچ"
گفتی او يادش بخير از بهر سالِ اولين
۱۲۷۰ هه
چون بزرگانت دعاىء خير کردند ای "قليچ"
طالعِ توشد قوی و قسمتِ توشد بهين

## منهنجي وفات جون تاريخون

بيچاره "قليچ" رفت آخر ز جهان
دائم بنده ربّ و موت را ياد ڪنان
غفرانڪ ربّنا چو وردش بوده
تاريخ وفات خويش گفتہ غفران
۱۳۳۱ھ

### قطعہ

اندرين دنياي فاني چون "قليچ"
اسپ عمرِ خود باين منزل رساند
شوق سيرِ عالمِ باقي شدش
ارجعي از دل الي ربڪ بخواند
سالِ تاريخِ وفاتِ خويش گفت
اين قدح بشڪست اين ساقي نماند
۱۳۳۲ھ

### قطعہ

"قليچ" آنڪہ او در جہان زيست شاد
بفضلِ خدا ديده او هر مراد
چو عمرش شده شصت خواندش اجل
جوابش همان لحظہ لبيڪ داد
نموده دمي فڪر تاريخ خويش
بدل خود بخود گفت مغفور باد
۱۳۳۳ھ

### رباعي

مي زيست "قليچ" در جهان چون مزدور
چون مرد بفضل حق شده او ماجُور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چون سال وفات خود ز هاتف پرسيد
بشنيدند از غيب بادا مغفور
١٣٣٤ ھ

### رباعي

مي زيست "قليچ" در جهان چون مزدور
چون مرد بفضل حق شده او ماجور
چون سال وفات خود ز هاتف پرسيد
گفت از سر الطاف ........................

### رباعي

مي زيست "قليچ" در جهان چون مزدور
چون مرد بفضل حق شده او ماجور
چون سال وفات خود ز هاتف پرسيد
گفتا بسر بديهه بادا مغفور
ب ١٣٣٦ ھ

### قطعه

"قليچ" آنکه او در جهان زيست شاد
بفضل خدا ديده او هر مراد
بخواندش اجل چون شده شصت و سه
جوابش همان لحظه لبيک داد
ز هاتف بپرسيد تاريخ گفت
بگو باسر دل که مغفور باد
د ١٣٣٧ ھ

### ديگر

بشنو اي دوست بعد شصت و سه سال
دور عمر "قليچ" گشت تمام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نورِ حق تافت برسرِ روحش
آفتابش رسید بر لبِ بام
چون بشرزاد و چون فرشته پرید
شد ز آغاز بهترش انجام
در تجلّی مطلعِ انوار
یافت تاریخ خود فروغ دوام

۱۳۳۷ھ

قطعه

چون گذر کرد سال شصت و چهار دورِ عمر "قلیچ" گشت تمام
نورِ حق تافت برسرِ روحش آفتابش رسید برلبِ جام
چون بَشر زاد و چون فَرشته پرید شد ز آغاز بهترش انجام
با تجلّی مطلعِ انوار یافت تاریخ خود فروغ دوام

۱۳۳۸ھ

قطعه

در جهان بُد "قلیچ" چون درویش
بانمد ساخت و باڪلاه و دلق
صلح ڪل داشت با همه تا زیست
دید چون جان خود رسیده بحلق
خواست سالِ وفات خود از غیب
ناگہ آمد ندا ڪه راحت خلق

۱۳۳۹ھ

دیگر

شصت و هم پنج سال زیست "قلیچ"
همچو طفلان درین جهانِ خراب
آه عمرش گذشت در غفلت
شده بیدار چون بپردش خواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪر سالِ وفات خويش چو ڪرد
آمد از غيب هشت خلد جواب
١٣٣٩ ھ

قطعہ

امسال "قليچ" مرده آخر ياران مخوريد هيچ حسرت
ميڪرد مدام موت را ياد زان داشت گهي نہ خوف و نفرت
دنيا با آنڪہ بوده زندان بهرش شده جائگاه فرحت
زنده ست هنوز او نہ مرده زين راز بمانده خود بحيرت
بافضل خداش نار شد نور آتشڪده گشت رشڪ جنت
از سال وفاتِ خود چو پرسيد هاتف گفتا خليل سيرت
١٣٤٠ ھ

رباعي

هفتاد چو شد "قليچ" در دير جهان
تاريخ وفات خويش را شد خواهان
هاتف بجواب گفت خوش ڪرداري
١٣٤١ ھ
هم داد بہ او نويد حور و غلمان
١٣٤١ ھ

رباعي

برفت از جهان بعد عمري "قليچ"
ڪہ آخر لِڪلّ ڪمالٍ زوال
گنهگار بُد ليڪ تائب شده
ازان گشتش اميد بخشش ڪمال
اجل ديد از دور و در فڪر شد
ڪہ تاريخ خود بگويد بحال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بـڪفـتـا دلش انّي تُبْتُ اِليْكَ

و انّي مِنَ المُسْلمين ست سال

١٣٤٢ ھ

ربا عي

بگذشت قليچ ازين جهان غل و غش

صد شڪرڪ دل صاف بدش جانش خوش

عمرش شده هفتاد و سہ سالِ قمري

جمعيت خاطري شده تاريخش

١٣٤٤ ھ

هاتف بہ قليچ گفت در نزع بجواب

گو سال وفات …… ……………

گفتا شده محنت و مشقت هر دو

شد ختم بفرمود سروشش بجواب

١٣٤٤ ھ

بل باد خجستہ و مبارڪ گويم

١٣٤٤ ھ

تاريخ دگر ز فضل ربّ الارباب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٿوتي ٻانڌن جي يادگيريءَ ۾ ڪافي (پيروي)

جس جوڳيئڙن کي آهي— جي وڏڙا توڙ نڀاهي

١- جنگ جوان لڏيا لاهوتي، نفي ڪيائون سڱ ٿبوتي،
خاڪ ملي ڪيئون انگ ڀوتي—
وس وڳا سڀ لاهي ... جس جوڳيئڙن کي آهي.

٢- سفر سنيهريا سورهيه سامي، سانگ سڄي ٿيا نانگا نامي،
ديسي ٿيا پرديس مقامي—
ماڳ مڙيءَ جا ڻاهي ... جس جوڳيئڙن کي آهي.

٣- ڪاپڙين جي ڪل نه ڪائي، ڳالهيون ڻن جون سڀ ڳجهائي،
واريئون ترت وڃڻ جي وائي—
سورن سات سنڀاهي ... جس جوڳيئڙن کي آهي.

٤- وَسَ وڏي ڪٿا سامي سياڻا، سڄ" ٻيراڳين ڪيا سڀ ياڻا،
مارن تن جا محبت ماڻا—
ڳاهه اندر دل ڳاهي ... جس جوڳيئڙن کي آهي.

٥- جن جا پنڌ "قاپچ" پڇائين، ڳيڙها جن لئي ڳل وهائين،
سي جوڳيڙا جهڊ منجهائين—
قاف رسيا وڃي ڪاهي ... جس جوڳيئڙن کي آهي.

## ڀپ جبل واري لاهوت ۾ چيل ڪافي

لاهوتي ٿي لال— ڪياسين سفر سڄايا

١- جوڳين جوش جاڳايو جيءَ ۾، وسريا خواب خيال،
محبت مچ مچايا.
٢- ٻرَ ۾ پاريونسين اڃي ٻاهيون، شهر ڇڏي في الحال،
روهه مٿي ٿيا رايا.
٣- کَٽَ ڇڏي جڏهن ڀت ڀياسين، پاڻ ڪري پامال،
تڏهن عشق اتايا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٤- پَٻ پٽوڙي پير پٽون ڪيا، ويڙا حال حوال،
لالن لَڪَّ لنگهايا.
٥- هٿين پيرين مونڙين پٽ، اِي چلياسين چال،
اوڏا تڏهن سي آيا.
٦- ڪري ڪشالا قاف ڪٽياسين، مشڪل هئا ۽ محال،
ريڙهي ربَّ رسايا.
٧- لاهي سر لاهوت رسياسين، سِڪ هئي سين سال،
مولا محب ملايا.
٨- جنّت آهي لا مڪاني، جَرُ وهي جت جال،
طوبيٰ جا تت سايا.
٩- ماڻهو، مرون، مور مجاور، وه واه شاهه بلال،
لَسَ ۾ تورس لايا.
١٠- بخت "قليچ" تنهنجو ڀاري، تنهنجا سڀ سوال،
پرور پاڪ پچايا.

## منهنجي وقت جو ورهاڱو

وقت پنهنجو ورهايو مون هيئن آهه،
هلان نِنڊِ ڪان ٿو مٿي ان راهه.
سڄي چوويهه ڪلاڪ ڏينهن ۽ ٿيا،
سي وراهي ڪيا مون چار حصا.
هڪڙو حصو رهان آءٌ زير زمين،
ٻيو رهان آءٌ زمين تي ٿو يقين.
ٽئي ۾ تا آپ مٿي ٿو گهاريان آءٌ،
چوٿين ۾ عرش تي گذاريان آءٌ.
گذري پهريون وڃي مٺن وانگي،
ننڊ غفلت ۽ راند ۾ ٿو وڃي.
وقت سڀ اي وڃي ٿو ضايع ٿي،
ماڻهو چڱ مئو، ويو زمين ۾ پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت جو ڏيپ جو ان سان ٿئي شامل،
آهي حصي انهي ۾ سو داخل.
آهي عالم اهو بہ نفساني،
اسفلي، دوزخي يا شيطاني.
پڻ چون ان کي ڪي ٿا عالم خواب،
موت جي پيڻ ننڊ ان جو جواب.
پر بشر لاءِ سا ضروري آهہ،
حد اندر پڻ مدد سا روح جي آهہ.
ان تي چيو شاهہ، سي ستا سونهن*،
تي حقيقت ۾ ننڊ عبادت جن.
حصو ٻيو جو گذاريان ڏرتيءَ تي،
وقت آهي جهان جي سو بلي.
ڪريان دنيا جو ان ۾ سڀ ڪم ڪار،
داخل ان ۾ ٿيو جڳ جو سڀ وهنوار.
ٿا چون ان کي عالم انساني،
شرعي، ناسوتي پڻ ۽ حيواني.
ٻهريون ننڊ جو، هي جاڳ جو عالم،
جنهن ۾ ظاهر هلي مجازي ڪم.
باطني تا حديث چئي هيئن ٿي،
ماڻهو دنيا ۾ ٿيا ستل سيئي.
جڏهن مرن ٿا، تڏهن سي جاڳن ٿا،
آيتا نالا سمهڻ ۽ جاڳڻ جا.
سو جي دنيا کي چئبو عالم خواب،
ننڊ جو عالم تہ خواب سنجهہ ٿيو خواب.
حصو ٽيون آسمان تي جو رهان،
شعر ان ۾ ٿو آءٌ پڙهان ۽ چوان.

---

* ستا سي سونهن، ننڊ عبادت جن جي. — شاهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوج تي پيو اڏامان فڪر ۾ نت،
هُتي دل ۽ دماغ، جسم ٿيو هيت.
ڇو ته عالم اهو مثالي ٿيو،
۽ طريقت ڪري خيالي ٿيو.
ملي جبروتي زور تنهن ۾ ٿو،
جي سنڀاليندڙ آهي دم دم جو.
رهان ات خوش خيال ۾ غرقاب،
جوڙيان آءٌ نظم نثر جا به ڪتاب.
ٿيا سي اولاد منهنجو روحاني،
پُٽ ڌيون جيئن ڄڻيون سون جسماني.
حصو چوٿون انهان مٿي آهي،
عرش ڏي روح جڏهن وڃي ڪاهي.
سو عبادت جو وقت آهي يار،
صدق سان ٿو ڪجي جڏهن ويچار.
محو حق سان ٿيڻ جو او ٿيو زمان،
لِي مَعَ اللهِ* جو اهو ٿيو نشان.
سير ملڪوت جو به آهي سو،
ملڪ لاهوت لامڪان جو اهو.
عالم اي ٿيو حقيقي روحاني،
آهي نُوراني پڻ ۽ عرفاني.
ان طرح آءٌ جيان به ٿو ۽ مران،
پڻ بقا ۽ فنا پيئي ٿو ڏسان.
حصي هرهڪ ۾ ائين ٿيا ڇهه ڪلاڪ،
ٿين ضايع نه، جي ٿيان چالاڪ.
موت جي حصي مان ڪريان چوري،
غفلت ۽ ننڊ آءٌ ڪريان ٿوري.

---

* آءٌ خدا وٽ آهيان. - حديث

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا بچايان گهڙيون انهي سان جي،
ڪنهن حصي ۾ ني نئي گڏايان سي.
فرض لازم ادا ڪرڻ سڀ ٿيا،
خلق جا ۽ خدا جا ۽ پنهنجا.
واري سان سڀ ادا ڪرڻ گهرجن،
نه وني هڪڙي کي ٻيا ڇڏجن.

منهنجو مذهب

گهڻا پڇن ٿا مون کان ساڻهو تنهنجو ڇا مذهب
تون سني آهين يا شيعو يا صوفي لامذهب
تون مؤمن آهين مسلمان يا آهين ڪافر
لڪين ڪتاب ٿو سڀ مذهبن جا تون يڪسر
لڪين سبق مٿي اسلام ۽ قرآن ۽ حديث
۽ مختلف ٻيا مضمون پاڪ توڙي خبيث
انجيل پڻ لکيئي، توريت ۽ ٿياسفي ٻيي
فلسفو، هندڪو مذهب، ٻهائي ۽ دهري
لکيئي ڪتاب سنين لاءِ ۽ ڪي شيعن لاءِ
ٿيو ڪفر دين گڏيل، مذهب اي مرڪب هاءِ
هلين ٿو سڀني سان هڪجهڙو، رس رکين سڀ سان
طرف نه ڪو وٺين، نافر نه ٿين طرف ڪنهن کان
پڌاءِ سچ، رهين اندر ٻهر ٿو هڪجهڙو
يا آهين هڪڙو اندر ۽، ٻهر ۾ آهين ٻيو
ڏيان جواب انهن کي آءٌ هي منجهان آرام
اي دوستدارو عليڪم سلام والاڪرام
آءٌ ٻهرين آهيان سين جهڙو، سان بني آدم
سڀئي ساڻهو ٿيا پائر انهيءَ ڪري باهم
ايڪائي، دهري ۽ عيسائي ۽ يهودي پڻ
۽ فرقا ٻيا گهڻا اسلامي ۽ هنودي پڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڃان رسول جا اصحاب پڻ آءٌ درجيوار
ڏيان آءٌ مانُ ۽ تعظيم تن کي، ڏيانِ نه گار*
نفاق، صدق سندن جو ڪريان آءٌ فيصلو ڪيئن
دلين ۽ غيب سندو علم ڏيو خدا کي يقين
انهي تي چو ڪريان جهيڙا، وڃايان پنهنجو وات
آءٌ پاڻپيءَ جا ڪريان چو نه حق سي اثبات
مڃان ٿو بعد صحابن جي اولياء سيئي
هئا جي شيخ طريقت جا ۽ سچا صوفي
شروع طريقا سيئي ٿيا ڪنا علي ولي
امام پاڪ انهي بعد، علم جن مخفي
اهي ٿيا خاص ۽ پيا عام جي خدا جا مرد
مڃان اهي به جي ابدال ٿيا ۽ قطب ۽ فرد
عقيدو منهنجو، نيّت منهنجي، حق کي ٿي معلوم
اميد عفو جو ان ۾ رکان، جي حيّ قيوم
اهو ٿيو مذهب منهنجو، وٺيوَ جيڪي سڏيوم
سڏيوم ڪافر، مؤمن، سني، شيعو ڪوئيوم
الاهي رک سون کي ان اعتقاد تي قائم
”قليچ“ جو ٿيو توکي سوال اي دائم

منهنجو ڄمڻ ۽ مرڻ

ڪن ماڻهو خوشي عام ٿا نت سالگرهه تي
هرسال ۾ جو ڏينهن ڄمڻ جو ٿئي تن جي
قسمت تي عجب منهنجي، جو پنهنجا ۽ پراوا
روئن ۽ پٽن، منهنجو جڏهن سالگرهه ٿئي
پيا پار ڇمن، پاڻ رڻن، خوش ٿي ڪٿن پيا
رئندو آءٌ ڄميس، پڻ سون ڏٺو رئندو پين کي

* جيئن شيعا ڪندا آهن.

تجربا ڏک ـ ک جا حاصل ڪيا مون هر ڪنهن حال ۾
وقت هڪ خوشدل ٿيس، ٻئي وقت آزردو ٿيس
گرچ دنيا بيوفا ٿي، آهيان خوش قسمت ”قليچ“
شڪر الله جو ٿيڻ چاهيم ٿي، آخر سو ٿيس

## آءٌ ڇا ۽ ڪير آهيان

آءٌ روح آهيان، ويس ۾ ماڻهوءَ جي گذاريان
حيوان به آءٌ، پڻ پکي، پر ڪني نه ڏاريان
آپ تائين آءٌ اڏران ٿي پکي، دل ۾ اکين سان
ويهان، سمهان حيوان جان، ڊوڙان ۽ ٽِڪاريان
ڍورن جان وَهان، بار به گڏهن جان کڻان آءٌ
مردن جان سمهان، جاڳندي جيئرن جان نهاريان
آکيرو املداس ۾ پيهيءَ ستان منهنجو
جنهن تي ويهي آءٌ ڏينهن سڄو پنهنجو ٿو گهاريان
ات ويهي پڙهان ۽ لکان ۽ خيال پچايان
۽ شعر چوان، درد ڪيان هنجون به آءٌ هاريان
ات پڻ آءٌ نمازون پڙهان، مصحف ۽ وظيفا
پوءِ ڪائي پي آرام ڪريان، وهم وساريان
باغيچو ٿيو جنت ۽ املداس ٿيو طوبيٰ
تسنيم* هي آءٌ نهر قليلي ڪي سنڀاريان
معراج اهو منهنجو ۽ ڏرتيءَ تي اهو عرش
جبريل ڪي منجهه مغز ۽ حق دل ۾ وهاريان
هت جيڏي ”قليچ“ آهيان آءٌ حيوان ۽ ماڻهو
ٿي روح مرڻ بعد، ملائڪ جان (مان) تنواريان

* بهشت جي هڪڙي نهر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساحرن جي هي چشم بندي ناهه
شاعرن جي هي سربلندي آهه
هي نه بيباڪي جانبازن جي
هيءَ ته چالاڪي شعر سازن جي
اهڙو ڪو ته سجهيو بازيگر
گهوڙو دوڙائي وار تي جو پڌر
ڪٿي هٿ ۾ قلم سندو چوگان
گوءِ معنيٰ جي نيان منجهان ميدان
وار پڻ سو رکيل سمنڊ تي آهه
پلصراط آهي يا خيالي راهه
جيڪڏهن اتفاق سان آءٌ ڪيران
ڪڍي موتي اچان غواصن (١) جان
نظم ۾ پوءِ سَرَ بنايان هڪ
سي ته گڏجن سيئي اصل مائڪ
ڪڏهن جوڙيان انهن مان چندن هار
جوهري وڪڻي جو تو منجهه بازار
پيا لڪائي رکان چڱي دستور
منهنجي موتين جي ڏيلي(٢) ٿي مشهور

روح جي ترقي نه تناسخ

ترقي روح جي طبعي ته اصل حقاني
رهان آءٌ باقي جي هرحال ۾ ڏيان فاني
اول جمادي هئس، پوءِ ٿيس نباتي آءٌ
نباتي روح ڇڏي، پوءِ ٿيس آءٌ حيواني

(١) سمنڊ ۾ ٽپيون هڻندڙ.
(٢) منهنجي شعر جي ڪن ڪتابن جا نالا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿس جڏهن وري حيوان ٿي، ٿيس ماڻهو
جو روح هو اڳي حيواني، ٿيو سو انساني
مرڻ کان ڪين ڊڄان، جو ٿيان ٿو آءٌ بهتر
بشر جڏهن ٿي مران، ٿيان مَلَڪ آءٌ روحاني
اچا اڏامان مٿي، ٿي مَلَڪ مران جي آءٌ
جو ڪُلُّ شَيءٍ هَالِڪٌ(١) ٿيو امر ربّاني
اچي نه وهم ۾ جيڪي، اهو ٿيان آءٌ، پوءِ
ملائڪن مان ڪريان پاڻ کي جي قرباني
انهي کان پوءِ عدم ۾ وڃان، جتان آيس
اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ(٢) آن دم ٿيو حڪم قرآني
انهي طرح آهي فرمايو مولوي رومي
”قليچ“ کي پڌي هي قول آهي حيراني

آءٌ اڳي به هوس، اڳتي به هوندس

حڪم حق جي تي باوفا هوندس
صاف صوفين جان آءٌ صفا هوندس
پڌ تہ توکي پڌايان تن جا قول
ڪين مرندس آءٌ دائما هوندس
جئي تہ خاقاني آهيان چنڊ نہ آءٌ
چمڪندڙ سج جان رهنما هوندس
هوس سؤ سال هن کان اڳ آءٌ
پوءِ به سؤ سال اڳتي پيا هوندس
ان طرح چئي تہ مولوي رومي
مثل سبزي جي بارها هوندس
نو سؤ قالب ڏٺا مون ۽ پنجاهہ
جيئن اڳي هوس، تيئن اچا هوندس

---

(١) سڀ مرندا.
(٢) موٽي خدا ڏي وڃبو.

شمس تبريزي ٿو چوي هڪ هنڌ
ابتدا هوس، انتها هوندس
هڪ دفعو چاڻو ڳاهه ۾ انسان
چاڻو هت آءُ گهڻا دفعا هوندس
چئي ٿو پڻ زنده پيل احمد جام
قطرو قلزم کان ڌار ٿا هوندس
هوس جسمن ۾ سؤ هزار ورهيه
ورهيه پيا ٻي اڃا گهڻا هوندس
قول منصور جو به آهي هيئن
ڪيئن فنا ٿيان، جو آءُ بقا هوندس
بحر وحدت جو آءُ قطرو آهيان
اڳ بجا هوس، پوءِ بجا هوندس
۽ سنائي حڪيم پڻ ٿو چئي
سڀ کان اڳ هوس، چئوته چا هوندس
آءُ ازل کان اڳي هئس جيئرو
تا ابد چئو نه آءُ ٻيا هوندس
ٻولي بهلول جي به پڌ آيتي
ٻه ورهيه اڳ خدا ڪنا هوندس
نه هو ارض و سما، خدا به نه هو
تڏهن منجهه نشو ۽ نما هوندس
چيو نبيءَ پڻ محمدي آءُ نُور
اصل کان هوس ۽ سدا هوندس
حاضر آدم کان هئس حق ۾
واصل آخر به باخدا هوندس
پيروي تن جي ٿي چوي ٿو "قاسم"
چو نه نيت جيئرو آءُ هوندس
ٿي بشر ڪين ٿيان خدا، ليڪن
نه خدا کان ڪڏهن جدا هوندس

## زال ذات بابت راءِ

زال چاڙي تي رنگ، ۽ نيرنگ
صلح چاڙي ڪرڻ، ڪري پڻ جنگ

دوستيءَ ۾ تي جان جي راحت
دشمنيءَ ۾ جهان جي آفت

باوفا ٿئي ته هار جي لائق
بيوفا ٿئي ته مار جي لائق

جي سچي ٿئي ته تون اکين ۾ وهار
ساهه صدقو مٿانس ڪر هربار

ڪوڙي جي ٿئي، ته ان کي گهر جي ڪيڻ
نانگ ڏنگيل آگر کي گهرجي وڍڻ

زال گهرجي انڌي، گنگي، ٻوڙي
منڊي ٽُنڊي، جوان يا پوڙهي

انڌي هن لاءِ ته پيو ڏسي ڪي ڪين
پنهنجي حق ڏارل، نه ته گهيس زمين

گنگي تا اوءَ گهٽو نه ڳالهائي
نه گلا، گار، پيٽ قسم کائي

ٻوڙي ان لاءِ تا ٻڌي نه گلا
۽ نه نياپا ۽ قصا ڌارين جا

منڊي تا اوءَ رکي نه ٻاهر پير
ٻڪ مري يا هجيس گهر ۾ ڏڪير

ٽُنڊي، تا ٻار کي هٽي نا ڏڪ
مڙس کي پڻ نه، مر منجهس هوئي شڪ

يعني جا مڙس جيئن ڏسي ۽ ٻڌي
ان جي مرضيءَ تي جا سدائين هلي

مڙس جهڙا سندس خيال هجن
قول ۽ فعل آن جيها ڏسجن

پر دليون هڪ بدن ۾ جيئن بادام
بلڪ يڪدل ۽ يڪ وجود تمام
جيئن پر اڌ ڳڌجي هڪ سڄو ٿي پئي
ائين مثال آهي زال مڙس جو ڙي
زال اهڙي چڱي ڪئي ڪوجهي
مڙ ته مسڪين هوئي اڻ پوجهي
مڙس جي لاءِ گهٽ نہ حور ڪان آهہ
گهر انهي جو بهشت ڪان گهٽ ناهہ
سا سياڳي رهي سدائين شاد
هيئيس دنيا ۽ آخر آباد

## منهنجي مناجات يا دعا

يا الٰهي اسان تي هر ساعت
تنهنجي نازل ٿئي نعمت
فضل تنهنجو رهي اسان تي سدا
شڪر تنهنجو ڪري سگهون نہ ادا
رهون غفلت ۾ روز شب ٿا اسين
بندي آهيون هوا هوس جا اسين
اي خداوند قادر ۽ قيوم
منهنجو سڀ حال توکي ٿيو معلوم
نفس آهي ڪيو تباهہ مون کي
ڪيو شيطان پُرگناهہ مون کي
عمر گذري خطا ۾ وئي ساري
بار ڏوهن جو سِرَ تي ٿيو ڀاري
دل سان تنهنجي نہ مون عبادت ڪئي
نفس جي سون سدا اطاعت ڪئي
نت گذاريو مون منجهہ هوا ۽ هوس
نہ اچا مون ڪئي بدين کان بس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفس پويان لڳي تباهه ٿيس
ٿي گنهگار روسياهه ٿيس
آهيان شرمندو ۽ پشيمان آءُ
ڪريان توبهه تو با دل وجان آءُ
ڪيئن اچان تو اڳيان آءُ بيچارو
ڪيئن ڏيکاريان هي پنهنجو منهن ڪارو
آهيان نيڪين ڪان آءُ هٿين خالي
پر تون ئي آهين وارث ۽ والي
آءُ وڃان ڪيڏي تنهنجي در ڪان سوا
تو بنا ڪير بيو پڇي تو پلا
آءُ گنهگار، تون رحيم آهين
آءُ سيهه ڪار، تون ڪريم آهين
منهنجي آهي گناهه نت عادت
لطف بخشش مگر ٿي تنهنجي صفت
جي ڪندين عدل تون، خداوندا
ڪيئن پلا ڇٽندا تنهنجا هي بندا
فضل تنهنجي جي ٿي اميد سين
رحم سان تون نجات ڏيندين تن
گرچ آهن گناهه منهنجا هزار
تنهنجي توحيد جو ڪريان اقرار
پنهنجي رحمت جي واسطي مولا
پنهنجي عزت جي واسطي سولا
واسطي پنهنجي دوستدارن جي
واسطي پنهنجي سڀ پيارن جي
منهنجي توبهه قبول ڪر يا ربّ
منهنجو مقصد حصول ڪر يا ربّ
منهنجي بڇڙن ڪمن تي ڪر نه نظر
تون چڱو آهين، ڪا چڱائي ڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منھنجي اندر کي روشنائي ڏي
قلب منھنجي کي تون صفائي ڏي
علم حڪمت نصيب ڪر مون کي
معرفت تون ڏي نظر مون کي
تون نہ ڏي مون کي حرص دنيا جو
شوق وجھہ دل ۾ منھنجي عقبيٰ جو
تنھنجي محبت ۾ دل رهي معمور
رهي تنھنجو زبان تي مذڪور
جيئري توسان هريل رهي نت هانءُ
هوئي مرڻ وقت ياد تنھنجو ناءُ
رزق تون ڏي حلال جو يا ربّ
حسن تون ڏي مآل جو يا ربّ
ڪر نہ محتاج ٻئي جو تون مون کي
غيب مان دائما مدد پيو ڏي
قرض ۽ مرض کان فراغت ڏي
تون قناعت جي ربّ دولت ڏي
تاب طاقت مون کي ڏي اي يزدان
تہ پليان پنھنجو نفس ۽ شيطان
تون حياتيءَ ۾ تندرست رکيج
سختي سڪرات جي نہ ڏيکاريج
ماءُ پيءُ منھنجي کي تون بخشين خدا
ڀائر ۽ ڀيڻون سَرَهين پڻ تون سدا
بخش منھنجا سيئي عزيز قريب
جي اڳي ويا مون کان ۽ دوست حبيب
خوش رکيج منھنجو نت تون آل عيال
ڪج تون صالح انھن کي نيڪ خصال
تن جو طالع چڱو هوئي، عمردراز
هجي عزت سان گڏ تنھني کي نياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش رهن سڀ عزيز منهنجا شال
پڻ ڀين مؤمنن جي لهج سنڀال
موت ۽ قبر جو عذاب نه ڏي
مون کي عقبيٰ جو تون عتاب نه ڏي
حشر ۾ تون اتارين نيڪن سان
صالحن ۽ قبول ٻيڪن سان
ڪر دعا هي "قليچ" جي تون قبول
فضل سان پنهنجي ۽ بحق رسول

اجوڪي زماني جي خانگي ۽ ملڪي ڳالهين بابت راءِ

رات مون عقل کان پڇيا هي سوال
تنهن ڏنا پڻ جواب ۾ هي مثال
مون پڇيس بحث مولوين جو ڪيئن
چيائين آهي اجايو قيل وقال
مون پڇيس نفس ڪيئن ٿئي تابع
چيئين جڏهن کائي سوچڙن جي ڌمال
مون پڇيس آهي ڪيئن حياتي هيءَ
چيائين آهي نسورو خواب خيال
مون پڇيس ڏي مثال دنيا جو
چيائين سينگار سان ڪراڙي زال
مون پڇيس ڪيئن انهي جا مڪر فريب
چيائين ڪچريءَ جا جيئن ڪ تال پخال
مون پڇيس ان مان خوش رهن ٿا ڪير
چيئين ڪميناڻ لُچاڻ دلا ۽ دلال
مون پڇيس ڪيئن عيال اطفال آهي
چيائين باري وبال ۽ جنجال
مون پڇيس ماڻهو ڪيئن رهن مشغول
چيائين ان فڪر ۾ ته ميڙيون مال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سون پڇيس خلق ڪيئن خدا جي آهي
چيئين خدا جي انهن کي ڪانهي سنڀال
سون پڇيس ڪهڙي تي سزا تن جي
چيئين پليگ ۽ ڏڪار، جنگ، جدال
سون پڇيس ڪيئن هي ماڻهو دنيائي
چيائين بانڊر، ڪتا ۽ گرگ، شغال
سون پڇيس ڪيئن رهن اڇوڪا وڪيل
چيائين جيئن ڊونڊ تي ڳجهون رڪوال
سون پڇيس چؤ پُلِيس وارا ڪيئن
چيائين باهي، چنڊال ۽ دجّال
سون پڇيس ڪيئن آهن مڙها منشي
چيئين ڳنڍ ڇوڙ، چور، ڌاڙيوال
سون چيس حال حاڪمن جو ڏي
چيئين رسائي ۽ چمڙ چاهن جال
سون پڇيس تپيدار ڇا تا ڪن
چيائين لاهو وٺن ڪري پرتال
سون پڇيس حال ڪيئن وڏيرن جو
چيئين مٿن قرض مرض آندو ڪال وبال
سون پڇيس مير، پير ڪيئن آهن
چيائين سيڪنين ڪمال کي ٿيو زوال
سون پڇيس ڪيئن ميونسپل جي چونڊ
چيائين پيو جڳ ۾ ان ڪان پائيتال
سون پڇيس ڪيئن هلي ٿو لوڪلبورڊ
چيائين جيئن نار جي ڦري تي مال
سون پڇيس ڪيئن مئجسٽريٽي بينچ
چيائين سرڪاري هڪڙو نا ٽيڪسال
سون پڇيس ڪائونسل جا ممبر ڪيئن
چيائين نالي ڪيو انهن جي نهال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خرچو، ڪائو پلي مزا ماڻيو
پر فقيرن کي پڻ ڪجو ڪي ياد
هاڻي نالا اوهان سين جا ڏيان
آهيو تاريون ۽ هڪ اتو بنياد
نادر، اختر، اسد، همايون پٽ
ڌيون فخرالنساء ۽ ٻي دلشاد
پٽ ٻيا افضل، اڪمل ۽ آجمل
ادهم، ارشد ۽ ڌيءَ تي ٻي شهزاد
نالا ڏهٽن جا پڻ ٻڌو مون کان
هڪڙو فيروز ۽ ٻيو فرهاد
۽ انهن کان ننڍيا ٻه ٻيا آهن
هڪڙو جمشيد، ٻيو آهي شمشاد
پاڻٽن مان اول منوچهر آهي
ادي صادقعلي جو داماد
ٻوءِ فرخ سڪندر ۽ حيدر
۽ جوان ٻيا ٻه جي هجي ارشاد
سڀني، استائلي ۽ تيو ايد ورد
ٻيا ٻه نياز و نثار ۽ امداد
پٽ ٻه پاڻيٽن جا قنبر ۽ شوڪت
۽ فريد آيو جو چڱي معياد
ماهرخ منهنجي پاڻٽي جي ڌيءَ
ناصر، آصف ٽيا منهنجا خواهرزاد
لالہ رخ، شاهرخ ۽ گلرخ ٽيون
پاڻٽيون نيڪدل ۽ نيڪ نهاد
روح افزا ۽ حسنا پڻ آهن
۽ خجسته ٻه، جا خجسته نژاد
ٻيون ٻه بدرالنساء ۽ قمرالنساء
۽ گريسيءَ سان پورو تيو تعداد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوٽا زاهد ۽ ذاڪر ۽ ضامن
پوٽي شيرين، جا ٿي خوش ميلاد
پيٽون زيب‌النساء ۽ شرف‌النساء
ست اسين پاءَ ٻـه ۽ افراد
ڏاڏو هڪ ميرزا فريدون بيگ
ٽيونجاهه ان جو ٿيو سڙ ئي اولاد
پاڻ منهنجو وڏو غلام رضا
پيو صاد قعلي، پڻي اوتاد
۽ ننڍو مون کان هو علي قلي
پوءِ جعفر قلي بطبع وقاد
۽ ننڍو ان کان پوءِ نجف قلي
پوءِ حيدر قلي ٻه حسن سعاد *
گهر ٿيا نون، مگر ڪٽنب ٿيو هڪ
خانا سي سڀ خدا رکي آباد
تو سين کي ڪري "قليچ" دعا
بخت بيدار هوئين، عمر زياد
ربّ هدايت ڪري سين کي شال
ڏئي محبت ۽ ٽاري فتنو فساد
يا الاهي دعا هي ڪج تون قبول
ٻـه محمّد و آلـه الامجاد

## دنيا ۾ بهشت

آهي دنيا قيدخانو مؤمنن جي لاءِ يار
ڪافرن لئي باغ بستان، جيئن حديثن جي پچار
عارفن جي لاءِ دنيا آهي پئي دوزخ بهشت
حالتون آهن مخالف پنهي، سين جي اختيار

* دنيا جو گذران.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خلق نيڪ آهي بهشت ۽ خلق بد دوزخ ٿيو
انهن ٽيا دنيا ۾ جنّت ۽ جهنّم آشڪار

غفلت ۽ ننڊ آهي دوزخ، آهي بيداري بهشت
جيهل دوزخ باهه، علمّيت بهشت آهي بهار

صبر ۽ شڪر ۽ قناعت ۽ رضا آهن بهشت
چند انهن جون خصلتون دوزخ ۾ تون آڻج شمار

ان طرح وَس تنهنجي دوزخ ۾ پوڻ يا منجهه بهشت
جسم سان هيت، روح سان هت، تن ۾ وڃون ٿا هي وار

جي اندو رهندين هتي، هُت پڻ اندو اٿندين "قليچ"
حڪم اي قرآن جو، ان تي عمل ڪر، ڏيان ڏار

گوشه نشيني ۽ قناعت

ٻه ڏينهن عمر جا جيڪي بچيا اٿئي باقي
وڃي جي گوشي قناعت جي ۾ مقام ڪرين

ڏڪا وٺين ٻه ۽ پوڪين اتي زمين ٽڪر
۽ ميير هڪڙي جو، ٻئي جو وزير نام ڪرين

رُڪي حلال جي ماني اچئي جي هٿ ان ۾
۽ پاسو دل جي خوشيءَ سان ڪنا حرام ڪرين

"قليچ" ان ڪان ٿي بهتر، ڪنهن ٻئي جي اڳيان
رڪين تون سيني تي هٿ ۽ جهڪي سلام ڪرين

نماز، روزو، صدقو ۽ خيرات

عبادت سان هلين ٿو تون خدا ڏي
۽ حق جو قرب حاصل ٿئي ٿو توکي

نماز اڌ وات توکي طي ڪرائي
۽ روزو توکي دَرَ تائين رسائي

ڪرائي گهر ۾ داخل توکي صدقو
انهن کي چو نه تڏهين تون وٺين ٿو

# رباعيات

## ٻارن جي تڪليف

رت پيٽم ٻار، ڏيان سڀ پنهنجي جان
ڪن گوڙ گجي، آءُ لڪندو ڇپندو پيو ٻڌان
نچندا ٽپندا اگهاڙا وڃ جان اچنم
روئندو ڪلندو ڪڪڙ جان دامن سان ڍڪيان

## توبهہ جو روئڻ

بادل ٿي بنائي آب، سمنڊ ساري ڪي
پاڻي ٿو ڪڪر مٺو ڪري ڪاري ڪي
توبهہ جو روئڻ ڪري گناهن ڪي ثواب
برسات اچو ڪري ڪڪر ڪاري ڪي

## منهنجي مسلماني

اي دل تون خدا جي زير فرمان نہ ٿيئن
ٻڇڙن عملن کان تون پشيمان نہ ٿيئن
عالم ٿيئن، عابد ٿيئن، زاهد بہ تہ ٿيئن
ٻيو سڀڪجهہ ٿيئن، مگر مسلمان نہ ٿيئن

## ڪفر ۽ دين

دنيا ۾ خلاف ڪفر ۽ دينَ جو آهي
مقصد جي ٻنهي جو هڪ، تہ ٻوءِ ان ۾ ڇا هي
مسجد ۽ مڙهيءَ جي جنگ مان مطلب ڏئي
جڏهن ٻهڻ وڙهن ٿا، نڪري تن مان تڏهن باهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مؤمن آهي دل ۽ نفس آهي ڪافر
مؤمن ڪي ادا حوالي ڪافر جي نه ڪر
چئين هڪڙي، ڪرين ٿو ٻي، ڪو رک شرم آخر
تسبيح هٿ ۾، جنيو مٿي دل جي ڪمر

## منهنجي شاعري

مضمون چڱو جيڪو ڏسان آءٌ يا ٻڌان
بازيگر وانگي شعر پنهنجي ۾ چوان
ڪوڏيءَ جان اکين ۾ ۽ ڪنن ۾ ٿو وجهان
ساڳي اها موتي وات پنهنجي مان ڪڍان

## منهنجو ڪلڻ ۽ روئڻ

دنيا ۾ آءٌ ڪيئن نه پنهنجو غمخوار هئان
رت پنهنجو پيئان، هنجن سان منهن پنهنجو ڌوئان
دردن ڪان سندس جهڪي صراحيءَ وانگي
ٿو ٿهڪ ڏئي ڪلان ٻي، ۽ رت ٻي روئان

## منهنجي عبادت

تون نفس جو پنهنجي ٻانهو آهين هرقسم
جيڪا تون عبادت ٿو ڪرين، آهي طلسم
لذت نه اچي ڪا بندگيءَ مان توکي
هوءَ آهي غذا روح جي، تون سارو جسم

## خدا جو گهر

تون گبر، يهود يا نصارا ڪان نه ليک
جت رات پئوَئي، خدا جو گهر چائي ٽيڪ
مسجد ۽ مڙهيءَ مان حق پرستي مطلب
گهرُ جي ٻه ٿيا ته گهر ڌڻي آهي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شيعو، سني

الله رسول جو سچان آهه فرمان
دل ڪون رهان آهه پنجتن تؤن قربان
سڀ يارءُ اصحاب رکان آهه عزيز
سني چوي، يار ڪي ڪو شيعي جو گمان

## توبهه جو روئڻ

ڏج ڪين گناهن ڪان، هنجون جي هارين
سي باهه جهنم جي اجهائي ٿا ڇڏين
ڇڻڪار ڪري اکين سان ماڻين بهشت
اڪثر ٿا پڇاڙيءَ ڪي بهشتي ڪوٺين

## منهنجو حج

اڄ عيد ٿي حج جي، خلق ڪعبي ڏي روان
ٿا ڪن سي طواف ربّ پنهنجي جو عيان
مون ڪي مليو ڏس تہ دل ۾ منهنجي تون رهين
تنهن لاءِ پيو آهه پنهنجي چوگرد قِران

## اوجاڳو چڱو

بهتر تہ اکين پٽيل هجين سڄي رات
منجهہ ذڪر حقي رڌل هجين سڄي رات
رک شرم ڪو، ٿي نہ تون ڪکڙ کان ڪمتر
هو جاڳي ءُ تون سُتل هجين سڄي رات

## پنهنجو حساب ڪتاب

مڪتب ۾ بہ عقل جي ٿي پنهنجو تون ڪتاب
ءُ حق جي سوال ۾ ٿي پنهنجو تون جواب
جي پائين حساب ۾ سياڻي نہ منجهين
وٺ پاڻ کان اڄ ايڏ وقت، پنهنجو تون حساب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پڪ

آهن پـ‍ـ شيون لڳن گهڻو دل کي شاق
ڪن دل کي ڪباب، سوت جو ڪن مشتاق
آءُ توکي ٻڌايان، جي ٻڌي سي تو سگهين
نايابي جـوانـيءَ جـي، سـڄـڻ جـو فـراق

## هانوڪا يار

ڏٺا يار پـ‍ـ هـن زماني جـا ڏاڍن جـان
ڪجهه وقت رهن رفيق ٿي، خوش توسان
ڪائي پيي گهڻو عرصو جڏهن ٽڪجن سـي
ڪلندي ڪلندي ڀڄن سي هڪيئي پـونيان

## مات چڱي

ڏاهـو سـو جـو ديـر گفـتگـو ۾ لائـي
ٻَڪ ٻَڪ جو گهڻي ڪري، خطا سو ڪائي
مجلس ۾ ادا تـون سڪ ادب حقّي ڪـان
جيسين نـ‍ـ پڇن ان کـي، نـ‍ـو ڳالهائي

## منهنجو مذهب

پيو ڏس ۽ نـ‍ـ ڳالهاءِ، اهـو رک مذهب
گهٽ پاڻ کي ٻئي کان ڄاڻ، اي رک مشرب
تـون پـاڻ وسار، خير گهُر خلق جو نت
پيو ڏي ۽ نہ وٺ ڪي ٻہ، اهو رک مطلب

## منهنجو روزمره جو ڪم

هر رات ٿو جاڳان درد کـان تـا پرڀات
هر روز رئـان زار، ڪـريـان آءُ هيهات
ستر لنگهيا ورهيہ، آهـي ڪـم منهنجو اهو
ڏينهن رات ڀنيان وڃي، ڀنيان ڏينهن جي رات

## منهنجو چشمو

پاڻي ٿي پيئڻ ويو سڄڻ سوچارو
چيومانس، هي منهنجو چشمو چشمن وارو
پيي پاڻي، هتان نه وڃ، چيائين ڪالهي
چپ منهنجا مٺا ۽ پاڻي تنهنجو ڪارو

## منهنجي دعا

خاوند تون عاصين تي احسان ڪرين
حيوان مان ڦيري مون کي انسان ڪرين
ڪيا گبر مسلمان گهڻا تو، چيا ٿئي
هڪ گبر پيو به جي مسلمان ڪرين

## منهنجو پورهيو

تو ساڻ سو آهي، پيو پڇين جنهن جي ذات
موجود ٿي تو ۾ ذات ان جي نه صفات
ايءُ ڪوهه خوديءَ جو جي پٽي ڪڍ گز ڪوڙين
گهر پنهنجي ۾ لهندين تون ادا آبحيات

## منهنجي مختصر سوانح عمري

جيسين آءٌ ڌهن ۾ هوس، هئس زار زبون
ويهن ۾ ۽ ٽيهن ۾ رهيو مون کي جنون
چاليهه-پنجاهه فڪر ڳڻتيءَ ۾ ويا
هاڻ سٺ ۽ سٺر ۾ غم کان سر آهي نگون

## پيري

ڪمزور حواس سڀ ٿين پوڙهي ۾
هردم رهي فڪر لٺ ۽ عينڪ جي ۾
رهنس نه اکيون ٽيون جاءِ پنهنجي تي، نه پير
هٿ ۾ ٽو ڪٺي پير(١)، اکيون(٢) ڪيسي ۾

(١) لٺ (٢) عينڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وزيريءَ کان نفرت

چڏ طمع ”قليچ،“ ڌار دل جي همت
تون ڏيان سان شطرنج جي ڏس چال چلت
ڏيندين جي وزير، هلئو پوندئي ڏنگو
رهه پيادو ۽ هل سنئون ته پائين عزت

## پنهنجي حال تي افسوس

ممڪن ته چڏي چال زمانو ڪوتي
ممڪن ته چڙهي بخت ڪري پڻ چوتي
ايندا ڪئا دوست، هئا جي همدم همراز
۽ عمر جا وئي لنگهي، اچي ڪيئن موٽي

## منهنجو سير

جڏهن بند ڪريان آءٌ پنهنجي اک جي چوٽي
منجهه ارض سما ڦران آءٌ جيئن ڦرموٽي
ٿا چون ته هِن جهان مان موٽي ڪونه
هر روز گهڻئي دفعا اچان آءٌ موٽي

## منهنجو موٽڻ

ٿا عالمِ بالا ۾ پڪارين مون کي
مرندس جڏهن آءٌ، وري جيارين مون کي
چووائي ۾ شمع جان مران پيو ۽ جيئان
تو جڏهن آجهامان، موٽي ٻارين مون کي

## منهنجي وصيت

اي ٻارو ٻچو! قدر سڃاڻو منهنجو
هوندو نه هتي سدائين ٺاڻو منهنجو
شوخيءَ سان ٻه جيڪا آءٌ چڱائي ٿو چوانوَ
احسان اهو ٻاڻ تي ڇاڻو منهنجو

## منهنجو مرڻ

وڻ جهونا ڪرڻ جڏهن ڦٽن ٿا پيا نوان
پن وڻ جا ڇڻن جڏهن، تہ نڪرن ٿا نوان
غم ڪهڙو، حياتيءَ جو جي بدليو جامو
دل خوش ٿئي، ٿا ڪڇن جڏهن ڪپڙا نوان

## مات چڱي

خوشدل جي رهين، تہ فڪر سڀ ڇڏ لاهي
باقي جي تون ٿين، تہ پڙُ ڦنا ۾ ڪاهي
راحت جي گهرين جڳ ۾ تہ ڪر مات ادا
جو مات نمونو نيستيءَ جو آهي

## ڏک ۽ سک

ڇو ڏک جي گلا جي توکي عادت ٿي پئي
ڪر سعيو تہ رنج تنهنجو راحت ٿي پئي
محنت ڪري ٿي ڦڙا (١) پگهر جا تون هار
تا سيگهہ مان عسرت ڦري عشرت ٿي پئي

## بيواسطي

دنيا ۾ آءٌ خير شر چاهيان پنهنجو
ڪعبو ۽ ڪليسا بہ آءٌ ٺاهيان پنهنجو
ٻئي سان نہ رکان واسطو ڪو پاڻ بنا
آءٌ عاشق، معشوق بہ آهيان پنهنجو

---

(١) ٽي ڦڙا يعني ٽي نقطا "ش" جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪثرت ۽ وحدت

اڻ سُڌ سانڪ، جو اصل درياء ۾ هو
ڪولئين جو اڪ، پيل سو صحرا ۾ هو
مشهور ٿيو تہ قاف (١) ۾ عنقا آهي
سُڌ هاڻ پئي تہ قاف (٢) عنقا ۾ هو

## منهنجي آس

توکان آءُ هجان پري نہ هڪ لحظو شال
توريءَ نہ ڏسان ڪڏهن ڪثي ڪي پيو شال
تو ڏاران ڪٿان پساهہ جو پنهنجي منهن
يارب سو پساهہ پونيون هوئي منهنجو شال

---

(١) قاف=جبل اشارو ڪثرت ڏانهن .
(٢) قاف=اکر اشارو وحدت ڏانهن .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فرد يا بيت

ڏس رياضت شمع جي، جا رات ساري ٿي سجاڳ،
هڪڙي ٽنگ تي ٿي بيهي ۽ ٿي روئي ۽ ٿي جلي.

عيب ڪنهن شيءِ مان نہ ڪڍ، ٻچڙي هجي اوءَ يا چڱي،
عيب صنعت مان ڪڍڻ، ڇڻ آهي صنعتگر جو عيب.

پاشڪستن لاءِ مشڪل آهي ڪعبي جي طلب،
ڪعبو دل جو آهي، جو حاصل ٿئي آسان ٿو.

ڪارو جي منهن تنهنجو ٿيو، ڌونهي گناهن جي ڪان آهي،
ڌوئي اِي ڪارنهن اکين جي، آب سان تون صاف ڪر.

عقل توکي ڪونهي، نہ تہ پورڻ اکيون آهي ڏسڻ،
فهم توکي ڪونهي، نہ تہ ڳالهائڻ آهي چپ رهڻ.

شيخ جي ڊپ کان ڪئي سون آهي مستي اختيار،
وات نہ تہ مسجد ۽ ميخاني جي سون وٿ آهي هڪ.

گهُرجي ڪنہڙائين جي قوّت، اي پڪي همت نہ هار،
آهي بتخاني کان ڪعبي تائين هڪ پرواز بس.

رزق رازق ٿو رسائي، هرڪنهين انسان کي،
شڪر سان تون کاءُ ۽ کاراءِ پڻ مهمان کي.

پنهنجي روزي ڏيان پين کي، آهيان آءٌ مهمان نواز،
ان ڪري غم منهنجو سون کان وڌ سدا کائن پيا.

زرد منهن منهنجي تي جاري لڙڪ آهن لالہ رنگ،
ڏس اچي پئي گڏ ٿيا سون وٿ خزان توڙي بهار.

لڪل بلندي اسان جي ٿي خاڪساريءَ ۾،
زمين کوٿين اسان جي ته آسمان لهين.

گهٽيائي مون تي مروت ڪئي اکين آلين،
رڻ گهٽي سان مون کي ڪيئون غريق رحمت جو.

تون سچ انهي کي ۽ ڪر پيروي انهي جي، جو
لڪائي خلق کان طاعت، گناهه کان واڌو.

مشڪ جان عمر سڀ خطا ۾ وئي،
ٿيا اچا وار ۽ اندر ڪارو.

جو رکي گهر ۾ اڻ ميا ٿو مال،
آهي مفلس، رکي نه جي ٿو زال.

زاري ۽ بيخودي طهارت آهي،
۽ ڪُهڻ نفس جو عبادت آهي.

اٿئي جيسين اکيون، هنجون پيو هار،
چپ اٿئي جيسين، پڙهه تون استغفار.

ڌوبهه ڪئي تو عين جوانيءَ ۾ هٿئي، "قليچ"،
ڪم اهڙو تو ڪيو، جو ڪو ڪافر به نا ڪري.

نه سگهندي منهنجي دامن کي لڳي ڪجهه باهه دوزخ جي،
جي محشر ۾ ادا مون ساڻ هونديون هي اکيون آليون.

توکي آزار رسي جڳ کان ته ناهي ڪو عار،
ڪر تون ڪوشش ته رسي توکان نه جڳ کي آزار.

تربيت پاڻ کي جو ڏئي نه، سو آهي حيوان،
آدم آهي سو، جنهين کي نه هجي پي ۽ ماءُ (١).

(١) وڏن تي فخر.

موت جي گهڙي ٿيم رات ۽ هشيار ٿيس،
اتي ڳري ننڊ پيم ياد ۽ بيدار ٿيس.

فلڪ دشمن، زمانو بيوفا، ۽ يار بيپروا،
اچي ٿي ڪـيل مونکي تنهنجن سڌن تي اي ”فليچ“ احمق!

نہ ٿي بيزار تون اي شمع، پروانن جي ميلي ڪان،
نہ رهندين ۽ صبح تائين تون، نہ هي صحبت، نہ هي ميلو.

وٺڻ منهنجو ڪندو منهنجي شفاعت،
پشيماني عجب پيغمبري آهہ.

اسر جو مون ڪي جاڳايو ڪڪڙ آهي،
مُلي جي ٻانگ جو ٿورو مٿم ناهي.

گهٽي هلڻ جي وقت ٿئي پٽ جي ان ڪي ڪانہ،
جنهن مال پنهنجو پاڻ ڪان اڳ آهي موڪليو.

جيڪو بہ ڪم خدا ڪان نہ حاصل ٿئي مون ڪي،
سو پنهنجي لاءِ پاڻ خدا ٿي تو آءٌ ڪريان.

چڱي جي طبع عطا ٿـي تہ گهـرجي پار نہ پيو،
چڱا بہ بيت هزارن پٽن ڪان بهتر ٿيا.

سخا نياز سان ڏس ڪيئن ڪري صراحي ٿي،
ڏئي ٿي پاڻي بہ، سجدو ڪري پيالي ڪي.

اڪين جو پاڻي ۽ لڙڪن جو ٻج ۽ سنهن جي زمين،
ڏنائون توکي تہ ڪر پوک تون قيامت لاءِ.

خدا جا شڪر تون هر روز ڪر ”قليچ“ هزار،
دوا وٺين نہ تون اڪثر، نڪي رهين بيمار.

مريد، پيرِ مغان جا وڃي ٿياسين هاڻ،
جو اڄ زماني ۾ رهبر گهڻائي ٿيا رهزن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چار سڻ پاڻيءَ جا گهرجن ته بدن جي غسل لاءِ،
پر ڦڙو هڪڙو ته دل جي غسل لاءِ ڪافي ٿئي.

لتَ فقيرن جي جهلي، دولتَ پکي شاهن طرف،
اونڌو نيت ڪچڪول درويشن جو شاهي تاج (١) ٿئي.

اڄ زماني ۾ سڄو، هاڻيءَ تي غالب اهڙو آهه،
جو ڪرڻ چاهي حڪومت ته هو هندستان جي.

جڏهن هزار ۽ لک اچن ڪنهن وٽ، سخي ته پئي بخيل،
الف (٢) ڏس لحظي ۾ منفق (٣) کي منافق (٤) ته ڪري.

توکي ٻڌايان زاهد ۽ عابد جو فرق، يار،
زاهد کي عشق (٥) جو ڪم، عابد کي ڪم (٦) جو عشق.

چوڻيءَ تيي اڳ خدا هو، ۽ ٻيو ڪي ٻه ڪين هو،
جڏهن ڪي ٻه ڪين هو ڪٿي، تڏهن هو ڪٿي خدا؟

ڏسو ڏيوالو ڪڍيو آسمان اصل ڏان آهه،
جو ڏينهن جو ٻه پيو پارٿو انهي کي ڏريو!

سيڻيو اٿم ته سفر تي ڪڏهن نه ويندس آءٌ،
وطن ۾ جيسين ليي سگهندي سون کي پيٽ جي چانوَ.

"قليچ" تيو آهي شرين سخن پيدا پي ۾،
اٿس جو چوسيا جوانيءَ ۾ چپ سيڻن جا پري.

(١) شڪل ۾
(٢) اڪر ٻه، ۽ هزار ٻه
(٣) سخي، يا خيرات ۽ خرچ ڪندڙ
(٤) بيدين ۽ بخيل
(٥) باطني
(٦) ظاهري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”قليچ“ گرچ قريبن ڪان ٿيو هنر ۾ وڌ،
جي بخت زور نہ ٿيو، ڪهڙي ڪم جو فضل ڪمال!

سينگاري پاڻ ڪي، سهڻو ٿي، پوءِ وڃي آءٌ سمهان،
تہ سهڻي ۾ اچي سهڻو، متان نہ ان ڪي وڻان.

اکين سان خلق نهاري ٿي، پر ڏسي ٿي ڪين،
ڏسن ٿا جي، سي نهارڻ سان پيو ڏسن ڪي ڪين.

مات جهڙي مٺائي ڀي ڪانهي،
جو پوي ان ۾ ڇهڻي چَپَ سان چپ.

منهنجي هستيءَ ڪي نيستي نہ ڇجي،
موت مئو تڏهن، آءٌ جڏهن جائس.

هرڪنهين جو لکيو، لکي ٿو جناب،
لکندڙ آهي چڱو، لکي نہ خراب.

پاڻ ڪي جو گهٽائي، پاڻ وڌي،
ڏس پڙي انگ ٿي ڏهوٽا ڪري.

جي چڙهو جيئن هتي ءِ پاڪ رهين،
چڙهي آپ ٿي مسيح وانگي وڃين.

جي سدا دل ۾ شادماني آهہ،
رات جاڳڻ بہ عمر ثاني آهي.

جيڪي آهن خدا جا مرد سچا،
مفلسيءَ ۾ بہ ڪن اهي ٿا سخا.

عشق جو داغ ناهي جنهن دل ۾،
شمعدان آهي، جنهن ۾ شمع نہ آهہ.

شعر گوئي جو ڪم گهڻو ٿيو ڪٺن،
رت پيڻ آهي پنهنجو ٿي دشمن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن سبب تہ رهي خوش دعائون ڪن ماڻهو
تہ عمر خضري ملئي شل، جئين هتي پيهار
بيانِ خلقَ مثل تيو، نقارهٔ رحمان
انهيءَ ڪان عمر وڏي منهنجي، ربّ ڏني آڌار
چوڏون آءٌ رهان جهنگ ۾ ڪليل هوا ۾ نت
۽ نوڪريءَ ڪيو چالاڪ محنتي هيڪوار
پنجون زالون مليم جوان، جن جوان رکيم
ويون بہ جلد وري، ڏيئي مون کي پنهنجي چمار
هزار شڪر وڏي عمر اتم، رهان تو خوش
مگر عيال جون گهٽيون ۽ فڪر تيا دشوار
عزيز دوست جي هئا همخيال، سي بہ ويا
نہ صحبتي رهيو ڪو، ماريو نيت انهيءَ ويچار
وڏي ويو خرچ، اپٽ توري، رسم راه قديم
مهانگ ملڪ ۾، منهن چؤ طرف ڏيکاريو ڏڪار
پريون مون ويمي جون قسطون رقم ڪان پڻ واڌو
پيون پَرڻ اجا، جيسين جيان آءٌ منجهہ سنسار
امانتون جي رکيم فائدي جي لالچ تي
کٽيون سي ڪوڙيون، کٽي ڪيئن سگهان اهي سڀ بار
اهي چمار ڏکهيءَ جا تيا نفعا نقصان
جيئڻ ۾ راضي رهڻ، پئي تيا وڏا لاچار
اٿئي بہ چارا فقط هت "قليچ"، صبر ۽ شڪر
سي وٽ ۽ خوش رهي پيو ڪر سدائين ربّ جي پچارَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻارهون

## اسان جي ڪتب ۽ پنهنجي نسبت ۾ ٻين صاحبن جي راءِ

[هن باب ۾، مرحوم مرزا صاحب اول ڪن انگريزي اخبارن ۽ رسالن اندر ڇپيل مضمونن ۽ پنهنجن ذاتي خطن ــ جيڪي انگريزي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ هئا ــ منجهان اقتباس ڏنا هئا، ۽ پوءِ اڳتي هلي، غيرسنڌي اقتباسن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏنو هو. هتي اصل انگريزي ۽ فارسي اقتباس ڏيڻ غيرضروري سمجهي، فقط انهن جو سنڌي ترجمو ۽ اصل سنڌي خطن مان اقتباس ڏنا ويا آهن. جيڪي خط انگريزيءَ ۾ لکيل هئا، تن جي خاتمي واري هنڌ تي نشانيءَ طور هڪ تارو ۽ جيڪي فارسيءَ ۾ هئا، تن جي پڇاڙيءَ ۾ ٻه تارا ڏنا ويا آهن. ان مان پڙهندڙن کي پتو پوندو ته ڪهڙا خط اصل ڪهڙين ٻولين ۾ لکيل هئا. سنڌي خطن جي پڇاڙيءَ ڪو به نشان نه ڏنل آهي ـ ناشر.]

---

مخزن ”غنچهء اميد“ مان سنڌيءَ ۾ انتخاب

رساله ”صراط المستقيم“.

فيبروري، ١٩٢٤ع

نهايت مسرت جي ڳالهه آهي ته جناب مرزا قليچ بيگ صاحب کي سرڪار نئين سال جي خوشيءَ ۾، ”شمس العلماء“ جو لقب عطا ڪيو؛ جيڪا هن صاحب خدمت ادا ڪئي آهي، تنهن جي اعتراف جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌ ۾ شايد هيءُ ٻيو بزرگ آهي، جنهن کي هيلتائين اهو لقب مليو آهي. جناب مرزا صاحب جو وجود ذيجود حقيقت ڪري نه رڳو شيعن لاءِ، بلڪ سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تاريخ سنڌ“ ۽ ٻين ڪيترن ڪتابن جو مشهور مصنف آهي.
اهو سارو خاندان، سنڌ جي سڀني خاندانن ۾ علميت ۽ فضيلت
جي ڪري گهڻي وقت کان ناليرو آهي.*

ساليانو رسالو ”گلدستہ“، ڪراچي.
سنہ ١٩٢١ع

مرزا قليچ بيگ، مرزا فريدون بيگ جي ستن پٽن مان هڪڙو آهي، جو حيات آهي. مرزا فريدون بيگ، ننڍي هوندي سنڌ ۾ آيو. قسمت هن کي سنڌ جي حاڪم مير ڪرمعليءَ وٽ آندو، جنهن جي پناهہ هيٺ هو پلجي وڏو ٿيو ۽ مسلمان ٿيو. حيدرآباد جي هاءِ اسڪول ۽ بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهڻ کان پوءِ، مرزا قليچ بيگ سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو؛ ۽ عام اسڪولي ماستريءَ مان چڙهي، ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيو؛ جنهن عهدي تان آخر سنہ ١٩١٠ع ۾ هن پينشن ورتي. هن کي ”قيصر هند“ جو ٻلو ۽ وائسراءِ جو سرٽيفڪيٽ سندس حسن خدمتيءَ جي لاءِ مليو. هن جي سخت محنت ڪرڻ جي عادت، علم ۽ هنر جو شوق ۽ پنهنجي ديس سنڌ جي لاءِ سچي خدمتگاري، هن ڳالهہ جي ثابتي ٿي ٿئي تہ هن اٽڪل سٺ ورهين جي عرصي ۾ اٽڪل ٻہ سؤ عمدا ۽ ڪمائتا ڪتاب لکيا آهن. اهو اهڙو مشڪل ۽ وڏو ڪم آهي، جو ڪنهن ٻئي مصنف کي جيڪر انهيءَ جي ڪرڻ ۾ هڪڙي پيڙهي لڳي وڃي. سڀڪو خواهش ڪري ٿو تہ هندستان جي سڀڪنهن پاڱي ۾، اهڙو قابل ۽ محنتي ماڻهو هجي، جو هند جي زبانن جو مايو وڌائي. مرزا قليچ بيگ هينئر ٦٨ ورهين جو آهي. هن کي سٺ پٽ آهن، جن مان وڏو نادربيگ آهي، جو ڪراچيءَ ۾ باريسٽر ٿي ڪم ڪري ٿو.*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلڪتو
٥-اپريل ١٨٦٦ع

مشفق، مهربان من، مرزا فريدون بيگ، سلامت!

مون کي اوهان جا ٽي خط مليا، هڪ بمبئيءَ ۾ ۽ هڪ مدراس ۾. جيتوڻيڪ مون انهن جا هڪدم جواب نه ڏنا، ته به جيڪي اوهان لکيو هو، تنهن بابت واسطيدار عملدارن کي هڪدم لکيم. آءٌ يقين ٿو ڪريان، ته سر اليگزينڊر گرانٽ انهيءَ بابت سنڌ جي ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر ڏي لکيو آهي ۽ منهنجي سچي خواهش آهي ته اوهان جا ٻت بمبئيءَ ۾ وڃي تعليم حاصل ڪن. آءٌ فارسيءَ ۾ جواب نٿو لکان، مگر اوهين هميشه مون ڏي فارسيءَ ۾ پيا لکجو، ڇا لاءِ جو اوهان جا اکر اهڙا چڱا آهن جو اوهان جا خط آءٌ ڪنهن به مشڪلات کان سواءِ پڙهي سگهندو آهيان. اميد آهي ته آءٌ آگبوٽ ۾، سنڌو نديءَ جي رستي، ملتان مان هن مهيني جي ١٥- تاريخ، ايڏانهن ايندس. هينئر آءٌ دهليءَ ۽ سملا ڏي وڃان ٿو.*

اوهان جو دوست
جي. ايف. گولڊسمٿ.

---

عزت ۽ آبروءَ وارو، مرزا فريدون بيگ، خوش هجي!

اوهان جي خط، لکيل تاريخ ١٩- سيپٽمبر، ١٨٧٠ع جي حوالي سان لکجي ٿو ته برابر آءٌ پنن سالن جي رخصت تي ولايت وڃڻ وارو آهيان. اميد آهي ته جيڪو به صاحب تعليم کاتي جو ڪم هلائيندڙ ٿيندو، اهو اوهان جن پٽن جي لياقت ۽ شرافت جي نظر ڪندو. انهيءَ بابت اوهين خاطر تسلي ڪجو.** صحيح هيڊ منشي.

پاران- جي. مور،
اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعليم کاتو،
نمبر ۷۰،
۱۱- فيبروري ۱۸٦۴ع خوش هجو!
وڏيءَ قابليت ۽ عزت وارا، مرزا فريدون بيگ،

هائي حضور کي مسٽر وشنوگهنشام، انگريزي اسڪول ماسٽر، حيدرآباد، جي رپورٽ منجهان معلوم ٿيو ته اوهان مهربان ڪرنل گولڊسمٽ صاحب بهادر جي رٿ ۽ صلاح موجب، پنهنجن پنهي پٽن کي پڙهڻ واسطي بمبئيءَ ڏانهن موڪلڻ قبول ڪيو آهي. ان ڳالهه جي خبر پئندي، حضور گهڻو خوش ٿيو آهي؛ ڇا لاءِ ته اها صلاح ۽ رٿ جا اوهان کي پسند آئي آهي، سا گهڻي فائدي جي آهي. اميد آهي ته انهيءَ رٿ موجب ٿوري عرصي ۾، اوهان کي فائدو پهچندو. هي خط اوهان جي اطلاع واسطي لکيو وڃي ٿو.

اوهان جي خدمت ۾،
خداداد منشي،
پاران - اسسٽنٽ ڪمشنر؛
۽
ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر.

---

سانوٽ ويلس،
تاريخ ۷۱- اپريل
منهنجا پيارا، مرزا صادقعلي بيگ

آءٌ هي پهتي ستون مبارڪباديءَ جون اوهان ڏي لکان ٿو، جو اوهان بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي امتحان پاس ڪيو آهي. اوهين پهريان سنڌي مسلمان آهيو، جنهن اها عزت حاصل ڪئي آهي. اوهان جي وڏيڪ تعريف انهيءَ ڪري آهي، جو هڪ دفعي ناپاس ٿي به اورچائي ڪري، نيٺ فتحياب ٿيؤ. اميد آهي ته حياتيءَ جي هيءَ پهرين فتحيابي آهي، جنهن جي

پنهنجيون پيون به ايندءِون. آءٌ اها به اميد ڪريان ٿو ته ڏگري وٺڻ سان اوهان هڪ وڏيءَ ڦيرگهير جو بنياد وڌو آهي، جنهن جي مثال تي پيا هلندا، ۽ پيا مسلمان به اوهان جي پيروي ڪندا. اوهان جو پاڻ به محنت جي ڪري، تعريف جو لائق آهي. انهيءَ ڪي منهنجا سلام ڏجو. اميد آهي ته ايندڙ سياري ۾ اوهان ڪي اچي ڏسندس.*

جي. مور

١١- جولائي ١٨٦٧ع

مرزا فريدون بيگ صاحب، زاد لطفه!

بخدمت فيضدرجت، مهربان، عاليشان، بلند مڪان،

سلامن ۽ نيازن کان پوءِ لکجي ٿو ته هلندڙ مهيني جي ٣١- تاريخ، هن اسڪول ۾ ڇوڪرن کي انعامن ڏيڻ جي هڪ مجلس ٿيندي، جنهن ۾ ڪليڪٽر صاحب ۽ جج صاحب جن به ايندا. مهرباني ڪري اوهين به انهيءَ ڏينهن، ڇئين بجي شام جو تشريف فرما ٿي، انهيءَ مجلس ۾ شامل ٿيندؤ.**

وامن آبا جي، موڊڪ

چهار باغ، بمبئي
٣- سپٽمبر ١٨٧٣ع

پيارا مرزا قليچ بيگ

مون هينئر اچي تنهنجو خط ڏٺو آهي. افسوس آهي ته توکي اجا تپ نه ڇڏيو آهي. منهنجي مرضي آهي ته تون مون وٽ اچين ته مان آءٌ توکي ڪا صلاح ڏئي سگهان، نه ته سياڻي صبح جو آءٌ توکي پاڻيهي ڪاليج ۾ اچي ڏسندس.*

مرزا حيرت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريل، بمبئي
٧- مارچ، ١٨٨٥ع

پيارا، مرزا قليچ بيگ

تنهنجو خط مليو، مهرباني! اسسٽنٽ پروفيسريءَ جي جاءِ لاءِ مون کي سرڪاري خبر ڪابہ ڪانهي. پر، انهيءَ بابت تون پرنسپال وردس ورٿ ڏي يا سڌو ڊئريڪٽر ڏي لکي سگهين ٿو. انهيءَ کان توکي ساري حقيقت معلوم ٿيندي. جي مون کان پڇا ٿي، تہ آءٌ خوشيءَ سان توکي مدد ڪندس.*

مرزا حيرت

ايلفنسٽن ڪاليج، بمبئي
٢٠- مارچ ١٨٨٥ع

پيارا مهربان، مرزا قليچ بيگ

هن ڪاليج ۾ فارسيءَ جي اسسٽنٽ پروفيسر جي مقرر ٿيڻ جو گهڻو امڪان ڪونهي، نڪي مون ئي ڪا اهڙي ضرورت ڏيکاري آهي. پر هاڻ تازو مون ۾ فيلو رکايا آهن. انهن مان هڪڙو ضرور فارسيءَ ۾ بي. اي. هوندو، جو پروفيسر حيرت کي مدد ڪري سگهندو.*

ڊبليو. وردس ورٿ

نارفوڪ،
٢٨- ڊسمبر ١٨٨٨ع

منهنجا پيارا، يعقوب

مون کي تنهنجو ٤- ڊسمبر وارو خط مليو، پڙهي گهڻو خوش ٿيس تہ تنهنجي ننڍڙيءَ ڀيڻ زليخا، جي شادي ٿي ٿئي. توکي خبر آهي تہ آءٌ هن کي ڏاڍو پيار ڪندو هوس، جو هوءَ ڏاڍي نرم طبيعت جي هوندي هئي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هوءَ هڪڙي چڱي درجي واري ساٿهوءَ سان ٿي پرڻجي ۽

## ڪليڪٽر حيدرآباد جو خط ڪمشنر ڏي

١٩- جون ١٨٩٩ع

آءٌ هيءَ درخواست ۽ شامل ڪاغذ موڪليان ٿو. درخواست ڪندڙ جي والد، مرزا فريدون بيگ، ٻين مسلمانن جي لاءِ مثال ٿي، پنهنجن پٽن کي چڱي تعليم ڏني آهي، ۽ سندس پٽن سرڪار جي چڱي نوڪري ڪئي آهي، تنهنڪري منهنجي سفارش آهي ته هنن کي سڪرنڊ يا بدين تعلقي ۾ پنڌرهن سؤ ايڪڙ زمين جا مالڪاڻي ڪان سواءِ ملن. آنربل مسٽر جيمس، جيڪو جواب عرضدارن کي سندن درخواست تي ڏنو آهي، تنهن جي پوئين فقري جي بنياد تي اها سفارش ڪجي ٿي.

ايچ. سي ميوسن

---

## ڪليڪٽر ڪراچيءَ جو خط ڪمشنر ڏي

ڪراچي،

١٣- آڪٽوبر ١٩٠٩ع

آءٌ مرزا قليچ بيگ جي درخواست پينشن وٺڻ تي زمين ملڻ لاءِ موڪليان ٿو. اوهين پاڻ هن جا ۽ هن جي نوڪريءَ جا بخوبي واقف آهيو. آءٌ فقط هيترو چوندس ته آءٌ هن جو گهڻن ورهين کان واقف آهيان ۽ هو هميشه محنتي ۽ ايماندار آفيسر ٿي رهيو آهي. هو تمام چڱيءَ چال جو آهي ۽ "قيصرِ هند" جو پلو مليل اٿس. مون کي خبر آهي ته هن کي گهڻن قسمن جو خرچ ڪرڻو آهي ۽ هو گهڻيءَ وسعت وارو ناهي. هن تمام چڱي نوڪري ڪئي آهي، تنهنڪري خاص مهرباني ۽ انعام جو لائق آهي.*

ايچ. سي ميوسن

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي،
٣١- ڊسمبر ١٨٧٢ع

پيارا، قليچ خان،

ميٽريڪيوليشن امتحان ۾ پاس ٿيڻ ۽ ايليس پرائيز کٽڻ جي آءٌ توکي مبارڪ ٿو ڏيان. آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان ته تون ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيو آهين. اميد ٿو ڪريان ته تون به پنهنجي پيءُ مرزا صادقعليءَ وانگي چڱي تعليم حاصل ڪندين. آءٌ تنهنجي خيرعافيت ڏاڍي، هميشه خوش ٿيندس. مون سرڪاري طرح توڏي لکيو آهي ته توکي هڪڙي سنڌ اسڪالرشپ، ويهين رپين پگهار جي ملندي رهي.*

اي. ايم. ايچ. فلٽن

بمبئي، ايلفنسٽن ڪاليج،
٢٢- اپريل ١٨٧٢ع

پيارا مسٽر صادق علي

اوهان کي خبر هجي ته ڪاليج جي پروفيسرن جي راءِ موجب، اوهان جي پٽ، مسٽر قليچ خان جي چال چڱي رهي آهي، ۽ ترقي به چڱي ڪئي اٿس، ۽ برابر حاضر رهيو آهي.*

ڊبليو. ورڊس ورٿ،
پرنسپال.

ڪميٽيءَ جي راءِ ڪتاب بابت

حيدرآباد،
٢٧- مئي ١٨٧٩ع

اسان مرزا قليچ بيگ جو ڪتاب ”مقالات الحڪمت“، ”بيڪنس ايسيز“ جو ترجمو سچو چڪاسي ڏٺو آهي. ترجمي ڪندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهايت مشڪل ڪم ڪيو آهي ۽ تعريف جوڳو ترجمو ڪيو اٿس. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته اهو ڇاپائڻ جو لائق آهي.*
– ريورنڊ. جي شرٽ،
– غلام علي آخوند،
– تاراچند شوقيرام.

---

١١- آگسٽ ١٨٩١ع

پيارا قليچ بيگ

”لئمبس ٽياس“ جو جيڪو اوهان ترجمو ڪيو آهي، سو مون پسند ڪيو آهي. مهرباني ڪري خبر ڏجو ته انهيءَ جو حق اوهين ڇهن سون رپين تي سرڪار کي وڪڻي ڏيندؤ، يا نه؟ *

ايچ. پي. جيڪب

١- سيپٽمبر ١٨٨١ع

پيارا قليچ بيگ

مون کي اوهان جو ننڍڙو ڪتاب، ”سيرورس“، مليو. جڏهن اوهين سنڌين ۽ ”سنڌ نيوز“ اخبار ۾ شعر وجهندا هئو، تڏهن آءُ ڪاليج ۾ تازو داخل ٿيو هوس. مون کي ياد آهي ته هنن شعرن مان ڪي مون انهن اخبارن ۾ پڙهيا هئا. پر تڏهن مون کي خبر نه هئي ته اهي اوهان جا آهن. اهي تعريف جوڳا آهن. سنڌ کي اوهان تي فخر ڪرڻ گهرجي. ڪنهن وقت منهنجي دل ۾ به ايندو هو ته انگريزيءَ ۾ شعر لکان، پر ڪنهن دوست مون کي صلاح ڏني ته ماڻهو پنهنجي مادري زبان ۾ شاعر ٿي سگهندو. تنهنڪري مون انهيءَ مشغوليءَ ۾ وقت نه لڳايو، جيئن اوهان ڪيو آهي. پر اوهان کي انهيءَ ڪم ۾ به دسترس آهي. مون کي ته سنڌيءَ ۾ هڪڙيءَ مصرع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکڻ جو به وقت ڪونهي ۽ سنڌي شعر جي قانونن جي ڪا به خبر ڪانه اٿم. آءٌ شعر جي قدرداني ڪندو آهيان، ليڪن چوندو نه آهيان.*

ڏيارام گدو مل

---

ريورنڊ جارج شرٽ جي موڻ بابت راءِ

حيدرآباد،

١٦ - سپٽمبر ١٨٨٠ع

آءٌ مرزا قليچ بيگ ۽ سندس ڪٽنب جو ڏهن ورهين کان بخوبي واقف آهيان. هن جي ۽ هن جي خاندان جي عزت ۽ آبروءَ بابت خاطري ڏئي سگهان ٿو. آءٌ هن جي ترقيءَ جي پوري جانچ رکندو آيو آهيان. سنڌ ۾ مئٽريڪيوليشن ۾ ”ايليس پرائز“ به کنيائين ۽ بمبئيءَ ۾ پهريون بي. اي به پاس ڪيائين. پر هن جو علمي مايو انهيءَ کان گهٽو وڌيڪ آهي. هو چڱيءَ طبيعت جو، شرافت وارو ۽ چڱيءَ چال جو آهي. تنهن کان سواءِ، گهڻيءَ سمجهه وارو آهي.*

جارج شرٽ

---

ريورنڊ شيلڊن جي موڻ بابت راءِ

ڪراچي،

١٧ - سپٽمبر ١٨٨٠ع

آءٌ گهڻي خوشيءَ سان چوان ٿو ته آءٌ مرزا قليچ بيگ کي ڏهن ورهين کان سڃاڻان ۽ هن جي خانداني شرافت ۽ چڱيءَ چال جي شاهدي ڏئي سگهان ٿو. هن جي آئينديءَ جي فتحيابيءَ جو پڪي، آءٌ گهڻو خوش ٿيندس، ڇالاءِ جو مون کي يقين آهي ته هو نه فقط هوشيار آهي، پر محنت جهڙيون عادتون اٿس، جي هن کي وڏن عهدن جو لائق ڪنديون.*

جي. شيلڊن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر جو خط ڪمشنر ڏي

۱۵- آڪٽوبر ۱۸۸۰ع

هيءَ درخواست ڪمشنر صاحب ڏي موچاري ويچار لاءِ موڪلجي ٿي. درخواست ڪندڙ چڱو تعليم يافتو ۽ شريف ماڻهو آهي ۽ تعليم کاتي ۾ نوَ مهينا، ڪراچي هاءِ اسڪول جو پرشن ٽيچر ٿي رهيو آهي. هن پنهنجو ڪم تمام چڱيءَ طرح ڪيو آهي ۽ آءٌ يانيان ٿو ته روينيو کاتي ۾ هو ڪمائتو ٿيندو. هن مئجسٽريٽي امتحان پاس ڪيو آهي.*

ٽي. هارٽ ڊيويز

---

ڪرنل واس ڪليڪٽر جي مون بابت راءِ

ڪراچي،

۱۷- سپٽمبر ۱۸۸۰ع

آءٌ هڪ سال کان وڌيڪ مرزا قليچ بيگ جو واقف آهيان، هو چڱي ڪٽنب جو آهي ۽ چڱي تعليم مليل اٿس ۽ شريف خانداني ماڻهو آهي. هن مئجسٽريٽي امتحان پاس ڪيو آهي، ۽ چوڏهن يا پندرهن مهينن کان ڪورٽيءَ ۽ ڪراچيءَ جي مختيارڪارن جي ڪچهرين ۾ ڪم پئي سکيو اٿس.*

ڪرنل آر. واس
ڪليڪٽر ڪراچي.

---

اسسٽنٽ ڪمشنر جو خط،
شڪارپور جي ڪليڪٽر ڏي

ڪراچي،

۲- نومبر ۱۸۸۰ع

پيارا راس

آءٌ مرزا قليچ بيگ جي اوهان سان معرفت ڪرايان ٿو، جنهن بابت ڪمشنر صاحب ڏار اوهان ڏي سرڪاري طرح

لکيو آهي. آءٌ پانيان ٿو ته اوهين هن ڪي پسند ڪندؤ ۽ هن ڪي ٿوري وقت لاءِ هيڊ منشي ٿي ڪم سکڻ جو چڱو وجهه ڏيندؤ. هو بهتر جاءِ چڙي ايڏانهن ٿو اچي ۽ هن سان انجام ڪيو ويو آهي ته جي هو جلد ڪم سکندو ۽ چڱو ڪم ڪندو ته ڪيس مختيارڪار ڪيو ويندو. آءٌ پانيان ٿو ته ڪي ٿورا شريف ماڻهو انهيءَ عهدي لاءِ هٿ ڪرڻ، وڏي ڳالهه آهي ۽ هي شخص ۽ هن جا مائٽ بيشڪ شريف ماڻهو آهن ۽ خانداني آهن.*

ا. س. ڪ. آليونٽ

---

ڪراچي،
٣٠-آگسٽ ١٨٨٣ع

پيارا، مسٽر قليچ بيگ

مس فاسيٽ جي ڪتاب "دستورالمعاش" جي ترجمي جي نظرثانيءَ ڪرڻ لاءِ، آءٌ اوهان جو شڪرگذار آهيان. انهيءَ ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ مشڪل ڪم هو جو اوهان ڪيو آهي ۽ ڪميٽيءَ جا پيا سڀئي ميمبر به مون وانگي ڄاڻن ٿا ته جهڙو اوهان اهي مشڪلاتون حل ڪيون آهن، تهڙو پيو نه ڪندو. چوڪون ۽ عيب ڪيڻ آسان ڪم آهي، پر اسان جو مطلب ته اوهين انهيءَ تي آخرين نظر گهمائي وجو. هاڻي اوهان ائين ڪيو آهي ۽ هاڻي آءٌ اوهان جي شڪرگذاري ٿو ڪريان ته اوهان اهو مشڪل ڪم ڏاڍيءَ هوشياريءَ سان ڪيو آهي. اهو ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جو تعداد وڌائيندو ۽ گهڻو ڪمائتو ٿيندو.

ايڇ. بي. جيڪب
ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر

---

## اسسٽنٽ ڪليڪٽر، روهڙيءَ جي رپورٽ جو انتخاب

سنه ۱۸۸۸ع

گهوٽڪيءَ جي مختيارڪار، مرزا قليچ بيگ، جي ڪم جي تعريف ڪرڻ ۾ مون کي گهڻي خوشي ٿئي ٿي. هن پنهنجو وڏو تعلقو تمام چڱيءَ طرح هلايو آهي ۽ مئجسٽريٽي ڪم ۾ تعريف جوڳو نالو ڪڍيو اٿس. انهيءَ جي ثابتي هيءَ آهي ته مون اپيل ۾ هن جا ڪيس جانچي ڏٺا آهن ۽ مون کي ڪيترين عريضيون پيش ٿيون آهن، جن ۾ ساڻهن خواهش ڏيکاري آهي، ته سندن ڪيس هن ڏانهن هلائڻ لاءِ موڪلجن.*

آر. اي. ايل. مور

---

ڪراچي،
۲۸-آگسٽ ۱۹۱۱ع

منهنجا پيارا، مرزا قليچ بيگ

مسٽر نارٽن بيرسٽر، جو هينئر مير صاحبن وارو ڪيس پيو هلائي، تنهن خواهش ڏيکاري آهي ته اوهين هن کي پنهنجو هڪڙو سنڌ جي تاريخ وارو ڪتاب تحفي طرح ڏيو. هو چوي ٿو ته آءٌ فقط انهيءَ ڪتاب جي هڪ نسخي هٿ ڪرڻ لاءِ خواهشمند ناهيان، جو اهو آءٌ آسانيءَ سان پئسا ڏيئي وٺي ٿو سگهان. پر منهنجي مرضي آهي ته مصنف پاڻ اهو مون کي تحفو ڪري ڏئي. مون چيو اٿس ته آءٌ اوهان ڏي انهيءَ بابت لکان ٿو. تنهنڪري مهرباني ڪري اوهين اهو ڪتاب هن ڏي موڪلي ڏيو، ۽ انهيءَ تي پنهنجي هٿ سان لکو ته هي تحفو ڪري موڪليو ويو.*

هرچندراءِ وشنداس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي،
١١- سپٽمبر ١٩١١ع

صاحبِ مهربان سن

آءٌ اوهان جي مهرباني ٿو ڄاڻان جو اوهان پنهنجي سنڌ جي تاريخ جا ٻه جلد، مون کي تحفي طور ڏنا آهن. انهيءَ جو قدر هتي ميرن جي ڪيس هلندي ظاهر ٿيو. مون انهيءَ مان ٿورو ڏاڍي خيال سان پڙهيو آهي ۽ پسند ڪيو آهي. بيشڪ آئيندي ٻه اهو مون کي گهڻو ڪمائتو ٿيندو. اوهان پنهنجي همٿ سان جو انهيءَ جي پهرئين صفحي تي اکر لکيا آهن، تنهنڪري انهيءَ جي قيمت اڳي کان زياده ٿي آهي.*

اردلي سارڊن

---

ڪنڊيارو،
٢٤- فيبروري ١٨٩٩ع

آءٌ اوهان کي ياد ٿو ڏياريان ته اوهين زناني ٽريننگ ڪاليج، حيدرآباد، جي سڌاري ۽ نظرداريءَ جي لاءِ مقرر ٿيل صلاحڪار ڪائونسل جا ميمبر آهيو، جا ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر کي مدد ڏيڻ لاءِ آهي. مون کي اميد آهي ته جيترو وڌيڪ انهيءَ ۾ حاضر ٿي سگهو اوترو بهتر آهي؛ نه ته به جن ڳالهين بابت انهيءَ جو سڌارو ڪرڻو آهي ۽ جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي، تن جو اوهين تاڪيد رکندؤ. اميد آهي ته اهڙيءَ مدد جي اوهين مون کي خاطري ڏيندؤ.*

ايس. جي. ڪورنٽن
ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر

---

منهنجا پيارا، مرزا قليچ بيگ

تون پڪيءَ طرح ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيو آهين، تنهن لاءِ آءٌ توکي مبارڪ ٿو ڏيان. انهيءَ ڪري آءٌ گهڻو خوش ٿيو

آهيان. سون کي پڪ آهي ته پيا آفيسر به جن سون وانگي تنهنجي سفارش سٿي سرڪار ۾ ڪئي آهي، سي ائين ڪرڻ ڪان پشيمان نه ٿيندا.*

آر. جائلس
ڪمشنر

۱۷- جنوري ۱۸۹۸ع

پيارا قليچ بيگ

اوهان کي اطلاع ٿو ڏجي ته اوهان ”چچ نامو“ ۽ ”سنڌ جي تاريخ“ جا ڪتاب لکيا آهن، تن جو پڙهي اسين گهڻو خوش ٿيا آهيون. اسان خوشيءَ سان اهي پنهنجي سرڪاري ڇاپخاني ۾ مفت ڇاپائينداسين. فقط پنجاهه ڪاپيون آفيسرن کي وراهي ڏيڻ لاءِ وٺنداسين.*

ايچ. اي. ايم، جيمس
ڪمشنر

ايضاً

آءٌ توکي مبارڪ ٿو ڏيان جو تون پنهنجو فراغت جو وقت چڱي ڪم ۾ ٿو لڳائين. سون کي خبر آهي ته تنهنجي عهدي واري آفيسر کي فرصت جو وقت تمام ٿورو ٿو ملي. سون کي اميد آهي ته پيا به تو وانگي ڪندا.*

ايچ. اي. ايم، جيمس

پيارا قليچ بيگ

سرڪار جي حڪم نمبر- هيٺ، جيڪا ڪميٽي مقرر ٿي آهي، تنهن ۾ اوهان جي ميمبر ٿيڻ جي مرضي آهي يا نه، تنهن بابت پڇا ڪرڻ لاءِ حڪم ٿيو آهي. مهرباني ڪري جلد

خبر ڏجو تہ انهيءَ جو ميمبر ٿي، سرڪار کي مدد ڪرڻ لاءِ اوهان جي خواهش آهي يا نہ؟*

اي. جائلس،
ڊئريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن.

---

برائٽن،
١٢- ڊسمبر ١٩٠٢

پيارا قليچ بيگ

نئين سال جي مبارڪبادي لکندي دعا ٿو ڪريان تہ شل اهڙا گهڻا ڏينهن تون ڏسين. آءٌ اميد ٿو رکان تہ تون خوش چڱو ڀلو پيو گذارين، ۽ تنهنجا عزيز خويش ۽ واسطيدار سڀ خوش آهن.*

ڪرنل الفريڊ ميهو

---

٨- جنوري ١٩٠٦ع

پيارا مرزا قليچ بيگ

نئين سال جي لقبن ۾ توکي جا آبرو ملي آهي، تنهن جي آءٌ توکي مبارڪ ٿو ڏيان. اڪثر سنڌ کي گهڻي اهڙي آبرو نہ ملندي آهي. پر مون کي انهيءَ ڪري خوشي ٿي آهي تہ انهن ٿورن نصيب وارن مان تون بہ هڪڙو آهين.*

ايچ. ايم. ميولس

---

ڪراچي،
٥- جنوري ١٩٠٦ع

منهنجا پيارا، مرزا قليچ بيگ

منهنجي مبارڪ قبول ڪجو. آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو اوهان کي "قيصر هند" جو ٻلو مليو آهي. منهنجي ڪنهن دوست مون کي چيو تہ "عمر خيام" جي رباعين جو ترجمو جيڪو اوهان ڪيو آهي، سو هڪڙو ئي اوهان کي انهيءَ آبروءَ جو حقدار ڪري ٿو. اوهان جا پيا سنڌي لکيل ڪتاب تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ڪري خدا جي بادشاهت جا دائم قائم قاعدا پيچئا آهن. پادرين کي انهيءَ جي سخت نظر ڪرڻي آهي ۽ اهڙو نازڪ قانون پيچڻ اهڙو آهي، جهڙو زنا ڪرڻ.*

وي. لاهور

ريورنڊ شيپرڊ جو خط مير عبدالحسين خان ڏي

حيدرآباد،

۱۴-آڪٽوبر ۱۸۸۲ع

يوئر هائينس، اوهان جي خط جي جواب ۾ لکجي ٿو ته اهو سوال ته مسلمان ۽ ڪرسچن جي شادي ٿي سگهي ٿي يا نه، سو ٿورا ڏينهن ٿيا ته آيو هو، ۽ منهنجي جاءِ تي جيڪو پادري صاحب اڳي هو، تنهن کي بمبئيءَ جي وڏي پادريءَ کان انهيءَ بابت حڪم مليو هو، ته اهڙيءَ شاديءَ جي منظوري نه ڏئي. جيڪڏهن اوهان جو دوست ۽ جنهن زال سان هو شادي ڪرڻ ٿو گهري، سي جي مسلماني شرع موجب نه، پر ڪرسچن رسم موجب شادي ڪن، ته حيدرآباد جي ڪليڪٽر جي روبرو، سول نڪاح وجهائي سگهن ٿا.*

ٽي. سي. شيپرڊ

---

۲۶-جنوري ۱۸۸۵ع

پيارا مسٽر مرزا قليچ

اوهان جو ۱۲-مارچ وارو خط مون کي ڪالهه مليو. انهيءَ جي لاءِ آءٌ اوهان جو شڪرگذار آهيان. مون کي افسوس آهي ته اوهين پنهنجي شاديءَ جو ڪو به بندوبست ڪري نه سگهيؤ. جنهن ڇوڪريءَ سان اوهان جي ايتري محبت هئي، تنهن کي ڇڏڻ ڪري اوهان کي گهڻو درد رسيو هوندو؛ تڏهن به هيترو چوندس ته مسٽر مري جهڙي سهري سان

اوهان ڪي گذارڻ مشڪل ٿئي ها. اميد آهي ته وري پاڻ جلد ملنداسين. زيادہ سلام.*

اوهان جو دوست، جارج شيپرڊ

سورت،
١٠-ڊسمبر ١٩٠٦ع

پيارا قليچ بيگ

توکي ڪا خدائي قابليت آهي. جيڪو ڪم تو ڪيو آهي، سو مون کي شرمندو ٿو ڪري. آءٌ پنهنجو فرصت جو وقت سجائي ڪم ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ٿو ڪريان پر نه ايتريقدر، جيترو تون ٿو ڪرين. انهيءَ ڳالهه ۾ تون سڀني کان گوءِ کڻي ويو آهين. شل تون پنهنجي ۽ منهنجي ديس لاءِ گهڻو جيئين! پر جي تون اڳي وئين، ته آءٌ تنهنجي محنت جو قلُ جهان جي اڳيان رکندس.*

ڏيارام گدومل

## لنڊن جي سوسائٽيءَ جو مون ڏي خط

لنڊن،

مهربان من

لنڊن جي "سوسائٽي آف آرٽس" جي ڪائونسل جي طرفان آءٌ پڇان ٿو ته اوهين اجازت ڏيندؤ يا نه، ته اوهان جو نالو ان جي مددگارن جي يادداشت ۾ شامل ڪريون. جيڪڏهن اوهين انهن کي مدد ڪرڻ گهرو ته مون کي اطلاع ڏجو، ته اوهان کي چونڊ ڪرڻ جو ضروري بندوبست ڪيو وڃي.*

ايچ. ٽرومن ووڊ،
سيڪريٽري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنڊن،
١١- جولائي ١٩٠٧ع

منهنجا پيارا قليچ بيگ

اوهان جو ١٢- جون وارو خط مون کي مليو. اوهان جي مهرباني ٿو مڃان. آءٌ اڃا به هندستان جي مسلمانن جي سڌاري ۽ ترقيءَ جي احوال لکڻ ۾ مشغول آهيان. انهيءَ ۾ مون کي گهڻو وقت لڳو آهي، جو گهٽي ڪم ڪندي فرصت جي وقت ۾ ٿو لکان. في الحال آءٌ ”شرع محمدي“ جي ٻئي جلد جي ٽئين ايڊيشن جي تياريءَ ۾ آهيان، جو اهو ڇپائيندڙن وٽان کپي ويو آهي. انهيءَ جي پوري ڪرڻ کان پوءِ، آءٌ هڪڙي تاريخي احوال ۾ هٿ وجهندس.*

اوهان جو خيرخواه
امير علي

---

## ڪراچي ڪرانڪل اخبارن مان انتخاب

١٩٠٣ع،

بادشاهه جي پوئين سالگرهه واري ڏينهن ڪراچيءَ ۾، سرڪاري گهر ۾، هڪڙو جلسو ٿيو هو. اتي مسٽر ينگ هسبنڊ ڪمشنر، هيٺين صاحبن کي آبروءَ جا تمغا ڏنا، جي هنن کي گذريل نوروز جي موقعي تي مليا هئا. تقرير ڪندي، ڪمشنر صاحب، اسان جن ٻن نالي وارن مرزائن جي نسبت ۾ هيئن چيو: ”...انهيءَ کان پوءِ، آءٌ ڪوٽڙيءَ جي ڊيپوٽي ڪليڪٽر، مرزا قليچ بيگ جو نالو پيش ٿو ڪريان، جنهن کي ”قيصر هند“ جو ٻلو مليو آهي. هو قابل، ايماندار ۽ آزمودگار سرڪاري نوڪر آهي. شايد هو علميت جي ڪم ۾ انهيءَ کان به زياده نالي وارو آهي (تاڙيون). اصل ڪتاب به لکيا اٿس ۽ گهڻا قديم فارسي ڪتاب به ترجمو ڪيا اٿس، جن مان هڪڙو 'سنڌ جي تاريخ' آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزائن جو خاندان اصل جارجيا جو آهي. انهن جي هڪڙي عجيب تاريخ آهي، هو پنهنجي قديم عزت هن پيڙهيءَ تائين قائم رکندا آيا آهن. انهن مان آءٌ فقط انهن ٻن جو ذڪر ڪندس، جن کي اڄ آبروءَ جا نشان مليا آهن. پهريون آهي مرزا قليچ بيگ جو پاڻ، مرزا صادقعلي، جو ڊيپوٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو، ۽ ٿورا ڏينهن ٿيندس جو پينشن ورتي اٿس. مون کي معلوم ٿيو آهي ته اهو پهريون سنڌي مسلمان هو، جو بي.اي ٿيو. انهيءَ جي ڪوشش سان سنڌ ۾ تعليم جو گهڻو سڌارو ۽ واڌارو ٿيو آهي. اها ڪهڙي نه دل شڪني ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي، ته مرزا صادقعلي بيگ جهڙو ماڻهو جو نهايت قابل آهي ۽ جنهن تمام چڱي نوڪري ڪئي آهي، تنهن کي فقط "خانصاحب" جو لقب مليو ۽ گهٽ لياقت وارن کي "خانبهادر" ۽ "راءِ بهادر" ڪيو وڃي. مقابلي ڪرڻ سان نفرت پيدا ٿيندي آهي، مگر ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ جي ضرورت ٿي ٿئي.*

---

سملا،
۱- اپريل

منهنجا پيارا مرزا

"برنس فارن بائيبل سوسائٽي" جو سيڪريٽري، اوهان ڏي نئين ڇاپيل "بائيبل" جو هڪڙو نسخو موڪلي ٿو ۽ اميد ٿو رکي ته اهو اوهين قبول ڪندؤ. "انجيل" جي ترجمي ڪرڻ ۾ اوهان جيڪا مدد ڪئي آهي، تنهن جي احسانمندي ميڄڻ جي اها هڪڙي معمولي نشاني آهي. "بائيبل سوسائٽي" موافق انعام يا اجورو ڏيڻ گهري ٿي، جو اميد آهي ته اوهين قبول ڪندؤ. پر جي علم ۽ مذهب جي نظر تي اوهان مفت ڪم ڪرڻ قبول ڪيو، ته سوسائٽي انهيءَ جي گهڻي قدرداني ڪندي ۽ شڪرگذار رهندي. اوهان جي خوشيءَ ۽ خيرعافيت جي لاءِ دعا ٿو ڪريان.*

جوزيف ريڊمن

---

## ايڊوڪيشنل انسپيڪٽر جو مون ڏي خط

حيدرآباد،

٢٠- سپٽمبر ١٩٠٨ع

پيارا مرزا

آءٌ هاڻي حيدرآباد ۾ آهيان ۽ پيو هفتو به اتي هوندس. ڪو ضروري ڪم ڊئريڪٽر ۽ سرڪار جي پيش آهي، تنهن جي نسبت ۾ مون کي انتظار آهي ته توکي ڏسان. ڪنهن ڏينهن اوهين مون کي هتي اچي گڏجي سگهندؤ يا نه؟ جيئن اڳيرو تيئن چڱو. جي اچي سگهو ته مهرباني ڪري مون کي انهيءَ ڏينهن ۽ وقت جو اطلاع ڏجو، ته آءٌ اوهان جي لاءِ منتظر رهان.*

اي. جي رائيٽ

١٩٠٨ع

پيارا مرزا

اوهان کي خبر هجي ته سرڪار اوهان کي نون درجي وارن سنڌي ڪتابن جي اصلاح ڪرڻ واري ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو آهي. ڊئريڪٽر مون ڏي لکيو آهي ته اوهان جي شڪرگذاري ڪريان، جو اوهان سواءِ عيوضي جي، اهو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو آهي.*

اي. جي رائيٽ

## ”سنڌ گزيٽر“ جلد الف، مان انتخاب

سرڪار، انگريزي رستي سان سنڌ ۾ تعليم شروع ڪئي، تنهن جي ڪري گهڻن قسمن جا ڪتاب لکڻ ۾ آيا آهن. گهڻا مڙيوئي اسڪولن جي ڪم جا ۽ انگريزي ڪتابن جا ترجما آهن، مگر سنسڪرت ۽ فارسي ڪتابن جو مضمون به سنڌي پوشاڪ ۾ آندو ويو آهي، جو تمام ڪمائتو ٿيو آهي. انهيءَ طرز تي خاص طرح مرزا قليچ بيگ تمام گهڻا ڪتاب لکيا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي چڙهي ڏنو اٿن، جتي هو گمنام رهي ۽ سنڌس پيا هم‌مذهب جي گهٽ لياقت وارا ۽ زياده لالچ وارا آهن، تن تي سرڪار جي خاص مهرباني ٿي رهي. اسان کي اميد آهي ته اختياريءَ وارا آفيسر، هن قابليت واري مرزا جي سچيءَ محنت ۽ لياقت جي قدرداني ڪندا.*

---

## ڪراچيءَ جي "سنڌ گزيٽ" اخبار مان انتخاب

هڪڙو يورپين علم وارو نامه‌نويس لکي ٿو ته "عمر خيام" جي رباعين جو جيڪو انگريزي ترجمو فٽز جيرالڊ ڪيو آهي، تنهن جي قدرداني ڏسي، مرزا قليچ بيگ پڻ فارسي شاعرن جي رباعين جو شعر ۾ ترجمو ڪيو ۽ ڇاپايو آهي. جن ساڻهن ايران ۾ پيرر رکيو آهي، تن کي خبر هوندي ته اتي گهڻن ته "عمر خيام" جو نالوئي نه ٻڌو هوندو ۽ "سعدي" ۽ "حافظ" ۽ ڪن ٻين شاعرن جا نالا گهرن ۾ عام آهن. انهيءَ مان ائين سمجهڻ نه گهرجي ته مرزا قليچ بيگ سڀني قديم شاعرن جو ڪلام، انگريزي رباعين ۾ آندو آهي. انهيءَ جي لاءِ هن کي هڪڙو ڪتاب نه ڪيڏو ٿيندو، پر سارو ڪتبخانو ڪيڏو ٿيندو. هن اسان کي ڪن ٿورن هيڏي هوڏي جي شاعرن جو شعر ٻڌايو آهي، اگرچ گهڻن مشهور پارسي شاعرن جا نمونا ٻڌائي ويو آهي. انهيءَ هوندي به بيشڪ هن سچا جواهر گڏ ڪيا آهن ۽ انهن جو ترجمو ڪيو اٿس. سچ آهي ته منجهس سراسر رواني ڪانهي. ڪٿي ڪٿي فٽزجيرالڊ وارو تجلو ظاهر ڪري ٿو، ليڪن هن جو شعر اڪثر وهندڙ آهي، فقط ڪن ٿورن هنڌن تي رواجي آهي. مگر ايترو ظاهر آهي ته انگريزي ٻولي ۽ اعلىٰ شعر تي هو عامل آهي. ڌارين ٻوليءَ ۾، هڪڙو مسلمان سرڪاري نوڪر، ههڙو شعر لکي، تنهن مان هڪڙي وڏيڪ ثابتي انهيءَ ڳالهه جي ملي ٿي ته مسلمانن جي نسبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جو اڪثر چوڻ ۾ اچي ٿو تہ گهڻيءَ قابليت ۽ ذهن وارا نہ آهن، سا ڳالهہ برابر نہ آهي. *

"فينڪس" اخبار مان ورتل

١٩١٣ع

هتي سنڌ ۾، تعليم يافتہ ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ جي سڌاري يا ڪتابن لکڻ ۾ ڏاڍي غفلت ڏيکاري آهي، ۽ سڀاڳي ٿيڻ جي منجهن ڪابہ نشاني ڪانهي. انهيءَ ڳالهہ جو گهڻو ارمان آهي، انهن ۾ فقط هڪڙو ماڻهو آهي جو اهڙو ناهي. اهو آهي مرزا قليچ بيگ، سيٽي ڊيپوٽيڪليڪٽر. هو جڏهن اچا نوڪريءَ ۾ هو، تڏهن بہ مسٽر وٽ وانگر، آفيس جي ڪم کان واندي ٿيڻ وقت ڪتابن لکڻ جي مشغولي رکندو هو. هينئر جڏهن سخت نوڪري پوري ڪرڻ کان پوءِ آرام ۾ رهي ٿو، جنهن جو حقدار هو، تڏهن بہ اهو علمي ڪم زيادہ شوق سان ٿو ڪري ۽ فرصت جي وقت ڪتاب پيو لکي. اڳي گهڻا سنڌي ڪتاب لکيا اٿس، جنهنڪري سنڌي مصنفن ۾ نالو ڪڍيو اٿس. پر جيئن عمر ۾ وڏو ٿيندو وڃي، تيئن سندس شوق بہ زيادہ ٿيندو وڃي. انهيءَ ڪري اسان کي اميد ٿي رهي تہ هن کان پوءِ بہ وڏيڪ ڪتاب لکندو. سندس پوئين تصنيف، هڪڙو ننڍڙو ڪتاب آهي، جو امريڪن مصنف، جيمس آلين جي ڪتاب جو ترجمو آهي، ۽ جنهن جو نالو "آزار مان آرام" آهي. انهيءَ ساڳئي مصنف جو اهو ٻيو ڪتاب آهي جو مرزا قليچ بيگ ترجمو ڪيو آهي. اسان کي يقين آهي تہ هن جو اهو ڪتاب ماڻهو گهڻي شوق سان پڙهندا. *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئي سرڪار جو ليٽر منهنجي نالي

بمبئي،
۲۴- جولائي ۱۹۱۴ع

پيارا مرزا

آءٌ حڪم موجب، سرڪاري حڪم اچوڪيءَ ٽپال ۾ اوهان کي موڪليان ٿو، جنهن مان اوهان کي معلوم ٿيندو ته ”گورنر ان ڪائونسل“ اوهان کي انهيءَ ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو آهي، جنهن کي سنڌ جي مسلمانن جي تعليم جي نسبت ۾ ويچار ڪرڻو آهي.*

جي. ايل. ريو
سيڪريٽري

ڪراچيءَ جي ”نيو ٽائيمس“ اخبار مان انتخاب

۲۱- جولائي ۱۹۱۷ع

هاڻوڪي سنڌ جي شاعرن مان مرزا قليچ بيگ اسان کي ڪي شعر ڏنا آهن، جن ۾ سچي شاعر واري طاقت رکيل آهي. ناٽڪ جو ڪم شايد هن جي طبيعت موافق نه آهي. هن جا ناٽڪ اڪثر ترجما آهن، ۽ انهن ۾ هيڏي هوڏي راڳ پکڙيل آهن. هن جي ڪن شعرن ۾ قديم صوفي شاعرن جي خوشبوءِ آهي. جڏهن هو محبت جي جدا جدا صورتن جو ذڪر ٿو ڪري، تڏهن تمام عمدا خيال ظاهر ٿو ڪري. هو رڳو لفظن جو آڊينڊڙ نه آهي، پر دل ۾ درد به اٿس. پاڻ محبت ڪئي اٿس ۽ سخت دل واري حسن سان، خيالي پرين سان اڏامي ملاقات ڪئي اٿس.*

---

”انجمن اسلام“ لاڙڪاڻو، جي مون کي ڏنل ائڊريس

مدرسه هال،
۸- نومبر ۱۹۱۵ع

اسين پريزيڊنٽ ۽ ميمبر ”انجمن اسلام“ لاڙڪاڻي جا، هن شهر جي مسلمانن طرفان، اوهان جا شڪرگذار آهيون جو

آهي، تنهن لاءِ اسين اوهان جا گهڻو شڪرگذار آهيون. اوهان جيڪا اها علمي مدد ڪشاديءَ دل سان ڏني آهي، تنهن جي اسين گهڻي قدرداني ڪريون ٿا.*

اوهان جو سچو دوست
ٽي. منسڪاٽي

---

ديوان ٽيڪچند آءِ. سي. ايس جي ليڪچر مان انتخاب
سنڌيءَ ٻوليءَ جي اصل بابت

اوهان مان ڪن ڪي گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ سان چاهه رکو ۽ ڪاليج مان نڪرڻ ڪان پوءِ، پنهنجي مادري ٻوليءَ جو مايو وڌايو. ۽ مرزا قليچ بيگ جي پيروي ڪريو، جنهن پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ جي وچ ۾ ٽي سؤ ڪان به وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن، جن مان ڪي هميشه ياد رهندا ايندا.*

---

وائسراءِ جو شهنشاهه جي پاران مون ڪي سرٽيفڪيٽ

۱۲- ڊسمبر ۱۹۱۱ع

هزايڪسيلنسي وائسراءِ ۽ گورنر جنرل جي حڪم سان هيءَ سرٽيفڪيٽ انڊيا جي شهنشاهه، جارج پنجين، جي ناليدهليءَ جي دربار واري موقعي تي، مرزا قليچ بيگ ڪي ڏجي ٿو، جو هن سنڌي ٻوليءَ ڪي ڪتابن لکڻ سان گهڻي مدد ڪئي آهي.*

وائسراءِ

---

ڪراچي،
۲۷- جولائي ۱۹۲۲ع

پيارا مرزا

اوهان جيڪو رسالو ”هندستان غريب ٿيندو وڃي ڇا؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، تنهن لاءِ ڪمشنر صاحب اوهان جو گهڻو شڪرگذار آهي.*

اي. سي گرين
اسسٽنٽ ڪمشنر

---

## ڪمشنر صاحب جو مون ڏي خط

ڪراچي،
۱۶- فيبروري

پيارا مرزا

”امن سپائن“ جي لاءِ ڪتابن لکڻ ۾ اوهان جيڪا چڱي مدد ڪئي آهي، سا ڀڏي ڪمشنر صاحب گهڻو خوش ٿيو آهي، ۽ دربار ۾ هيءَ آفرين نامو ۽ سوني واچ به تحفو ڪري ڏئي ٿو؛ ۽ اميد ٿو ڪري ته آئينده به جيڪا مدد اوهان کان گهري ويندي، سا ڏيندا رهندؤ.*

آر. ايل. ريو،
ڪمشنر، سنڌ

---

## مير فيض محمد خان، والي خيرپور، جو مون ڏي فارسي خط

خان بهادر، سلامت هجي!

عاليجاه، رفيع جائگاه، مخلص مهربان، مرزا قليچ بيگ پنهنجي معتبر ماڻهو غلام رسول خدمتگار، جي واتان اوهان جي سچائيءَ ۽ مروت جي تعريف مون ٻڌي. انهيءَ تي مون کي عجب نه لڳو، ڇا لاءِ جو اوهين آبا و اجداد کان هن خاندان جا خيرخواهه آهيو. هاڻي انهيءَ ساڳئي ماڻهوءَ کي هي هٿ لکيل خط ڏئي، اوهان ڏي موڪليان ٿو. جيڪي چوي، سو منهنجو زباني پيغام ڄاڻجو ۽ جنهن ڪم لاءِ چوي ٿو سو ڪوشش ڪري ڪجو، جو انهيءَ ڪري اوهان جو احسان عمر تائين مون تي رهندو. والسّلام**

بندهٔ خدا،
فيض محمد

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مضمون تي قلم فرسائي ڪندا رهن ٿا. ليڪن مولوي ”حالي“ صاحب وانگر قوم جي تنزل جي حالت ڏيکاري، هنن کي ترقيءَ جي لاءِ ڪوبه ڪونه ٿو همٿائي. اهڙا پڙهيل ماڻهو ۽ شاعر ”حيوان ناطق“ جي لقب سان سڏيا ويا آهن. غلطيءَ کان فخر قوم، مرزا قليچ بيگ صاحب جو نالو پنهنجي معتبرن سان گڏ انهيءَ يادداشت ۾ آيو آهي. انهيءَ نسبت ۾ هيترو پڌرو ڪرڻ مناسب نظر ٿو اچي ته پنهنجي قوم جي ديني تعليم توڙي اخلاقي تعليم جي ترقيءَ لاءِ، جيترا ڪتاب محنت ڪري ۽ پنهنجي سرڪاري ڪم مان به وقت بچائي، مرزا صاحب لکيا آهن، تيترا سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن به ڪين لکيا هوندا. مرزا صاحب ساڳئي مضمون تي نه رڳو نثر ۾، پر نظم ۾ به قابل قدر خدمت ڪئي آهي. بلاشڪ عشق جو شعر به اتفاقي پنهنجي موقعي تي سندن قلم مان نڪتل هوندو، پر ائين ڪين چئبو ته رڳو اهڙي بيهودي مضمون تي ئي، شعر چوڻ ۾ آيو آهي. ٿورا ورهيه اڳي، مرزا صاحب، مولوي ”حالي“ جي انهيءَ مضمون جو شعر ۾ ترجمو ڪيو هو، جو مسٽر دهلوي صاحب ڇاپايو، جو گهڻن ڏٺو به هوندو. پر شايد اسان جي خاطوءَ نه ڏٺو هوندو. سردار محمد يعقوب صاحب جي چوڻ تي به ٻيو اهڙو نظم ڇپايل آهي. انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته انهيءَ مضمون تي ڪتابن کان سواءِ، مرزا صاحب جو خلاصو شعر به ڇپيل آهي.

اخبار ”الحق“، سکر،
٥- آڪٽوبر، ١٩١٢ع

عاليجاه مرزا قليچ بيگ صاحب کي سنڌ جي ماڻهن سان تعارف ڪرائڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. ان جي ڪم آزار طبيعت، ان جي خوش خلقي ۽ راستبازي خواه ديانتداريءَ ڪيس جيڪو رتبو سنڌ ۾ حاصل ڪرايو آهي، تنهن جو هن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ ڪهڙو ثبوت ڏئي سگهبو، ته اسان جا هموطن هندو بزرگ به ان ڪي عزت جي نگاهه سان ڏسي رهيا آهن. هن بزرگ جي قابليت ۽ علم دوستي ايتري حد تائين وڌيل آهي، جو سنڌ ۾ ٻيو ڪوبه اهڙو بزرگ اڃا سوڌو پيدا ڪونه ٿيو آهي، جنهن مرزا صاحب جيترا هر فن جا ڪتاب تصنيف يا ترجمو ڪري، سنڌين ڪي فائدو خواهه حظ پهچايو هجي. هن جي تصنيف مقبول عام ۽ سندس ترجما شهرهٔ آفاق آهن ۽ سنڌ ۾ اهڙو هڪڙو به مسلمان ڪونهي، جنهن جا جوڙيل يا ترجمو ڪيل ڪتاب تعليم يافته هندن به پسند ڪري، زير مطالعي آندا ۽ پنهنجي خرچ سان ڇاپايا هجن. اهو شرف جي ڪنهن مسلمان ڪي مليو آهي، ته اهو مرزا صاحب ئي آهي ۽ نه ڪو ٻيو. انهيءَ ڪري اسين اهڙي بزرگ تي فخر ڪري ٿا سگهون. ”پريمئر پريس“ جي لائق مالڪ ۽ مهتمم، اسان ڪي مرزا صاحب جا چار تازا ڇپايل ڪتاب تبصري لاءِ ڏنا آهن.

المختصر، سنڌ اهڙي قابل، اهڙي جفاڪش جي هئڻ تي جيترو فخر ۽ ناز ڪري، اوترو گهٽ ٿيندو. اسين حيرت ۾ آهيون ته هن ماڻهوءَ ڪان ڪيئن ٿي ايتري محنت پهچي سگهي، جو پنهنجو آرام جو وقت هن پيريءَ ۾ به ملڪي خدمت ۾ بسر ڪندو ٿو اچي. الله العالمين هن جي عمر ۾ برڪت وجهي، جو اهڙن ماڻهن جو ملڪ ڪي اڃا گهڻو ڪم آهي.

---

اخبار ”الحقيقت“، لاڙڪاڻو،

١٦- ڊسمبر، ١٩٢٢ع

فخر سنڌ، مرزا قليچ بيگ صاحب جي نامنامي ۽ اسم گراميءَ ڪان ڪير غير واقف هوندو؟ هن بزرگ ۽ سنڌي زبان جي استاد ڪامل جي جوهر لياقت لاءِ، سنڌ جي چئني ڪنڊن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفرين آفرين ۽ جزاڪ الله جا آواز اُڀري، سنڌ کي مٺي ڪٺي پيئا آهن. جنهنڪري سنڌ به پنهنجي علمي دولت تي ناز ڪري رهي آهي. مرزا صاحب جي قلم ۽ طرز تحرير ۾ خداوند ڪريم هڪ خاص ڪشش رکي آهي، جنهنڪري سندس لکيل ڪتاب پڙهندڙن جي دل اهڙي ٿا ڇڪي وٺن، جهڙوڪ مقناطيس ڇڪي لوهه کي يا ڪهربا گاهه کي. مرزا صاحب جا ڪتاب هندن ۽ مسلمانن ۾ نه رڳو پسنديءَ جي نگاهه، بلڪ عزت ۽ محبت جي جذبي سان ڏٺا ۽ پڙهيا ٿا وڃن. تنهنڪري مرزا صاحب جي ڪتابن تي قلم ڪٺي، انهن تي روشني وجهڻ ائين آهي، جيئن سج جي اڳيان شمع رکڻ. مرزا صاحب جي ڪتابن لاءِ مرزا صاحب جو نالوئي ڪافي تبصرو آهي. هن وقت اسان جي سامهون مرزا صاحب جا هيٺيان ڪتاب تبصري لاءِ موجود آهن: پاراٽي تعليم، اسلامي تعليم، ورزش نامو، نصيحت نامو، تعليم نامو، زالن جا فرض ۽ هڪڙي سگهڙ زال. هي ڪتاب اهڙا آهن جو ڇپجڻ سان ئي پنهنجي مقبوليت ۽ شهرت حاصل ڪري چڪا آهن، تنهنڪري هٿ جي ڪنگڻ لاءِ آرسيءَ جي ڪهڙي ضرورت!

بمبئي، گورنمينٽ هائوس،
۱- جنوري ۱۹۲۴ع

پيارا، شمس العلماء

گورنر صاحب جي حڪم موجب، آءٌ اوهان کي "شمس العلماء" جي تازي خطاب ملڻ تي مبارڪ ٿو ڏيان ته شل اوهان جي حياتي وڏي ٿئي ته اها عزت ماڻيو، ۽ خلق جي زياده خدمتگذاري ڪريو. *

سي. جي. ادم،
پرائيويٽ سيڪريٽري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واائسراءِ جي سيڪريٽريءَ جو خط

۴- جنوري ١٩٢۴ع

منهنجا پيارا، مرزا صاحب

جيڪو وڏو لقب وائسراءِ صاحب بهادر، اوهان کي ڏنو آهي، تنهن جي لاءِ آءٌ اوهان کي گهڻيون مبارڪون ٿو ڏيان. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته پاڻ فارسي ۽ سنڌي علم بابت گهڻيون ئي گفتگويون ڪيون آهن. نئين سال جي لاءِ به مبارڪون هجنئو.

اوهان جو دوست،
ح. ڪريرار

ڪمشنر صاحب سنڌ جي تار

٢- جنوري ١٩٢۴ع

جيڪو لقب اوهان کي مليو آهي ۽ جنهن لاءِ اوهين هر طرح لائق آهيو، تنهن جي لاءِ دلي مبارڪون هجن.*
ريو

پيارا، مسٽر مرزا

مهرباني ڪري منهنجيون دلي مبارڪون قبول ڪجو. اوهان کي جيڪا عزت ملي آهي، تنهن لاءِ اوهين هر طرح لائق آهيو.*

اي. سي. گرين
اسسٽنٽ ڪمشنر

ڪراچي،
٣- جنوري ١٩٢۴ع

منهنجا پيارا، مسٽر قليچ بيگ

آءٌ گهڻو خوش ٿيو آهيان — هيءَ ڏسي ته جيڪي خدمتون اوهان علم بابت ڪيون آهن، تن جي لاءِ سرڪار جيڪو لقب

اوهان کي ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ آءٌ اوهان کي دلي مبارڪون ڏيان ٿو. شل اوهان جي وڏي حياتي هجي ته اها عزت ماڻيندا رهو.*

ڊبليو. ايف. هڊسن
ڪليڪٽر

---

منزل سيراڻي،
٣- جنوري ١٩٢٤ع

پيارا، مرزا قليچ بيگ
آءٌ اوهان کي سچيون مبارڪون ٿو ڏيان، جو اوهان کي "شمس العلماءَ" جو خطاب مليو آهي. جيئن "گزيٽ"مان مون کي معلوم ٿيو آهي، مون کي يقين آهي ته اهو ڪنهن ٻئي زياده لائق ماڻهوءَ کي نه مليو آهي. اوهان سنڌي زبان جي لاءِ گهڻو ئي ڪي ڪيو آهي، جنهن لاءِ اهڙيءَ عزت ملڻ جو اوهان کي حق هو. مون کي يقين آهي ته اهو خاص لقب اوهان کي زياده پسند هوندو -- ٻئي ڪنهن به لقب کان.*

ايس. ايچ. ڪورنٽن
ڪليڪٽر حيدرآباد

---

عمرڪوٽ،
٤- جنوري ١٩٢٤ع

پيارا، مسٽر قليچ بيگ
جيڪو لقب اوهان کي مليو آهي، تنهن لاءِ مهرباني ڪري منهنجون مبارڪون قبول ڪجو. شل اوهان جي عمر وڏي هجي جو اهو ماڻيو ۽ خوش رهو، ۽ زياده عزت حاصل ڪريو. سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ جيڪو ڪمائتو ڪم اوهان ڪيو آهي، تنهن لاءِ اهو جوڳو انعام آهي.*

اوهان جو-- حامد علي
ڪليڪٽر ٿرپارڪر

ڪراچي،
١- جنوري سنہ ١٩٢٢ع

منهنجا پيارا، مرزا قليچ بيگ
جيڪو وڏو لقب توکي مليو آهي، تنهن جي لاءِ مهرباني ڪري منهنجون مبارڪون قبول ڪجو. سنڌ ۾ ٻيو ڪو بہ اهڙو ساڌو ڪونهي، جو انهيءَ لقب جو زياده لائق هجي. شل اوهين گهڻا ورهيہ جيئرا رهو ۽ اهو لقب ماڻيو. سال جون بہ مبارڪون هجنوَ.*

ڊبليو. اين رچرڊسن
سٽي مئجسٽريٽ

هارپر آباد،
٤- جنوري ١٩٢٤ع

پيارا، مرزا صاحب
آءٌ اوهان کي عزت ملڻ تي مبارڪون ٿو ڏيان، جنهن جا اوهين هر طرح لائق آهيو. نئين سال جون بہ اوهان کي مبارڪون هجن.*

ڊي. ايس. هارپر
پادري حيدرآباد

منهنجا پيارا، مرزا صاحب
جيڪو "شمس العلماء" جو لقب اوهان کي پنهنجي لياقت سوجب مليو آهي، تنهن لاءِ اوهان کي دلي مبارڪون هجن. اميد تہ اوهين تندرست هوندؤ.*

سيد محمود شاهہ
سپرنٽينڊنٽ پوليس ٿرپارڪر

منهنجا پيارا، مرزا صاحب
جيڪو لقب "شمس العلماء" جو اوهان کي مليو آهي ۽ جنهن جا اوهين هر طرح لائق آهيو، تنهن لاءِ آءٌ اوهان کي

دل و جان سان مبارڪ ڏو ڏيان. اوهان ڪان وڏيڪ ٻيو ڪو به انهيءَ لقب جو حقدار ڪونه هو. آءٌ گهڻو خوش ٿيو آهيان ته اوهان کي اهو مليو. اگرچ اهو دير سان مليو آهي. منهنجي دعا آهي ته شل اوهين گهڻي تائين انهيءَ عزت ماڻڻ جي لاءِ جيئرا رهو.*

محمد قادر شيخ
وزير خيرپور رياست

---

ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج، ڪراچي،
۳- جنوري ۱۹۲۴ع

پيارا مرزا قليچ بيگ
آءٌ معلوم ڪري نهايت خوش ٿيو آهيان ته ”شمس العلماء“ جو لقب اوهان کي مليو آهي. بيشڪ اهو اوهان کي اڳي ملڻ گهربو هو. اوهان سنڌي زبان ۽ علم جي لاءِ ايتري خدمتگذاري ڪئي آهي، جو اوهان جو نالو تاريخن ۾ هليو هلندو ۽ جي پيڙهيون اڃا نه پيدا ٿيون آهن، سي ٻڌي خوش ٿينديون. شل خدا اوهان کي وڏي حياتي ڏئي! اها منهنجي دعا آهي.*

ايچ. ايم. گربخشاڻي

---

سيوهڻ،
۳- جنوري ۱۹۲۴ع

منهنجا پيارا، مرزا صاحب
آءٌ ڏسي نهايت خوش ٿيو آهيان تہ اوهان کي وڏو لقب ”شمس العلماء“ جو مليو آهي، جنهن جا اوهين هر طرح لائق هئو. شل اوهان جي حياتي وڏي هجي تہ اها عزت ماڻيو، ۽ شل سچي خوشي ۽ دل جو آرام ماڻيو.*

گوبندرام
سپرنٽينڊنٽ آف سروي پنشن

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪارپور،
٣٠- جنوري ١٩٢٤ع

سنهنجا پيارا، مرزا

اوهان کي "شمس العلماء" جي لقب ملڻ جو پڙهي، آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. سنڌ ۾ اوهان کان وڌيڪ ڀيو ڪو بہ انهيءَ لقب جو لائق نہ هو. آءٌ انهيءَ لاءِ اوهان کي سچيون مبارڪون ٿو ڏيان ۽ اميد ٿو رکان تہ اوهين گهڻي تائين جيئرا رهندؤ ۽ خوش گذاريندؤ تہ جيئن هن ملڪ کي علم جي باري ۾ اڃا بہ زياده مدد ڏيندا رهو.*

ناراڻداس
پنشن ڊيپوٽي ڪليڪٽر

وزير گورنر بمبئي جي تار

بمبئي،
٤- جنوري ١٩٢٤ع

عزت ملڻ جي لاءِ اوهان کي دلي مبارڪون هجن، جا عزت اوهان کي گهڻو اڳي ملڻ کپندي هئي.*

گورنر، بمبئي

پيارا، مرزا صاحب

نون خطابن وارن جي يادداشت ۾ اوهان جو معزز نالو ڏسي مون کي نهايت گهڻي خوشي ٿي، جهڙي ساريءَ سنڌ ۾ گهڻن ڀين کي ٿي هوندي. اوهان جي ذات ۾ ايترين خاصيتون ۽ لياقتون موجود آهن، جو ساري خلق اوهان کي پيار ڪري ٿي ۽ ساراهي ٿي. سڀڪو اوهان ۾ انهيءَ لياقت جي تعريف ڪري ٿو جا هن کي نظر ۾ ٿي اچي. اڃا بہ ڀيون ڪيتريون ئي لياقتون اوهان ۾ ضرور لڪل هونديون، جن جي اسان کي خبر ڪانهي ۽ جي خدا کي معلوم هونديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو نظم نثر ان جو دلاويز، دلپسند،
هم پايہء ڪليم ۽ سودا قليچ بيگ.
چشمِ جهان ڏٺو نہ ڪو ان جو ڪٿي نظير،
بيمثل، بيعديل ٿيو دانا قليچ بيگ.
سرڪار خوب قدرشناسي ڪئي سندس،
ٿيو زيب وربہ ”شمس العلماء“، قليچ بيگ.

---

سلسبري،
٢١- فيبروي ١٩٢٤ع

منهنجا پيارا، مرزا صاحب

مون هينئر ڪراچيءَ جي هڪڙيءَ اخبار ۾ پڙهيو آهي، تہ اوهان کي سرڪار ”شمس العلماء“ جو لقب عطا ڪيو آهي. آءٌ مبارڪباديءَ جي هڪ سٽ لکڻ کان رهي نٿو سگهان. گهڻيءَ مدت کان آءٌ اها اميد رکندو ٿي آيس، تہ اوهان کي اها عزت ملندي، ۽ هاڻ آءٌ گهڻو خوش ٿيو آهيان جو آءٌ نا اميد نہ ٿيس. جيڪي لقب ملندا آهن، تن مان ڪي ٿورا زيادهہ لائق ماڻهن کي ملندا هوندا. انهيءَ ڪري آءٌ اوهان کي دل سان مبارڪ ٿو ڏيان. اميد آهي تہ جڏهن موٽي هندستان ۾ ايندس، تڏهن اوهان کي بلڪل تندرست اچي ڏسندس.*

آئي. ايچ. ٽانٽن
ڪليڪٽر

# زندگيءَ سان واسطو رکندڙ مکيه ڳالهين
# جو سالوار نقشو

| | |
|---|---|
| منهنجو ڄمڻ ١٢٧٠ هه مطابق | ١٨٥٣ع |
| منهنجي والد جي وفات | ١٨٧١ع |
| هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ پرشن ٽيچر ٿيڻ | ١٨٧٢ع |
| مئٽريڪيوليشن امتحان پاس ڪرڻ | ١٨٧٢ع |
| بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ | ١٨٧٣ع |
| منهنجي والده جي وفات | ١٨٧٦ع |
| بمبئيءَ مان سخت بيمار ٿي نڪرڻ ۽ هندستان گهمي ڳوٺ اچڻ | ١٨٧٦ع |
| ڪراچيءَ ۾ ٻه ورهيه رهڻ ۽ هاءِ اسڪول جو پرشن ٽيچر ٿيڻ | ١٨٧٨ع |
| مختيارڪاريءَ جو ڪم سکڻ ۽ مئجسٽيريل امتحان پاس ڪرڻ | ١٨٧٩ع |
| تعلقي ٽگڙ جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٨٠ع |
| تعلقي ڪڪڙ جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٨١ع |
| تعلقي ميهڙ جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٨٢ع |
| تعلقي جوهي جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٨٤ع |
| تعلقي وارهه يا نصيرآباد جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٨٧ع |
| موڪل وٺڻ ۽ شادي ڪرڻ | ١٨٨٨ع |
| تعلقي گهوٽڪيءَ جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٨٩ع |
| تعلقي روهڙيءَ جو مختيارڪار ٿيڻ | ١٨٩٠ع |
| ڊپارٽمينٽل امتحان پاس ڪرڻ | ١٨٩٠ع |
| ائڪٽنگ ڊيپوٽي ٿي شڪارپور ۾ سٽي مئجسٽريٽ ٿيڻ | ١٨٩١ع |
| وري روهڙي ۾ اچڻ | ١٨٩٢ع |
| لاڙڪاڻي ۾ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ١٨٩٣ع |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ڪراچيءَ ۾ گهر جوڙائڻ ۽ ٿرپارڪر ۾ ٻه | ۱۸۹۴ع |
| سيوهڻ جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ۱۸۹۵ع |
| جيڪب آباد يا سرحد سنڌ جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ۱۸۹۶ع |
| حيدرآباد ۾ گهر جوڙائڻ | ۱۸۹۸ع |
| ٿرپارڪر جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ۱۸۹۸ع |
| نوشهري فيروز جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ۱۸۹۸ع |
| حيدرآباد ۾ اوطاق جوڙائڻ | ۱۹۰۰ع |
| ڪوٽڙي جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ۱۹۰۱ع |
| ٺٽي ۽ سجاول جو ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٿيڻ | ۱۹۰۳ع |
| منهنجي پهرينءَ زال جي وفات | ۱۹۰۴ع |
| ”قيصر هند“ جو ٻلو ملڻ | ۱۹۰۶ع |
| منهنجي ٻي شادي | ۱۹۰۷ع |
| منهنجي ٻيءَ زال جي وفات | ۱۹۰۸ع |
| منهنجي ٽي شادي | ۱۹۰۹ع |
| ڪوٽڙي ڊويزن مان فرلو موڪل وٺڻ | ۱۹۰۹ع |
| پينشن وٺڻ | ۱۹۱۰ع |
| منهنجي وڏي پٽ نادر بيگ جو ٻئرسٽر ٿيڻ | ۱۹۱۲ع |
| ڪراچيءَ ۾ ۴ مهينا وڃي رهڻ | ۱۹۱۵ع |
| ڪراچيءَ ۾ وري ۴ مهينا رهڻ | ۱۹۲۰ع |
| هيلتائين حيدرآباد ۾ رهڻ | ۱۹۲۳ع |

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سالوار ۽ مڪانوار ياداشت، جوڙيل ڪتابن جي*

۱۸۷۰- ٻاراٽا شعر، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ — حيدرآباد.

۱۸۷۲- جواهراللسان، فارسي — حيدرآباد.

۱۸۷۴- پارسي گرامر جو شجرو انگريزيءَ ۾، پرشن پراسڊي يا فارسي عروض انگريزيءَ ۾ — بمبئي.

۱۸۷۷- پرشن ائٽيمالوجي يا اشتقاق فارسي انگريزي ۾ ۽ مقالات الحڪمت — بمبئي.

۱۸۷۸- قصو هرٽيءَ جو شعر ۾ — ڪراچي.

۱۸۸۰- ليليٰ مجنون شعر ۽ ناٽڪ، سوسل راٺو شعر ۾، راهه نجات ۽ هدايت النسوان — ڪراچي.

۱۸۸۵- شاهه ڀٽائي جو احوال انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾، ڏاڙهياري جبل جو سير — نصيرآباد يا وارهه.

۱۸۸۷- ليبراوَرَس انگريزي شعر ۾، ڪافيون ۽ خورشيد ناٽڪ — نصيرآباد.

۱۸۸۸- علم اخلاق، صحت النساء، علم دستورالمعاش، تاريخ محمدي، رستم پهلوان، مفتاح القرآن فارسي ۾، علامات القرآن ۽ دلارام — نصيرآباد.

۱۸۹۰- دلپسند لطيفا (روهڙي)، زينت، دلپسند قصا ۽ ٻاگا، (شڪارپور) ۽ تعليم حڪمت ٻاگو پهريون — نصيرآباد.

---

* منهنجن گهڻن ڪتابن تي ذنل تبصرا، اخبارن يا رسالن ۾ موجود آهن ۽ فارسي ۽ سنڌي شاعرن جا شعر به منهنجي نسبت ۾ ذنل گهڻا موجود آهن، جن ۾ منهنجي تعريف ۽ هنن جي مهرباني ۽ حسن ظني معلوم ٿئي ٿي. پر اهي ڏيڻ مناسب نظر نٿا اچن. تنهن ڪان سواءِ، انهن جي ڏيڻ سان هي دفتر وڏو ٿي ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٨٩١- تعليم حڪمت ڀاڱو ٻيو ۽ ٽيون، موهني، مخزن القوافي فارسي ۽ اڙدو — نصير آباد.

١٨٩٤- بڪاولي ناٽڪ، لوپي ۽ ڏوڳي ناٽڪ، اسلامڪ ٿياسفي يا ڪيمياي سعادت انگريزيءَ ۾ — عمرڪوٽ.

١٨٩٥- زمين پوکڻ جو علم ۽ هنر، باغ ۽ باغباني، عالم آبي، حشرات الارض يا جيت ۽ ڪيئان، نانگ ۽ ٻيا سُرٽا — لاڙڪاڻو.

١٨٩٦- نورجهان ۽ جهانگير ناٽڪ، شڪنتلا ناٽڪ، نيم طبيب ۽ نيم ملا ناٽڪ، جانور — جيڪب آباد.

١٨٩٧- نادرشاهه ناٽڪ، حسنا ۽ دلدار ناٽڪ، انڪوائري آفيسر ناٽڪ، ڳوٺن جي وڏيرن لاءِ هدايت ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال — جيڪب آباد.

١٨٩٨- پکي — جيڪب آباد.

١٩٠٠- عجائب غرائب، شاهه ايليا ناٽڪ، شيخ چلي ناٽڪ، ثابت علي شاهه جو احوال ۽ سندس مرثيا ڀاڱو پهريون، فارسي زبان جي تاريخ، چچنامو انگريزيءَ ۾، ۽ سوداي خام ڀاڱو پهريون — نوشهرو فيروز ۽ حيدرآباد.

١٩٠١- ڪيمياي سعادت ڀاڱو پهريون ۽ ٻيو، سنڌ جي تاريخ انگريزيءَ ۾، ۽ خود ياوري — ڪوٽڙي، حيدرآباد، يا ڪراچي.

١٩٠٢- ڪيمياي سعادت ڀاڱو ٽيون، ۽ اسلامي رسالو — ڪوٽڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

١٩٠٣- لطيفهءِ معرفت، ڪرامات الاولياء — ڪوٽڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

١٩٠٤- سنڌ جي تاريخ تصويرن سان، اسلامي درجيوار چار ڪتاب، جواهر الاخلاق، تهذيب اخلاق، گلشن اخلاق،

اخلاق القرآن و الحديث، اخلاق النساء، اخلاق صوفيہ، فرائض انساني، ۽ ضمان الفردوس -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۰۵- حقائق الارواح، عالم خواب، رسالہ ڪربمي، لُغات لطيفي، حالات الاولياء، مقالات الاولياء، رباعيات عمر خيام، فيروز دلفروز ناٽڪ -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۰۶- مقناطيس حيواني، حاجتمنديءَ مان طاقتمندي، صداقت الاسلام، زادالاخرة، ابڪار الافڪار عربي، فارسي، ۽ اردو، ثابت علي شاهہ جا مرثيا ڀاڱو پهريون، فئلا لاجيڪل ڪيوريا ۽ سٽيز يعني عجائب الاشتقاق انگريزي -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۰۷- نصيحت نامہ امام غزالي، ميراث المسلمين، مجالس الشهداء، انجيل، عالم آرواح -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۰۸- اسرار حڪمت، ردتثليث، شمشاد، مرجانہ ناٽڪ، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۰۹- يوسف ۽ فاطمہ، گرجي نامہ، عزيز ۽ شريف ناٽڪ، گلزار ۽ گلنار ناٽڪ، اشعار القرآن -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۱۰- سوداي خام نئون، ٻيو ڇاپو -- ڪونڙي، حيدرآباد يا ڪراچي.

۱۹۱۱- حاجي بابا اصفهاني، نيڪي ۽ بدي ناٽڪ، حرڪت مان برڪت ناٽڪ، سر سهٽيءَ جي شرح، گلن جي ٽوڪري، شرلاڪ هومس ٻہ ڀاڱا، پرشن جيمس يا فارسي جواهر انگريزي شعر ۾ ٽي ڀاڱا -- حيدرآباد.

۱۹۱۲- ٽي گهر ٻہ ڀاڱا، آزار مان آرام، علم تصوف، لطيفي لات، تعليم صحت ڀاڱو پهريون، برٽش شهنشاهت، سچو سک، ۽ تحفة النسوان -- حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پيٽون، هڪڙي انڌي شريف زال، شريف بيگم ۽ عاقل ۽ فاطمہ، (ڇهہ زناني تعليم جون دل وندرائيندڙ ڳالهيون) — حيدرآباد.

١٩١٩ — نصيحت نامو سڀنِ لاءِ، حيواني عقل ۽ ان جا مثال، عجيب ڳالهيون، ايندڙ زمانو، بدايع الوقائع، انجيل، توريت، زبور شعر ۾، يسوع مسيح جي سوانح عمري (نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ ڏار ڏار)، هندستان جون ديسي آڪاڻيون، زنانا درجيوار ڇهہ ڪتاب ۽ ٻاراڻي تعليم — حيدرآباد.

١٩٢٠ — املهہ ماڻڪ شعر ۾ ڀاڱو پهريون، ورزش نامو، سليس صرف نحو، علم بديع، علم عروض، فوائد الاخلاق، لطائف الطوائف، مئن سان ڪيئن ڳالهائجي، ٻاچين جا طعام، بيماريءَ جا سچا ۽ ڪوڙا سبب، ملڪ جي مفلسي ۽ قرض جا سبب، زينت النسوان، مقدس ڪلام، نصيحت المسلمين، اخلاق المعصومين ۽ سونهري خيال — حيدرآباد ۽ ڪراچي.

١٩٢١ — سنڌي گرامر وڏو، خصائص القرآن، سنڌ جا قديم شهر ۽ انهن جا مشهور ماڻهو — حيدرآباد.

١٩٢٢ — سنڌ جي مختصر جاگرافي، تصوف جي تاريخ، ديوان گل جي شرح، اسلامي حق نامو، تقريرون ۽ تحريرون، يادگيريون، حجتہ الشيعتہ، محبت آل عبا، عقود اللالي، اصلاح نامو، چيستانا يا ٻارن جي وندر، هزليات، مومل راڻي جي شرح، اسلام جا ٽيهتر فرقا، رياست خيرپور جي تاريخ، تحفہ اسماعيليہ، اسلامي تعليم، سعادت نامو شعر ۾، روشنائي نامہ شعر ۾، عبادت نامہ، تحفةالسالڪين، جهڙو خيال تهڙو حال، سئنڊفرڊ ۽ مرٽن، گليوَر جو سير ۽ سفر، رابنسن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪروسو، خان بهادر حسن علي آفندي جي سوانحعمري حقيقتہ الر با ـــ حيدرآباد.

١٩٢٣ـ شاهزاد و بهرام يا هئملٽ جو ناٽڪ، اسلام بموجب اصول ٿياسفي فارسيءَ ۾، استاد جي قدمن وٽ، چچ نامو سنڌي، قديم سنڌ جا ستارا يعني مصنف ۽ شاعر، ڪريسيس، تواريخ القرآن و الحديث، لغات قديمي سنڌي، طلب العلم في الاسلام، شيخ بوعلي سينا، چندن هار ياڱو ٻيو شعر، املهہ ماڻڪ ياڱو ٻيو شعر، موتين جي دبلي ياڱو ٻيو شعر، سوداي خام ياڱو ٻيو شعر، منهنجي پنهنجي سوانحعمري يعني سائو پن يا ڪارو پنو، فرهاد ۽ شيرين جو ناٽڪ شعر ۾، شطحيات صوفيہ، امام محمد غزالي جي سوانحعمري، حڪيم ناصر خسرو علوي جي سوانحعمري ـــ حيدرآباد.

١٩٢٤ـ طب مطبوع ۽ مخزن منظوم (شعر ۾)، مثنوي ترڪيب الانسان شعر ۾، شاهنامي وارا شاهہ، وامق ۽ عذرا، سائنس جا عجائب غرائب، علم رمل، مفتاح الرمل، منهنجو عجيب گهر، خواب ۽ تعبير ۾ رسالا ـــ حيدرآباد.

١٩٢٥ـ منتخب المعلومات، سنڌاري جي شروعات، انگي حساب ڏي حصا ـــ حيدرآباد.

١٩٢٦ـ عملي مذهب، مصر نامہ، ڪامل انسان، مجمع المذاهب، چين ۽ چيني ماڻهو، شرح ديوان قاسم ۽ فاضل، ماڻهو ڪيئن چمن ٿا ۽ رسالا ـــ حيدرآباد.

١٩٢٧ـ بابل ۽ نينوا، حضرت سليمان، سچي مردانگي، گلدستہ حمد و ثنا، لسان الغيب، خطبا، مثنوي مطلع الانوار، مثنوي مخزن الاسرار، بدر منير ۽ بينظير، صلح ڪل، نہ چاولن ماڻهن جو روح (٢ رسالا)، فقہ جا عجيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسئلا، ماڻهو پنهنجو پاڻ طبيب، انسان جا محافظ ۽ موت ڪان پوءِ حياتي، ۽ عالمگير مذهب.

١٩٢٨ - ٻڌو ۽ ڏسو، ڪافيون، دنيا جي مختصر تاريخ، ديوان قليچ، باب ۽ بابي، مولانا جلال الدين رومي، ڏالپرن جي صاحبي انگريزيءَ ۾، خزينه زرينه فارسي، خزينه سيمين فارسي، ڪامل انسان ٿيو ڀاڳو، زيب النساء بيگم، سلطان علاءالدين ۽ راڻي پدمڻي، پت چٽڻ پنهنجي وس، علم موسيقي، حسن، عشق ۽ ان جا ڪرشما ۽ ڀاڳ، ۽ حسينه.

# جن موقعن ۽ مضمونن تي سون تقريرون يا تحريرون ڏنيون تن جو تفصيل

تقريرون

١٩٠٧ــ ڪراچي آل انڊيا محمدن ايڊوڪيشنل ڪانفرنس ۾ سنڌي لٽريچر تي تقرير.

١٩١٣ــ حيدرآباد ۾، ”سنڌي ساهت سوسائٽيءَ“ جي جلسي ۾، سنڌي شعر تي تقرير.

١٩١٤ــ حيدرآباد جي نوو ديالہ جي آسپاس جي پوليءَ واري جلسي ۾ پرهيز بابت تقرير.

١٩١٤ــ شڪارپور جي ”ٽمپرنس ڪانفرنس“ ۾ نشي بابت تقرير.

١٩١٥ــ ڪراچيءَ ۾ انسانيت بابت تقرير.

١٩١٥ــ لاڙڪاڻي ۾، نشي ۽ پرهيز بابت.

١٩١٦ــ حيدرآباد ۾، پرهيز بابت.

١٩١٨ــ ڪراچيءَ ۾، اڙدو زبان جي ترقيءَ بابت.

١٩١٩ــ خيرپور ۾، اڙدوءَ بابت.

١٩١٩ــ سکر ۾، عربي ۽ فارسي علم بابت.

١٩١٩ــ خيرپور ۾، عربي ۽ فارسي علم بابت.

١٩٢٠ــ ڪراچي، مسلمانن جي هڪڙي عجيب تاريخي واقعي بابت.

١٩٢٠ــ ڪراچي، پردي بابت.

١٩٢٠ــ ڪراچي، شعر جي علم ۽ هنر بابت.

١٩٢١ــ حيدرآباد، ”انجمن اماميه“ جي جلسي ۾ مذهبي تقرير.

١٩٢١ــ حيدرآباد، تصوف بابت تقرير.

١٩٢٠ــ ڪراچي، زناني تعليم ۽ اخلاق بابت.

١٩٢٢ــ حيدرآباد، ”سنڌي ساهت سوسائٽي“ بابت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩٢٢ – حيدرآباد، سنڌي ٻولي ۽ لٽريچر بابت.
١٩٢٢ – حيدرآباد، شاهه ڀٽائيءَ جي علميت بابت.
١٩٢٢ – لاڙڪاڻو، شعر جي شرف ۽ شان بابت.
١٩٢٣ – ڪراچي، صوفين جي مجذوبي حالت ۽ شاهه ڀٽائيءَ جي علميت.
١٩٢٤ – حيدرآباد، اسلام ۾ علم جي ڳولا.
١٩٢٥ – ماڻهو ڪنهن کي چئجي ۽ ڪيئن ٿجي؟

تحريرون

١٩٠٥ – ”سيواسدن منڊليءَ“ جا چار پرچا، حياتيءَ جي امانت ۽ انساني فرض ۽ انهيءَ بابت شاعرن جا خيال.
١٩١٥ – ”جپ صاحب“ جي ڪتاب تي تقريظ.
١٩١٦ – سنڌ جي مسلمانن جي تعليم بابت.
١٩١٦ – اسين جي ڪورٽن بابت.
١٩١٨ – طبعي ترت علاجن جو ديباچو.
١٩٢١ – سوراج بابت.
١٩٢١ – ”پبلسٽي ڪميٽي“ لاءِ پرچا:
سوراج ۽ سوديشي تحريڪ، مقصد هڪڙو ۽ رستا علحده، قطع تعلقات جي مدعا ۽ نتيجو، مهاتما گانڌيءَ جو سوراج، گرم ڌرمان نرم ڌر، ملبار جا موپلا، سرڪار ۽ مسلمان.
١٩٢٢ – راڳ بابت.
١٩٢٤ – ٻوڪ جي علم ۽ هنر بابت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجن ڪتابن جا علحده ڇاپائيندڙ
# يا پريسن جا مالڪ

پئسہ اخبار، لاهور پريس.
اسلاميہ پريس، لاهور.
الحق پريس، سکر.
قيصريه پريس، حيدرآباد.
پريميئر پريس، حيدرآباد.
سٽئنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس، حيدرآباد.
فيض پريس، خيرپور.
سنڌ ڪاليج ڊرامٽڪ سوسائٽي.
سرڪاري تعليم کاتو.
ڪمشنرس پريس.
بائبل مشن سوسائٽي.
مسٽر پوڪرداس، شڪارپور.
مسٽر هريسنگ، سکر.
مسٽر بگومل تلسيداس، حيدرآباد.
محمد يوسف حاجي هارون، ڪراچي.
پارتواسي پريس، حيدرآباد.
ٿياسافڪل سوسائٽي، حيدرآباد ۽ ڪراچي.
مدرسة الاسلام، ڪراچي.
مسٽر شيرازي بهائي.
شيخ عبدالرحيم، حيدرآبادي.
منشي مؤمن، سکر.
ميان محمد هاشم خواجو، حيدرآبادي.
سنڌي ساهت سوسائٽي، حيدرآباد ۽ ڪراچي.
ديس متر، حيدرآباد.
جو ويناڻي ڪوآپريٽو سوسائٽي.
منهنجا پيا پنهنجا ڇپايل ڪتاب بلئوتسڪي پريس، حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مضمون وار ڪتابن جي فهرست

## ١- انگريزيءَ مان ترجمو ٿيل:

توريت يا قديم عهدنامو، انجيل يا نئون عهدنامو، داؤد جا زبور (شعر ۾)، يسوع مسيح جي سوانحعمري (شعر ۾)، يسوع مسيح جي حياتيءَ جو احوال، علم اخلاق، مقالات الحڪمت، خود ياوري، دلپسند قصا، علم دستورالمعاش، برٽش شهنشاهت، حاجتمنديءَ مان طاقتمندي، آزار مان آرام، جهڙو خيال تهڙو حال، نصيب پنهنجي وس، سئنڊفرڊ ۽ مرٽن، گليور جو سير ۽ سفر، رابنسن ڪروسو، ٽي گهر، ايرڪ، جولين هوم، گلزار ۽ گلنار، عزيز ۽ شريف، جمشيد ۽ حميده، شمشاد ۽ مرجان، شڪ جو شڪار، شاهه اياپا، نيڪي ۽ بدي، حسنا ۽ دلدار، شرع محمدي، رواجي حڪمت، هند جون ديسي آڪاڻيون، دل وندرائيندڙ ڳالهيون، شرلاڪ هومس، گلن جي نوڪري، سچي خيال جي ڪرامت، مصيبت ماريا، لالہ رخ (شعر ۾)، سونهري خيال، عجيب جواهر (شعر ۾)، حاجي بابا اصفهاني، فيروز دلفروز ناٽڪ، سچي محبت، پوک ڪرڻ جو علم ۽ هنر، باغ ۽ باغباني، تهذيب اخلاق، مخلوقات (پنج ڀاڱا)، فرائض انساني، تعليم حڪمت (ٽي ڀاڱا)، مقناطيس حيواني، انڪوائري آفيسر، اٽلانٽس، ايندڙ زمانو، ٿياسافي، غلاميءَ مان مٿي چاڙهو، ايمرسن جا عجيب نُڪتا، ست واديون، بهائي مذهب جي تعليم، عالم جو استاد، اسلام بموجب اصول ٿياسفي، ۽ استاد جي قدمن وٽ.

## ٢- انگريزي ۾ لکيل ڪتاب:

سنڌ جي تاريخ (٢ جلد)، جواهر فارسي (شعر ۾ ٣ جلد)، زبانن جي عجيب موافقت، فرصت جو وقت (شعر ۾ ٤ ڀاڱا)،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيمياي سعادت، علم عروض فارسي، فارسي گرامر جو شجرو، اشتقاق فارسي، عجيب جواهر (٢ ڀاڱا)، شاهه ڀٽائيءَ جو احوال، مرزا خسرو بيگ جي سوانحعمري.

٣- ٻيا سنڌي ڪتاب مذهب، فلسفي ۽ اخلاق بابت:

مفتاح القرآن فارسي، سيرت النبي، خصائص القرآن، اشعارالقرآن، اخلاق القرآن والحديث، حالات الاولياء، مقالات الاولياء، ڪرامات الاولياء، اسلامي رسالو، راه نجات، مجالس الشهداء، ڪيمياي سعادت، حقائق الارواح، لطيفه معرفت، زاد الاخرة، ضمان الفردوس، ميراث المسلمين، عالم ارواح، عالم خواب، مقدس ڪلام، علم تصوف، تصوف جي تاريخ، نصيحت المسلمين، مقالات الحڪمت، رد تثليث، يوسف ۽ فاطمه، گلشن اخلاق، جواهر الاخلاق، تهذيب الاخلاق، فوائد الاخلاق، اسلامي ڪتاب نوان ۽ پراڻا (ست)، تحفة السالڪين، تحفه اسماعيليه، حجة الشيعه، محبت آل عبا، عقود اللالي، صداقت الاسلام، قديم چيني اخلاق، اخلاق النساء، اخلاق صوفيه، ۽ اخلاق المعصومين.

٤- ناٽڪ:

خورشيد، نورجهان، نادر شاهه، شڪنتلا، ٻڪاولي، لوڀي ۽ لوڀي، شيخ چلي، حرڪت مان برڪت، نيم طبيب ۽ نيم ملا.

٥- قصا ۽ ناول:

زينت، زنوبيه، بابادل، لڇمي، عجيب طلسم، عجيب الماس، راحيل، شيطان جو مريد، شيطان جي ناني، عجيب ڳالهيون، ڪادمبري، وامق ۽ عذرا.

٦- علمي ۽ تعليمي ڪتاب:

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سنڌي شعر جي تاريخ، شاهه ڀٽائيءَ جو احوال، رسالي جي ڪن سرن جي شرح، ديوان گل جي

[نوٽ: مرحوم مرزا صاحب جن جي آخري ڊائري يا روزنامچو، سنه ١٩١٤ع کان ١٠- جون سنه ١٩٢٩ع تائين، رکيل آهي. ان جو انتخاب هيٺ ڏجي ٿو. معلوم رهي ته مرحوم مرزا صاحب، تاريخ ٣- جولاءِ، سنه ١٩٢٩ع تي وفات ڪئي هئي.]

## سنه ١٩١٤ع

١١- اپريل: رات جو اسان ۽ سڀني بيگ جا ٻار ٻچا، مائي مهلبي ۽ مائي حرمت ۽ خدابخش [نوڪرياڻين ۽ نوڪر جا نالا] ڪي ساڻ وٺي خيرپور وياسين. آتي فجر جي وقت پهتاسين. چڱيءَ طرح سان رهياسين. رات جو ڪاني جي مجلس ۾ شريڪ ٿياسين ۽ وِرنديءَ رات جو هڪ ناٽڪ، جو اسان جي ڏسڻ لاءِ ڪيو ويو هو، اهو ڏٺوسين ۽ پوءِ فيض محل ڏسڻ وياسين. تاريخ ١٢- اپريل، ميان پيربخش، عبدالرحمان پيرزادو، مسٽر عبدالغفور ۽ مسٽر ويرومل مليا. شام جو شڪارپور وياسين. مسٽر پوڪرداس، مير علي نواز خان ۽ پيا ماڻهو اسٽيشن تي گڏيا. رات جو ڊاڪ بنگلي ۾ ٽڪياسين، ۽ ڏينهن جو شهر گهمڻ لاءِ وياسين. شام جو وري خيرپور موٽياسين. اڳيئن رات، ٻار ٻچا موٽرڪار ۾ فيض محل ڏسڻ ويا، ۽ ٻئي ڏينهن ٻار ٻچا موٽرڪار ۾ مکر ڏانهن ويا، جتان شام جو موٽي آيا. آءٌ راڻيپور، درازا ۽ گمبت ڏانهن ويس، ۽ زيارت ڪيم. پيرصاحب ۽ فقير صاحب سان گڏيس. شام جو وري موٽي آيس. ١٨- تاريخ شام جو رزرود گاڏي ۾ موٽي آياسين. خيرپور ۾ نادربيگ وارا پڻ آيا ۽ اسان سان اچي مليا.

۱۹- آڪٽوبر: سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو ساليانو جلسو بہ ڏينهن ٿيو. مون کي ان جو پريزيڊنٽ ڪيو هئائون. گهڻائي ماڻهو آيا هئا. وقت نهايت چڱو گذريو.

۲۳- آڪٽوبر: ڪالهہ جمعي جي ڏينهن حج هو ۽ اڄ حج جي عيد آهي. اختر بيگ [مرزا صاحب جو فرزند] بہ خيرپور کان آيو هو ۽ سڊني بيگ بہ ڪراچيءَ کان آيل هو، عيد جي نماز ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ گڏجي پڙهيسين. چڱو وقت گذريو. پن ڏينهن کان پوءِ، اختر ۽ سڊني موٽي ويا.

۲۹- نومبر: اڄر جو ڏينهن ۽ عاشوري جو روز هو. سڊني بيگ ڪراچيءَ مان موڪل تي آيو. اسان ڪيڏانهن بہ نہ وياسين. روزانو آطاق ۾ رات جو نوين-ڏهين بجي تائين ويهندا هئاسين. مرزا علي اشرف، مرزا علي اڪبر، ناصر علي ۽ ڪي ٻيا ماڻهو پڻ ڪڏهن ڪڏهن ايندا هئا. انين محرم جي تاريخ تي، مرزا علي مدد جي دعوت تي، منبر واري مجلس ۾ وڃي شريڪ ٿيس.

۵- ڊسمبر: آءٌ پنهنجي ڀنيءَ تي [ديهہ نصرت، نوابشاهہ] ويس. اناج جي ٻٽائي ڪرايم.

۱۱- ڊسمبر: سرڪاري پينشن جا آٺ هزار رپيا مليا جي بئنڪ ۾ رکايم.

۲۷- ڊسمبر: پنهنجن ٻارن ٻچن، اختر ۽ همايون سان گڏ ڪراچيءَ ڏانهن ويس. خيرپور واري اسٽيٽ بنگلي ۾ رهياسين، جو پنهنجو بنگلو خالي ٿي نہ سگهيو.

## سنہ ۱۹۱۵ع

۱- جنوري: خيرپور واري اسٽيٽ بنگلي مان لڏي، بندر روڊ تي سينٽرل هوٽل جي پر واري پنهنجي بنگلي ۾ وڃي رهياسين. اختر بيگ ۽ همايون هليا ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹- آڪٽوبر: سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جو ساليانو جلسو
ٻه ڏينهن ٿيو. مون کي ان جو پريزيڊنٽ ڪيو هئائون.
گهڻائي ماڻهو آيا هئا. وقت نهايت چڱو گذريو.
۱۳- آڪٽوبر: ڪالهه جمعي جي ڏينهن حج هو ۽ اڄ
حج جي عيد آهي. اختر بيگ [مرزا صاحب جو فرزند] ٻه
خيرپور کان آيو هو ۽ سڌني بيگ به ڪراچيءَ کان آيل هو،
عيد جي نماز ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ گڏجي پڙهيسين. چڱو
وقت گذريو. ٻن ڏينهن کان پوءِ، اختر ۽ سڌني موٽي ويا.
۲۹- نومبر: اڄر جو ڏينهن ۽ عاشوري جو روز هو.
سڌني بيگ ڪراچيءَ مان موڪل تي آيو. اسان ڪيڏانهن
به نه وياسين. روزانو آطاق ۾ رات جو نوين-ڏهين بجي تائين
ويهندا هئاسين. مرزا علي اشرف، مرزا علي اڪبر، ناصر علي
۽ ڪي ٻيا ماڻهو ٻه ڪڏهن ڪڏهن ايندا هئا. انهين محرم
جي تاريخ تي، مرزا علي مدد جي دعوت تي، منبر واري
مجلس ۾ وڃي شريڪ ٿيس.
۵- ڊسمبر: آءٌ پنهنجي ڀنيءَ تي [ديهه نصرت، نوابشاهه]
ويس. اناج جي ٻٽئي ڪرايم.
۱۱- ڊسمبر: سرڪاري پينشن جا آٺ هزار رپيا مليا جي
بئنڪ ۾ رکايم.
۲۷- ڊسمبر: پنهنجن ٻارن ٻچن، اختر ۽ همايون سان گڏ
ڪراچيءَ ڏانهن ويس. خيرپور واري اسٽيٽ بنگلي ۾ رهياسين،
جو پنهنجو بنگلو خالي تي نه سگهيو.

## سنه ۱۹۱۵ع

۱- جنوري: خيرپور واري اسٽيٽ بنگلي مان لڏي،
بندر روڊ تي سينٽرل هوٽل جي پر واري پنهنجي بنگلي ۾ وڃي
رهياسين. اختر بيگ ۽ همايون هليا ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٤- جنوري: مسٽر سورابجي، ان جي گهرواري ۽ ٻار ٻچا شام جي وقت اسان وٽ آيا ۽ چانهه وغيره پيتائون.

١٧- اپريل: مسٽر غلام علي چاڳلا، يوسف علي علي ڀائي، غلام حسين قاسم، مير آيوب خان ۽ ڊاڪٽر محمدي، کي رات جي کاڌي جي دعوت ڏنيسين. صبح جو ٻارن ٻچن کي هوا بندر گهمائڻ وٺي وياسين. واٽ تي موٽندي مهل مسٽر غلام علي چاڳلا جي گهران به ٿيندا آياسين. اُن کان اڳ به، هڪ پورو ڏينهن، مسٽر غلام علي چاڳلا جي بنگلي ۾ ڪلفٽن تي وڃي گذاريوسين. هڪ ڏينهن مسٽر سورابجي ۽ ڪهنباٽا جون به نياڻيون به اسان جي گهر آيون هيون ۽ اسان به اُن جي گهر ٻارن ٻچن سميت وياسين.

٢٩- اپريل: اسان سڀ حيدرآباد موٽياسين. سڄڻي بيگ به پئي ڏينهن ڪراچيءَ کان حيدرآباد آيو، جو ان جي بدلي سڪرنڊ ۾ ٿي هئي.

١٩- جون: آءٌ نبي بخش [نوڪر] کي ساڻ وٺي، رات واري گاڏيءَ ۾ نوابشاهه ويس. سڄڻي بيگ به آتي گڏيو. صبح جو ڪيٽيءَ تي وياسين. نيازحسين [مرزا صاحب جو ڀائٽيو] به گڏ هو. آچر جو ڏينهن ڪيٽيءَ تي رهي، سڄڻي پنهنجي منزل ڏانهن هليو ويو. شام جي وقت اسان به نوابشاهه آياسين. اُتي سڄڻي به گڏيو. اسان رات واري گاڏيءَ ۾ موٽي حيدرآباد آياسين.

٣- جولاءِ: ڪمشنر صاحب مون کي صاحبلوڪن کان سنڌي زبان جي امتحان وٺڻ لاءِ ممتحن مقرر ڪيو. آءٌ ڪراچيءَ ۾ صاحبلوڪن جو امتحان وٺڻ ويس ۽ ٧- جولاءِ تي حيدرآباد موٽيس. ڪراچيءَ ۾ خيرپور اسٽيٽ بنگلي ۾ رهيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٥-مارچ: خيرپور کان گهوڙي گاڏيءَ ۾ سکر وياسين. ڀائي محمد دائود ۽ قاضي عبدالقيوم به گڏ هئا. اسٽيٽ بنگلي ۾ لٿاسين. ٻنپهرن کان پوءِ مسلمانن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿياسين. پهرئين اجلاس جي صدارت مون کي ڏني هئائون. مون هڪ تقرير مسلمانن جي علمي ۽ ادبي ترقيءَ بابت پڙهي. ٻه ڏينهن پيا به آتي رهياسين ۽ صبح شام ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندا رهياسين. نهايت چڱي ڪانفرنس ٿي. گهڻيون ئي تقريرون ۽ شعر پڙهيا ويا ۽ ماڻهو عطيا ڏيندا رهيا، بلڪ ريبن جي چڙ برسات وسي رهي هئي. اسين ١٧-تاريخ جي شام جو اتان روانا ٿياسين ۽ حيدرآباد موٽي آياسين. دوستن مون کي شڪارپور ڏانهن هلڻ ۽ سکر ۾ هڪ ڏينهن وڌيڪ رهڻ لاءِ زور ڪيو، پر آءٌ رهي نه سگهيس ۽ ڪانئن معافي وٺي حيدرآباد هليو آيس.

١٨-مارچ: عبدالله [نوڪر] کي ساڻ وٺي آءٌ ڪراچيءَ ويس. ڪئنٽ اسٽيشن تي نادر بيگ ۽ ٻيو هڪ صاحب گڏيو. انهن سان گڏجي سٽي اسٽيشن تي پهتاسين، جتي ڪراچيءَ جا ڪيترائي هندو ۽ مسلمان آيا هئا. هڪڙو وڏو ۽ عمدو هار منهنجي ڳلي ۾ وڌائون ۽ پوءِ وڃي اسٽيٽ بنگلي ۾ لٿاسين. ٻئي ڏينهن تي ”اردو ڪانفرنس“ هئي، جنهن ۾ آءٌ پريزيڊنٽ هوس. تمام گهڻا ماڻهو هئا. مون تقرير ڪئي. مسٽر پرڳڙي به اسٽيٽ بنگلي ۾ مون سان گڏ هو.

٢-اپريل: شام جو ڪمشنر صاحب جي پارٽيءَ ۾ ويس، رات جو آتان دير سان موٽيس. گهڻائي ماڻهو ملاقي ٿيا.

٣-اپريل: ڪراچيءَ کان حيدرآباد آيس ۽ آتان ميرپور ويس. مسٽر عبدالقادر ۽ محمد حسين به ميرپور تائين گڏ هئا. ٦-تاريخ سڌ ني بيگ به هڪ هفتي جي موڪل تي ميرپور آيو، ۽ ١١-تاريخ شام جو آتان موٽي ويو.

٥- مئي: اسان ميرپورڪان ڏينهن واري گاڏيءَ ۾ حيدرآباد آياسين. مرزا علي حسين ۽ اختر گڏ هئا. مرزا علي اڪبر اسٽيشن تي آيو هو. خير سان اچي ڳوٺ پهتاسين. معلوم ٿيو ته اسان کان پوءِ اسان جي گهر جي ڪوٺين مان پندرهن ڪوئا مُئل لڌا. ڪوٺين کي ڊاڪٽر جي معرفت دوائن سان صاف ڪرايوسين.

٧- جولاءِ: شام جو ڀائي محمد ابراهيم ۽ مسٽر غلام حسين ۽ مسٽر ضياءُ الدين ۽ مسٽر آخوند جي مهماني ڪئيسين. مسٽر پرڳڙي، بيماريءَ سبب نه اچي سگهيو.

١١- جولاءِ: خميس جي ڏينهن رمضان جي عيد ٿي. خير سان رمضان شريف جا ٽيهه ئي روزا رکيم. ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ عيد نماز پڙهيسين. سيد محمد شاهه نماز ۽ خطبو پڙهايو. سارو ڏينهن خير و خوبيءَ سان بسر ٿيو.

١٠- آگسٽ: مکي پريتمداس جي باغ ۾ شام جو پارٽيءَ ۾ ويس. هوم رول ڪانفرنس وارا ماڻهو آيا هئا. مسز سروجني نيڊو ۽ مسٽر غلام علي چاڳلا، يوسف علي ڀائي ۽ ٻين سان گڏيس.

١٥- سيپٽمبر: مسٽر... مل سيشن جج جي دعوت تي ۽ ان جي پٽ جي اچڻ تي آءٌ شام جو، مکيءَ جي باغ ۾ پارٽيءَ تي ويس. موٽڻ وقت مسٽر منيرام مون سان گڏ گهر تائين آيو ۽ مون کي ڇڏي موٽي ويو.

١٧- سيپٽمبر: اڱاري جي ڏينهن حج جي عيد هئي. ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ عيد جي نماز پڙهيسين. وقت خير سان گذريو.

٥- آڪٽوبر: مسٽر پريداس جي چوڻ تي، اينِي بيسنٽ هال ۾ ڊاڪٽر هرنامداس جو ليڪچر هو، ان تي ويس. مون کي پريزيڊنٽ ڪيو هئائون. مون کي وٺڻ لاءِ گاڏيءَ تي ماڻهو آيا ۽ گاڏيءَ تي مون کي گهر پهچايائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد آيس. چڱو وقت گذريو. پارٽيءَ ۾ به شريڪ ٿيس. خيرپور جي اسٽيٽ بنگلي ۾ رهيس، جتي سڌني بيگ ۽ نادربيگ به رهيل هئا.

۲۹- مارچ: گهوڙن وغيره جو ميلو سوسائٽيءَ ڪرايو هو. آءٌ به ميمبر هوس. مسٽر ڪرڪ پٽرڪ پارٽي ڏني. شام جو آءٌ بس ان ۾ شريڪ ٿيس. گهڻائي صاحبلوڪ اتي موجود هئا.

۳۰- اپريل: شام جو مرزا محمد حسين جي شادي، مرزا علي يار جي نياڻيءَ سان ٿي. ڏهين بجي مرزا علي اشرف بيگ نڪاح پڙهيو ۽ آءٌ وڪيل بڻيس. مرزا حيدرقلي ۽ مرزا احمد حسين شاهد هئا. رات جو ٻارهين بجي ۾ اچا ويهه منٽ هئا ته مون کي هڪ پٽ ڄائو. دائي ڦُلو ۽ ان جي ڌيءَ موجود هئي. ٻار جو نالو اڪمل بيگ رکيو ويو.

۳۰- جون: سومر جو ڏينهن ۽ رمضان المبارڪ جي عيد. نماز ۽ خطبو، مرزا علي اشرف بيگ پڙهايو. وقت خير جو گذريو.

٦- سپٽمبر: حج جي عيد هئي. سڌني بيگ به صبح جو سکر کان آيو. اختربيگ به ڪراچيءَ کان پهتو. عيد جي نماز ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ پڙهيسين مرزا علي اشرف بيگ نماز ۽ خطبو پڙهايو. اضحي ڪئيسين ۽ ٻه ٻَڪرڪُهي، ورهاياسين. شام جو آغا لطف علي شاهه ۽ مرزا دوست محمد خيرپوري وغيره، مبارڪباديءَ لاءِ آطاق ۾ آيا.

۱۱- سپٽمبر: شام جو آءٌ منوچهر بيگ [مرزا صاحب جو پائٽيو] جي چوڻ تي، ان سان گڏجي ڪڏڙي ڏانهن ويس. پنج ڏينهن اتي رهيس ۽ سترهين تاريخ ٻنپهرن جو موٽي حيدرآباد آيس. اتي صبح ۽ شام گهمڻ ڦرڻ لاءِ ويندا هئاسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنه ١٩٢٠ع

٦-جنوري: سکر مان ڪاغذ آيو ته سڌني بيگ کي پٽ ڄائو آهي، جنهن جو نالو جمشيد رکيو اٿن. اِها تاريخ ١٣-ربيع الآخر سنه ١٣٣٧ هجري هئي.

١-مارچ: ٽنڊي ۾ ڪوآپريٽو اسٽورس سوسائٽي جاري ڪئيسين. هڪ سئو رپين جا شيئر ۽ هڪ سئو رپيا امانت رکيم.

٥-مارچ، مطابق ١٤-جماديالآخر، سنه ١٣٣٧ھ: نادربيگ کي ڪراچيءَ ۾ هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ذاڪربيگ رکيو ويو.

٣٠-مارچ: آءٌ سيوهڻ ويس، جو صاحبزادي محمد خان اوڏانهن اچڻ لاءِ گهڻو لکيو هو. آنان ٥-اپريل موٽي آيس. قلندرشهباز جي روضي ۽ سيد ثابت علي شاهه شاعر جي مزار تي به ويس. ٢-اپريل تي فرخ بيگ به آيو. ٤-اپريل تي بوبڪ وياسين، جتي منڇر جي ڍنڍ جو سير ڪيوسين. فرخ بيگ اتي شڪار به ڪيو، نهايت چڱو وقت گذريو. مسٽر گوبند رام ۽ سيد ولي محمد شاهه ۽ ٻيا معزز ماڻهو گڏيا. صاحبزادي محمد خان نهايت عمدي طرح بندوبست رکيو هو.

٢٤-اپريل: صبح جو مسٽر حامد علي آيو ۽ ٻنپهرن جو مون ڪمشنر صاحب کي به وچي ڏٺو ۽ مسٽر حامد علي کي به.

٢٨-اپريل: مسٽر آخوند، مسٽر قاضي ۽ مسٽر پرڳڙي شام جو ملاقات لاءِ آيا. ٻيا ماڻهو به انهن سان گڏ آيا. چڱي صحبت رهي.

٢٣-مئي: شام جو برسات آئي ۽ ڳڙا وٺا. درن جا به شيشا ڀڳا.

١٩-جون: رمضان جي عيد، ڇنڇر جو ڏينهن. سڀني گڏجي ڳوٺ واري مسجد ۾ نماز پڙهي. آخوند ميان احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبجيڪٽ ڪميٽي هئي، پر آءٌ نہ ويس. مون کي سڄي ڪارگذاريءَ جو سربستو احوال پهچايو ويو.

٢٦- ڊسمبر: شروع ۾ منهنجي تقرير هئي، جا ”شعر جي شرافت ۽ شان“ جي بنسبت لکيل هئي. پوءِ مصرع طرح تي، مشاعرو شروع ٿيو. ڏينهن جو ڪاڏو، مدرسي ۾ سيٺي ڪاڏو ۽ شام جو سيٺي جي گڏيل تصوير ورتي ويئي. رات جو سرائي غلام محمد اسراڻ جي دعوت تي آءٌ ويس.

٢٧- ڊسمبر: صبح جو مرزا منوچهر بيگ، حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيو ۽ آءٌ شڪارپور ڏانهن ويس. مسٽر پوڪرداس، رُڪ اسٽيشن تي آيو هو. شڪارپور ۾ موٽر ۽ گهوڙي گاڏيءَ تي وياسين. سرڪاري باغ ۾ وياسين ۽ شهر گهميوسين. گهڻن ماڻهن سان ملاقاتون ڪيوسين. ٽين بجي، سکر ڏانهن روانا ٿياسين. گهڻا ماڻهو اسٽيشن تي چڏڻ لاءِ آيا.

٢٨- ڊسمبر: سکر ۾ رهياسين ۽ ٻئي ڏينهن آءٌ ۽ سڏني بيگ خيرپور ڏانهن وياسين. وزير شيخ محمد قادر صاحب خط ۽ موٽرڪار موڪلي هئي. شام جو مسٽر گورداس سنگ حضور ڊيپوٽي ڪليڪٽر جي پارٽيءَ ۾ وياسين.

٢٩- ڊسمبر: سکر مان روانا ٿياسين ۽ اچي حيدرآباد پهتاسين.

## سنہ ١٩٢٢ع

٩- فيبروري: شام جو ڊاڪٽر عبدالمجيد جي مهماني ڪئيسين. قاضي غلام نبي بہ گڏ هو. مرزا منوچهر بيگ ۽ سڪندربيگ بہ شريڪ هو. وقت خير جو گذريو.

١٠- فيبروري: اڳلي ڏينهن خبر پيئي تہ ٺٽي جي ڪليڪٽر وٽان تار آئي تہ ڀائي محمدابراهيم دل جي بيماريءَ ڪان، وفات ڪئي، تنهنڪري اڄ اسان يعني آءٌ ۽ منهنجي گهرواري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٨-جون: خميس ڏينهن، شوال جي ١١-تاريخ اڪمل بيگ جو، شام جي وقت ختنو ڪرايو ويو. عثمان حجام ختنو ڪيو.

٥-آگسٽ: ڇنڇر جو ڏينهن حج جي عيد آهي. سڌني بيگ ٻارن ٻچن سميت هتي آيل هو. مرزا منوچهر بيگ، فرخ بيگ ۽ سڪندربيگ به گڏ هئا. اختر ۽ اسٽانلي به هتي هو. هميشه وانگي آخوند احمد ڪي سڏائي عيد جي نماز ۽ خطبو پڙهايو ويو. ٻئي ڏينهن اسان آضحي ڪئي.

٦-آگسٽ: شام جو مسٽر بولچند ڪرمچند، نوو ديالي هاءِ اسڪول جي هيڊ ماسٽر، ولڻ سان سئنيما جي مشن، فلم ۽ پنهنجا ماڻهو آندا ۽ رات جو ٨ بجي کان ١٠ بجي تائين فلم ڏيکاريائين. مرزا منوچهر بيگ جي گهر جي ايوان ۾ بندوبست ڪيو ويو هو. اوڙي پاڙي جون زالون به گهڻي انداز ۾ فلم ڏسڻ آيون. وچ ۾ پردو ٽنگيو ويو. اسان ويهه رپيا خرچ پکي لاءِ ڏياري موڪليا، اگرچ هن ولڻ کان انڪار ڪيو، پر آخر زور پرڻ تي هن قبول ڪيا.

٣-سپٽمبر: آچر جو ڏينهن، عاشوري جو روز آهي. سڌني بيگ جا ٻار ٻچا هتي هئا، پر پاڻ هتي نه هو. آءٌ ڪيڏانهن به ٻاهر نه ويس.

٢٢-آڪٽوبر: هومسٽيڊ هال ۾ جلسو هو، جتي آءٌ پريزيڊنٽ هوس. گهڻا ماڻهو آيا هئا. فرخ بيگ ۽ سڪندر بيگ به مون سان گڏجي هليا.

٢٥-آڪٽوبر: ڪمشنر صاحب جي حڪم مطابق ڪراچيءَ ويس، جو آتي ڪن يورپين آفيسرن جو سنڌيءَ ۾ امتحان وٺڻو هو. ٢٦-تاريخ کان ڪم شروع ٿيو، جو ٣٠-تاريخ پورو ٿيو. نادربيگ اڳيون بنگلو ڇڏي، نئين بنگلي ۾ آيو هو، جو ڪراچي ڪلب ۽ پوسٽ آفيس جي ويجهو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن مسٽر غلام علي چاڳلا جي معرفت ٻارهين هزارين رپئين ۾ بنگلو وڪيوسين ۽ ان جو دستاويز داخل ڪيوسين. ٻئي ڏينهن هڪ نئون پلاٽ، جو نئن جي ڪناري تي ورتو هوسين، سو وچي ڏنوسين ۽ ١٨- تاريخ موٽي حيدرآباد آياسين.

٢٤- فيبروري: مسٽر غلام علي نانا جي چوڻ تي ٽريننگ ڪاليج ۾ ليڪچر ڏنم. مضمون هو ”دل ۽ دماغ جو جسم تي اثر.“ گهڻا شاگرد ۽ ماستر اچي جمع ٿيا هئا.

٢٧- مارچ: ڊاڪٽر رابندرناٿ ٽيگور سان گڏ وچي چانهه پيتم ۽ صحبت ڪيم. چڱو ساڌو ڏسڻ ۾ ٿي آيو.

١٢- اپريل: امامعليشاهه [نوڪر] کي ساڻ وٺي ڪراچيءَ ويس، جو اتي ڪن يورپين آفيسرن جو سنڌيءَ ۾ امتحان وٺڻو هو، جنهن لاءِ ڪمشنر صاحب مون کي سڏايو هو. نادربيگ وٽ رهيس. ١٦- تاريخ ڏينهن واري گاڏيءَ ۾ حيدرآباد موٽي آيس. ڪراچيءَ ۾ گهڻن دوستن سان ملاقات ٿي. وقت خير جو گذريو.

١٨- مئي: رمضان جي عيد يعني غره شوال، جمعي جو ڏينهن آهي. سڀ عزيز هتي هئا، سواءِ نادربيگ جي. هميشه وانگي آخوند احمد کي عيد جي نماز ۽ خطبي لاءِ سڏايو ويو. خير جو وقت گذريو. شام جو خبر ملي ته فرهاد ۽ قنبرعلي ٻئي مئٽريڪيوليشن امتحان ۾ پاس ٿيا آهن.

١- جون: گهر جي کوهه جي مٿان پمپ ۽ نل هٽايو ويو، مستري محمد قاسم شڪارپوريءَ جي معرفت، جنهن سڄني بيگ جي گهر ۾ پڻ پمپ ۽ نل هٽايو هو. ڪُل خرچ ڏيڍ سؤ رپيا آيو.

٢١- جولاءِ، مطابق ٥- ذوالحج سنه ١٣٤١ هجري: جمعي جو ڏينهن. شام جو ست لڳي پنج منٽ ٿيا هئا ته مون کي هڪ فرزند ڄائو. ڊاڪٽرياڻي مس آلفريڊ موجود هئي، جا پاڻ سان گڏ هڪ دائي به وٺي آئي هئي. ٻار جو نالو ادهم بيگ

عرف حاجي بابا رکيو ويو. فرهاد، فيروز ۽ سٽانلي، ڪراچيءَ مان عيد جي موڪل تي آيل هئا.

۲۵- جولاءِ: ذوالحج جي ڏهين تاريخ، اربع جي ڏينهن عيد هئي. ٻاهر آخوند عبداللطيف ٺٽوي، ٻن-ٽن ڏينهن کان مهمان هو. ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ حسب دستور سڀني گڏجي نماز پڙهي. اُضحي ڪئي ويئي. ٻار جو عقيقو به ڪيو ويو.

۱۲- آگسٽ: صاحبزادو محمد خان، ناري جو ڊيپوٽي، مون وٽ اچي لٿو. ٽي ڏينهن رهيو. ساڻس گڏ ٻه نوڪر به هئا. ساڻس چڱي صحبت ڪيم. سڪندر بيگ ۽ فرخ بيگ به شامل رهيا.

۲۹- آگسٽ: بنڪ ڪميٽيءَ جي واسطي، آءٌ ڪراچيءَ ويس. سيد امام علي شاهه [نوڪر] کي ساڻ ڪنيم. شيخ محمد قادر وزير خيرپور جي، مون کي روبرو زور به ڪيو ۽ خط به لکيو ۽ موٽر به اسٽيشن تي موڪلي ڏني، تنهنڪري آءٌ وڃي وٽس رهيس ۽ ۳۱- تاريخ موٽي حيدرآباد آيس. نهايت چڱو وقت گذريو.

۲۶- سيپٽمبر: آءٌ زناني ٽريننگ ڪاليج ۽ ڪندنمل گرلس اسڪول ۾ ويس. آتي جا ماڻهو نهايت چڱي نموني پيش آيا. اسڪول ۾ هڪ تقرير ڪيم. گلن جا هار وڌائون. منهنجي گهڻي تعريف ڪيائون.

۱۳- ڊسمبر: آءٌ صوفي سماگم جي واسطي ڪراچيءَ ويس ۽ پريزيڊنٽ ٿيس. ٽي ڏينهن سانده شام جي وقت تقريرون ٿيندڙيون رهيون. نادر بيگ جي بنگلي ۾ رهيس. سترهين تاريخ موٽي حيدرآباد آيس.

۲۱- ڊسمبر: نيشنل ڪاليج وارن جي فرمائش تي، آتي وڃي ليڪچر ڏنم ۽ ”سنڌي زبان ۽ لٽريچر“ جي مضمون تي لکيل تقرير پڙهيم. آن کان پوءِ پارٽي ڪيائون، جنهن ۾ چانهه، بسڪيٽ، ڪيڪ وغيره ڪاڌاسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزا علي اڪبر جي پڙ تي مجلس هئي. شام جو آتي سيٺي گڏجي نياز ڪيو. چڱو وقت گذريو.

٢- سيپٽمبر: ﺑﻪ ڏينهن ۽ ﺑﻪ راتيون لاڳيتو برسات سخت پيئي. آسپاس گهڻو نقصان ٿيو ۽ شهر ۾ ﺑﻪ نقصان ٿيو.

١٣- سيپٽمبر: اڄ ڪراچيءَ ويس جو اسلامي ڪتابن بابت ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر صاحب سان فيصلو ڪرڻو هو. ١٦- تاريخ آتان موٽيس. فيصلو فائدي ۾ ٿيو.

١٥- ڊسمبر: حيدرآباد ۾ گورنر صاحب بمبئيءَ جي دربار هئي. مون کي "شمس العلماء" جي خطاب جي سَنَد، تمغو، چُغو ۽ دستار مليا.

١٦- ڊسمبر: مسلمانن جي ڪانفرنس هومسٽيڊهال ۾ شروع ٿي. سر رحمت الله پريزيڊنٽ هو ۽ صاحبزاد و آفتاب احمد، اردو ترقي ڪانفرنس جو پريزيڊنٽ هو ۽ مير ايوب خان، سنڌي ۽ اردو مشاعري جو پريزيڊنٽ هو. ﺑﻪ ڏينهن ڪانفرنس چالو رهي. مشاعرو رات جي وقت ٿيو. اردو ۽ سنڌيءَ جا گهڻا شاعر حاضر هئا، جن پنهنجا غزل پڙهيا. مون ۽ منوچهر بيگ ﺑﻪ غزل لکيو هو ۽ همايون ﭘڻ.

٢١- ڊسمبر: اڄ ڪراچيءَ ويس ۽ سڊني بيگ وٽ رهيس. ﭘئي ڏينهن ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽي هئي. ٣١- تاريخ آتان موٽيس. خير جو وقت گذريو.

## سنه ١٩٢٥ع

١٩- مارچ: گذريءَ رات، اسان جي چوري ٿي. ﺑﻪ چور، ڪوٽ جي ﭘٽ ٽپي، گهٽيءَ ۾ آيا ۽ وچين دريءَ مان اسان جي گهر ۾ گهڙيا، گدام واري ڪوٺيءَ جو تالو ڀڃي، ﺑﻪ بسترا، آٺ ديڳڙا، گلم، غاليچا ۽ ڏوليءَ جو پوش کڻي ويا ۽ اوطاق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ۽ وڏي ٽيبل جو ڪپڙو ڪٽي ويا. پوليس آئي ۽ گهٽي دتي ماري ڪيائين، پر چوريءَ جو ڪو پتو پئجي نه سگهيو. ٿورو سامان ڪوٽ مان مليو، جو چور پٺيان ڇڏي ويا هئا. مرزا فرخ بيگ، سڪندر بيگ، حيدر بيگ، سڻانلي ۽ پڻ گهڻي ڪوشش ڪئي.

١٢-اپريل: مسٽر شيرازي، ٻارن ٻچن سميت ڪراچيءَ مان آيو ۽ باغ ۾ محمد يوسف عباسيءَ وٽ مهمان ٿي رهيو. پنهنجي ڀيڻ قليليءَ ۾ وهنجڻ ويو ۽ ٻڏي ويو. شام جو اها خبر پيئي. ٻئي ڏينهن صبح جو هن جو پيءُ ڪراچيءَ مان آيو ۽ پنهنجي پٽ جي لاش کي قليليءَ واري قبرستان، بلند شاهه ۾ دفن ڪرايائين.

٢٥-اپريل: ڇنڇر جو ڏينهن، رمضان جي عيد آهي. الحمدالله ٽيهه ئي روزا رکيم. سڀ عزيز موجود هئا، سواءِ نادر بيگ ۽ اختر بيگ جي. عيد جو خطبو مون پڙهيو، جو سڀني کي پسند آيو. اهو پهريون ڀيرو هو، جو مون خطبو پڙهيو هو.

٢٦-اپريل: شام جو ٻارن گڏجي هڪ ناٽڪ، منوچهر بيگ جي گهر ۾ ڪيو. اسان سڀ ڏسڻ وياسين. خوش ٿي موٽياسين.

٢٧-اپريل: ڪالهه کان ميونسپالٽيءَ جي چونڊ هئي. اڄ شام جو آءٌ سڪندر بيگ جي لاءِ ووٽ وجهي آيس.

٣٠-اپريل: مرزا منوچهر بيگ جي خواهش تي مون باغ ۾ شمس العلمائيءَ واري پوشاڪ ۾ فوٽو ڪڍايو.

١-جولاءِ: اربع جو ڏينهن ۽ حج جو روز آهي. تاريخ ٩-ذوالحج سنه ١٣٤٣ هجري جي صبح جو ساڍي ستين بجي مون کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو ارشد بيگ ۽ رواني نالو "جان بابا" يا "جاني بابا" رکيو ويو، جيئن آدم بيگ جو حاجي بابا نالو رکيو هوسين، جو ٦-تاريخ ذوالحج جي پيدا ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲-جولاءِ: حج جي عيد جو ڏينهن ۽ خميس جو روز آهي. اڳينءَ عيد وانگي، عيد جو خطبو، مسجد ۾ سون ڪي پڙهڻو پيو. سڌني بيگ ۽ منوچهر بيگ هتي نه هئا. وقت خير جو گذريو.

٦-جولاءِ: جاني بابا جي ڇٽي هئي. ان جو عقيقو، هڪ ٻڪري ڪُهي ڪيوسين. پلاءِ وغيره ٺاهي ورهايوسين ۽ شام جو گهر ۾ عزيز خويش ۽ زالون آيون.

۱۵-جولاءِ: ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽيءَ لاءِ، آءٌ ڪراچيءَ ويس ۽ سڌني بيگ وارن وٽ رهيس. ۱۸-تاريخ موٽي آيس ۽ انهيءَ رات منوچهر بيگ ۽ سڪندر بيگ جا ٻار ٻچا به محرم لاءِ آيا.

۱-آگسٽ: محرم جي ڏهين تاريخ، هميشه وانگي خير سان گذري.

۲۷-سپٽمبر: آءٌ ڪراچيءَ ويس ۽ سڌني بيگ وارن وٽ رهيس. ٻئي ڏينهن شام جو مدرسي ۾ ليڪچر ڏنم. مسٽر فيض طيب جيي پريزيڊنٽ هو. ٻئي ڏينهن وري ٿياسافيڪل هال ۾ ليڪچر ڏنم ۽ ۳۰-تاريخ موٽي آيس.

## سنه ۱۹۲٦ع

۲۹-جنوري: مسٽر دهلوي، ويهن ورهين ڪان پوءِ، گورنر بمبئيءَ جو وزير مقرر ٿي سنڌ ۾ آيو. هُن پنهنجي اچڻ جو احوال، بمبئيءَ ڪان لکيو هو. آن کي بسنت هال ۾ گڏيس. ٽيهين تاريخ مسٽر نورمحمد وڪيل جي دعوت تي وياسين ۽ ايڪٽيهين تاريخ ڪانفرنس ۾ هُن سان ملياسون، شام جو وري عظيم خان سان گڏ، منهنجي اوطاق تي آيو ۽ چانهه وغيره پيتائين. ٻئي ڏينهن نوابشاهه روانو ٿيو.

۱۳-اپريل: اربع جو ڏينهن ۽ رمضان جي عيد آهي. خير سان سڀ روزا رکيم. سڌني بيگ، منوچهر بيگ ۽ ٻيا عزيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خويش ۽ ٻارڙا موجود هئا. نماز ۽ خطبو ٻئي مون کي پڙهائڻا پيا. خير سان وقت گذريو.

٢٣-اپريل: آءٌ لاڙڪاڻي ويس ۽ ٻين بجي مهل ڏينهن جو اتي پهتس. واٽ تي دادوءَ ۾ منوچهر بيگ گاڏيءَ ۾ چڙهيو. لاڙڪاڻي اسٽيشن تي مسٽر حامد علي ۽ ٻيا گهڻا ماڻهو آيا. هار وڌائون ۽ گهڻي خوش مرحبائي ڪيائون. مسٽر حامد علي، پنهنجي موٽر ۾ ويهاري، بنگلي تي پهچايو. شام جو ”انجمن حسينيہ“ جي مجلس ٿي. مون کي ائڊريس ڏنائون، جنهن ۾ منهنجي تعريف ڪئي ويئي. مون ان جو جواب ڏنو. ان کان پوءِ منقبت وغيره پڙهيم. وري رات جو حاجي اميرعلي وڌان ڪاڌي جي دعوت ملي. مسٽر ۽ مسز حامد علي ۽ ٻيا گهڻا معزز ماڻهو آتي هئا. ٻئي ڏينهن صبح جو قبرستان ۾ وڃي پنهنجي ٻار جي قبر تي ختمو ڇيم. شام جو ”پوئٽري سوسائٽي“ ۾ مشاعرو هو. مسٽر حامد علي منهنجي تعريف ڪئي ۽ مون کي ان جو جواب ڏيڻو پيو. پوءِ هڪ ليڪچر ڏنم ۽ هڪ شعر پڙهيم ۽ ٻين جا شعر ٻڌم. رات جو وري مسٽر حامد عليءَ وٽ ماني هئي. ٢٥-تاريخ جو ملاقاتون ٿيون ۽ شام جو مسٽر حامد علي اسٽيشن تي پهچائي آيو ۽ نوين بجي شڪارپور پهتس. مسٽر پوڪرداس جو پٽ ۽ ٻيا گهڻا سيٺيون اتي آيا، جن مون کي موٽر ۾ کڻي، رهائش واري بنگلي تي پهچايو. ٻئي ڏينهن ٢٦-تاريخ شهر گهمڻ ويس ۽ گهڻن دوستن ۽ معززن سان ملاقاتون ڪيم. شام جو پوڪرداس جي دعوت هئي، جنهن تي شهر جي گهڻن هندن ۽ مسلمانن شرڪت ڪئي. انهن سان به ملاقات ڪيم. ٻئي ڏينهن ٢٧-تاريخ وڏي صبح جو اتان روانو ٿيس. سکر اسٽيشن تي ناصرعلي گڏيو. ٻنپهرن جو اچي گهر تي خير سان لٿس.

٥-جون: بادشاهہ جي جنم جو ڏينهن آهي. مرزا منوچهر بيگ، جو مشهد مقدس ڏانهن ويو هو، سو خير سلامتيءَ سان واپس موٽيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲۰-جون: حج جو ڏينهن ۽ آتوار جو روز آهي. پار صبح جو شاهه مڪائيءَ جي ميلي تي گاڏيءَ ۾ چڙهي ويا. جاني بابا جي سالگرهه هئي. شام جو گهر ۾ پارٽي ڪئي ويئي، جنهن تي عزيز خويش، زالون ۽ ٻار آيا ۽ ڳايائون وڄايائون ۽ بسڪيٽ، ڪيڪ، ليمنڊ، سوڊا وغيره پيتائون. ڏهين بجي پارٽي ختم ٿي. چاشني ٺاهي، گهرن ۾ ورهائي ويئي. وقت خير ۽ خوشيءَ جو گذريو.

۲۱-جون: عيد جو ڏينهن آهي. حسب دستور نماز ۽ خطبو عيد جو مون پڙهايو. اضحي ٻئي ڏينهن ڪئيسين. سڀني بيگ بمبئيءَ ۾ هو پر ان جا گهروارا ۽ ٻيا سڀ عزيز خويش موجود هئا.

۲۸-سيپٽمبر: صبح واري گاڏيءَ ۾ ڪراچيءَ ويس. ڪمشنر مسٽر ڪاڊيل پنشن ورتي، ولايت وڃي رهيو هو، جنهن جي پارٽيءَ تي ويس ۽ ان سان گڏيس. مرزا منوچهر بيگ ۽ فرخ بيگ ۽ سڪندربيگ به ان پارٽيءَ تي آيل هئا. گهڻن وڏن آفيسرن ۽ معزز ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون. ۲۹-تاريخ ڪاليج ۾ ليڪچر ڏنم ۽ ۳۰-تاريخ ٿياسافيڪل هال ۾ ۽ پنجين تاريخ مدرسي ۾ ليڪچر ڏنم. هن ڀيري گهڻا ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهڻو پيو. ڇهين تاريخ ٽيڪسٽ بُڪ ڪميٽي هئي، جا ٿي نه سگهي. پنهنجي ڪراچيءَ واري خريد ڪيل پلاٽ ۾ گڙٻڙ هئي، جنهن لاءِ ڊيپوٽي ڪمشنر کي ڏنم ۽ ضروري بندوبست ڪيم. مسٽر طيب جيءَ ۽ سردار محمد خان جي دعوت تي ويس. مسٽر غلام علي چاڳلا ۽ ٻيا گهڻا دوست گڏجڻ لاءِ آيا.

مطلب ته سڄو وقت ڪراچيءَ ۾ چڱو گذريو. ڪپڙو ۽ ٻيو گهڻو سامان خريد ڪيم. الهوسايو روزانو ايندو هو ۽ خريداريءَ ۾ مدد ڪندو هو. پوين ٻن ڏينهن ۾ اختر بـ

اتي آيو. نادربيگ تہ روزانو گڏ ہو ھو. ستين تاريخ ڪوئيٽا ميل ۾ ڪراچيءَ کان حيدرآباد هليو آيس.

١٨- ڊسمبر: مسٽر ڪيولرام ڏيارام سان گڏ پروفيسر ڪاروي بمبئيءَ وارو ۽ مسٽر پيرواڻي شڪارپور وارو ملاقات لاءِ آيا.

١٩- ڊسمبر: مسز حامد علي آئي، جو ليڊيز ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻو ھوس ۽ بڙودي ڏانھن وڃي رھي ھئي.

## سنہ ١٩٢٧ع

٢- جنوري: مرزا منوچھر بيگ ۽ سڪندر بيگ ۽ سڀني بيگ ۽ آءٌ ٻارن ٻچن سميت موٽرن ۾ چڙهي باغ ۾ وياسين ۽ ٻين ٻجي موٽي آياسين. شڪار ڪيوسين، ٻني ڏٺيسين ۽ تمام چڱو وقت گذاريوسين.

١١- جنوري: مسٽر ليلارام هيڊماسٽر جي چوڻ تي، حيدرآباد هاءِ اسڪول ۾ شعر جي اثر تي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪيم.

١٦- جنوري: مسٽر آدمجي منچرجي دلال ۽ مسٽر سورابجي مون وٽ آيا، شام جا چار لڳا هئا. انهن کي چانهہ ۽ بسڪيٽ پيش ڪياسين. گهڻيءَ مدت کان پوءِ گڏيا هئا. انهن کي ڏسي مون کي گهڻي خوشي ٿي، جو اهي منهنجا ڪاليج جا سنگتي هئا.

٢- مارچ: آءٌ ڪراچيءَ ويس جو ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽي ٿيڻي هئي. ٻہ ڏينهن اتي رهيس. ٥- تاريخ موٽي حيدرآباد آيس.

٤- اپريل: رمضان جي عيد خير سان گذري. سڀني بيگ وارا بمبئيءَ هئا.

٢٤- مئي: همايون، ميٽريڪيوليشن امتحان ۾ پاس ٿيو.

١٠- جون: جمع جو ڏينهن حج اڪبري ٿيو.

١١- جون: عيدالضحيٰ جو ڏينهن آهي. حسب دستور نماز ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ پڙهيسين ۽ خطبو مون پڙهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۲-جون: اجمل بيگ جو ختنو ٿيو.

۱۳-جون: آءٌ ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽيءَ لاءِ ڪراچيءَ ويس ۽ ۱۵- تاريخ اتان موٽي آيس.

۳۰-جون: ڪالهه خبر ملي تہ مير نورمحمد خان، جو ڪربلا ڏانهن ويل هو، تنهن اتي نمونيا ۾ وفات ڪئي. اڄ فاتح ۽ معذرت جي لاءِ آءٌ ۽ فرخ بيگ، سندس ڏُهٽي وٽ وياسين.

۲-جولاءِ: ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جو ساليانو جلسو ٿيو. آءٌ پريزيڊنٽ هوس. جلسو هومسٽيڊ هال ۾ ٿيو. ماڻهو گهٽا آيا. وقت خير جو گذريو.

۱۶-جولاءِ: ۱۶- محرم، ڇنڇر جي ڏينهن اڳينءَ رات اڍائين بجي سون کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو اصغر بيگ رکيو ويو ۽ رواني نالو "علي بابا"، جو هُو محرم جي مهيني ۾ ڄائو هو. آءٌ پاڻ بہ ڇوٽين محرم تي پيدا ٿيو هوس.

۲۱-جولاءِ: اڳينءَ رات علي بابا جي ڇٽي ڪئيسين ۽ اڄ عقيقي جو نياز ورهايوسين. ٻار جي مٿي جي جهنڊ بہ لهرائي ويئي ۽ ڊاڪٽر محمد خان کان ختنو بہ ڪرايو ويو.

۲۸-جولاءِ: مرزا علي حسين سان گڏجي بمبئيءَ ڏانهن ويس. زوردار برسات پئجي رهي هئي. مسٽر شاهاڻي پرنسپال بہ مون سان لڏ هو.

۲۹-جولاءِ: شام جو نوين بجي احمدآباد پهتاسين. اڳيان رستو بند هو. يونيورسٽي رجسٽرار کي تار ڏنيسين. مرزا علي حسين وڃي مرزا سڊني بيگ کي ڪوٺي پاڻ سان وٺي آيو، جنهن سان گڏجي وڃي ڊاڪٽر منصوراحمد جي بنگلي تي رهياسين. مسٽر شاهاڻي موٽي حيدرآباد ويو.

۶-آگسٽ: احمدآباد ۾ رهياسين ۽ گهمندا رهياسين، جو بمبئيءَ ڏانهن وڃڻ جو رستو بند هو.

# سنه ۱۹۲۸ع

۸- جنوري: آءٌ ڪراچيءَ ويس، جو ۹- تاريخ ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽي ٺهي. مرزا حيدربيگ، مرزا منوچهر بيگ ۽ قنبرعلي به ڪراچيءَ ۾ آيا. ديهه وارا واٽيا به آئي هئا. مرزا منوچهر بيگ جي آفيس ۾ رهياسون. نادربيگ ۽ همايون به آئي ايندا رهيا. ۱۱- تاريخ وري آئان موٽي آياسين.

۱۴- جنوري: مسٽر پوڪرداس ڪتب فروش آيو ۽ ڏينهن رهيو. اسلامي ڪتابن جي باري ۾ پاڻ ۾ ٺهراءُ ڪيوسين ۽ دستاويز هڪبئي کي لکي ڏنوسين. ڪتاب هُو پنهنجي خرچ تي ڇپائيندو ۽ ٽيڻهه رپيا في سيڪڙو ڪميشن هو وٺندو.

۲۵- جنوري: آءٌ مرزا حيدربيگ کي ساڻ وٺي بمبئيءَ ويس، جو ۲۷- تاريخ آئي يونيورسٽيءَ جي ڪميٽي هئي ۽ ۱- تاريخ فيبروريءَ جي آئان موٽي آياسين. چڱو وقت گذريو. بمبئيءَ رواني ٿيڻ وقت مسٽر شاهاڻي سفر ۾ رفيق هو ۽ موٽڻ وقت مسٽر غلام قادر شعبان گڏ هو.

۱۵- فيبروري: آءٌ ۽ مرزا علي حسين، بمبئيءَ وڃڻ لاءِ تيار ٿياسين، جو آئي ۱۷- تاريخ يونيورسٽيءَ جي ڪميٽيءَ تي حاضر رهڻو هو؛ پر اڳينءَ رات قلندر شهباز جي روٽ پچائڻ ۽ ورهائڻ ڪان پوءِ گهر وارن کي سرديءَ سان بخار چڙهيو. ساري رات بخار رهيو. انهيءَ ڪري اسان پنهنجو وڃڻ ملتوي ڪري ڇڏيو. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر کي سڏايوسين، جنهن چيو ته انفلوئنزا جو اثر آهي.

۲۳- مارچ: رمضان جي عيد هئي. سڀ عزيز خويش موجود هئا. خير سان عيد جي نماز پڙهيسين. مون ٽيهه ئي روزا رکيا. رمضان جي ۲- تاريخ آءٌ ڪراچيءَ ويس جو ٽيڪسٽ بڪ ڪميٽي هئي ۽ ساڳئي ڏينهن موٽي آيس ۽ مون کي زڪام، تپ، کنگهه، نزلو ۽ بخار ٿي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٦-مارچ : سبڙني بيگ، سڌو ۽ بمبئيءَ کان ڪراچيءَ ويو. ٻار ٻچا ڪيس اسٽيشن تي ملڻ ويا.

٣-اپريل : آءٌ ڪراچيءَ ويس، جو مسٽر پرسيول وٽ ايٽ هوم هو ۽ مون کي مسٽر ريورنڊ ٿامپسن انهيءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ زور ڪيو هو. سبڙني بيگ جيڪو نئون گهر خريد ڪيو هو، تنهن ۾ رهيس. رات جو آءٌ ۽ سبڙني بيگ ڏهين بجي ايٽ هوم ۾ وياسين. گهٽائي صاحبلوڪ ۽ منڊمون جمع هيون. مسٽر ايوب خان به اتي هو. بائيبل جي لکڻ بنسبت، مون هڪ ڪاغذ پڙهيو. پنجين تاريخ، سبڙني بيگ سان گڏ جي حيدرآباد آيس. ايسٽر جون موڪلون هيون.

٢٩-مئي : حج جو ڏينهن هو ۽ ٣٠-مئي اربع جي ڏينهن عيدالضحيٰ هئي. هميشه وانگي ڳوٺ واريءَ مسجد ۾ نماز پڙهيسين. ڏينهن خير جو گذريو.

٢٩-جون : ١٠-محرم جمع جو ڏينهن ۽ عاشوري جو روز آهي. هميشه وانگر شروع ۾ ئي جُدا جُدا پيڙن تي نذر ڏياري موڪليوسين. ٦-محرم تي سڪندربيگ وارن جي مجلس هئي، جنهن تي حاضر رهيس. عاشوري جي ڏينهن نذر نياز ڪيوسين ۽ ورهايوسين. وقت هميشه وانگي گذريو. سبڙني بيگ جا ٻار ٻچا هتي هئا.

١٦-جولاءِ : اصغربيگ عرف علي بابا جي پهرين سالگرهه آهي. خيرات جو ڪاڌو ڪيوسين. سبڙني بيگ ۽ منوچهر بيگ جا ٻار ٻچا ڪراچيءَ روانا ٿيا.

٣١-جولاءِ : ڪراچيءَ ويس جو پهرين ۽ ٻين جولاءِ تي، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي يادگيريءَ ۾ جلسو ڪيو ويو هو ۽ ڪاليج جي سرسوتي گروپ وارن مون کي ان جلسي جو پريزيڊنٽ ڪيو هو. آءٌ اهو ڏينهن سبڙني بيگ وارن وٽ رهيس. منوچهربيگ به اتي هو. وقت خير جو گذريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩- آگسٽ: آچر جي ڏينهن آءٌ، مرزا علي حسين سان گڏ بمبئيءَ روانو ٿيس. اسٽيشن تي مسٽر شاهاڻي ۽ مسٽر ولي محمد ۽ مسٽر موٽاڻي گڏيا. هڪ ئي جاءِ تي ويٺاسون. پهرين ئي رات جو مون کي پيٽ ۾ سور ٿيڻ لڳو ۽ پيچ به هو، جنهنڪري آءٌ وڏيڪ ماني کائي نه سگهيس. دادر اسٽيشن تي شيخ محمد قادر جو حوالدار بيٺو هو. آءٌ ۽ مسٽر ولي محمد لٿاسين ۽ ٽئڪسي ۾ وياسين. شيخ صاحب سان ملياسين. يارهين بجي آءٌ ۽ مرزا علي حسين بمبئيءَ پهتاسين. ٻارهين بجي آءٌ يونيورسٽيءَ جي ڪاميٽيءَ ۾ ويس ۽ مرزا علي حسين کي سامان خريد ڪرڻ لاءِ شهر ۾ موڪليم. ڪميٽيءَ هلندي مون کي پيٽ ۾ سخت سور پوڻ لڳو ۽ آءٌ بي آرام ٿيڻ لڳس. آخر ٻـ- ڪلاڪ ڪميٽيءَ جو ڪم پورو ڪري، آءٌ مسٽر شاهاڻيءَ سان گڏ تاج محل هوٽل ۾ آيس ۽ اچي سمهي رهيس- نه ڪاڌم ۽ نه پيتم. شام جو شيخ قادر ۽ مسٽر ولي محمد آيا ۽ سڀ گڏجي ٽئڪسي ۾ آيا. هڪدم ڊاڪٽر کي سڏايوسين، جنهن ڏسي چيو ته گُردي جو سُور آهي. في الحال گرم ٻاٽليءَ جي ٽاڪور ڪئيسين، جنهن مان آرام آيو. رات جو ٿورو بخار به رهيو. ٻئي ڏينهن سارو وقت آءٌ گهر ۾ هڪ هنڌ پئجي رهيس. يارهين بجي، شيخ صاحب سان گڏ، مرحوم محمد ابراهيم جي قبر تي وياسين ۽ اتي ختمو ڏنوسين. موٽندي مهل وري مون کي سُور پوڻ لڳو، ليڪن سخت. وري ڊاڪٽر کي سڏايوسين، جنهن دوا ڏني. شام تائين بيمار رهيس، نه ڪاڌم، نه پيتم. ڇهين- ستين بجي علي حسين بيگ آيو ۽ اسان ٽئڪسي مان دادر وياسين ۽ اتي اسٽيشن تي آءٌ سُمهي رهيس. آخر بمبئيءَ کان گاڏي آئي. سڀ دوست به آيا. شيخ قادر به آيو ۽ اسان سڀ سوار ٿياسين. خدا جي مهربانيءَ سان رستي ۾ ڪا به تڪليف نه ٿي. چوويهين تاريخ جمعي جي ڏينهن، هڪ بجي حيدرآباد پهتاسين. حيدربيگ ۽ ٻار اسٽيشن تي آيا هئا ۽ اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير سان گهر پهتاسين. ليڪن مون کي هڪدم بخار آيو ۽ ڏينهن ۽ رات بخار ۾ ليٽيو پيو هوس.

١٦-آڪٽوبر: آءٌ چار-پنج ڏينهن تپجي پيس. اڄ بهتر ٿيو آهيان. شام جو سردار محمد خان روهڙيءَ کان آيو. هُو ڪراچيءَ وڃي رهيو هو.

٢٢-نومبر: اڄ بمبئيءَ وڃڻو هو، پر وڃي نه سگهيس.

١٠-ڊسمبر: اڄ رات، بجليءَ جون بتيون پهريون دفعو اسان جي گهر ۾ ٻريون. هفتي کن کان بجليءَ وارن، گهر ۾ بجليءَ جون تارون وغيره ٻڌي وڇايون. اڄ اهو ڪم پورو ٿيو. خيرات جو ڪاڏو ڪيوسين. بجليءَ تي ٢٦٠ رپيا خرچ آيو.

٢٦-ڊسمبر: اسان سکر وياسين. مرزا فرخ بيگ، سڪندر بيگ، قنبرعلي، امداد حسين ۽ شوڪت علي. ڪوئٽيا ميل ۾ وياسين ۽ رات جو نائين بجي پهتاسين. نواب مير فضل علي، جو ڪانفرنس ”آل انڊيا شيعه“ جو پريزيڊنٽ هو، اهو به گاڏيءَ ۾ هو. سکر ۾ دفتردار جي بنگلي ۾ لٿاسين. ٻئي ڏينهن ڪانفرنس شروع ٿي. مير علي نوازخان صاحب ۽ نواب سيگناپلي گڏجي آيا. ساري هندستان جا چونڊ ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. اٽڪل ٻه يا اڍائي هزار ماڻهو هئا. ڪارروائي شروع ٿي. آءٌ استقباليه ڪميٽيءَ جو پريزيڊنٽ هوس. پنهنجو خطبو پڙهيم ۽ نواب صاحب پنهنجو خطبو پڙهيو. پوءِ مير صاحب ۽ نواب صاحب ٻئي هليا ويا ۽ مون کي پنهنجيءَ جاءِ تي ويهاري ويا. ٽي ڏينهن ڪم هليو. سبجيڪٽ ڪميٽيءَ ۾ رات جو سرديءَ سبب آءٌ وڃي نه سگهيس. مرزا فرخ بيگ ۽ سڪندر بيگ، دير تائين ڪم ڪندا رهيا. ٽيهين تاريخ اسان هليا آياسين ۽ سڪندر بيگ کي پٺيان ڇڏي آياسين، جو مير صاحب دعوت ڏني هئي، جنهن لاءِ خيرپور وڃڻو هو پر اسان وڃي نه سگهياسين. ڇڱو وقت خير سان گذريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سن ١٩٢٩ع

٧- جنوري: شام جو نادربيگ آيو ۽ نائين بجي هليو ويو. سيٺ وشنداس مري ويو.

١١- جنوري: اڄ ڪراچيءَ ويس. ٻئي ڏينهن مسٽر آدم جيءَ دلال سان گڏيس. شام جو هُو مون وٽ آيو. ڊاڪٽر پٽ کي پنهنجون اکيون ڏيکاريم، جنهن چيو ته ساڄي اک ۾ موتي پاڻي آهي، جو شايد جلدي وڏي وڃي ۽ آپريشن ڪرڻي پوي. ٻي عينڪ ورتيم. ١٤-تاريخ سوڙي حيدرآباد آيس.

٢٢- جنوري: مولوي بهاءالدين ميرپور ماٿيلي وارو گهڻن سالن کان پوءِ اوطاق تي آيو. ٻي ڏينهن رهيو. شعرخوانيءَ جي چڱي صحبت ڪئيسين. پوءِ هليو ويو. سندس عمر ٨٨ سال آهي.

٣١- جنوري: اڄ خبر آئي ته مرزا علي احمد جيمس آباد ۾ وفات ڪئي ۽ هن کي آتي ئي دفن ڪيو ويو. هن جا ٻار ٻچا حيدرآباد آيا. اسان معذرت لاءِ وياسين. گذريءَ رات تمام گهڻي سردي پيئي. ٻن-ٽن ڏينهن کان پاڻي ڄمندو ٿو رهي، پر گذري رات جتي ڪٿي پاڻي ڄائو پيو هو.

١٣- مارچ: اربع جي ڏينهن رمضان جي عيد هئي. سڀ ٻار ٻچا هتي هئا. سڊني بيگ، نادربيگ ۽ اختربيگ ۽ انهن جا ٻار ٻچا به هتي هئا. همايون به آيو. مرزا علي نواز، مرزا علي عباس، مرزا غلام مهدي ۽ انهن جا سڀ ننڍا ٻار به هن گهمري نماز ۾ شريڪ ٿيا. مون هميشه وانگر خطبو پڙهيو. خير سان وقت گذريو.

١٤- مارچ: شام جو سڪندربيگ پارٽي ڪئي، جنهن ۾ شهر جا معزز مسلمان ماڻهو آيا. اسان سڀ آتي هئاسين. مرزا علي نواز ۽ مرزا علي اڪبر به هئا. چڱي صحبت رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢٢-مارچ: آءٌ ڪراچيءَ ويس. شام جو آريه سماج جي هال ۾ مذهبي ڪانفرنس ۾ ”اسلام دنيا ۾ ڪهڙي ترقي ڪئي آهي؟“ انهيءَ مضمون تي ليڪچر ڏنم. مسٽر مَلڪ، صدر هو. مرزا سڌني بيگ ۽ مسٽر غلام علي چاڳلا ۽ ٻيا معزز به هئا.

٢٣-مارچ: ڏينهن جو ٽيڪسٽ بُڪ ڪميٽي تي ۽ شام جو ٿياسافيڪل هال ۾ ”مشرقي ۽ مغربي قومن ۾ خواب ۽ ان جي تعبير“ بنسبت ليڪچر ڏنم. مسٽر غلام علي چاڳلا ۽ ٻيا گهڻا معزز موجود هئا.

٢٤-مارچ: شام جو آريه سماج هال ۾ مشاعرو هو ۽ آءٌ پريزيڊنٽ هوس. پڇاڙيءَ ۾ مصرع طرح تي مون به هڪ غزل پڙهيو.

٢٥-مارچ: آءٌ ۽ سڌني بيگ، صبح واري گاڏيءَ ۾ حيدرآباد روانا ٿياسين. ڊاڪٽر گربخشاڻي به اسان سان گڏ هو.

١-اپريل: پير غلام حيدر صاحب، هالا واري پير صاحب، هڪڙو خط ۽ ٻه ماڻهو مون وٽ موڪليا. هالا ۾ اچڻ جي واسطي موٽر به موڪليائين. آءٌ صبح جو هالا روانو ٿيس. عبدالله [نوڪر] کي پاڻ سان وٺي ويس. ڏهين بجي پهتاسين. سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب سن وارو به آتي موجود هو. پيرن جي ڪانفرنس بنسبت پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪئيسين. پوءِ آءٌ پٽ شاهه تي ويس ۽ شاهه صاحب جي روضي جي زيارت ڪيم ۽ مخدوم نوح جي روضي جي به زيارت ڪيم. پوءِ ماني کاڌيسين ۽ آرام ڪيوسين. ڇئين بجي وري به پير صاحب آيو ۽ پنجين بجي چانهه پِيي، هڪٻئي کان موڪلايوسين ۽ اٺين بجي اچي گهر پهتاسين.

٣-اپريل: مون کي دل ۾ سعدي ۾ سُور ٿيڻ لڳو. ڊاڪٽر نيڀراج ۽ ڊاڪٽر بولچند ۽ ڊاڪٽر محمد خان ۽ ڊاڪٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نو رمحمد شيخ ۽ سول سرجن گهرايوسين. جسم جي سيني اندروني عضون ۾ آماس [سوڄ] ٿي پيئي هئي. علاج ٿيڻ لڳو. ڊاڪٽر نو رمحمد شيخ روزانو اچڻ لڳو. مرزا منوچهر بيگ به آيو ۽ سڪندر بيگ به ٻارن ٻچن سميت ڪراچيءَ کان آيو. ٻئي ڏينهن سڪندر موٽي ويو. منهنجي تمام سخت حالت هئي ۽ ماڻهو عيادت لاءِ اچڻ وڃڻ لڳا. خدا جي مهربانيءَ سان بهتر ٿيڻ لڳس ۽ آهستي آهستي چڱو ڀلو ٿيڻ لڳس.

٤- مئي: مرزا منوچهر بيگ وارا ڪربلامعليٰ ڏانهن روانا ٿيا. ڊاڪٽر وليرام ٽيون گهمرو ڊاڪٽر نو رمحمد سان گڏ مون کي ڏسڻ آيو. آهستي آهستي هلڻ چلڻ جي اجازت ڏنائين.

٢٠- مئي: حج جي عيد ۽ سومر جو ڏينهن آهي. آءٌ پهريون گهمرو بيماريءَ کان چڱو ڀلو ٿي ٻاهر نڪتس ۽ گهڻيءَ سان مون کي آرام ڪرسيءَ تي ويهاري مسجد تائين کڻي ويا، جتي نماز پڙهيسين. خطبو هميشه وانگي مون پڙهيو- منبر تي ويهي. مرزا سڪندربيگ ۽ سڪندر بيگ ۽ اختربيگ ۽ ٻيا سڀ عزيز خويش، مرزا علي نوازبيگ ۽ آن جو پٽ حاضر هئا. آءٌ گهڻو خوش ٿيس ۽ ٻيا ماڻهو به مون کي ڏسي، گهڻو خوش ٿيا.

٣٠- مئي: مرزا منوچهر بيگ ۽ ٻيا سڀ خير سان ڪربلا جي سفر تان موٽي آيا. ٻنهي جو سڀ گڏجي خوش ٿياسين.

١٠- جون، ٢- محرم سنه ١٣٤٨ هجري: سومر جي ڏينهن اڍائين بجي مهل مون کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو اطهر بيگ رکيو ويو. رواني نالو ”بابا طاهر.“

نوٽ- مرزا صاحب مرحوم جي خود نوشته ڊائري يا روزنامچو، ڏهين جون سنه ١٩٢٩ع تي، هتئين آخري نوٽ يا اندراج سان ختم ٿيل آهي. معلوم رهي ته حضرت قبله مرزا صاحب مرحوم جن، تاريخ ٣- جولاءِ، سنه ١٩٢٩ع تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جو يارهين بجي ڏاري وفات ڪئي ـ انا لله و انا اليه راجعون. پنهنجي ڳوٺ واري قبرستان ۾، پنهنجي جيئري ٺهرايل قبر ۾ دفن ڪيا ويا. سندن مزار مبارڪ جي سيراندي ءَ کان رکيل پٿر تي، جيڪو هيٺيون قطعه تاريخ وفات اُڪريل آهي، سو پڻ مرزا صاحب مرحوم جن جو ئي جوڙيل آهي، جنهن جي آخري شعر مان، آبجد جي حساب سان، سندن وفات جو سال، يعني سنه ١٣٤٨ هجري، نڪري ٿو.

عُمرم به همين سال چُو هفتاد شُده هشت،
آمد ملڪالموت، ز درگاهِ حق آخر.

گُفتا که بَسي زيستي در منزلِ دنيا،
شو عازمِ عقبيٰ، که به بيني رُخِ داور.

آز فَرطِ مسرّت زَدم آهي و بمُردم،
در عالمِ ارواح رسيدم دم ديگر.

تاريخ وفاتم چُو دِلم خواستم آز غيب،
هاتف ز کَرَم کرد نِدا: ”بخت مسوّر“.

١٣٤٨ هه

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڀِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڙهي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)